عبدالله جي ميمڻ
شخصيت ۽ ڪردار

(مضمون، انٽرويو ۽ ساروڻيون)



CamScanner

عبداللّه جي ميمڻ

شخصيت ۽ ڪردار

(مضمون، انٽرويو ۽ ساروٽيون)

CamScanner

ڪتاب جو نالو: عبدالله جي ميمڻ: شخصيت ۽ ڪردار

ترجمو : اسلم خواجا

نظرثاني : پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين

ڪمپوزنگ : بابو غلام مصطفيٰ

ڇپيندڙ : علمي پرنٽرس، ڪراچي، فون نمبر: 2625254

ڇپجڻ جو سال: 2006ع

ڇپائيندڙ : پاٿلر

ائڊريس : پاٿلر سينٽر، اسٽريٽ001، سيڪٽرX، سب سيڪٽرV،

گلشن معمار، ڪراچي-75340

فون: 7-6-6351145

فيڪس نمبر: 6350354

فهرست

		صفحا نمبر
پيش لفظ	بدرالنساء عبدالله	7
ٻه اکر	آغا آفتاب	9
آزاد فضائن ۾ اڏار	غازي صلاح الدين	13
عبدالله جي ميمڻ: صاف گو ۽ صاف دل انسان	ڪمال صديقي	21
ڪالا باغ ڊيم بابت ڪجھ ويچار	عبدالله جي ميمڻ	29
پاڪ پارت ويجھڙائپ لاءِ هڪ ميز	عبدالله جي ميمڻ	37
سنڌ کي درپيش حقيقتون	عبدالله جي ميمڻ	45
ججز ڪيس وارو فيصلو ۽ اڳتي جو لائحہ عمل	عبدالله جي ميمڻ	65
اسان اڀاڳڻ جي ڀاڳ ۾ ڪا جوت ناهي ڇا؟	عبدالله جي ميمڻ	71
بهتر آئيندي جي آس	عبدالله جي ميمڻ	77
ڪامورا شاهيءَ جي بچاءَ ۾	عبدالله جي ميمڻ	81
منهنجو گهوٽ موٽي نہ ايندو	بدرالنساء عبدالله	91
منهنجو بابا	همايون اي ميمڻ	93
منهنجو ماما ننڍو	شاهده رشيد چنا	95
هن پڇاڻان	شاديہ	99
سچو سڌارڪ	ملڪ معراج خالد	100
هڪ لاڀائتو ساٿ	سعيد احمد قريشي	101
عبدالله جي ميمڻ جي ياد ۾	سليم عباس جيلاني	102
ڏاهپ ۽ ڪردار جا املھ گڻ	ڪنور ادريس	104
جادوئي ٻول	پرويز احمد بٽ	105
تنهنجي ياد ۾	انعام الحق	107
باهمت شخص	محمد ڪليم	109

پاڪستان جو عظيم فرزند	ڊاڪٽر عشرت حسين	111
نهٺي ايماندار	معين افضال	115
ادراڪ ۽ عاليشان	سعيد احمد صديقي	119
ڪڏهن به نه وسرندڙ سبق	آفتاب احمد ميمڻ	121
سي نه وسرڻ مور	آغا آفتاب احمد خان	129
پڙ انسان جو ابو آهي	رشيد چنا	133
سنڌس آخري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ	اير ايڇ پنهور	137
عبدالله جي ميمڻ جي ياد ۾	عثمان بلوچ	141
پاڪستان کي وڌيڪ عبدالله گهرجن	الاهي بخش سومرو	149
سٺي حڪمراني: هڪ عزم	سيد غوث علي شاهه	151
سدائين مرڪي راهه ڪيندڙ	آفتاب احمد شيخ	155
هر ڪنهن کيس پنهنجو ئي ڄاتو	جمال ابڙو	157
ساروڻيءَ جو تجلو	محمد ابراهيم جويو	159
باضمير ۽ غالب شخصيت	ڊاڪٽر حبيب الله صديقي	161
سنڌ جو هڪ امر فرزند	ڊاڪٽر غلام علي الانا	163
احسان منديءَ ڀري يادگيري	ڊاڪٽر اين اي بلوچ	165
منهنجو حال ڀائي	طفيل احمد	167
عبدالله جي ميمڻ: هڪ سرگزشت	سيد روشن ضمير	169
ترقيءَ جو پيار: لاڏ ڪوڏ سان سانڍيل اڏمو	آغا شهاب الدين	171
سچن سهاجهڙو گهٽو	عبدالغفار سومرو	177
عبدالله جي ميمڻ: هڪ خاموش فلسفي	اير بي عباسي	183
ذميواريءَ جي احساس سان ڀرپور باصلاحيت جفاڪش	جي ڊي ميمڻ	189
عبدالله جي ميمڻ: جيئن مون کيس ڄاتو	علي محمد جي شيخ	191
هڪ ترڪو ڇڏي ويندڙ شخص	رسول بخش بلوچ	193
هڪ حقيقي واهرو ۽ ڀرجهلو	محمد ظفرالله خان	197

عزت ماٿينڊز هڪ شاندار عملدار	خالد سعيد	199
عظيم عبدالله	اي اين جي عباسي	200
هڪ ڪليل ڪتاب	شيخ عبدالرشيد	201
سچائي اڳتي وڌڻ جو بهترين ڏگ	امتياز رسول	203
جهڙي ريت مون ڪيس سڃاتو ٿي	امتياز قاضي	205
عوام جو ڪمشنر	ڊاڪٽر محمد سچل ميمڻ	209
هڪ ادارو لاڏاڻو ڪري اسان کي وڏيڪ غريب بڻائي ويو	امتياز شيخ	211
مهلائتو، شائستو ۽ خوش اخلاق	ارغاد احمد حقاني	213
مزاح جي شاندار حس	ميان طيب حسن	214
اندر جي اطمينان جي ڳولا ۾	ايس اين عباسي	215
عبدالله جي ميمڻ: راستباز ۽ ڌيرج ڀريو انسان	نواب عبدالغني ٽالپر	217
عبدالله جي ميمڻ کان سواءِ هڪ سال	امتياز شيخ	221
توکي سارينڌي...	عبدالڪريم ناياڻي	225
گذريل يادگاري گڏجاڻيءَ جون جهلڪيون	رشيد چنا	241



پيش لفظ

منهنجي رفيق حيات مرحوم عبدالله جي ميمڻ تي لکيل انگريزي ڪتاب ۽ ان جو ترجمون ڏسڻ ۽ پڙهڻ بعد ۽ سندس دوستن جي اسرار تي هي ٻه اکر لکڻ وقت، منهنجي دل و دماغ ۾ هڪ اهڙي ڪيفيت حاوي آهي جنهن جو تصور صرف مان ئي ڪري سگهان ٿي.

زندگي ڪن لاءِ رزم گاهه آهي ته ڪن لاءِ بزم گاهه. ڪن تقدير کي قادر سمجهيو ته ڪن تدبير کي نادر. وانهڙو بهرحال هن سنگلاخ واديءَ ۾ پنهنجي پنهنجي نموني هلي ٿو.

اسان جي ازدواجي زندگيءَ جا چاليهه سال، اکين اڳيان، گويا هڪ ڊاڪيومينٽريءَ وانگر گردش ڪري رهيا آهن. عام طرح هڪ سنڌي عورت جو پنهنجي رفيقِ حيات جي المناڪ سانحي بعد ڪوبه تبصرو ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانهي. ڇاڪاڻ جو هر عورت اينئن چاهيندي آهي ته هوءَ پنهنجي مجازي خدا جي انتقال کان اڳ سندس هٿن ۾ ۽ سندس اکين آڏو رخصت ٿئي. مرحوم جي جن ٻَه دوستن، جيڪي ڪجهه به لکيو آهي، ظاهر آهي منهنجي ۽ همايون جي دلين جو آواز انهن کان مختلف ٿي نٿو سگهي. البت اهو داستان ئي منهنجي زندگي آهي. ڏيهه پرڏيهه ۾ گڏجي گذارڻ ۽ جوائنٽ فئمليءَ ۾ قرب ۽ عقيدت سان گذارڻ. اوچتو رخصتي، سچ پچ ته شاديءَ ولري رخصتيءَ کان بلڪل مختلف آهي.

مرحوم جون يادگيريون، وسري نٿيون وسرن. ان مان ئي اندازو ڪيو وڃي ته سندس دوستن کان مرحوم نٿو وسري ته مون ۽ همايون کان ڪيئن ٿو وسري سگهي. زندگيءَ جا داستان منهنجي ذهن تي نقش ٿي چڪا آهن.

CamScanner

بلڪ خوابن ۽ خيالن ۾ هر پلڪ سندس روح نه صرف اسان جي چپر ۽ چانوَ آهي پر هر لمحي تي رهنمائي ڪندو ٿو رهي. الحمدلله سندس ساک (Credibility) ۽ دوست منهنجا ۽ همايون جا پانهن ڀيلي آهن.

ناچيز

(بدرالنساء عبدالله)

پہ اکر

ٽي ورهيہ اڳ 9 فيبروري 2003ع تي اسان جو محسن، شفيق دوست، نهايت ملنسار ۽ هڏ ڏوکي انسان عبدالله جي ميمڻ هي ڀريل ماندڻ ڇڏي پنهنجي ابدي منزل ڏانهن روانو ٿي ويو. عبدالله ميمڻ صاحب جي ياد اڄ بہ دلين ۾ ائين زندهہ آهي جڻ ٻهڪندڙ گلن جو واس هجي.

ڪارونجهر جيان اڏول ۽ اصول پسند عبدالله ميمڻ جي شاندار شخصيت کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ نہ تہ لفظ ڪافي آهن نہ وري سندس بيشمار گڻن جو ڪاٿو لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو. هو صرف هڪ ايماندار، بااصول، فرض شناس آفيسر ئي نہ هو پر ذاتي زندگيءَ ۾ بہ محبت، شفقت، قرب، نياز، نوڙت سندس سڃاڻپ هئي. ڪيس نہ ڪڏهين پيشانيءَ تي گهنج آيو نہ ئي ڪڏهن سندس چهري تي اداسي آئي. جڻ هڪ اونهون سمونڊ هيو. سندس زندگيءَ جو مقصد ئي انسان ذات جي خدمت هئي. حسب نسب، رنگ ومذهب جي ويڇي کان مٿيرو، هو هر وقت پنهنجي سرڪاري عملداريءَ ۾ توڙي ذاتي زندگيءَ ۾ پنهنجي اوسي پاسي، ڏور پري انصاف ۽ حق لاءِ پاڙ پتوڙيندو هو.

عبدالله جهڙن انسانن لاءِ ئي جڳ مشهور ليکڪ آسڪروائيلڊ چيو آهي تہ" انهن جي دم سان اميد باقي آهي". جيون ڪتا جي هن ڦرٽيءَ ۾ جتي روشن ڏينهن آهي اتي تاريڪي ۽ جبر واري ڪاري اماس جي رات بہ آهي. اهڙي ڪاري رات ۽ اونداهيءَ ۾ ڪا مشعل ٻرندي آهي. ڪو روشنيءَ جو ٽِرورو نروار ٿيندو آهي.

عبدالله سچ پچ تہ اميد جو اهڙو اوتار هو. ڏکويلن لاءِ واهرو ۽ رهنمائي جي طالبن لاءِ روشن ڏياٽي هو. سندس موجودگي هر ڪنهن لاءِ آٿت هئي. زندگيءَ سان ڀرپور هو ۽ پنهنجي چوگرد بہ زندگي ئي ڏسڻ

چاهيندو هو. سنڌس جدائيءَ اسان ۾ زندگيءَ جي مقصد ۽ معنيٰ ڳولڻ جي ڀتوڙ کي اڃان وڌيڪ تکو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ جدائيءَ، چڱائيءَ ۽ ڳڻن ۾ ويساهه رکندڙن جي آدرشن ۾ اسان جو يقين اڃان مضبوط ڪري ڇڏيو آهي.

اڄ اسان عبدالله کي ياد ڪري هنجون هاري روئڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون. اسان ڳاٽ اوچو ڪري هڪ آدرش واديءَ کي ياد ڪيون ٿا. هو هڪ باڪردار ۽ باضمير انسان جيان جيئرو رهيو. پوين پساهن تائين نه نه اصولن تان هٽيو نه ئي ڪڏهين سيس نمائڻ جي ڪيائين. جيڪي صحيح سمجهندو هو سو چوندو ۽ ڪندو هو. سرڪاري ملازم هوندي ۽ وفاقي وزير هوندي به جڏهن هن محسوس ڪيو هوندو ته سنڌ ڌرتيءَ جي مفادن جي خلاف ڪم ٿي رهيو آهي ته هڪدم اٿي کڙو ٿيو هوندو ۽ مٽيءَ جو مان اوچو ڪيو هوندائين. بجليءَ ۽ پاڻيءَ جو وزير رهندي به واپڊا ۽ پنجاب جي گڏيل سازشي رٿائن، تونسا لنڪ ڪينال هجي يا وري ڪالا باغ ڊيم، عبدالله ميڊيا تي اچي سازشي ٽولن جي ارادن کي نه صرف ناڪام بڻايو پر سنڌس هٿ ٺوڪيا انگ اکر غلط ثابت ڪري سنڌ دشمن ناپاڪ ارادن ۽ سازشن کي وائکو ڪيو.

عبدالله جي ڪجهه سنگتين جي ڪميٽي هر سال سنڌس ياد ۾ ميڙاڪو ڪندي آهي. پوين ٻن سالن ۾ اهي ڪوناٽيون ڪراچيءَ ۾ ٿينديون رهيون. هر ڪوناٽيءَ جي موقعي تي عبدالله جون لکڻيون ۽ سنڌس دوستن جا ويچار ڪتابچڙن ۾ سهيڙي ڇپائي شائع ڪندا رهيا آهيون. هن سال جي گڏجاڻيءَ جي موقعي تي سائين مناسب سمجهيو ته سڀ لکڻيون جي اڃان سوڌو انگريزيءَ ۾ هيون تن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري هڪ هنڌ ڪٺو ڪري ڇپرايو وڃي. ائين، هي ڪوشش اوهان جي اڳيان آهي.

يادگيري ڪميٽي ۽ سنگت جي همٿ افزائي ۽ اتساهه ئي آهي جنهن اسان جو سفر جاري رکيو آهي. قافلي ۾ نوان نوان دوست شامل پيا ٿين. ڪنهن ڪنهن جو ٿورو مڃيان. جس لهڻ جن کي اڄ به هڪ دوست ۽ سنڌس آدرش پيارا آهن. مان انهن تمام دوستن جو ٿورائتو آهيان جن هن

ڪاوش ۾ دلي اتساهه، پيار ۽ پنهنجائپ سان هٿ ونڊايو. هنن دوستن جنهن اورچائيءَ ۽ وابستگي سان ڪم ڪيو آهي سو مثال آهي. سنڌن سعي نہ صرف عبدالله جي ذات سان قرب جو اظهار آهي پر هن جي آدرشن ڪي پنهنجو پائڻ جو اولڙو بہ آهي. شيخ اياز شايد انهيءَ نسبت سان چيو هو:

ڄُڳ ڄُڳ جي جهرمر آ جنڊڙي،
ڪيئي جوت جهروڪا جنڊڙي،
جن مان روز وجهن ٿا ليئا،
ڏاها پاري پنهنجا ڏيئا.

ڄُڳن ڪان جهرمر ڪندڙ سچ جي جوت جو مظهر هر دور ۾، هر جيون ۾ ايندو رهندو آهي. روشني هر جهروڪي مان، هر دروازي مان، هر ڳڙکيءَ مان چمڪندي رهندي آهي. عبدالله جي جيون ڪٿا بہ ڄُڳن ڪان جهرمر ڪندڙ روشنيءَ جو منارو هو. اسان انهن جوت جهروڪن ۾ ليئا پائي پنهنجي اندر جي ڏياٽي روشن ڪيون ٿا.

هي قافلو هلندو رهندو يارو. عبدالله ڪونهي پر سندس ماڳ ۽ آدرش اڄ بہ دودي سومري جيان وڏي واڪي چون ٿا:

چا بہ چوين مان مرٽو ناهيان.
ويس مٽائي ورٽو آهيان...

روشني جي راهه جو طالب عبدالله اڻ ڪٿ روشن ڏيئا ٻاري ويو. جوت تہ وسامڻي ڪانهي.

ڪافي دوستن اسان جي ڪوشش ۾ نہ صرف هٿ ونڊايو پر هر وقت ساٿ ڏنو. ڪنهن ڪنهن جو نالو وٺجي. پر ڪن دوستن تہ مسلسل ٽن سالن ڪان هر ويلي ۽ خاص طور لکڻين جي سهيڙپ ۾ جا مدد ڪئي آهي تنهنجو ذڪر ڪرڻ آئون پنهنجو فرض ٿو سمجهان. ڪمال مجيدالله، صادق جيلاني، رشيد چنا، ميان افضل، آفتاب ميمڻ ۽ ٻين دوستن نہ

صرف قيمتي مشورا ڏنا پر ڪتاب کي سهيڙڻ ۾ جاکوڙ ڪئي سا قابل قدر آهي.

آخر ۾ مان عبدالله جي پٽ همايون جو خاص طور تي ٿورائتو آهيان جنهن تصويرن ۽ اڻ ڇپيل لکڻين کي سهيڙڻ ۾ مدد ڪئي.

اچو ته ڌڻيءَ در ٻاڏايون ته اسان کي عبدالله جهڙن نيڪ انسانن سان نوازيندو رهي ۽ هن قافلي ۽ ساٿ کي مضبوط ڪري.

آغا آفتاب

آزاد فضائن ۾ اڏار

غازي صلاح الدين

سينيٽر ڪامورا، جڏهن رٽائر ٿيندا آهن ته، سالن ٺاٺين ماٺيل شان مان ۽ دٻدٻي ۽ اختيارن کان اوچتي محروميءَ جي صدمي ۾ وڃي ويندا آهن سينيٽر سرڪاري عملدار پنهنجي عروج دوران اختيارن جي سيج کان رضاڪارانه طور تي دستبردار ٿيو هجي ۽ زندگيءَ جي رواجي سهولتن ۽ سانتڪي ماحول ۾ سک پاتو هجي.

عبدالله جي ميمڻ هڪ اهڙو ماڻهو آهي جنهن انهيءَ سوني پڃري مان جند آزاد ڪري ورتي ۽ هاڻي اها آزادي تمام پياري اٿس. پنهنجي فيصلي تي هڪ پل لاءِ به پڇتاءُ نه ٿيو اٿم". سندس ڪلفٽن واري گهر تي اسان جي ڊگهي ڪچهريءَ دوران سندس چوڻ هو. پنهنجي انهيءَ رخصتيءَ جو سبب، پاڪستان جي حڪمران اشرافيا جي ڊيوالپٽي کان واقف ٿيڻ واري روح ڪانڊارينڌڙ ادراڪ سان گڏوگڏ، دانشورانه مهم جوئي ڏانهن سندس لاڙو هو. سندس ويچارن تي اها گهٽتي ڏيرج سان ڇانئجي هئي ته آخر اسان جي معاشري ۾ سماجي تبديليءَ جو درمان ڪهڙو آهي؟ هن انهيءَ مسئلي بابت پڙهڻ ۽ ان تي قابو پائڻ لاءِ وقت ٿي چاهيو. هن پنهنجي ڪٽنب ۽ اڳتي هلي پنهنجي دير سان ڄاول سڪيلڌي پٽ جي پالنا تي مڪمل ڌيان ڏيڻ لاءِ وقت ٿي چاهيو.

هو نه ته تيز ترار ورتاءُ وارو فرد هو نه ئي ڪنهن روچتي مليل ڄاڻ جي بنياد تي عمل ڪرڻ وارن مان هو. هو پنهنجي ملازمت دوران هڪ باشعور نموني اعتراض ڪندڙ فرد ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن لاءِ، هو پاڻ به چوي ٿو ته هن نوڪري ڇڏڻ جو ارادو گهڻو اڳ ڪري ورتو هو. پر اهو ارادو هڪ اهڙي جاڳرتا جو نتيجو هو، جيڪا بظاهر سپيريئر سروسز ۾

سنڌس شموليت جي نتيجي ۾ حاصل ٿي هئس. جهڙي ريت هو پنهنجي ويچارن جي ارتقا جي اپٽار ٿو ڪري، اهو پروڙڻ بنهه سولو آهي ته هن لاءِ سول سروس ۾ وڃڻ جڻ ته ڪنهن مانائتي يونيورسٽيءَ ۾ وڃڻ برابر هو.

عبدالله جي ميمڻ جو داستان شروع ڪرڻ واسطي اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته هو غريباڻي پسمنظر سان تعلق رکندڙ هو.1938ع جي آخري مهيني ۾ دادو جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄمندڙ عبدالله ننڍڻ ۾ ئي پنهنجي ڪتنب سان گڏ ڪراچي آيو ۽ هتيئي تعليم حاصل ڪيائين. سنڌ مدرسي مان مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ ڪيس پنهنجي پيرن تي بيهڻو پيو ۽ غير مستقل شاگرد طور پنهنجي اعليٰ تعليم جاري رکڻ لاءِ سٽي ڪورٽ ۾ مترجم جي نوڪري ڪرڻي پيس. گريجوئيشن ڪيائين، قانون جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽1963ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان معاشيات ۾ ايم اي ڪري ورتائين. ان کان پوءِ هو اعليٰ عملداريءَ لاءِ چٽا ڀيٽيءَ واري امتحان ۾ ويٺو، تڏهوڪي سي ايس پيءَ طور چونڊجي ويو ۽1964ع جي پڇاڙي تي اڪيڊميءَ ۾ سندس تعليم جي اصل شروعات ٿي هن ٻڌايو ته "ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ريگولر شاگرد طور تعليم نه پرائي هئڻ ڪري پنهنجي ويچارن کي وڌائڻ ويجهائڻ جو موقعو نه ماڻي سگهيو هئس"۽ نوڪري هٿڻ جي ڪري امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ ڪو پندرهن ڪن ڏينهن جي موڪل وٺندو هئس."

اڪيڊميءَ ۾ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو سندس ذهن نون ويچارن سان متعارف ۽ متحرڪ ٿيو. انهيءَ پوئين مرحلي دوران ئي هو دانشوراڻي بحث مباحثن سان متعارف ٿيو ۽ ڪتابن ۾ سندس دلچسپي پيدا ٿي.

هو1964ع واري سي ايس ايس جٿي کي اڪير سان ياد ٿو ڪري، جنهن بابت سندس چوڻ آهي ته اهو بهترين هو ۽ پرڏيهي ملازمت لاءِ چونڊيل ان اميدوارن سميت39 جي وڏي انگ تي ٻڌل هو. انهن مان 17انتهائي ناميارين پرڏيهي يونيورسٽين مان پڙهيل هئا. اهو تصور ڪرڻ ڏکيو نه ٿيندو ته عبدالله جي ميمڻ واري پسمنظر سان تعلق رکندڙ ڪنهن نوجوان لاءِ اهو ساٿ انتهائي متاثر ڪندڙ هوندو. هو اوير پاڪستان سان تعلق رکندڙ هڪ انتهائي شاندار شخص جو ذڪر ٿو ڪري جنهن جو

نوجوانن وارين سرگرمين سان انتهائي معمولي شغف هو ۽ جيڪو ڪتابن ۾ ئي پنهنجو وقت گذاريندو هو. هو ٻئي انتهائي گهاٽا سنگتي ٿيندا ٿي ويا.

هٿ ٿي" مون زندگي ۽ معاشري ۾ مقصدن بابت نقطي نظر جوڙڻ شروع ڪيا" ۽ ان، سرڪاري عملدار ٿيڻ جا ڪري سکڻ ٿا واري سوال بابت هڪ چلڪيدار تصور جي راهه هموار ڪئي. هن سمجهيو ٿي ته" اسين تبديليءَ جا محرڪ آهيون" اسين عوام جا سونهان، دوست ۽ فلاسفر آهيون". ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ڏانهن وڃڻ ۽ ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ هڪ پرجوش تجربو هو.

انهيءَ ابتدائي عرصي دوران عبدالله جي ميمڻ آخرڪار اهو نقطي نظر قائم ڪيو ته سماجي تبديليءَ واري ڪم لاءِ ڪهڙي ڳالهه اهميت رکي ٿي. هن پنهنجو پاڻ کي ان مقصد سان اربي ڇڏڻ ٿي چاهيو. "شروعات ۾، کنهن ريت اهو ٿي محسوس ٿيو ته انهيءَ مقصد کي سول سروس ذريعي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. وقت گذرڻ سان پروڙيم ته اهو وڏو شاهي دولاب هو. تبديليءَ جا محرڪ هئڻ کان کوهين ڏور، سول سروس ۽ سرڪاري ملازم هڪ اداري طور ته حالتن کي جيئن جو تيئن رکڻ جا نگران آهن." نوڪري ڇڏڻ واري پنهنجي فيصلي جي پس منظر بابت ڄاڻائيندي هو چوي ٿو.

توهان کي ان تي حيرت ٿيندي ته آخر ان فيصلي تي عمل ۾ هن ايڏي دير ڇو لڳائي پر عبدالله جي ميمڻ کنهن به ريت جلديءَ ۾ نظر نٿو اچي. بهر حال، اختياريءَ وارن سان سندس پهريون دنگل 1970ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ ٿيو جڏهن هو حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر هو ۽ هئبت پريو ممتاز ڀٽو سنڌ جو وڏو وزير هو. هو اهو قصو ڪجهه تفصيل سان ٿو ٻڌائي پر ان جو تت اهو آهي ته هن هڪ اهڙي بيگناهه شخص کي گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪيو جيڪو آبپاشي واري وزير جي سامهون اصولن تي سينو سهائي بيهي رهيو هو ۽ سندس ان عمل وڏي وزير کي انتهائي مچرائي وڌو" ممتاز نوجوان هو ۽ آءٌ به." سکون ڀرئي لهجي ۾ سندس اظهار مان ظاهر ٿو ٿئي ته هو پنهنجي اندر ۾ انتهائي

شانت آهي.

هڪ گرما گرم ڏند چڪ دوران هو ممتاز ڀٽي طرفان ڪيس ڇيل اهو جملو ساري ٿو ته" تون ڇا ٿو سمجهين ته تون اڪيلو ئي باضمير شخص آهين. ٻيا ڪنهن وٽ ضمير ناهي ڇا؟" جيتوڻيڪ سندس خلاف قدم کڻڻ جي ڌمڪي به ڏني وئي ۽ هن پنهنجي استعفا پڻ پيش ڪئي پر مامرو ٽري ويو. پر سندس موجب، ان سندس ذهن تي گهرو اثر ڇڏيو." ان ريت پروڙيم ته تبديليءَ جي محرڪ بدران آءُ ته جاگيردارن جي ڪنهن گماشتي کان وڌيڪ نه ڪجهه آهيان ۽ نه ئي ٿي سگهندس. ان ڪري مون فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن سماجي تبديليءَ ۾ ڪو ويساهه ٿو رکان ته پوءِ مون کي پنهنجو پيشو بدلائڻو پوندو."

هن ان بابت ويچارڻ شروع ڪيو. قانون جي ڊگري هٿڻ ڪري هو پنهنجي واقف ۽ ناميارې وڪيل غلام علي ميمڻ وٽ لنگهي ويو ۽ ساڻس گڏجي ڪم ڪرڻ آڇيائين. موٽ ۾ ڪيس هڪ چڱو مشورو مليو. غلام علي ميمڻ ڪيس ڄاڻايو ته سرڪاري نوڪريءَ مان ملندڙ پگهار کان ڀيٽو معاوضو ته ڪيس وڪالت ملي سگهي ٿو پر آفيسر طور گهر، گاڏي، نوڪر چاڪر ۽ ٻين مراعتن جي اٿوند سبب سندس گذران ڏکيو ٿي پوندو." هن مون کي چيو ته جيڪڏهن تون سرڪاري نوڪري ڇڏڻ ٿو چاهين ته ٺيڪ آهي پر ان کان اڳ پنهنجي لاءِ گذران جو ڪو متبادل ذريعو ضرور پيدا ڪر. مون کي سندس ڳالهه ۾ وزن محسوس ٿيو".

هڪ دوست جي صلاح تي هن زراعت ۾ ڀاڳ آزمائڻ جو فيصلو ڪيو. جيتوڻيڪ سرڪار کان مقاطعي تي زرعي زمين حاصل ڪري پٽي سگهيو پر ان بدران پنهنجي سموري جمع پونجي ۽ سندس زال کي پنهنجي مائٽن وٽان مليل ملڪيت سيڙائي ڪراچيءَ پرسان 40 ايڪڙ زمين رکندڙ هڪ همراهه سان سودو ڪيائين." اهو ڪم چڱيرڙو هلي پيو ۽1975ع جي آخر ڌاري نوڪري ڇڏڻ وارو هئس پر واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۾ خوراڪ ۽ زراعت واري قونصلر طور سندس مقرريءَ واري حيرت انگيز عمل سندس ارادو تبديل ڪرايو. هو چوي ٿو ته اها مقرري اڻ گهري هئي ۽ مجتبا ڏيندڙ چيف سيڪريٽريءَ سندس نالو

تجويز ڪيو هو. هو بنان هٻڪ جي مڃي ٿو ته هو اُتساهه مان ان عهدي تي هرڪجي پيو. هن اهڙي ڪنهن موقعي لاءِ سپنا ڏٺا هئا.

1979ع ۾ امريڪا کان واپسيءَ تي کيس حيدرآباد جو ڪمشنر بڻايو ويو ۽ ان مقرريءَ هڪ پيرو پيهر کيس ناماچاري ڏيڻ سان گڏوگڏ پٽڪائڻ جو پڻ ڪم ڪيو. ان ريت هو پنهنجي ذميواريءَ سان اورچائپ سان لاڳاپيل رهي نوڪري ڪندو رهيو پر1984ع ۾ جڏهن هو سنڌ جي نائٽي ڪاتي جو سيڪريٽري هو، سندس بيچيني وڌڻ شروع ٿي وئي. بهرحال، هن پيري سندس زال مداخلت ڪئي. سندس چوڻ هو ته عبدالله جي ميمڻ جي نوڪري ڇڏڻ کان اڳ کين پنهنجو ذاتي گهر ضرور ٺهرائڻ گهرجي. آخرڪار1986ع جي آخر ڌاري هن ريٽائرمنٽ لاءِ درخواست ڏني پر تڏهوڪي سنڌ جي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه سندس درخواست اسلام آباد اماڻڻ کان نابري واري ڇاڪاڻ جو هن کيس گهرو ڪاتي جو سيڪريٽري ٿي بنائڻ چاهيو. ان ريت آخرڪار1988ع ۾ نوڪريءَ تان سندس آزاديءَ جو پروانو جاري ٿيو.

اوستائين هو چڱي ريت پنهنجي پيرن تي بيهي چڪو هو. پراويڊنٽ ۽ گريجوئيٽي فنڊ جي صورت ۾ ريٽائرمنٽ واري وقت مليل رقم ڏاهپ سان سيڙائي وئي ۽ پنهنجي زرعي آمدني مان نئي ۾ ورتل فارم به چڱيرڙي آمدني ڏئي رهيو هوس. ان ريت آخرڪار هو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي دانشوراڻي مهم جوئي کي هٿي ڏيڻ لاءِ آزاد هو. هو سٺو عملدار رهيو ۽ پنهنجي نوڪريءَ جي باقي بچيل ڏهن سالن دوران گهٽو اڳتي وڌي پئي سگهيو.

جيڏي مهل هو پنهنجي بي ترتيب فرنيچر ۽ ميٽوڙي رنگ وارين خالي پٽين واري ڊرائنگ روم ۾ ويهي مون کي پنهنجي جيون ڪٿا ٻڌائي رهيو هو ته آءٌ محسوس ڪري پئي سگهيس ته هو پنهنجو پاڻ کي سورمو يا شهيد نٿو ليکي ۽ اهوئي اصل ۾ هڪ حوالي سان کيس استثنيٰ ٿو بڻائي. هن اعليٰ ترين سول سروس جي ٻين کان مٽيرو ڪرڻ واري ماحول کي نه قبوليو ۽ ڪنهن ڪروڌ يا خودنمائي پرين الزامن جو طوفان ڪڙو ڪرڻ بدران پنهنجي آزاديءَ جو آهستي آهستي ثمر جوڙيائين.

دولت پويان ديوانو ٿيڻ کان سواءِ هن سڀ کان پهرين هڪ معزز آبادگار طور پنهنجي بقا لاءِ هڪ جوڳو بنياد حاصل ڪرڻ لاءِ پتوڙيو ته جيئن سولائي سان زندگي گهاري سگهي.

"دولت الائي ڇو مون کي ڪڏهن به هرڪايو ناهي"هو ويچاريندي چاڻائي ٿو" اها اوهان کي ڪا املهه شئي نٿي ڏئي سگهي".

بهرحال هاڻ هن پنهنجي تعليم جو ٻيو مرحلو شروع ڪيو. هن سماجي تبديليءَ واري راهه پنهنجي سر ڦلهورڻ چاهي ته جيئن ان ۾ پنهنجي ڀاڱي ملائڻ لاءِ ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهي. پنهنجي ذهن ۾ هو ٻن واضع متبادلن بابت چٽو هو. يا ته مذهب ۽ روائتن ۾ جواب ڳولهي يا سوشلسٽ ويچارن جي پيروي ڪري.

هو مڃي ٿو ته پنهنجي دانشوراڻي جستجو ۾ هو جيئن جيئن اڳتي وڌيو تيئن تيئن وڌيڪ مونجهاري جو شڪار ٿيندو ويو. هاڻ هو اسان جي معاشري ۾ سماجي تبديلي آڻڻ جي طريقن بابت نوجوان آفيسر وارن پنهنجي ڏينهن جي پيٽ ۾ گهٽ واضع آهي پر سندس ڳولا ۽ جستجو جاري آهي ۽ اهو سفر ڪيس انتهائي اطمينان ٿو بخشي. هن تازو ئي جواهر لال نهروءَ جو ڪتاب" ڊسڪوري آف انڊيا "پڙهيو آهي ۽ اهو ڄاڻي خاطري ٿي اٿس ته خود نهرو به تبديليءَ جي انداز ۽ طريقي بابت غير يقينيءَ جو شڪار هو.

بهرحال هو انهيءَ اجاين هٺوڙايون هٺڻ واري عمل کان نڪري اچڻ تي انتهائي سُرهو آهي. هو پنهنجي هاڻوڪي زندگي سان پيار ٿو ڪري. هو چوي ٿو ته نوڪريءَ دوران هو سدائين هڻ هٽان ۾ رهيو، بشمول واشنگٽن ۾ پنهنجي مقرري دوران، جڏهن ملڪ خوراڪ جي شديد کوٽ جو شڪار هو. ڪم ڪار جي ڊگهي اوقات ڪار کان سواءِ سرڪاري نوڪريءَ جا تضاد پڻ هئا. پر هاڻ منظر انتهائي تبديل ٿي ويو آهي. هاڻ هو پنهنجو گهڻي ڀاڱي وقت ڪتابن ۽ ان سالن جي پٽ سان ٿو گذاري.

"آءُ پنهنجي ڪنهن دلچسپيءَ تي هن جي ڪا دلچسپي قربان نٿو ڪريان".

"هو چوي ٿو. سندس ڪيترن ئي دوستن جو اهو چوڻ ته سندس بااختيار هٺ کان سواءِ زندگي انتهائي مايوس ڪن هوندي، اجان تائين عملي

روپ نہ ڏيکاري سگهيو آهي. چار صادق علي هن کي واپس موٽائڻ ٿي چاهيو، جڏهن تہ انکان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي آچون ٿين پر هو پنهنجي هاٺوڪي وهنوار کان مطمئن آهي. پنهنجي فارم تي ڪيس هفتي جا ٻہ ڏينهن تا سيڙاٽا پون ۽ هو ان کي ڀل ڏيندڙ ٿو ليکي.

پر ڇا هو اسان جي قومي مامرن ۾ ابتري پروڙيندي پيڙا نٿو محسوس ڪري؟ ان بابت ڪنهن حد تائين فلسفياڻو ٿو ٻڌجي. "مون کي انهن ماڻهن مان ڪنهن بهتر شئي جي توقع ناهي". هو سڪون سان وراڻي ٿو. هو سمجهي ٿو تہ پاڪستاني اشرافيا انتهائي بيرحم ۽ ڪٺور آهي."اهو مشاهدو انهيءَ اشرافيا سان تعلق رکندڙ سوين ماڻهن سان منهنجي ذاتي تجربي تي ٻڌل آهي... هنن زندگيءَ جي تذليل ڪئي آهي."

پر هو انهن مان ڪجهہ جي عزت ٿو ڪري جن پنهنجي پوترتا برقرار رکي آهي. پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ انهيءَ سموري ڏمڇر دوران ڪي قدر آتت حاصل ڪرڻ واري پاڳيري شخص سان ڪيل ڊگهي ڳالهہ ٻولهہ سميٽڻ لاءِ اهو انتهائي مايوس ڪندڙ ويچار ٿو ٻڌجي.

(دي نيوز انٽرنيشنل، جمعو، 9 جولاءِ 1993 ع)



عبدالله جي ميمڻ:
صاف گو ۽ صاف دل انسان

ڪمال صديقي

ڪامورا شاهيءَ ۾ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي اهڙا ماڻهو هوندا جن کي 1972ع ۾ سنڌ جي ڌڏهوڪي وڏي وزير ممتاز علي ڀٽو جي سامهون اصولي ڳالهه تي منڊو اٽڪائيندڙ حيدرآباد جو نوجوان ڊپٽي ڪمشنر ياد نہ هوندو. ان عمل ڪيس صوبي جي هڪ ڏکئي دور ۾ سينو سهائي بيهڻ جي همت رکڻ سبب عزت ڏياري. اهو ڊپٽي ڪمشنر هن وقت 62 سالن جي ڄمار ۾ ڪراچيءَ ۾ ريٽائرمنٽ جي زندگي گذاريندڙ عبدالله جي ميمڻ هو، جيڪو سنڌ ۾ مقرر ٿيل ڪامورن ۽ منتظمين ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت پرائيندڙن ۾ شامل آهي.
غلام اسحاق خان هڪ ڀيرو عبدالله جي ميمڻ کي ڪو هروڀرو غلط نہ چيو هو تہ" تو ڪامورا شاهي جي لياقت ۾ منهنجو ويساهہ بحال ڪيو آهي "اهو تبصرو سندس طرفان واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي قونصلر طور جنرل ضيا جي هڪ هٿ ٺوڪيل وزير طرفان جاري ڪيل اهو حڪم رد ڪرڻ کان پوءِ آيو تہ گهٽي پاڳي خوراڪي ڪيپ معمول جيان ٽينڊر گهرائڻ کان سواءِ ئي سنڌس شپنگ ڪمپنيءَ ذريعي اماڻي وڃي. عبدالله جي ميمڻ پير ڪوڙي بيهي رهيو ۽ مواصلات واري وزير کي پوئتي هٽڻو پيو.
عبدالله جي ميمڻ دادو ضلعي جي ڳوٺ پاٽ ۾ ڄائو. سندس والد جي ڪٽنب جو تعلق ڪراچيءَ سان هو. اهو انهن ٿورڙن ڪٽنبن مان هڪ آهي جيڪو ڏيڍ سئو سالن کان بہ وڌيڪ عرصي کان هن شهر سان لاڳاپيل آهي. سندس والد جو ڪچهري روڊ تي فرنيچر جو دڪان هو. سندس

گهٽي پاڳي گراهڪ گهڻن ۽ ميرن سميت مقامي ماڻهو هئا.
سنڌس چمڻ کان سنت پوء سنڌس ڪتنب بولتن مارڪيٽ پويان اچي قبر واري علائقي ۾ سليمان اسٽريٽ تي پنهنجي گهر ۾ رهڻ لاء ڪراچيء هليو آيو. سنڌس آڳاٽين سارونين مان هڪ بيء مهاڀاري لڙائي جي آهي. ريڊيو تي صحافيء طور ڪم ڪندڙ سنڌس وڏو ڀاءُ نبي بخش ميمڻ مسلم ليگ جي حمايت ۾ جلوس ڪيندو رهندو هو. سنڌس بهترين سارونين ۾ آچر ڏينهن پنهنجن ڪيترن ئي سوڪن ماساتن سان گڏجي وڪٽوريا ذريعي فريئر هال وڃڻ شامل آهي. تن ڏينهن ۾ بلڪل مختلف ماحول هوندو هو. ڪراچي هن ڳالهين ڪري چاتي سڃاتي ويندي هئي؛ پنهنجي صفائي ۽ ميٺ محبت ڪري. هو پنهنجي سارونٽي ونڊي ٿو ته فريئر هال ۾ هندو، مسلمان، پارسي، عيسائي مطلب ته سموريون برادريون اچي گڏبيون هيون. مختلف ٻولين جو امتزاج ٻڌڻ ۾ ايندو هو گجراتي، بلوچي، سنڌي، انگريزي ۽ اردو به. ڪنهن کي به اهو ٻڌائڻ جي ضرورت نه پوندي هئي ته ڪنهن جو ڪهڙي برادري سان تعلق آهي. ڪپڙي لٽي جي استعمال مان ئي پتو لڳي ويندو هو. گهٽي پاڳي مسلمان ترڪي ٽوپي پهريندا هئا. پارسي پنهنجي روائتي ڊگلي پائيندا هئا، هندو ڌوتي ٻڌندا هئا ۽ عيسائي عام طور تي يورپي پوشاڪ استعمال ڪندا هئا. اسين گهٽو ڪري چٽڻ ۽ چاٽ جا انيڪ قسم کائيندا هئاسين. ان کان سواء صدر جي عين مرڪز ۾ گلزار ريسٽورنٽ ۽ ڪيفي جارج به هونديون هيون، جيڪي ڪاڏي پيئتي جا مشهور مرڪز هيون.

ڪراچيء ۾ مختلف برادريون رهندڙ هيون. شراب خانا هوندا هئا جن ۾ غير مسلمانن سان گڏوگڏ مسلمان پڻ ويندا هئا. سمورن بندرگاهي شهرن جيان هت به ڳاڙهي بازار هئي. عبدالله جي ميمڻ کي ياد آهي ته مسلمان ڪهڙي ريت لڪ چپ ۾ شراب خانن ۾ ويندا هئا ته جيئن ڪين ڪو سڃاڻي نه سگهي.

هن شروعاتي تعليم آلومل ٽيڪمداس پرائمري اسڪول مان پرائي. ان جي جاء تي اڄڪلهه ڪارادر پوليس ٿاڻو بٽيل آهي. هو ٻڌائي ٿو ته اهو اسڪول کي اير سي هلائيندي هئي ۽ خرچ پکو نه پري سگهندڙ شاگردن

کي درسي ڪتاب ۽ يونيفارم پڻ ملندا هئا.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ شهر جي بيهڪ تبديل ٿي وئي. عبدالله جو اسڪول پناهگير ڪئمپ بڻيو ۽ پنجن مهينن تائين ڪا پڙهائي نه ٿي بعد ۾ اهو اسڪول هڪ خانگي گهر ۾ منتقل ڪيو ويو. "پناهگيرن جي آمد ڪراچيءَ جو چهرو ئي تبديل ڪري ڇڏيو"، هو چوي ٿو. ايتري گهڻي تعداد ۾ ماڻهو اچي رهيا هئا جو حڪومت طرفان ڪين ٽانيڪو ڪرڻ جي ڪوشش جي باوجود ماڻهو شهر جي رستن تي سمهڻ لاءِ مجبور هئا. اهو عمل ڏگهي عرصي تائين جاري رهيو. انهيءَ ريل پيل نه رڳو شهر جي بنيادي ڍانچي تي اثر وڌو پر ان جي پراڻن رهواسين کي پڻ متاثر ڪيائين ۽ پراڻن ۽ نون رهواسين وچ ۾ ڇڪتاڻ ظاهر ٿيڻ لڳي.

ڪنهن دور جو صاف سٿرو ۽ خاموش شهر هاڻ هڪ مصروف شهر بڻجي ويو، جتي هنگامن منهن ڪڍيو ۽ عبدالله جي ميمڻ موجب ورهاڱي کان پوءِ شهر مان اهم ۽ ناميارن هندن جي لڏپلاڻ جو سبب اهي هنگاما ئي هئا. ان کان پوءِ مهاجرن کي هندن جي خالي ڪيل گهرن ۾ ٽانيڪو ڪيو ويو. ان ريت اهو پرهجوم شهر بڻيو، جنهن ۾ پراڻن رهواسين لاءِ ٺهڪي اچڻ ڏکيو ٿي پيو. هو ٻڌائي ٿو ته نون ۽ پراڻن ڪراچي واسين وچ ۾ ٽڪرا توڙي روزمره جو معمول بڻجڻ لڳو.

عبدالله جي ميمڻ کي صدر ڪراچيءَ ۾ ٿيل فائرنگ جو اهو واقعو چٽي طرح ياد آهي جنهن ۾ اٺ شاگرد مارجي ويا. " جيڪڏهن پراڻي ۽ نئين دور وچ ۾ ڪا ورهاڱي واري ليڪ آهي ته پوءِ اها اهو واقعو آهي. اهو ئي دور هو جڏهن آءُ سمجهي ويس ته حڪومت هاڻ فائرنگ ڪندي به دير نه ڪندي ۽ شاگرد يا ڪو ٻيو پنهنجي حياتيءَ تان هٿ ڌوئي سگهي ٿو".

هو چوي ٿو ته معاشري جي اندر ڏٻيل تڪرار آهستي آهستي ظاهر ٿيڻ لڳا. متروڪ ملڪيتن جي الاٽمينٽ سان لاڳاپيل اسڪينڊل ڦاٽ ڪائي ٻاهر نڪتا. بدعنوانين جا قصا هرڪنهن جي زبان تي هئا. پرمٽ ۽ لائسنس راڄ شروع ٿي ويو. هر شئي جي انتهائي کوٽ هئي، ايستائين جو هڪ مرحلي تي ته ڪپڙن جي راشن بندي ڪري سال ۾ ٻه شلوار قميصون ملڻ لڳيون.

1949ع ۾ هو سيڪنڊري تعليم واسطي سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو. 1956ع ۾ هاء ڪورٽ ۾ مترجم جي نوڪري شروع ڪيائين پر پنهنجي پڑهائي جو سلسلو پڻ جاري رکيائين. ايل ايل بي ۽ ماسٽرس ڪرڻ کان پوء هو پنهنجي دوستن جي زور پرڻ تي سول سروس جي امتحان ۾ ويٺو پنهنجي چوڻ مطابق "اها حقيقت آهي ته منهنجي وجهه تي ڪيس اچرج لڳو." تن ڏينهن ۾ منهنجي گهڻي دلچسپي وڪيل ٿيڻ ۾ هئي پر سول سروس ۾ شموليت جي آڇ ٺڪرائڻ ممڪن نه هو."ان ريت1964ع ۾ سيڪرٽات طور سول سروسز اڪيڊميءَ ۾ داخل ٿيو. سندس ساٿين جي قابليت ڪيس اتي ترسڻ لاء هرڪايو.39 چونڊيل آفيسرن مان 14 آڪسفورڊ، ڪيمبرج ۽ ٻين ناميارن ادارن جا گريجوئيٽ هئا.

1964ع وارو اهو جٿو پنهنجي ڪجهه ميمبرن جي ڪري اڳتي هلي انتهائي مشهور ٿيو. ان ۾ فاروق لغاري (اڳوڻو صدر) شاهد حامد (پنجاب جو اڳوڻو گورنر) ڊاڪٽر عشرت حسين (اسٽيٽ بينڪ جو گورنر) ايس ڪي دهلوي (فرانس ۾ اڳوڻو سفير) ۽ بنگلاديش ۾ قائم ٿيندڙ گرامين بينڪ جي باني مان هڪ خالد شمس شامل هئا. خالد شمس ان سال سي ايس ايس ۾ پهريون نمبر آيو هو. تربيت هيٺ آفيسرن کي ڪلڪتا (بنگال) ۾ ديو مالائي حيثيت رکندڙ اختر حميد خان جي نگرانيءَ ۾ عملي تربيت پڻ ڏني وئي.

هو چوي ٿو ته اهو پاڪستان جي ڪامورا شاهيءَ جو هڪ بهترين دور هو. ڪامورن جو معيار انتهائي شاندار هو ۽ کين تڏهوڪي صدر جنرل ايوب خان جي مڪمل پٺڀرائي پڻ حاصل هئي. سندس خيال آهي ته روائتي طور تي ڪامورا شاهي ڪنهن فوجي حڪومت دوران بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندي آهي.

جيڪڏهن عبدالله جي ميمڻ جي ڳالهه تي اعتبار ڪجي ته پوء سول سروسز اڪيڊميءَ مان نڪرندڙ1964ع وارو جٿو بهترين ۽ وڏو شاهي هو. رات جو ٿيندڙ ڪچهري تحرڪ پيدا ڪندڙ ۽ للڪار پري هوندي هئي. بنگالي سيڪرٽان ۽ استحصالي ليکجندڙ اولهه پاڪستان وارن، خاص طور تي پنجابين وچ ۾ وڏي دليل بازي هلندي هئي. نتيجي

طور چتو بحث ۽ سوچڻ سمجھڻ لاءِ وڏو مواد ملندو هو. اهو عملي دنيا ۾ اچڻ کان اڳ هنن لاءِ انتهائي لاڀائتو هو.

حيدرآباد ۾ تربيت هيٺ آفيسر ۽ پوءِ ڊيرا اسماعيل خان ۾ معمول واري مقرريءَ کان پوءِ سندس سڀ کان وڏي للڪار اوڀر پاڪستان ۾ تانگيل ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر طور مقرريءَ ذريعي آئي. اهو نندي ڪنڌ جي وڏن ضلعن مان هڪ ميمن سنگھ جو تعلقو هو. ان جي اهميت جو هڪ سبب اهو هو ته هي تعلقو اوڀر پاڪستان جي گورنر منعم خان جو آبائي علائقو هو، ساڳي وقت پارليامنٽ ۾ موجود مخالف ڌر جي يارهن ميمبرن مان هڪ جو تعلق پڻ هن ضلعي سان هو.

ترقي ملڻ تي کيس باريسال ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر بڻايو ويو. هت انتظام هلائڻ ڏندين پگھر اچڻ برابر هو. ايوب مخالف اُڀار شروع ٿي چڪو هو ۽ اوڀر پاڪستان ۾ عملدار ان کي1857ع واري بغاوت سان ڀيٽي رهيا هئا. غير سرڪاري عوامي عدالتون قائم ٿيل هيون جيڪي ڌوهارين تي ڪيس هلائي کين وٽن سان ٽنگڻ، هٿ پير ڀڃڻ ۽ باھ ڏئي ساڙڻ جون سزائون ڏئي رهيون هيون. جنوري 1970ع ۾ يحيٰ خان سياسي سرگرمين تان پابندي هٽائي ۽ ان ريت شيخ مجيب الرحمان باريسال آيو.

"اهو حيرت انگيز منظر هو."هو ساري ٿو. دريائي علائقو هئڻ ڪري اڪثر ماڻھو ٻيڙين ذريعي گھاٽ تي آيا جتي شيخ مجيب کي پهچڻو هو. گھاٽ کان سرڪٽ هائوس جو هڪ ميل وارو مفاصلو طئي ڪرڻ ۾ مجيب کي ڇھ ڪلاڪ لڳا. پر ٽن مهينن کان پوءِ جڏھن هو ٻيهر ان علائقي جي دوري تي آيو ته ماڻھن جو ڏھون حصو به سندس آڌرڀاءُ لاءِ گڏ نه ٿيو هو. سياست جو ان قسم جو ڀونچال هو ٽن ڏينهن ۾." هو ٻڌائي ٿو.

1969ع ۾ عبدالله جي ميمڻ سنڌ جي عيسائي ڪٽنب جي بدرالنسا سان پرڻيو. سندن هڪ پٽ آهي همايون، جيڪو ڪراچي گرامر اسڪول ۾ پڙهي ٿو.

بنگلاديش ٺهڻ کان پوءِ هو ڪراچيءَ موٽي آيو، هت1971ع وارين

چوندڻ کان پوءِ هڪ نرالي صورتحال پيدا ٿي، جڏهن سنڌ جي تڏهوڪي وڏي وزير ممتاز علي ڀٽي ۽ گورنر مير رسول بخش ٽالپر، پنهي کيس پنهنجو سيڪريٽري بنائڻ چاهيو. ان ڊوڙ ۾ مير رسول بخش ٽالپر ڪٽي ويو ۽ عبدالله جي ميمڻ سائيس ڪم ڪرڻ لڳو. ممتاز علي ڀٽي ان کي پنهنجي توهين سمجهيو." مون کي پوليءَ واري بل سان لاڳاپيل بدسوڻ واقعا ياد آهن. گورنر جي سڪريٽريءَ واري حيثيت سان ان جو شاهد آهيان. اهو سنڌ جي تاريخ جو هڪ پيڙا ڀريو باب آهي." هو چاٽائي ته ٿو پر ڪاموري انداز پٽاندر ان مامري تي تفصيلي تبصرو نٿو ڪري.

بهرحال، ڪجھ ويچار کان پوءِ پنهنجي ڳالھ اڳتي ٿو وڌائي: "منهنجي خيال ۾ ڪيترائي معاملا هئا جن ان تڪرار ۾ ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڪيو. هڪ اهو ته ممتاز ڀٽو سنڌ ۾ پنهنجي سر قوت ٻڌڻ جو خواهشمند هو." عبدالله جي ميمڻ ۽ ڊي پي آر تحت لامحدود اختيار هئڻ ڪري پنهنجو پاڻ کي سنڌ جو بي تاج بادشاھ ليکيندڙ ممتاز ڀٽي وچ ۾ معاملا اوڏي مهل سڌي سنئين ٽڪراءُ واري صورت اختيار ڪري ويا جڏهن ممتاز ڀٽي هڪ وڏي چمار واري همراھ کي سيڪٽ ڊيارڻ چاهي ۽ عبدالله جي ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر طور اهو ڪرڻ کان نابري واري. ايستائين جو نبيري کان پوءِ به ممتاز ڀٽي عبدالله جي ميمڻ کي پوڙهي کي ٺيڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر هن انڪار ڪيو ۽ پنهي وچ ۾ گرما گرم بحث دوران افواهن موجب ممتاز چيو ته آءُ تو کي برطرف ڪري ڇڏيندس. مختلف سرڪاري عملدارن جي مداخلت کان پوءِ مامرو آخرڪار ٺري ويو. ماضيءَ ۾ جهاتي پائيندي هو چوي ٿو ته" اهو ڪامورا شاهي جي انداز ۽ اختيارن ۾ منهنجو نئين سر ايمان هو". ان کان پوءِ سندس ناماچاري سدائين سندس اڳ جهليندي رهي.

1976ع ۾ کيس واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني جو خوراڪ ۽ زراعت بابت قونصلر مقرر ڪيو ويو. پاڪستان موٽڻ تي هن سنڌ حڪومت جو زڪوات کاتو قائم ڪيو.

1979ع ۾ هو ڪمشنر طور ٻيهر حيدرآباد آيو. هڪ ڀيرو ٻيهر ٽڪراءُ واري صورتحال پيدا ٿي. هن ڀيري ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر

سان، جيڪو ڪنهن به قسم جي احتجاجي، خاص طور تي يونيورسٽين مان اٿندڙ هنگامن کي طاقت ذريعي ڪچلڻ جو حمائتي هو.

بهرحال، ڊي ايم ايل اي کي حڪومت اتان هٽائي ڇڏيو ڇاڪاڻ جو ان سمجهيو ٿي ته عبدالله جي ميمڻ حيدرآباد ۾ بهتر طور تي ڪم ڪري رهيو هو. پر ان معاملي جي ٿاپر ۾ ايندي ئي1983ع ۾ ايم آر ڊي واري تحريڪ شروع ٿي وئي. اهو سنڌ، خاص طور تي ان تحريڪ جي هڪ اهم مرڪز طور حيدرآباد لاءِ انتهائي نازڪ دور هو. ان پيري سنڌين ثابت ڪيو ته هو ڪاٺر ناهن ۽ ڪين جهڪائي نٿو سگهجي. هنن جنرل ضيا کي جمهوريت جي بحاليءَ جو اعلان ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو.

ڪراچيءَ ۾ پهرين ناٿي واري سيڪريٽري ۽ پوءِ صنعتن واري سيڪريٽريءَ طور مقرريءَ کان پوءِ عبدالله جي ميمڻ کي1987ع ۾ سنڌ جي گهرو کاتي جو سيڪريٽري بڻايو ويو. اهو به ڪراچيءَ ۾ ڏقير شروع ٿيڻ ڪري صوبي لاءِ هڪ نازڪ دور هو. صوبي ۾ امن امان جي صورتحال مڪمل طور تي ابتر هئي ۽ مون کي انهن خراب حالتن جي اوڙاهه ۾ ڌڪيو ويو." تڏهوڪي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه تي پڻ الزام ڏريا ويا ته هن پنهنجي سياسي مفادن واسطي ايم ڪيو ايم کي ترجيع ڏيندي جماعت اسلاميءَ کي نظر انداز پئي ڪيو. سنڌ جي مسئلن جو هڪ سبب اهو به هو ته مرڪز جون پاليسيون غير واضح هيون. صوبي کي هلائڻ جي طريقه ڪار بابت جنرل ضيا ۽ سندس وزير اعظم محمد خان جوڻيجي جي نقطي نظر ۾ وڏو فرق هو ۽ ان مامرن کي اڃائين وڌيڪ گنڀير ڪيو.

آخرڪار 1988ع ۾ جڏهن معاملا وڌيڪ مونجهاري پريا ٿي ويا ته عبدالله جي ميمڻ وقت کان اڳ ريٽائرمينٽ حاصل ڪئي." ذوالفقار علي ڀٽي طرفان هڪ مارشل لا حڪم تحت 1400 سرڪاري عملدارن کي هڪدم برطرف ڪرڻ واري قدم ڪانوني ڪامورا شاهيءَ لاءِ حالتون ناسازگار ٿيڻ لڳيون هيون. هن نه رڳو ڪامورا شاهي ۾ هڪ طرفي ڀرتي متعارف ڪرائي پر ان وسيلي رڳو پنهنجن وفادارن کي ڀرتي ڪري ان جو زوال آڻي ڇڏيو."

پرائي ڪاموري طور عبدالله جي ميمڻ سمجهي ٿو تہ "ڪاموراشاهيءَ جو زوال پٽي طرفان سرڪاري نوڪرين کي حاصل آئيني تحفظ هٽائڻ ۽ ان کي1973ع واري سول سروسز ايڪٽ تحت آڻڻ سان شروع ٿيو. ان سرڪاري عملدارن مان تحفظ جو احساس ختم ڪري ڇڏيو. ان ڪان پوءِ ملڪ جي قيمت تي ذاتي لاڀ وهنوار بڻجي ويو".

"اڄ بدعنواني پاڪستان جي سماجي، سياسي ۽ معاشي جيوت جو هڪ مرڪزي عنصر بڻجي وئي آهي". هو افسوس وچان ٿو چوي" مهذب زندگيءَ جي بنيادي ضرورت ۽ درست ۽ غلط وچ ۾ فرق ئي ختم ٿي ويو آهي".

هو وڌيڪ چوي ٿو تہ" جيڪڏهن ان صورتحال کي جاري رکڻ جي اجازت ڏني وئي تہ پوءِ هڪ ملڪ طور اسين ميسارجي وڃڻ کان ڪو گهٽ پري ناهيون". سياستدانن طرفان سرڪاري عملدارن جو غلط استعمال پڻ ڪيس مچرائي ٿو". سرڪاري عملدارن کي سياستدانن جي ذاتي ملازمن وانگر نئو هلائي سگهجي" هو چوي ٿو "سرڪاري عملدارن کي قانون طرفان ڪين ڏنل اختيارن تحت ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي."

اڄ هڪ سرگرم ريٽائر زندگي گذاريندي عبدالله جي ميمڻ پنهنجي گهر انهن مهمانن جو آدرڀاءُ ٿو ڪري جيڪي صوبي جي ناميارن ڪامورن مان هڪ کان ڪو صلاح مشورو وٺڻ ٿا اچن. 97-1996ع دوران فاروق لغاريءَ جي ڪابينا ۾ ٽن مهينن تائين واٽر اينڊ پاور جي وفاقي وزير طور سندس مقرري پڻ هن لاءِ واڪاڻ جو سبب بڻي آهي.

ڪرنگهي جي سور وگهي پريشان ٿيل عبدالله جي ميمڻ چوي ٿو تہ جيڪڏهن سندس ڪا خواهش پوري نہ ٿي آهي تہ اها غريبن ۽ ضرورتمندن جي پنهنجي وت آهر واهر نہ ڪري سگهڻ آهي." انهيءَ هڪ ڳالهہ جو مون کي افسوس آهي"ساڳي وقت پنهنجي ايڏي وڏي ڪيرئير دوران هن پڪ سان عام ماڻهن کي ڪيترن ئي حوالن سان لاڀ رسايو هوندو چاڪاڻ جو هو پاڪستان مان تيزي سان ختم ٿيندڙ ايماندار ۽ باصلاحيت سرڪاري عملدارن واري نسل مان هڪ رهيو آهي.

(دي ريويو، روزاني ڊان، 20 کان 26اپريل 2000)

ڪالاباغ ڊيم بابت ڪجھ ويچار

عبدالله جي ميمڻ

ڪالاباغ ڊيم بابت تازي تڪرار ايترو تاءُ پيدا ڪيو آهي جو هڪ پاسي ان سموري مامري جا ڪيترائي اهم پهلو ڊونهاٽجي ويا آهن تہ ٻئي پاسي ان وفاق جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن. جيڪڏهن ان مامري کي ڪنهن حد تائين نزاڪت ۽ حساسيت سان ڪنيو وڃي ها تہ ان تاءُ ۽ صدمي کي ٽارڻ ممڪن هو.

ان معاملي بابت موجود مواد ۽ هاٺوڪي بحث جو غير جانبدار جائزو واضح ٿو ڪري تہ سنڌ جي موقف ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف ٽي سگهارا دليل آهن. پهريون اهو تہ سنڌو دريا واري سرشتي ۾ ايترو پاڻي ئي ناهي جيڪو هڪ اوچي ڊيم جو جواز پيدا ڪري. ٻيو تہ عالمي ۽ بين الصوبائي دريائي پاڻي بابت قانون جي مڃتا ماٺيل اصولن تحت اوپاري وارا پڇڙيءَ وارن جي رضامنديءَ کان سواءِ ڪنهن دريا جي وهڪري سان هٿ چراند نٿا ڪري سگهن. ٽيون پنجاب ۽ سنڌ وچ ۾ پاڻيءَ واري تڪرار جي تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ وفاقي سطح تي قاعدن ۽ ضابطن جو اهڙو ڪو وهنوار موجود ناهي جيڪو ڪمزور صوبي کي منصفاڻي ورتاءَ جي خاطري ڪرائي سگهي. ان کان سواءِ سرحد جي موقف پٽاندڙ، نوشهري، پبي ۽ پشاور ماٿريءَ جي مستقبل کي خطرو درپيش آهي.

رٿيل ڪالاباغ ڊيم لاءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي ڏس ۾ صورتحال اها آهي تہ1991 ع واري پاڻيءَ ٺاهہ تحت سنڌو دريا واري سرشتي ۾ چئني صوبن جو حصو114.34ملين ايڪڙ فٽ آهي. اهو سرشتو ٽن مغربي ندين سنڌو، جهلم ۽ چناب تي ٻڌل آهي. ساڳئي ٺاهہ تحت عارضي طور تي ان تي پڻ راضپو ظاهر ڪيو ويو هو تہ ڪوٽڙي بيراج

ڪان هيٺ10 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي عربي سمنڊ ۾ نيڪال ڪيو ويندو. آبپاشي واري وفاقي وزارت طرفان رم اسٽيشنن ڪان هيٺ نقصانن جي ڪٽ15.44ملين ايڪڙ فٽ لڳائي وئي هئي. رم اسٽيشنون اهي ماڳ آهن جتي سرڪاري طور تي مقرر ٿيل اختياريون خريف ۽ ربيع دوران ڪنهن دريا ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت ماپون ڪنديون آهن. سنڌو دريا لاءِ رم اسٽيشن ڪالاباغ تي، جهلم لاءِ منگلا تي ۽ چناب لاءِ مرلا آهن.

پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾1960ع واري سنڌوطاس ٺاهه تحت ٽي مشرقي نديون راوي، ستلج ۽ بياس ڀارت جي حوالي ٿيون. الهندي واري ندين مان پڻ ڀارت کي لڳ ڀڳ13 لک ايڪڙ زمين جي آبپاشيءَ واسطي پاڻي ڪڍڻ جي اجازت ڏني وئي. ڀارت طرفان مغربي دريائن مان پنهنجي حصي جو پاڻي ڪڍڻ ڪان پوءِ، ٻه واپڊا موجب، ٻه ملين ايڪڙ فٽ پاڻي استعمال ڪان بچي ٿو پوي جيڪو سنڌو دريا واري سرشتي ۾ شامل ٿو ٿئي. ڀارت پنهنجي حصي جو باقي بچندڙ پاڻي استعمال ڪرڻ لاءِ رٿابندي ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن سنڌو دريا واري سرشتي جي پاڻيءَ ۾ انهن سمورن اڻ تڪراري دعوائن کي شامل ڪجي ته ڪل مقدار141.79ملين ايڪڙ فٽ ٿو بڻجي. ان جو مطلب اهو آهي ته سنڌو دريا واري سرشتي ۾ ساليانو ڪل موجود پاڻي141.79ملين ايڪڙ فٽ ڪان جوڳو وڌيڪ هئڻ گهرجي ته جيئن ان سرشتي جي ڪنهن ماڳ تي ڪو اوچو ڊيم اڏڻ جو جواز پيدا ٿي سگهي.

1922-23ع ڪان1990-91ع وارن68 سالن جي مغربي دريائن جي ساليانی وهڪري واري جدول تي هڪ نظر وجهڻ سان پتو ٿو لڳي ته ان دوران فقط23سال ئي141.79ملين ايڪڙ فٽ ڪان وڌيڪ پاڻي ميسر رهيو آهي. عالمي سطح تي اوچن ڊيمن لاءِ قابل قبول اصول اهو آهي ته پاڻيءَ جو گهربل مقدار هر پنجن سالن مان چار سال ضرور هجي. اهو واضح آهي ته موجود پاڻي اهو شرط پورو نٿو ڪري.1991-92ع ڪان 1996-97ع وارن باقي ڇهن سالن دوران پاڻيءَ جي موجودگيءَ جو اندازو پڻ پيٽ ڪرڻ جوڳو آهي، پر اهي انگ اکر هن تجزئي ۾ ان ڪري شامل نه ڪيا ويا آهن جو اهي ليڪ کي فوري طور تي هٽ نه اچي سگهيا.

اهو درست آهي ته هن وقت چار ئي صوبا پنهنجي طئي ٿيل حصي114.35ملين ايڪڙ فٽ پاڻيءَ مان105ايڪڙ فٽ پاڻي ڪٽب آڻي

رهيا آهن جڏهن ته پارٽ ب پنهنجي حصي جو2 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي ڪٽب نه پيو آڻي. ان ڪري جن سالن دوران مغربي دريائن جو ساليانو وهڪرو130.44ملين ايڪڙ فٽ کان وڌي وڃي ٿو ته اضافي پاڻي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ٿو ڪري. (141.79ڪاٽو9.35ڪاٽو2=130.44) پر اها هڪ عبوري پوزيشن آهي ۽ ڪالاباغ ڊيم جهڙين مهانگين ۽ متحرڪ رٿائن کي عبوري انگن اکرن تي ٽٽو جوڙي سگهجي. بهرحال، ان هوندي ب اهو ضرور تسليم ڪرڻ گهرجي ته سنڌو دريا واري سرشتي ۾ وڏن چاڙهن وارا سال پڻ اچن ٿا. جڏهن اهي چاڙهه اچن ٿا ته نه رڳو پاڻيءَ جو وڏو مقدار عربي سمنڊ ۾ لڙهي ٿو وڃي پر پنجاب ۽ سنڌ جي ميدانن ۾ تباهي پڻ ٿي اچي، جتي بند پچي پور ٿيو پون.

ان ڪري منطقي ڳالهه اها ٿيندي ته وڏي چاڙهه واري عرصي ۾ اضافي پاڻي نسبتاً خشڪ سالن ۾ استعمال لاءِ محفوظ ڪيو وڃي. پر ان جو مناسب علاج پاڻي هٿي پاسي اچلائيندڙ (Carry over) ڊيم آهي، نه ڪي اوچو ڊيم. انهن ٻنهي ۾ فرق اهو آهي ته اوچي ڊيم کي هر سال پرڻو ۽ خالي ڪرڻو پوندو آهي جڏهن ته ڪيري اوور ڊيم سان اهو شرط لاڳو ناهي. اهو اضافي پاڻيءَ جي موجودگيءَ جي صورت ۾ ڀري سگهجي ٿو ۽ ان ۾ پاڻي ڊگهو عرصو (8کان10سالن تائين ب) ذخيرو ڪري سگهجي ٿو. اسان جي ڪيس ۾ هڪ اضافي فائدو اهو آهي ته اهڙي ڊيم تي ڪنهن ب ڌرڪي کي ڪو اعتراض ناهي.

دريائن جي وڌندڙ معاشي اهميت جي ڏس ۾،19 ۽20صديءَ ملڪن يا هڪ ملڪ جي مختلف علائقن وچ ۾ عالمي يا بين الصوبائي پاڻيءَ جي ورهاست تي ڪيترن ئي تڪرارن جو مشاهدو ڪيو آهي. اهي تڪرار اڳتي هلي ڪورٽن تائين پهتا ۽ ڪورٽن طرفان ڏنل فيصلا وقت گذرڻ سان گڏ مڃيل اصولن ۾ تبديل ٿي ويا آهن جن کي عالمي طور تي مڃتا حاصل ٿيل آهي. يوگينڊا ۽ مصر وچ ۾ نيل دريا جي پاڻي جي ورهاست جو نبيرو هڪ عالمي ڪميشن ڪيو. ساڳي ريت، بيلجيم ۽ هالينڊ ميوزي دريا جي پاڻيءَ تي پنهنجي تڪرار جي نبيري لاءِ عالمي انصاف واريءَ ڪورٽ ويا. امريڪا ۾ ڪيترين ئي بين الصوبائي دريائن بابت مختلف رياستن ۾ تڪرار هئا جن جو نبيرو حتمي طور تي امريڪي

سپريم ڪورٽ ڪيو. ايسٽائين جو اسان جي پاڙيسري ڀارت ۾ ڪيترين ئي رياستن ڪجھه اهم ڀارتي دريائن ۾ پنهنجي حصي لاءِ ڀارتي سپريم ڪورٽ ۾ هڪٻئي تي فرياد ڪيا آهن.

انهن ڪيسن جي فيصلن ۾ هڪ عمومي ڳالهه جيڪا سامهون ايندي پئي رهي آهي سا اها ته ٻن يا وڌيڪ ملڪن/رياستن/صوبن مان لنگهندڙ ڪنهن دريا جي پاڻيءَ بابت ڪو هڪ ملڪ/صوبو/علائقو ڪو هڪ طرفو قدم نٿو کڻي سگهي. اهي فيصلا برطانوي عمومي قانون تي ٻڌل آهن جنهن موجب مٿانهين؛ ولرا ڀڄڙي ولن جي رضامنديءَ کان سواءِ ڪنهن گڏيل دريا جي وهڪري سان هٿ چراند نٿا ڪري سگهن. ان جي روشنيءَ ۾ ڏسجي ته اهو واضح آهي ته ڪالاباغ ڊيم بابت ڇئني صوبن جي رضامندي حاصل ڪرڻ نه رڳو سياسي ۽ اخلاقي ضرورت آهي پر اها هڪ اٽل قانوني گهرج پڻ آهي.

1843ع ۾ سنڌ ۽ 1847ع ۾ پنجاب تي برطانوي قبضي کان وٺي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ سنڌودريا جي پاڻيءَ تي دعوائن بابت مختلف ويچار پئي رهيا آهن. بهرحال، برطانوي راڄ دوران، سنڌ جي حقن کي مان ڏنو ويو ۽ مختلف ڪميشنن، ڪميٽين، قانونن ۽ وائسرائن هرهر طئي ڪيو ته پنجاب حڪومت سنڌ جي رضامنديءَ کان سواءِ سنڌو يا ان جي نهرن/شاخن تي ڪو به پراجيڪٽ اڏي نٿي سگهي. بهرحال،1970ع واري ڏهاڪي جي شروعات،کان سنڌ وفاق طرفان ان تحفظ کي وڃائڻ شروع ڪيو. پهرين ته، سنڌ جي مفادن کي هاجو رسائيندي، پنجاب حڪومت بنا جواز جي سنڌو طاس پاڻي ٺاهه جي ڏس ۾ ڀارت سان ڳالهين ہولهين واسطي سنڌ جي رضامنديءَ کي هڪ زونل اسڪيم ۾ ڏڪيو. وفاقي حڪومت ان موقعي تي بيوس ثابت ٿي ۽ اها پنجاب کي انهيءَ زيادتيءَ کان روڪي نه سگهي.

ان کان پوءِ پنجاب سنڌو دريا واري سرشتي مان طئي ٿيل ٺاهن جي ڀڃڪڙي ڪندي سنڌ جي رضامندي حاصل ڪرڻ کان سواءِ تونسهپنجند ۽ چشما جهلم لنڪ ڪينالن لاءِ مستقل پاڻي حاصل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. اهي ٿئي تمام گهٽي گنجائش ولرا ڪينال آهن. تونسهپنجند لنڪ

ڪينال12هزار ڪيوسڪ ۽ چشماجهلم لنڪ ڪينال21هزار ڪيوسڪ پاڻي
چڪين ٿا. هڪ پيرو پيهر، وفاقي حڪومت ڪوبه درمان نه ڪري سگهي
۽ سنڌ ڪنهن داد فرياد کان سواءِ زيادتيءَ جوشڪار بڻي. سنڌ جي پاڻيءَ
ورن حقن جي تحفظ لاءِ وفاقي اختيارين جو اهڙو افسوسناڪ ۽ ايذائيندڙ
ريڪارڊ ڏسندي هن صوبي جي پاران اها ڳالهه ڪرڻ تي ڪير اعتراض
ڪندو ته مستقبل ۾ ڪالاباغ ڊيم لاءِ سنڌو دريا وارڀي سرشتي مان سنڌ
جي حصي جو پاڻي ڪڍڻ تي پنجاب کي ڪو روڪڻ وارو نه هوندو؟

وفاقي حڪومت طرفان مستقبل ۾ ڪو تحفظ ڏيڻ جي ضمانت ڏيڻ
بدران، وزيراعظم نواز شريف طرفان اختيار ڪيل طريقو سنڌ ۾
بداعتماديءَ کي اڃا وڌائيندو. ڪنهن وفاقي رياست ۾، ان جو آئين ان
جي ڍانچي لاءِ حقيقي بنياد پيدا ڪندو آهي. اهوئي بنياد آهي جيڪو
وفاق جي يونٽن کي ميڙي مٺ ڪري. آئين جي حيثيت کي مدنظر
رکندي، اهو انتهائي ضروري آهي ته جن مامرن تي وفاق جي يونٽن ۾
تڪرار آهن تن کي هر صورت ۾ آئين پٽاندڙ نبيريو وڃي.

1973ع جو آئين چاڻائي ٿو ته جيڪڏهن ٻن يا وڌيڪ صوبن وچ ۾
ڪنڪرنٽ لسٽ ۾ شامل ڪنهن معاملي تي ڪي تڪرار آهن ته اهو
مامرو نبيري لاءِ گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ پيش ڪيو ويندو.
جيڪڏهن ڪائونسل پنهنجي نبيري وارين ڪوشش ۾ ڪامياب نٿي
ٿئي ته آزاريل صوبو پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ اهو مامرو پيش
ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومت سان لهه وچڙ ۾ اچي سگهي ٿو. پارليامينٽ جي
گڏيل اجلاس جو فيصلو حتمي هوندو، پر اهو آزاريل ڌر کي اعليٰ عدالتن
سان رجوع ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهي. انهيءَ آئيني وهنوار جو بنيادي
جز اهو آهي ته وفاقي اختياريون ان دوران غيرجانبدار رهنديون ته جيئن
پنهنجا تڪرار نبيرڻ ۾ واسطيدار ڌرين کي مدد مهيا ڪري سگهن.

آئين جي انهيءَ پيرائي جي ٻنهه ابتڙ، وزيراعظم وفاق جي اڪائين
کي درپيش تلخ ترين مامرن مان هڪ ۾ سڌو سنئون ڌر بڻجي ويو آهي.
ان تي حيرت جوڳي اظهار ڪري پيو سگهجي ته وفاق جي اصولن کي ان
کان وڌيڪ ضرب ڪهڙي ٿي هڻي سگهجي! چاڪاڻ جو وزيراعظم ملڪ

۾ سڀ کان وڏي اختياري آهي ۽ جيڪڏهن هو ڪلٽي عام ٿر ٻڌبو ته پوءِ آزاريل ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟

ڪيڏو نه بهتر ۽ مناسب ٿئي ها جو وزيراعظم ان مامري تي غيرجانبدار رهندي پنجاب کي آئين پٽاندر پنهنجو ڪيس پيش ڪرڻ لاءِ چوي ها. اسان جهڙا معتدل فرد پنهنجي سنڌي پاڙن سان دليل بازي ڪن ها ته پنجابي وزيراعظم جي سرواڻي جي باوجود، وفاقي حڪومت غيرجانبدار رهڻ کي ترجيح ڏني آهي، ان ڪري ان مان مناسب ورتاءُ جي توقع رکڻ گهرجي. قومي ايڪتا پيدا ڪرڻ واسطي اهو امر ڪيڏو نه مددگار ثابت ٿئي ها، جڏهن پنجاب جو وڏو وزير سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر کي درخواست ڪري ها ته هو ڪالاباغ ڊيم بابت پنجاب جو ڪيس سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبرن آڏو رکڻ چاهي ٿو.

ايستائين جو سڌ سماءُ جي ذريعن ورلن مباحثن ۾ به سنڌ جا هٿ پوڻتي ٻڌي ان کي آڪاڙي ۾ اڇلايو ويو آهي. ان جا بهترين ٽيڪنيڪل ماهر هي آهن:

*عبدالوهاب شيخ، جيڪو پاڪستان ۾ نه رڳو سڀ کان وڏيڪ سينئر پاڻيءَ بابت انجنيئر آهي پر ستن سالن تائين لاڳيتو آبپاشيءَ جي وفاقي سيڪريٽريءَ جو ريڪارڊ عهدو سنڀاليندڙ پڻ آهي.

*عبدالرسول ميمڻ، جيڪو ارسا جو چيئرمين رهيو آهي ۽ اڃا تائين ان سان لاڳاپيل آهي. هن هڪ پيرو ڪالاباغ ڊيم متعلق اخبار ۾ هڪ ايمانداريءَ پريو مضمون لکيو، جنهن تي آبپاشيءَ واري وزارت ڪيس چٽاڻُ جاري ڪيو.

*اڳوڻو سينيئر عبدالمجيد قاضي، جيڪو پيشي جي لحاظ کان انجنيئر آهي ۽ ڪالاباغ ڊيم متعلق سمورا انگ اکر سندس زبان تي چڙهيل آهن. هو1981ع کان مجلس شوري، سينيٽ، ڪيترين ئي وفاقي ڪابينائن، انيڪ بين الصوبائي ادارن، آبپاشيءَ واري وزارت، واپڊا، سنڌ حڪومت، سائنسدانن ۽ انجنيئرن جي اڻ ڳڻين سيمينارن ۽ ڪانفرنسن، ناميارن رسالن ۽ اخبارن سميت انيڪ محاذن تي ڪالاباغ ڊيم متعلق سنڌ جو ڪيس وڙهي رهيو آهي.

*اي اين جي عباسي، جيڪو سيڪريٽريٽ گروپ مان گريڊ 22 ۾ ريٽائر ٿيو ۽ سندس سنيااليل عهدن ۾ هيٺ سان گڏوگڏ سنڌ ۾ آبپاشيءَ جو سيڪريٽري هئڻ پڻ شامل آهي.

قسمت جي ڳالهه چئبي جو اهي سمورا صاحب لوڪ هن وقت صوبائي يا وفاقي حڪومتن ۾ ڪانٽريڪٽ تي ڪم ڪري رهيا آهن. سندن ڪانٽريڪٽي شرط کين سڌ سماءُ يا هين عوامي بحث مباحثن کان روڪي رهيا آهن. ان ريت سنڌ جي ڪيس جا ٽيڪنيڪي پهلو مناسب ۽ اثرائتي انداز ۾ عوام آڏو پيش نه پيا ٿين.

ڪالاباغ ڊيم تي عوامي بحث مباحثي ۾ اعتدال جو عنصر آڻڻ ۽ شعوري يا لاشعوري طور تي وفاقي اصول کي رسيل گهاون تي پهو رکڻ جي انتهائي ضرورت آهي. اهي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺين تجويزن تي ويچارڻ جي گهرج آهي:

(1) وزيراعظم کي ٽي ويءَ تي اچي اهو مڃڻ گهرجي ته ڪالاباغ ڊيم تي هن تڙ بڙجي غلطي ڪئي آهي. ڪيس سچي دل سان اعلان ڪرڻ گهرجي ته هاڻ هو ان ماهري تي پنهنجو ذهن مڪمل طور تي کليل رکي ان کي غيرجانبداري ۽ ايمانداريءَ سان جاچيندو.

(2) قوم آڏو اهڙي سچي دل واري اعلان ڪرڻ سان گڏ، هو سنڌ سان تعلق رکندڙ متي چاڻايل ماهرن کي گهرائي ۽ پنجاب، واپڊا ۽ وفاقي حڪومت سان تعلق رکندڙ ماهرن سان سندن بحث ڪرائي.

(3) جيڪڏهن سندس موجودگيءَ ۾ ٿيندڙ ماهرن جو بحث ڪيس قائل ٿو ڪرائي ته سنڌ جا ماهر درست آهن ته پوءِ هو کين ۽ سنڌ جي هين دانشورن ۽ سياستدانن کي پنجاب وڃي ماڻهن کي ڪالاباغ ڊيم جي ٽيڪنيڪي طور تي مناسب نه هئڻ بابت ٻڌائڻ لاءِ چوي.

(4) ان سان گڏوگڏ، هو سمورن ماهرن کي چاڙهه جي ڏينهن ۾ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙڪندڙ پاڻيءَ جو زيان روڪڻ لاءِ متبادل تجويزون پيش ڪرڻ لاءِ چوي.

(5) جيڪڏهن، ٻئي پاسي، ماهرن جو بحث ڪيس ان نتيجي تي ٿو رسائي ته ڊيم مناسب منصوبو آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي ته پوءِ هو

پنجاب، واپڊا ۽ وفاقي حڪومت سان تعلق رکندڙ ماهرن ۽ پنجاب سان تعلق رکندڙ سياستدانن ۽ دانشورن کي سنڌ، سرحد صوبي ۽ بلوچستان وجي ڪالاباغ ڊيم لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ واسطي سمورن اعتراض ڪندڙن کي مخاطب ڪرڻ لاءِ چوي.

(6) جيڪڏهن پنجاب ۾ ڪا نوٽ زمين آهي جنهن کي پاڻي گهرجي ۽ ڪو اضافي پاڻي آهي (چاڙهه جي صورت ۾) جيڪو عربي سمنڊ ۾ ضائع پيو ٿئي ته اهو منهنجي لاءِ به اوترو ئي مٺي جو سور آهي جيترو لاهور ۾ ويٺل ڪنهن پنجابيءَ لاءِ. پر مون کي پنجاب جي نوٽ زمين واسطي سنڌ ۽ بلوچستان جي قيمت تي پاڻي قبائڻ نه گهرجي. اهو ڪو حل نه پر ڦر آهي، جيڪا وفاق جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيندي. جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ايترو اڳتي وڌيل ضرور آهن جو اهي پنجاب جي نوٽ زمين لاءِ پاڻي سان گڏوگڏ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پڇڙيءَ وارن جي پاڻيءَ بابت تاريخي حقن جو تحفظ ڪري سگهن. پاڪستان جي قيادت لاءِ امتحان وفاقي اڪائين کي ورهائڻ بدران انهن کي متحد رکڻ جو آهي ۽ هائيڊرولاجيڪل سائنسدانن ۽ انجينئرن جو ڪم ان ڏس ۾ سنڌن همڪاري ڪرڻ آهي.

منهنجو پورو ويساهه آهي ته پاڪستان ۾ هڪ اهڙي ملڪ طور وڌڻ ويجهڻ جو پورو ست موجود آهي جنهن تي نه رڳو اسين پاڪستاني پر سڄي دنيا جا مسلمان فخر ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ست کي پروڙڻ جوهڪ بنيادي شرط پنهنجي معاملن کي ڏاهپ، سگهڙائپ، مناسب ورتاءُ ۽ انصاف سان هلائڻ آهي. اسين، بدقسمتيءَ سان گذريل پنجاهه سالن کان ان جي بلڪل ابتڙ پيا ڪريون. نتيجا اسان جي سامهون آهن، جن جي ڪري اسان کي پنهنجا ڪنڌ شرم ۽ پشيمانيءَ وچان جهڪائڻ گهرجن. ڇا هاڻ تبديليءَ جو پهر ناهي؟

(روزاني "ڊان": 25 جولاءِ 1998ع)

پاڪ ڀارت ويجهڙائپ لاءِ هڪ ميڙ

عبدالله جي ميمڻ

ايشيا جي ماڻهن جي ايسوسيئيشن (APA) پاڪستان ۽ ڀارت جي عوام وچ ۾ رابطا جوڙڻ واسطي15کان17مئي1996ع دوران نئين دهليءَ ۾ هڪ اجلاس گهرايو. ايشيا جي عوام ۾ عمومي طور ۽ ڏکڻ ايشيائي عوام ۾ خاص طور تي دوستي ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ واسطي ڀارت سان تعلق رکندڙ ڪجهه سماجي ڪارڪنن، تعليمي ماهرن، صحافين ۽ سياسي ڪارڪنن نومبر1994ع ۾ ان تنظيم جو بنياد وڌو هو. ان جي اسٽيرنگ ڪميٽيءَ ۾ جواهر لال نهرو ۽ جامعه مليه يونيورسٽين جا جڳ مشهور استاد، ڀارت جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ صحافي ۽ ڪجهه سماجي ڪارڪن شامل آهن. ان تنظيم جي سرواڻي گانڌي واد روايتن تي هلندڙ سماجي ڪارڪن ۽ ونوبا ڀاوي جي نپايل ڏيءَ نرملا ديش پانڊي تي ڪري.65 سالن جي اڻ پرڻيل نرملا ديش پانڊي پنهنجي حياتي هريجن آباديءَ جي سيوا لاءِ ارپي ڇڏي آهي. ڪيس ڪاڪي، ساجي ۽ مرڪزيت پسندن، هندن، مسلمانن، عيسائين، سکن، ٻڌن ۽ ٻين ۾ هڪجيتري مڃتا حاصل آهي ۽ سماجي، سياسي ۽ مذهبي ڪيترن ۾ سندس نالو احترام سان ورتو ٿو وڃي. پارليامينٽ جي ميمبرن کان وٺي هٿ رڪشا ڇڪيندڙن تائين هر ڪو ڪيس پاڀوهه مان ديدي يا نرملا جِي سڏي ٿو.

پاڪستان جي چئني صوبن سان تعلق رکندڙ ٻارهن ڄڻن تي ٻڌل هڪ وفد ان گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. انهيءَ وفد ۾ هڪ وائس چانسلر، يونيورسٽين جا استاد، هڪ سينئر ڪالم نويس، ٽريڊ يونين ڪارڪن ۽ هڪ اڳوڻو ڪامورو شامل هئا. ڀارت طرفان، ٽن ڏينهن دوران، ڇهه

هاٺوڪا يا اڳوڻا وائس چانسلر، وڏي تعداد ۾ يونيورسٽي پروفيسر، مختلف ٻولين جا ناميارا ليکڪ، سينئر صحافي، پارليامينٽ جا ميمبر، اعليٰ عدالتن جا رٽائر جج، سماجي ڪارڪن ۽ محقق، ٽريڊ يونين اڳواڻ، سياسي ڪارڪن ۽ اعليٰ سطحي رٽائر حڪومتي عملدار شريڪ ٿيا. افتتاحي اجلاس جي صدارت اوڙيسا جي اڳوڻي گورنر ۽ گانڌي يادگاري ڪميٽيءَ جي وائس چيئرمين ڊاڪٽر بشمبر ناٿ ڪئي. ياد رهي ته پارٽي وزيراعظم گانڌي ڪميٽيءَ جو چيئرمين آهي. ڊاڪٽر ناٿ هندو مسلم ناتن ۽ هندستاني ثقافت ۾ اسلام جي حيثيت تي انيڪ ڪتابن جو ليکڪ پڻ آهي.

سموري ڪارروائي دوران، چانيل ٽڪتو اهو هو ته هاٺوڪن سالن دوران پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ عوامي سطح تي ڳالهه ٻولهه ۽ رابطن کي وڌائڻ ۽ همٿائڻ واسطي انيڪ قدم کنيا ويا آهن. اهي ڪاوشون ٻنهي ملڪن ۾ ڪجهه مکيه تڪراري مامرن جي باوجود عوام ۾ امن ۽ دوستيءَ جي خواهش جو اظهار آهن. ڀارت جي هڪ اڳوڻي مرڪزي گهرو ۽ ڪيبنيٽ معاملن جي سيڪريٽري نرمل مکرجيءَ جي تقرير انهن ٽن ڏينهن دوران ٿيندڙ تقريرن جو چڱ ته تت هئي. مکرجيءَ جو چوڻ هو ته ڪيترن ئي موجود تاريخي، ثقافتي، نسلي ۽ سماجي ڳانڍاپن جي آڌار تي ٻنهي ملڪن جو عوام موقعو ملڻ تي هڪٻئي لاءِ دوستي ۽ پنهنجائپ جو بي ساخته اظهار ٿو ڪري. پنهنجائپ ڀري انهيءَ وسيع ماحول هوندي به ٻنهي ملڪن ۾ ناتا تلخ پئي رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته ٻنهي ملڪن جي اشرافيا ۽ اقتداري ڌرين جا مفاد تڪرار برقرار رکڻ ۾ آهن. اشرافيا جي انهيءَ پنجوڙ کي ٽوڙڻ جو واحد ڏگ ٻنهي ملڪن ۾ حقيقي وفاقيت ۽ بامعني عدم مرڪزيت تي زور ڀريندڙ صحيح جمهوريت لاءِ پتوڙڻ آهي. انهن مقصدن کي ٻنهي ملڪن ۾ عوامي رابطا وڌائيندي ۽ معلومات ۽ نظرين جي آزاداڻي ڏي وٺ ذريعي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. اهڙي قدم کڻڻ واسطي، هن گهر ڪئي ته فوري طور تي، ٻه طرفي طور تي ترت ممڪن نه هئڻ جي صورت ۾ به، ڀارت کي ٻنهي ملڪن مان وڏو هئڻ ناتي ويزا جون پابنديون ختم ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ گهرجي.

راقم الحروف مکرجي صاحب جي اڏمن سان سهمت هوندي، سنڌس ڳالهه ۾ موجود هڪ تضاد تي زور ڏنو پري. اسين سڀئي ڄاڻون ٿا ته سياسي ڌرا سميت سموري اشرافيا کي ٻنهي ملڪن جي عوام ۾ انتهائي معمولي مڃتا حاصل آهي. پوءِ اها اشرافيا ڪهڙي ريت ٻنهي ملڪن ۾ پنهنجي ڳالهه لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿي؟ ائين ٿو لڳي ته ٻنهي ملڪن ۾ عوامي سطح تي ڪي گمان موجود آهن جيڪي عداوت لاءِ ٻارڻ ٿا بڻجن. اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته عوامي مامرن ۾ سچائي يا حقيقت کان وڌيڪ گمان اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. پاڪستان ۾ هڪ اهڙو گمان اهو آهي ته ڀارت اڃا تائين پاڪستان جو ڌار وجود تسليم نه ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان ۾ ڪا سچائي نه هجي پر ان هوندي به اها ڳالهه پاڪستان جي وسيع تر حلقن ۾ موجود آهي ۽ اها ڳالهه مفاد رکندڙ ڌرين جي زهريلي پروپيگنڊا وسيلي ٿي نه پڪڙي آهي، ڪجهه تاريخي واقعن ان نقط نظر کي جنم ڏنو آهي. ورهاڱي دوران ٿيل ڀيانڪ فساد، ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٿيل ٽي جنگيون، اوڀر پاڪستان جي عليحدگيءَ ۾ ڀارت جو ڪردار، بابري مسجد جي ڀڃ ڊاهه ۽ ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙي، اهي ڪجهه عنصر آهن جن انهيءَ نقط نظر لاءِ ٻارڻ جو ڪم ڪيو آهي.

ڀارت سان تعلق رکندڙ هڪ مندوب، دهلي يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائس چانسلر تصديق ڪئي ته پاڪستان ۾ اهڙو نقط نظر موجود آهي. هن ٻڌايو ته هو ويجهڙائيءَ وارن سالن ۾ ٻه ڀيرا پاڪستان ياترا ڪري چڪو آهي ۽ ڪيس هر هنڌ اهڙو نقط نظر محسوس ٿيو آهي. ڀارت ۾ رهندي هو سٺو سيڪڙو خاطريءَ سان چئي سگهي ٿو ته ڀارت طرفان پاڪستان جي وجود کي تسليم نه ڪرڻ واري ڳالهه ۾ ڪا سچائي ناهي. پر انهيءَ گمان جي پاڪستان ۾ وسيع تر موجودگيءَ سبب هن ڄاڻڻ ٿي چاهيو ته اهڙو تاثر ختم ڪرڻ واسطي ڇا ڪري سگهجي ٿو. مون کيس وراڻي ڏني ته ويجهڙائپ واسطي هاٿوڪي ميڙ جي حوالي سان واضح اعلان ڪجي ته پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختياري مقدم آهي. اهو اعلان امن ۽ دوستيءَ واسطي غيرسرڪاري ڪاوشن جي ساک قائم ڪرڻ

۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. گهڻي ڀاڱي مندوبن ان سان سهمتي ظاهر ڪئي ته پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختياريءَ جي ساک ڏيندڙ اعلان ڪانفرنس جي سفارشن ۽ فيصلن جو حصو هئڻ گهرجي.

جموں ۽ سان تعلق رکندڙ هڪ آزاد صحافي بلراج پوريءَ ڪيترائي اهڙا واقعا ٻڌايا. جڏهن هو دنيا جي مختلف حصن ۾ پنجابي ڳالهائيندڙ پاڪستانين سان مليو ته هنن ساڻس پنهنجائپ ۽ اڪير جو شاندار ورتاءُ رکيو، چاڪاڻ جو هنن ساڳي ٻولي ٿي ڳالهائي. انهن تجربن جي آڌار تي سندس خيال هو ته ٻوليءَ وارا ناتا ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ ناتن لاءِ اتساهه ڀريو ڏگ ثابت ٿي سگهن ٿا. ناميارو سينئر صحافي ديودت انهيءَ سان سهمت نه هو. هن واضح ڪيو ته رياستن وچ ۾ وهنوار ذاتي بنيادن تي هلندڙ وهنوار ڪان ٻنهه مختلف آڌار تي ٽڪيل هوندا آهن.

ديودت ذهنن کي جنگي جنون جو شڪار بنائڻ واري اهم نڪتي ڏانهن پڻ اشارو ڪيو. هن چيو ته هاٽوڪي چونڊ مهم دوران نيوڪليائي هٿيارن واسطي ڪلٽي عام وڪالت ڪندي، بي جي پي پاڪ ڀارت ناتن جي هڪ خطرناڪ حد اورانگهي آهي. نيوڪليئر بم، پوءِ اهو ڪانگريس طرفان هجي يا بي جي پيءَ طرفان، ننڍي کنڊ جي ذهنن کي جنگي جنون جو شڪار ڪندو ۽ امن جي امڪانن کي انتهائي هاڃو رسائيندو. ٻين ساڻس سهمت ٿيندي انهيءَ نڪتي کي ٻنهي ملڪن ۾ جنگي جنون پکيڙڻ جي پوري وايو منڊل تي لاڳو ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. اهو جنگي جنون نه رڳو ٻنهي ملڪن جا وسيلا انتهائي ضروري سماجي ڍانچي لاءِ خرچ ڪرڻ کان روڪي ٿو پر گڏوگڏ ٻنهي ملڪن کي عالمي منظر نامي ۾ پنهنجو جائز مقام ماڻڻ کان پڻ محروم ڪري رهيو آهي. ٽن ڏينهن جي غور ويچار کان پوءِ فوجي ٽڪراءَ کي ڏاڪي ٻه ڏاڪي گهٽائڻ ۽ اڳتي هلي ختم ڪرڻ، ويزا جون پابنديون ختم ڪرڻ، معلومات جي آزاداڻي ڏي وٺ جي اجازت ڏيڻ ۽ عالمن، ليکڪن، فنڪارن، صحافين ۽ شاگردن جي مٽا سٽا کي همٿائڻ جي ضرورت بابت هر خيالي پيدا ٿي.

پاڪستان ۾ اڳوڻو ڀارتي هاءِ ڪمشنر ۽ اڳوڻو پرڏيهي سيڪريٽري،

ڏکشت، عوامي رابطن کي ٻنهي رياستن وچ ۾ ڏڦير ختم ڪرڻ جي راهه ۾ ڪو گهڻو ڪارائتو نٿو سمجهي. سندس خيال آهي ته انهيءَ تڪرار جون تاريخي پاڙون آهن ۽ ان دوران ڪيترن ئي سگهارن مفادن تڪرار ۽ ڏڦير مان گهڻو لاڀ پرايو آهي. درحقيقت، جڏهن پارت واسي ٻنهي ملڪن جي رهواسين ۾ تمام گهڻين هڪجهڙاين تي گهڻو ڌيان ڏين ته هو پاڪستان ۾ انهيءَ شڪ کي دراصل تقويت ٿا ڏين ته ان ريت پاڪستان جي جوڙ کي للڪاريو ٿو وڃي. ان ڏس ۾ هن ايوب خان سان پنهنجي هڪ ڳالهه ٻولهه جو حوالو ڏنو، جنهن ۾ هن چيو هو ته هزار هڪجهڙاين هوندي به ڌڪار جي هڪ گهٽ ۾ گهٽ اهڙي سطح موجود آهي جيڪا پاڪستان ۽ پارت ۾ سدائين قائم رهندي. ڏکشت ٻنهي ملڪن جي سياسي قيادت ۾ فيصلي ڪن قوت جي اٿوند جا به ڪيترائي مثال ڳڻايا. هن چيو ته ٻنهي ملڪن جي فوجي قيادت 1990ع واري ڏهاڪي جي شروعات ڌاري سياچن گليشيئر مان فوجن جي واپسيءَ بابت هڪ منصوبو ۽ ٺاهه تيار ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. پاڪستاني ڌر جي سرواڻي هاڻوڪو فوجي سربراهه جنرل جهانگير ڪرامت ڪري رهيو هو. جڏهن اهي دستاويز توثيق لاءِ سياسي قيادت کي اماڻيا ويا ته انهن ست نه سارينديٰ ٺاهه تي صحيحون ڪرڻ کان نابري واري. فوجي ماهر انهيءَ اوچائي تي افرادي قوت ۽ هٿيار رکڻ تي ٿيندڙ ڳاٽي ڀڳي خرچ کي آڏو رکندي انهيءَ ٺاهه تي پهتا هئا. هن چيو ته سياچين تي فوجون رکڻ تي هر ملڪ روزانو5 ڪروڙ رپيا خرچ ڪري رهيو آهي. اتي پهچندڙ هر ماڻهيءَ تي 450 رپيا خرچ اچي ٿو.

عليگڙهه يونيورسٽيءَ جو هڪ اڳوڻو وائس چانسلر ۽ سفارتڪار پروفيسر اي ايم خسرو عوامي رابطن جي محدود لاڀ بابت ڏکشت سان سهمت نه هو. هن چيو ته غير سرڪاري ڪاوشون ڪيترائي هاڪاري اثر ڇڏي چڪيون آهن. چار سال اڳ، جڏهن غير سرڪاري رابطا شروع ٿيا هئا، جنرل ڪي ايم عارف ۽ نياز نائيڪ جهڙن پاڪستاني مندوبن جو چوڻ هو ته جيستائين ڪشمير تي ڳالهه ٻولهه نه ٿيندي اوستائين ٻيو ڪو به قدم ٻه طرفا ناتا بهتر نٿو بڻائي سگهي. يا اتي مندوبن رڳيو ته ٻنهي

پارليسرين وچ ۾ واپار کي وڌايو وڃي ته جيئن امن ۾ مفاد رکندڙ ترين کي توسيع ڏئي سگهجي. ٻن سالن تائين انهن نڪتن تي ڳالهه ٻولهه هلندي رهي، تان جو اڳوڻي ڀارتي وزيراعظم نرسمها رائو پاڪستاني وزيراعظم کي ڪشمير سميت سمورن مامرن تي ڳالهه ٻولهه جي آڇ وارو خط لکيو. (انهيءَ ڪاوش جو ڪو ڪرتيل نه نڪتو، سا ڌار ڳالهه آهي). ٻن سالن دوران سرڪاري طور تي واپار جو مقدار پڻ ٻيٽو ٿي234ڪروڙ رپين کان وڌي576 ڪروڙ رپين تائين وڃي پهتو. هن وقت ٻه پروفيسر خسرو ۽ تاباني گڏيل طور تي هڪ دستاويز تيار ڪري رهيا آهن جيڪو ٻه طرفي واپار لاءِ وڌيڪ سهولتون پيدا ڪندو.

جواهر لال نهرو يونيورسٽيءَ جي اسڪول آف سوشل سائنسز جي پروفيسر ٽي ڪي اومين ڏکڻ ايشيا جي گهڻ رخي معاشري تي هڪ شاندار مقالو پيش ڪيو. هن ننڍي کنڊ ۾ رياستن ۽ معاشرن جي جوڙجڪ تي مذهب، ٻولي ۽ ٻين اجتماعي عنصرن جي پوندڙ اثرن جو ڪردار تفصيل سان واضح ڪيو. سندس طرفان ڪيترائي اهم مامرا اٿارڻ تي، آءُ سندس مقالي جو تت هڪ ڌار مضمون ۾ پيش ڪرڻ جو ارادو ٿو رکان.

هي مضمون ننڍي کنڊ جي نظارن جي ذڪر کان سواءِ اڌورو رهندو. انڪري، ان جي پڄاڻي نئين دهليءَ جي پنهنجي دوري جي ڪجهه مشاهدن جي ذڪر سان ڪندس. اندرا گانڌي انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي ٽرمينل ۾ داخل ٿيندي ئي اوهان کي ان ۾ ۽ قائداعظم ٽرمينل ڪراچيءَ ۾ فرق محسوس ٿيندو. ڪراچي ايئرپورٽ تي موجود هر ڪا سهولت اندرا گانڌي ايئرپورٽ تي پڻ موجود آهي. پر، ڪنهن حد تائين ايڪسري اسڪريننگ مشينن کان سواءِ، هرڪا شئي مقامي طور تي ٺهيل آهي. اهو ڀارت جي پاڻ ڀرائپ ۽ ڏاهپ جو واضح مثال آهي. پر لال قلعي ۽ قطب مناري جهڙن ٻن انتهائي مشهور سياحتي ماڳن تي جڏهن ڀارتي ڏاهپ ختم ٿيو وڃي. اتي ڪاڪوسن يا پاڻي جي نلڪن جو ڪو بندوبست نه هو، جيتوڻيڪ اتي ٻارن ۽ وڏي ڄمار وارن سميت روزانو هزارين ماڻهو اچن ٿا. دهلي بيشڪ تاريخي حيثيت وارو شهر آهي پر هاڻ اهو هڪ ڪروڙ کن ماڻهن جي آباديءَ وارو هڪ جديد ۽ سهڻو شهر پڻ آهي. ڀارتي حڪومت

ان جي بنيادي ڍانچي کي جديد روپ ڏيڻ لاءِ ضروري سيڙپ ڪرڻ کان ڪيبايو ناهي. ڪراچيءَ مان ايندڙ شخص سڄي شهر اندر ۽ ٻاهران انيڪ نلاءِ اوورن ۽ پلين کي ڏسي رِيس جو شڪار ٿو بڻجي. انهن جي ڪري پيڪ ورلي وقت دوران به ٽريفڪ گهٽي ياڳي روان دوان ٿي رهي. بيشڪ دهلي گيٽ جي هن پر پراڻو شهر مستثنيٰ آهي. صدين کان هندستان جي سڃاڻپ ٻٽيل پر اسراريت به جلوه افروز آهي. هتي پيهه پرئي چاندني چوڪ ۾ پنيءَ اگهاڙا هٿ رڪشا ڇڪيندڙ پورهيت آهن ته نائڪيءَ جا جاگر پهري شام جو لوڌي گارڊن ۾ پسار ڪندڙ واپاري، ڪامورا ۽ سندن ڪٽنب پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

سنڌ کي درپيش حقيقتون

عبدالله جي ميمڻ

سياسي منظر تي تڪرلوي ٻٽيل ۽ روڊ رستن تي رتوڇاڻ ۾ ظاهر ٿيندڙ سنڌ جي نسلي صورتحال ڪيترن ئي سالن کان هر ڪنهن جي حواسن تي سوار آهي. انهن ذهني ۽ نفسياتي دٻائن معاشري جي مختلف حصن مان، خاص طور تي سنڌ مان ان بابت ڪيترائي ردعمل سامهون آندا آهن.

انهيءَ تڪرار ۽ بحث جو سڀ کان وڌيڪ حاوي ۽ دل ڏکوئيندڙ پهلو وسيع تر سياسي، سماجي ۽ ثقافتي وايو منڊل ۾ واضح تقسيم آهي. سموريون ڌريون "اسين" ۽ "هو "واري صيغي ۾ ڳالهائي رهيون آهن، ڄڻ ته گڏيل ڳالهه ئي نه هجي. اڄوڪي انهيءَ زهريلي ماحول هوندي به نسلي رڪاوٽن کي اورانگهيندي، هڪٻئي ۾ شادين مرادين جو سلسلو اڄ به جاري آهي. مختلف ٻوليوار پسمنظرن سان تعلق رکندڙ فردن وچ ۾ پراڻيون دوستيون نه رڳو قائم آهن پر گرمجوشي ۽ گهرائپ ماڻي رهيون آهن. گهڻي ڀاڱي ٽريڊ يونينن نسلي بنيادن تي ورهائجڻ جي ڪاميابيءَ سان مزاحمت ڪئي آهي. ڪيترائي اردو ڳالهائيندڙ عالم سنڌ جي تاريخ ۽ ادب کي ڦلهورڻ واسطي جوڳي ۽ وسيع تحقيق ڪري رهيا آهن، جڏهن ته سنڌي ليکڪن جو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ تعداد پنهنجين تخليقي ۽ ادبي ڪاوشن لاءِ اردوءَ کي اظهار جو ذريعو بڻائي رهيو آهي.

سنڌي قومپرستن، خاص طور تي انتها پسندن،"اسين "۽" هو "ولرو راڳ پوري جوش خروش سان آلاپيو آهي. هو اهو پروڙيندي نظر نٿا اچن ته اهو شوشو سنڌ جي ايڪتا مان ناخوش ماڻهن جو ڇڏيل آهي. سنڌ جي ورهاڱي لاءِ هٺ رهندڙ مختلف برادرين ۾ انهيءَ تصور جي پاڙون جهلڻ

ڪان وڌيڪ بهتر ڪا بي ترڪيب نٿي ٿي سگهي.

انهيءَ تڪراري انداز جو سڀ کان وڌيڪ اپاھو شڪار معروضيت ۽ حقيقتون ڄاڻڻ جو جذبو آهن. سچ ۽ حق يتيم بڻيل آهن ۽ ٻنهي پاسي اڄ جانبدار دعوائون ۽ پنهنجو پاڻ کي لاپ ڏيندڙ هٺ ٺوڪيا قصا راڄ پيا ڪن. جيڪڏهن ترين جي پنهنجي موقف جي حمايت ۽ مخالفت ۾ اختيار ڪيل دليلن کي غور سان جاچبو ته نظر ايندو ته هنن ڄڻ ته پنهنجي سر ٺئي ڪري ڇڏيو آهي ته نوان ۽ پراڻا سنڌي اڄ يا مستقبل ۾ گڏجي رهي نٿا سگهن. ان تي زور پرڻ گهرجي ته اهو نام نهاد نتيجو/تجزيو غلط ۽ غلطفهميءَ تي ٻڌل آهي. اها ڪوتاهه نظري ۽ مصلحت آڏو گوڏا کوڙڻ مثال آهي.

ان کان سواءِ اها اسان جي عوام جي مانيٽي فضيلت ۽ عميق مهذب پٺي جي توهين آهي. هو ڏاهڪن کان ڪنهن هيڪ کان سواءِ انهيءَ نام نهاد نسلي ورچ کان مٿيرا ٿي پنهنجي معصوم خوشين ۽ پيڙائن کي هڪٻئي سان ونڊيندا ورچيندا رهيا آهن. اهو درست آهي ته هاٺوڪن سالن دوران روح ڪنبائيندڙ تاءُ عوامي سطح تي به ناتن کي چيهو رسايو آهي پر اهو دور به گذري ويندو. وقت گذرڻ سان، گڏجي سڏجي رهڻ ۽ ايڪتا وارا پراڻا پيچ ٻيهر جڙي پوندا. ان دوران سرگرم ڪارڪنن ۾ دشمنيءَ جا احساس ايترا گهرا ٿي ويا آهن جو انهن سياسي حيثيتون اختيار ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم جي 18 نڪتن مان اڪثر غلطين جي درستگي ڪرڻ، سياسي وايو منڊل ۾ وڌيڪ نمائندگي ۽ نوڪرين ۾ وڌيڪ حصي بابت آهن پر ان جي ڪجهه مرڪزي نڪتن جون پاڙون بداعتماديءَ ۾ کتل آهن. ايم ڪيو ايم سمجهي ٿي ته جيستائين اقتدار جون واڳون پراڻن سنڌين جي هٿ ۾ آهن، سنڌ ۾ مهاجرن سان مناسب ورتاءُ نٿو ٿي سگهي. ان ڪري گهر ٿي ڪئي وڃي ته سنڌ جي وڏ وزارت ۽ گورنري کي واري واري سان سنڌين ۽ مهاجرن جي حوالي ڪيو وڃي ۽ ترقياتي فنڊ گهوٽائڻ ۽ شهري علائقن ۾ آباديءَ جي تناسب سان ورهايا وڃن.

انهن مطالبن جي گڻن ۽ اوگڻن ۾ وڃڻ کان سواءِ ٿي، هت اهو

پروڙڻ ضروري آهي ته اهي مخالفت پريل ذهنن مان جاري ٿيل آهن. اهو طئي ڪيو ويو آهي ته سنڌي ۽ مهاجر ساڳي ٿالهيءَ مان کائڻ جي باوجود نه رڳو هن مهل هڪٻئي جون مخالف ۽ ڪوهين ڏور برادريون آهن، پر مستقبل ۾ به اهوئي سلسلو جاري رهندو. ان ڪري، نسلي مفادن جي تحفظ لاءِ رسمي بچاءُ ضروري آهي. ڇا اها ڳالهه مناسب، باجواز ۽ عقل پري آهي؟

ان تي متفق به ٿجي ته اڄوڪي ورهايل سياست ۾ ڪو سنڌي يا مهاجر سامهون واريءَ ڌر لاءِ انصاف پريو ۽ معتدل نٿو ٿي سگهي، پر هيءَ معاملن جي فطري يا عام حالت ناهي. عام حالتن ۾ انسان هڪٻئي ڏانهن رحمدلي ۽ پنهنجائپ جو مظاهرو ڪندا آهن. جيڪڏهن اوهان کي ڪو ماڻهو پسند آهي ته پوءِ ان جي نسلي، ٻوليوار يا علائقائي پسمنظر جي پرواهه نه ڪندو. ناپسند هئڻ جي ڏس ۾ ماڻهو پنهنجي سگهي پاءُ کي به ناپسند ڪري سگهي ٿو.

مهاجرن طرفان مستقبل ۾ عليحدگي ۽ فاصلي جي پت اڏڻ واري ترجيع دوران اسان کي هڪ گهايل ماضيءَ جي بار هيٺان دٻيل سنڌي ٿا نظر اچن. ان حقيقت کان ڪو انڪار ناهي ته سنڌين پاڪستان جي پهرين ڏهاڪن دوران انتهائي گهرا گهاو پرايا. هو مهاجر سياستدانن ۽ ڪامورن جي فاتحاڻي سوچ ۽ سازشي پاليسين کي ان عذاب جو گهڻي ڀاڱي ذميوار ليکين ٿا. سنڌن الزامن جي حقيقي يا غير حقيقي هئڻ واري معاملي کي هڪ پاسي رکندي، ڇا سنڌين کي ماضيءَ جي غلط ڪارين جو الزام اڄ مهاجرن جي هاڻوڪي نسل تي ٿرڻ جڳائي ٿو؟

سنڌي پراڻي متحد پاڪستان جي هڪ ڏکدائڪ اڀاڳ کان ڪن تار ڪندي نظر ٿا اچن. نه رڳو سنڌ پر سڄي قوم، تنهن وقت ۾، ڪن ماڻهن کي ڇڏي باقي اهڙن اڳواڻن جي رحم ڪرم تي هئي، جن جي سياست، آئيني قانون، سماجيات، تاريخ ۽ انساني ناتن واري علم ۾ ڪا ڄاڻ/ پاڙ نه هئي. اهوئي سبب هو جو انهن ڏاهن مان هڪ وفاقي رياست ۾ ون يونٽي طرز جي حڪومت مڙهيندي ديرئي نه لڳائي.

پنهنجي سر پاڻ ان کي مڙهيندڙ انهن اڳواڻن کي پڪ هئي ته

پاڪستان لاءِ بهتر ٿا آهي. اهو اسين ٿاڻون ٿا. پنهنجو ڀاڻ تي اعتماد وارو انهيءَ ٻي خودي؛ ۾ هنن سنڌين جي حقن بابت ويچارڻ جي زحمت ئي گوارا نه ڪئي. هنن نه پاڪستاني قوميت جا بنياد وجهڻ واري پنهنجي بنيادي ذميواريءَ جو پوراٿو به نه ڪيو، نه رڳو اهو پر هو اٿاٿائي ۾ انهيءَ لاءِ موجود سمورا اهڃاڻ به ميساريندا ويا. ٿاڻن يا پروڙڻ کان سواءِ، انهن پراڻي بور جي بندوقن سان پهرين ملڪ جي دڪدائڪ ٽوڙ ڦوڙ جا ٻج ڇٽيا ۽ پوءِ بيوقوفيءَ سان ان کي ريج ڏيندا رهيا.

اهڙن ڪلور ۽ گمراهه حاڪمن جي ڏنل ماضيءَ ورن گهاون کي هاٺوڪي سنڌ جي وحدت مٿان ڪاري ڪارونڀار مڙهڻ جي اجازت ڏيڻ غيرمناسب ۽ وسيع نظريءَ جي ابتڙ ليکبو. ساڳيءَ ريت، انهن پيانڪ پيڙائن کي ياد ڪرڻ به توهين آميز ٿيندو.

هت ڀ اهر مامرا آڏو آهن: سڄاٿپ جو مامرو ۽ معاشي موقعن جو مامرو. سڄاٿپ جي حوالي سان مون کي ڪراچيءَ ۾ ٿيل ٻوليوار فسادن کان ڪجهه مهينا پوءِ آگسٽ 1972ع ۾ ٿيل هڪ ڳالهه ٻولهه ياد ٿي اچي.

مرحوم رسول بخش ٽالپر سنڌ جو گورنر هو ۽ آءٌ سنڌس سيڪريٽري هوس. هڪ شام جڏهن آءٌ سنڌس چنمبر ۾ داخل ٿيس ته ڪيس انتهائي ڏيان سان هڪ اخبار پڙهندي ڏٺم. ڪيس سلام ڪري هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. جڏهن پڙهي پورو ڪيائين ته پڇيومانس ته ڪهڙي ڳالهه ايترو گهڻو سنڌس ڏيان ڇڪرايو آهي؟ هن هڪ اردو اخبار منهنجي حوالي ڪندي ان ۾ شامل رئيس امروهيءَ جي شاعري پڙهڻ لاءِ چيو. ان جو پيغام رسائڻ لاءِ انهيءَ نظم مان ٿي شعر هت ورجايان ٿو:

مجبور ہر انجمن میں ہیں ہم لوگ
اپنوں میں جلاوطن ہیں ہم لوگ
خود اپنے شعور جاں سے ملبوس
بے پیکر و پیرہن ہیں ہم لوگ
ہر عہد کی شہریت سے محروم
ہر شہر میں بے وطن ہیں ہم لوگ

جڏهن پڙهي پورو ڪيم ته مير صاحب منهنجا تاثر ڄاڻڻ چاهيا. وراڻيم ته اها سگهاري شاعري آهي. هن چيو" منهنجا لفظ ياد رکجان، وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اڙدو ڳالهائيندڙن ۾ بي وطنيءَ جو احساس وڌندو ويندو ۽ هڪ ڏينهن ايندو جڏهن اهو احساس پاڪستان جو سڀ کان وڏو مسئلو بڻجي ويندو. "ايمانداريءَ جي ڳالهه آهي ته ان وقت مون ليکيو ته اهو به هڪ سياسي بيان آهي، جيڪو سياستدان ڏيندا رهندا آهن پر آگسٽ1986ع کان وٺي ڪو اهڙو هفتو نه لنگهيو هوندو جنهن ۾ اها ڳالهه پولهه ياد نه آئي هونديم.

اڙدو ڳالهائيندڙن پاڪستان کي ننڊي کنڊ جي مسلمانن جي ديس طور پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو نه ٿي سگهيو. 1951ع واري شهريت واري ايڪٽ ان جي نابري ٿي واري. ان کان پوءِ هنن پنهنجو پاڻ کي هن ملڪ جي حوالي سان رڳو پاڪستاني ٿي ليکيو. اوڀر پاڪستان جي عليحدگيءَ اهو بنياد به ختم ڪري ڇڏيو. اڙدو ڳالهائيندڙن جي هڪ وڏي تعداد کي ان حصي مان ڌاريو قرار ڏئي نيڪالي ڏني وئي. ان کان پوءِ هنن سنڌي ٿيڻ چاهيو. 1973ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي آفيسرس گئلريءَ مان اسيمبلي ڪاروائي ڏسڻ وارو اهو ڏينهن مون کي چڱي ريت ياد آهي جڏهن مرحوم ظهور الحق پوپاليءَ مخالف ڌر جي بئنچن تان اٿندي چيو هو ته" اسين نوان سنڌي آهيون" ته هڪدم سرڪاري بئنچن تان هڪل گونجي هئي: "توهين سنڌي ناهيو. پناهگير آهيو."

مهاجرن ۾ هر هر ڌڪارڻ جا اهي سمورا احساساتي ۽ ڏکوئيندڙ اڌما 1970ع، 1980ع ۽ 1990ع وارن ڏهاڪن دوران لکيل شاعري، ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ واضح طور تي ملن ٿا. هلندڙ سال ئي شائع ٿيل انتظار حسين جو نئون ناول" آگے سمندر ہے"مهاجر نفسيات ۾ اڄڪلهه طوفان پيدا ڪندڙ جذباتي تڪرارن کي مناسب طور ڇنڊي ٿو.

هاڻ اچو ته معاشي موقعي واري مامري تي نظر وجهون. ڪراچيءَ جي وفاقي راڄڌانيءَ طور چونڊ ۽ ورهاڱي مهل هتان هندن جي لڏپلاڻ هڪ بي مثال معاشي ترقيءَ جا در کولي ڇڏيا. سنڌي مسلمانن مان ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي ان ڇتاپيٽيءَ ۾ شامل هئا. ڪيترائي سنڌي قومپرست چون ٿا ته سنڌين سان پهرين ڏينهن کان مت ڀيد ڪيو پيو وڃي. هو غلط آهن.

تصور ڪريو تہ 1947ع ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ها تہ سموريون نوڪريون سنڌين کان سواءِ ڪنهن کي بہ نہ ڏنيون وينديون تہ آءٌ نٿو سمجهان تہ ڪو رڳو وفاقي سيڪريٽرين جا عهدا پرڻ لاءِ ني ڪي مقامي اميدوار ملي سگهن ها. پاڪستان کان اڳ، سنڌ جو لڳ ڀڳ سمورو وچولو طبقو هندن تي ٻڌل هو. جيئن تہ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو مذهب جي بنياد تي ٿيو، تنهنڪري آزاديءَ کان پوءِ منجهانئن اڪثر هتان لڏي ويا.

هت مڪمل خلا هو. ان پارت مان انڊز پناهگيرن جي نہ رڳو نوڪرين ۾ پر وفاقي راڄڌاني ۾ ان جي اوسي پاسي پيدا ٿيندڙ معاشي موقعن تي هڪ هٽيءَ جي راهہ هموار ڪئي. هن مضمون جي موضوع جي حوالي سان هڪ نڪتي تي زور ڀرڻ جي اشد ضرورت آهي. اها هڪ هٽي تاريخي توازن جي تبديليءَ سبب پيدا ٿي. اها لڏپلاڻ ڪري آيلن جي چالاڪين يا حرفتن جو نتيجو ناهي ۽ جيڪڏهن منجهانئن ڪن فاتح سامراجين وانگر ورتاءُ رکيو، تڏهن بہ سڄي برادريءَ خلاف مستقل طور تي ڪات کهاڙا نٿا ڪڍي سگهجن.

هڪ هٽي ڏانهن موٽجي تہ اهو درست آهي تہ تعليم ۽ واپار وڻج ۾ اڳتي هئڻ ڪري لڏ پلاڻ ڪري آيلن ان مان مناسب لاڀ پرايو. ڪانپور کان ڪراچي پهچڻ جي ٻئي ڏينهن ئي ڪنهن نہ ڪنهن سرڪاري اداري ۾ روزگار ملي ٿي ويو. جيڪڏهن ڊگري هٿ ۾ نہ بہ هئي تہ مولوي عبدالحق جهڙي ماڻهو طرفان انهيءَ تصديق کان پوءِ تہ سندس چاڻ موجب اهو شخص قانون ۾ گريجوئيٽ آهي تہ چيف ڪمشنر نقويءَ تحت ڪراچيءَ جي انتظاميا ۾ ايڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ جي نوڪري ملڻ ممڪن هئي. اها هڪ هٽي بہ ڏهاڪا ڪن جاري رهي ۽ طويل مدتي سياسي ۽ ٻين نتيجن واري پنهنجي قوت ۽ رفتار قائم ڪيائين. ان سڄي عرصي دوران واحد صدمي پريو جهٽڪو وفاقي راڄڌانيءَ جي اسلام آباد منتقلي هو، پر اهو جهٽڪو بہ ڪنهن وڏي هاڃي کان سواءِ برداشت ٿي ويو، ڇاڪاڻ جو اهو 1960ع واري ڏهاڪي دوران ان وقت پيش آيو، جڏهن سنڌ، خاص طور تي ڪراچي، ترقيءَ جي سونهري ڏهاڪي دوران پنهنجي عروج تي هئي.

هاڻ ڇا ڪجي؟

1980ع واري ڏهاڪي کان وٺي سنڌ ۾ وڏي اهڃاڻ وارين ڪجهه سماجي تبديلين اچي رهيون هيون. 1960ع 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ ملڪ جي اترين علائقن کان ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ پورهيتن جي لڏپلاڻ ٿي رهي هئي. انهن ڏهاڪن سنڌي مسلمانن جي هڪ ننڍي وچولي طبقي جي اُڀرڻ جو پڻ مشاهدو ڪيو. هنن معاشي لاڀ مان پنهنجي حصي لاءِ واڪا ڪرڻ شروع ڪيا.

ان کان پوءِ هڪ اوچتي تبديلي آئي، هڪ ٿونڊاڻيندڙ ۽ پاڳ جي ختم نه ٿيندڙ موت. ان جي شروعات پهرين جولاءِ 1970ع تي ٿي، جڏهن ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ سنڌ صوبو بحال ٿيو. 1948ع کان پوءِ پهريون ڀيرو سنڌ حڪومت ڪراچيءَ تي انتظامي اختيار حاصل ڪيو. نئين قائم ٿيندڙ سنڌ حڪومت جي شروعاتي قدمن مان هڪ ڳوٺاڻي ۽ شهري بنيادن تي ڪوٽا سسٽم لاڳو ڪرڻ هو. ٿوري ئي عرصي ۾ اوڀر پاڪستان ڌار ٿي ويو جنهن ٻن ڏهاڪن ۾ ٻيو ڀيرو لکين اردو ڳالهائيندڙن کي ملڪ بدر ڪيو. يحيٰ شاهيءَ جي خاتمي پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مرڪز ۾ هڪ سنڌيءَ جي اڳواڻي ۾ حڪومت قائم ڪرائي.

ان کان پوءِ قومي ملڪيت جو پهريون جهٽڪو آيو. ان سان گڏوگڏ، سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي (ياد رهي ته سنڌ ۾ رهندڙ مهاجرن 1970ع وارين چونڊن ۾ پيپلز پارٽيءَ کي رد ڪري ڇڏيو هو). هڪ ڳوٺاڻي ۽ نئين اڳواڻ ان حڪومت جي سربراهي ٿي ڪئي. هن سنڌين ۾ پنهنجي ڌار تڪ ڏاهڻ واري پنهنجن آدمن کي قطعي نه لڪايو. انهن آدمن جي موهه ۾ هن حالتن جو اپياس ڪرڻ کانسواءِ ٻولي بابت بل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو. (ان جو نتيجو تشدد ۽ رتوڇاڻ جي صورت ۾ نڪتو) مهاجرن جي انهيءَ صدمي کي سهڻ کان اڳيئي 1974ع جي نئين سال جي تحفي طور قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو ٻيو جهٽڪو آيو.

ٻين اوڳڻن سان گڏوگڏ قومي ملڪيت ۾ وٺڻ واري عمل بينڪن، انشورنس ۽ جهاز رانيءَ جي ڪمپنين جهڙن روزگار ڏيندڙ اهم ادارن جي

سربراهي ڪراچي سان تعلق رکندڙ اڄرن ڪان وفاقي ڪامورن ڏانهن منتقل ڪئي ۽ آخر ۾ ضيا شاهيءَ جو ڪارو ۽ آپيشاهانو راڄ آيو. سنڌس راڄ جي سموري عرصي دوران ڪراچيءَ جي واپارين ۽ صنعتڪارن جي مفادن کي ليڪو ڏيندڙ معاشي، مالياتي قرضن ۽ ٽالي وارين پاليسين جوڙيون ويون. ان ڪانسواءِ سنڌ ۾ موجود سمورن وفاقي ادارن پڻ ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، جن کي هلائيندڙن جو هتان سان نه جيترو به تعلق نه هو.

معاشي ۽ سياسي طور تي اهي اثرانداز واقعا ٿورڙي ئي عرصي اندر پيش آيا. انهن جو حتمي نتيجو اهو نڪتو جو انهن مهاجر حواسن کي چڱو خاصو ضربي چاڙهيو ۽ اهو سڀ ڪجهه ايترو تڪڙو ٿيو جو صورتحال ڏانهن سوچ ويچار، صبر تحمل ۽ عقل پرڻو رويو اختيار ڪرڻ جو موقعو ئي نه ڏنائين. هو انهيءَ ناموافق اوندهي ۽ هاڃيڪار طوفان جي سامهون فقط بي ساخته ۽ جذباتي رد عمل تي ظاهر ڪري پئي سگهيا. ڪاوڙ ۽ بحران وچان هنن جماعت اسلامي ۽ جمعيت العلماء پاڪستان سان تعلق رکندڙ پنهنجن روائتي اڳواڻن کي ڌڪيندي، الطاف حسين ۽ ايم ڪيو ايم کي انتهائي پنهنجائپ ۽ جوش خروش سان ڳلي لڳايو" مهاجر پاور، سپر پاور "جهڙي هڪتاليندڙ نعري ڪين هرڪايو. مهاجر ذهن (جيڪو ڌڪارجڻ ۽ ڌڪاڻن جو شڪار هئڻ سان ڏڙيل هو) جي حالت تي ٺيڪ طريقي سان اظهار ڪندي ايم ڪيو ايم ڪلهي عام نسل ۽ پنهنجي ڌار وجود جي ڳالهه ڪئي. ان جي ويڙهاڪن ۽ تلخ لهجي وارن، مهاجر نوجوانن جي دلين ۽ دماغن ۾ احتجاج، مٺ پيڊ ۽ فخر جي جذبن جي دونهين دکائي.

ڪجهه ماڻهو اڄ ۾ تا پون نه مهاجر مسئلو آهي ڇاءِ سنڌن صورتحال ڪنهن به سماجي ۽ معاشي اهڃاڻن ذريعي ڪاٿو لڳائڻ جو بهترين مثال آهي. پاڪستان ۾ سنڌن نه رڳو سڀ ڪان وڌيڪ في ڪس آمدني آهي ۾ وڌن والرسيلاءِ، پاڻي، بجلي، گئس، ٽيليفون (پاڪستان جا ٽاسيڪلو ڪان وڌيڪ فون رڳو ڪراچيءَ ۾ لڳل آهن) سڀ ڪان وڌيڪ ۽ ڊگها پڪا رستا، شرح خواندگي، في هزار ماڻهن ۾ گريجوئيٽ، شاگرد، استاد، ڪلاس روم تناسب، مريض، ڊاڪٽر ۽ آبادي، اسپتال جي بسترن جو تناسب سڀ ڪان وڌيڪ آهي. وڌن رستن تي هلندڙ گاڏين جي پڻ باقي

ملڪ کان تمام گهڻي وڌيڪ شرح آهي.

درست، پر ان ۾ اهو چاڻايل ناهي ته هڪ وقت اهڙو به رهيو جڏهن پارت کان لڏپلاڻ ڪري آيل انهن سهولتن مان سڀ کان وڌيڪ لاڀ پرائيندا هئا. اهو حصو هاڻ گهٽجي رهيو آهي. ڪي ڊي اي اسڪير1، ڪلفٽن ۽ ڊفينس جهڙن پوش علائقن ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت نه رهي آهي. اهڙيون نسبتي محروميون، خاص طور تي جڏهن تناسب توهان جي خلاف وڃڻ ٿي وڃي، گهرا نفسياتي ۽ احساساتي مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿيون. اهڙي صورتحال سمجهڻ ۽ ڪِهل ڪرڻ جي گهرجائو آهي.

ٻئي پاسي پنهنجا اڻ ڳڻيا گهاو پريندڙ سنڌي آهن. سنڌي نوجوانن ۽ دانشورن جو هڪ سڄو سارو نسل ڪي پاڻ سان ٿيندڙ وساهه گهاتيءَ ولري احساس هيٺ گهاري رهيو آهي. هو پنهنجي زمين وڃائي چڪا آهن، پنهنجي ٻولي وڃائي چڪا آهن، پنهنجي خودمختياري وڃائي اٿن ۽ پنهنجي ثقافتي حيثيت وڃائي چڪا آهن. هو سنڌ جي آباديءَ ۾ ٻين جي پيٽ ۾ پنهنجي اڪثريت وڃائڻ جي ڪنڌيءَ تي آهن. هو روزانو پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي ورهاڱي جا واڪا ٻڌن. بالادستي ۽ فنا جي راڪاس جي لاماري هيٺان، هو هر سال سنڌيءَ ۾ مزاحمتي ادب تا تخليق ڪن پر ٻين پاڪستانين کي ان جي نه ڪا خبر آهي ۽ نه ئي پرواهه. بس جڏهن 1983ع ولري ايم آر ڊي تحريڪ يا 30 سيپٽمبر 1988ع تي ٿيل ديوانگيءَ جهڙا ڌماڪا ٿين ٿا ته پاڪستان يا دنيا سنڌ جيءَ هاجي جو ڪو نوٽيس وٺي ٿي. پوءِ حل ڇا آهي؟ ايندڙ فقرن ۾، رسمي يا غيررسمي طور تي عوامي اجتماعن ۾ پيش ٿيندڙ حلن جو تفصيل سان تجزيو ڪبو. ان کان پوءِ آءٌ پنهنجي طرفان هڪ حل پڙهندڙن جي غور لاءِ پيش ڪندس.

رٿيل حل گهڻي ڀاڱي هيٺين ڇئن متبادلن يا انهن جي ملاوٽ تي ٻڌل آهن:

(1) رياستي نظام ۾ عهدن جو نسلي بنيادن تي تعين.

(2) ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشنن ۽ سنڌ جي ٻين شهري مرڪزن جي مڪاني حڪومتن کي اختيارن جي منتقلي، جنهن کان پوءِ مڪاني ادارن جون چونڊون.

(۳) مهاجر صوبو ڪاهي واسطي سنڌ جو ورهاڱو ۽

(۴) هڪ ڌار ۽ آزاد ساحلي رياست.

پهرين متبادل جو سڀ کان وڏو هاڃو اهو آهي ته اهو هالوڪي تقسيم در تقسيم کي اجاڳين وڌيڪ گهرو ڪندو اهو مستقبل ۾ سنڌ اندر ڳنڍجڻ جا سمورا در بند ڪري ڇڏيندو. جيتوڻيڪ اهو هالوڪي ٽيڪ مان نڪرڻ جو هرڪاڻيندڙ ۽ عملي رستو ٿو لڳي، پر اهو پنهنجي بنياد ۾ ورهائڻ وارو رستو آهي. ٻوليائي ۽ شهري بنيادن تي ڪوٽا سسٽم متعارف ڪرائڻ مهل ڪيترن ئي اڙدو ڳالهائيندڙ تجزيي نگارن ان جو آڌرڀاءُ ڪيو هو سندن خيال هو ته ان سان اختلاف ٽيرجي ويندا ۽ ٻنهي ڌرين ۾ ويجهڙائپ پيدا ٿيندي، پر وقت ان جي ويڇا وڌائيندڙ ڪردار کي وائکو ڪيو. (ڇاڪاڻ ته رڪندڙ پڙهندڙن لاءِ واضح ڪجي ته اهو سرشتو پيپلز پارٽي جي پهرين حڪومت نه پر سنڌ جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل رحمان گل سڀ کان پهرين متعارف ڪرايو هو).

ان نڪتي جو هڪ ٻيو حوصلي شڪن پهلو ٻين هنڌن تي ان جي خراب ڪارڪردگي آهي. ان لبنان ۾ ڪو ٻوٽو نه ٻاريو. اهو نسلي ٽڪرلو نه ڇا، علائقائي ٽڪرلو نبيرڻ ۾ ڪو گهڻو ڪامياب نه رهيو آهي. ان کان سواءِ اهو هڪ پوشيده ورهاڱو آهي. جيتوڻيڪ اهو سنڌ کي مادي لحاظ کان ته نه ورهائيندو پر اهو سنڌي معاشري ۾ هالوڪن ورهاڱن کي ادارتي روپ ضرور ڏيندو ڪجهه حوالن کان عملي ورهاڱن کان به وڌيڪ خطرناڪ سماجي ورهاڱا ٿين ٿا، جيڪي دوا درمل کان سواءِ ماس کپيو ناس ڪن.

ٻيو متبادل انتهائي گهربل ۽ جوڳو حل آهيندي نظر ٿو اچي. نه رڳو سنڌ ۾ پر پاڪستان جي سمورن ميٽروپوليٽن مرڪزن ۾ شهري حڪومتن کي جديد طرز تي اختيار وسيلن جي فوري ضرورت آهي. ٻين لاڀن سان گڏوگڏ، شهري حڪومتن جو متعارف ٿيڻ وڌندڙ هيٺئين وچولي طبقي جي سياسي ۽ معاشي قوت جي اڀرندڙ حقيقت کي پڻ پنهنجي اندر سموئيندو اهو شهري مسئلي واري خطري کي ٽاري سگهي ٿو. ان ڪري اصولي طور تي انهيءَ متبادل کي نسلي، نظرياتي ۽ جماعتي وابستگين

۽ ثقافت جا فخر ڀريا گڻ رهيا آهن. اهو عمل گذريل پنجن ڏهاڪن دوران سنڌين جي راهن ۾ آيل انيڪ رڪاوٽن هوندي به سنڌ ماڻيل ڪجھ سماجي، سياسي ۽ معاشي لاڀن جا بنياد سگھارا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. اهي واجبي لاڀ تعليم، شهري پٽي، ڳوٺاڻن علائقن ۾ خام بنيادي ڍانچي، سياسي شعور ۽ تنظيم ڪاريءَ ۽ ڪنهن حد تائين سماجي ۽ ثقافتي ڪاياپلٽ سان لاڳاپيل آهن. اهي سمورا لاڀ اڃا تائين اڻ پختا آهن ۽ انهن کي سگھارو بنائڻ جي ضرورت آهي.

ٽيون نه سرچاءُ وارو رستو ايم ڪيو ايم کي پنهنجو ڪجھ ڳرو بار لاهڻ جو پڻ موقعو مهيا ڪندو. ايم ڪيو ايم جي حڪمت عمليءَ جا پهلو غير حقيقي رومانويت ۾ پيوست آهن. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم جي اندر کي کوٽبو ته ان ۾ پاڪستان جي پهرين ٻن ڏهاڪن دوران هندستان کان لڏپلاڻ ڪري آيلن کي حاصل مراعتن جي بحاليءَ جي سڌ لڪل نظر ايندي. جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، مراعتن واري اها صورتحال ڪن تاريخي توازنن تي آڌاريل هئي. اهي توازن هاڻ بدلجي چڪا آهن. فطرت ۽ تاريخ) جوهڪ انتهائي اڻ مٽ قانون مسلسل تبديلي ۽ رواني آهي. شين ۽ حالتن جي سدائين ساڳئي رهڻ واري خواهش تي ٻڌل پروگرام جوڙڻ هڪ نقص ڀري حڪمت عملي آهي. اها تاريخ جو چرخو روڪڻ واري خواهش ليکبي. اها فضول رت آهي.

هڪ متحد سنڌ جا امڪان ايم ڪيو ايم کي پنهنجي رومانويت مان جان ڇڏرائڻ جو سونهري موقعو فراهم ڪن ٿا. ٻين شين سان گڏوگڏ اهي مهاجرن کي پنهنجي مڪمل ست کي سنڀارڻ تي وڌل سموريون زنجيرون ڇني ڏيندا. هڪ واضح ۽ حقيقت ڀرئي دماغ ۽ سوچ ۾ ايم ڪيو ايم اهڙن امڪانن جو ڀرئي ڀاڪرن آڌرڀاءُ ڪندي.

سنڌي دانشورن کي به ماضيءَ جي ناانصافين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل پنهنجن ڪجھ تعصبن ۽ مت ڀيدن مان جان ڇڏرائڻي پوندي. اهڙا آزاد ۽ کليل ذهن آزاديءَ کان وٺي وڏين آبادڪارين ۽ سماجي تبديلين کي سولائي سان تسليم ڪندا. انهن تبديلين کي مدنظر رکندي، هاڻ ڪو به سنڌ کي ان جي پراڻن رهواسين لاءِ ئي مخصوص نٿو بڻائي سگھي.

حقيقت ته اها آهي ته مخصوص پڻو سنڌ جي تاريخي روائتن جي بنهه ابتڙ آهي.

خود اڄ به سنڌي معاشري جو انتهائي جذباتي ۽ قابل اطمينان پهلو سنڌين طرفان پنهنجو سمورو ثمر ونڊڻ ورڇڻ آهي. سنڌ سدائين نون ايندڙن جو آڌرڀاءُ پئي ڪيو آهي، بس رڳو هو به ان ڪي پنهنجو بنائڻ لاءِ سچي خواهش جو اظهار رکندڙ هجن. سنڌي تاريخ ۽ ثقافت جو اهو واحد پهلو آهي جيڪو سنڌي نوجوان ۽ دانشور سنڌ جي مستقبل جي ڳري قيمت تي نٿي فراموش ڪري سگهن ٿا.

هاڻ اچو ته هڪ مختلف پر لاڳاپيل نڪتي ڏانهن وڌون. مون1977ع کان وٺي بينظير ڀٽو جي سياسي واڌ ويجهه جو ڌيان سان مشاهدو ڪيو آهي. هوءَ سياسي فيصلا ڪرڻ ۾ تيز ۽ حساس ثابت ٿي آهي. بهرحال آءُ اها ساڳي ڳالهه سنڌ جي نسلي مسئلي ڏانهن سندس موٽ/ورتاءُ بابت نٿو چئي سگهان. هو مهاجر احساسن جي گهرائپ کي مڃتا ڏيڻ ۾ انتهائي ناڪام رهي آهي. هوءَ اقتداري سياست واري راند جي ضابطن بابت پڻ حيرت انگيز طور تي غير حقيقت پسند رهي آهي.

صورتحال جي مجبوري

پنهنجي سوچ موجب، مهاجر هن وقت پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ جي بچاءَ ۽ معاشي مراعتن (سندن موجب حق) کي درپيش خطرا ٽارڻ لاءِ زندگي ۽ موت واري جدوجهد ۾ رڌل آهن.

اهڙي ذهني سوچ ۾ ورتل ڪنهن برادريءَ سان منهن ڏيندي، حساسيت، ادراڪ ۽ ڪهل جو مظاهرو ڪرڻو پوندو آهي. مدبر اهڙي قسم جي صورتحال ۾ ذهين حرفتون استعمال نه ڪندا آهن، پر حڪومت اهوئي ڪجهه ڪندي پئي رهي آهي.

ان کان سواءِ، بينظير جهڙي پڇي راس ٽيل ۽ اڪثر ڏمرجي شڪار سياستدان کي اهو سولائي سان سمجهڻ گهرجي ته مهاجرن پنهنجو هاڻوڪو بي مثل سياسي اتحاد، سماجي ٻڌي ۽ تنظيمي اثر انگيزي رت ۽ ڳوڙهن جي صورت ۾ وڏي قيمت ادا ڪري حاصل ڪيا آهن. انتظامي

کان متبرو ٿيندي معاشري جي هر حصي مان حمايت ملڻ گهرجي.
بهرحال انجي تڪڙي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪجهه ڪندا نظر اچي سگهن ٿا. جيڪڏهن ان تي رڳو سنڌ ۾ ئي عمل ٿيو ته اهو سنڌين ۾ ويساهه گهاتي؛ واري احساس کي اجا وڌيڪ وڌائيندو. هو ان کي سنڌ حڪومت جي قيمت تي مهاجرن لاءِ ترجيحي ورتاءُ ۽ مستقل مراعتن جو هڪ وڌيڪ مثال ليکي سگهن ٿا. انهيءَ تصور کي زائل ڪرڻ لاءِ شهري حڪومت واري تصور کي قومي سطح تي رائج ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد وانگر اچ شهري حڪومتن جي لاهور، فيصل آباد، ملتان، شايد پشاور ۾ به اوتري ئي ضرورت آهي. سياسي حقيقتن جي حوالي سان، هاڻوڪي حڪومت ان معاملي کي اوستائين ڇهڻ کان ڪيپائيندي جيستائين پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جا ناتا اجوڪي صورتحال ورا رهن ٿا. انهيءَ مناسب تجويز جي حمائتين کي گهرجي ته هو پنهنجي سگهه ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽيءَ جا تعلقات بهتر بنائڻ تي ڪتب آڻين. پر جيڪڏهن انهيءَ سڄي ڳالهه جو مقصد حڪومت کي سوگهو ڪرڻ آهي ته پوءِ اسين امن جي ڳالهه نه پر سامهون واريءَ ڌر تي تکي چاڙهڻ جي ڪوشش پيا ڪريون.

مهاجر صوبي وارو نعرو اڄ سيني نه ته به گهٽ ئي مهاجر دلين جو آواز بڻيل آهي. هو ان کي پنهنجي مسئلي جو مناسب ترين حل سمجهن ٿا. پر اهو جذباتي اپار انهيءَ خوشفهميءَ سبب پيدا ٿيل آهي ته مهاجر سنڌ جي هڪ حصي ۾ تمام وڏي اڪثريتي آبادي آهن. آدم شماريءَ جا انگ اکر انهيءَ هام جي پٺڀرائي نٿا ڪن. ان ريت مردم شماريءَ جي انگن اکرن کي للڪار درپيش آهي.

مڪمل ايڪتا/انضمام جواب آهي

دليل طور اهو مڃجي ته اڄ سنڌ جي هڪ حصي ۾ مهاجرن جي اڪثريت آهي، پر ان جي ڪهڙي ضمانت آهي ته اها مستقبل ۾ به برقرار رهندي؟

سنڌ جي مهاجر آباديءَ وارن علائقن ۾ پاڪستان جي باقي حصن

ڪان انفرادي قوت جي ڪنور ۽ بي روڪ آمد جو سلسلو جاري رهندو. مهاجرن جي مهاجر صوبي ۾ اقليت ۾ پوڻ جي صورت ۾ ڇا ٿيندو؟ آباديءَ سان لاڳاپيل اهي ڳڻتيون هڪ پل لاءِ پاسي تي ڪندي، اچو ته مهاجر صوبي جي امڪانن کي خود ان جي ڳڻن جي حوالي سان ڏسون. انهيءَ صوبي جو ڀيريون تحفو اڙدو ڳالهائيندڙن ۽ گجراتي ڳالهائيندڙن وچ ۾ تفاوت جو ظاهر ٿيڻ هوندو. هو مختلف ثقافتي پسمنظرن ڪان آيل آهن.سندن معاشي ۽ سياسي مفاد انيڪ حوالن ڪان هڪٻئي سان ٽڪراءُ ۾ ايندا. هو سمورو وقت ننڍن ۽ وڏن معاملن ۾ هڪٻئي جي مدمقابل هوندا.

ان ڪانسواءِ، سنڌ ڪان ڌار ٿيڻ تي، مهاجرن کي پنجابي ۽ پٺاڻ آبادڪارن سان پنهنجي سر جهيڙڻو پوندو. پنجابين سان مڪاميل ٿيندي، ڪين واپاري سرگرمين ۾ وڌيڪ سگهاري معاشي حيثيت ۽ نوڪرين والري شعبي ۾ بهتر پڙهيل ڳڙهيل ۽ اعليٰ اهليت رکندڙن سان ڇنا ڀيٽيءَ ۾ اڇٽو پوندو. جفاڪش پٺاڻن جي ڏس ۾، ڪين پورهئي سان لاڳاپيل صنعتن ۾ پنهنجي هڪ هٽيءَ تان هٿ ڪٽڻو پوندو. وقت گذرڻ سان، پنجابي ۽ پٺاڻ ثقافتي ۽ سماجي جيوت جي ڏس ۾ پڻ پنهنجو حصو گهرندا. مهاجر صوبي ۾ اهي لڙائيون ڪندي، پنجابي ۽ پٺاڻ پنهنجي سگهه تي ٿي نه ياڙيندا پر هو وفاقي سطح تي پنهنجي اثر رسوخ کي به ان ۾ شامل ڪندا.

ٿيون ته مهاجر صوبو هن وقت اندرون سنڌ ۾ ٽانيڪن مهاجرن کي بي دخل ڪندو يا سندن روزمره والري زندگيءَ کي جهنم بڻائي، ڪين هڪيرو ڀيهر لڏپلاڻ تي مجبور ڪندو.

ڪو به عام ذهن رکندڙ تجزئي نگار به اهو نتيجو اخذ ڪري سگهي ٿو ته مهاجر صوبو سجاٽپ يا معاشي موقعن والرن مسئلن کي حل نٿو ڪري سگهي. مهاجر صوبو سنڌين کي پاڪستان خلاف سدائين لاءِ تلخ بڻجڻ جو پڪ سان هر صورت ۾ اهتمام ڪري سگهي ٿو. سنڌي ان پاڪستان لاءِ پنهنجي کهڙي وفادلري ڏيکاريندا، جيڪو پنهنجي بقا لاءِ سندن آڳاٽي ماترڀوميءَ جي ورهاڱي تي انحصار ڪندو هجي؟

هاڻ ان جي حل والري حصي ڏانهن ٽا اچون. اهو انتهائي سادو پر ان

هوندي ۽ اڳتي وڌائڻ انتهائي ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ جو اهو ڪيترن ئي سگهارن مفادن ڪي ضربي ٿو. ان هوندي ٻه، اهو سامهون آڻڻ ٿو چاهيان، ڇاڪاڻ جو منهنجو ايمان ۽ ويساهه اهو آهي تہ ابتدائي نامنظوري ۽ ڪان پوءِ سموريون تريون ان مان ڪي چڱايون پروڙي سگهن ٿيون. جيڪڏهن ڀاڱ ساٿ ڏنو تہ اهو هاٺوڪي تعطل کي ختم ڪري سرچاءَ جا در کولي سگهي ٿو. تجويز اها آهي تہ اسان کي هڪ رسمي طور تي قبول ڪيل ٻن ٻولين، گهڻ ثقافتي پر مڪمل طور تي متحد سنڌ والي تصور کي اختيار ڪرڻ گهرجي. ثقافتي ۽ ٻوليولر تنوع کي پوري جذبي سان وڌي واڪ مڃتا ڏيندي تعليمي ادارن، سرڪاري آفيسن ۽ سرڪاري سڏسماءُ جي ذريعن ۾ اهميت ڏجي. بهرصورت، سنڌ کي پنهنجو مستقل ٿاڪ بڻائيندڙ ماڻهن جي مختلف گروهن ۾ ڪي بہ آئيني، قانوني يا سرڪاري رڪاوٽون نہ هونديون.

انهيءَ تصور جي حمايت واسطي معروضي حالتون اڄ جي ڀيٽ ۾ ڪڏهن بہ ايتريون موافق نہ رهيون آهن. اير ڪيو ايم ڀيو ڪجهہ حاصل ڪيو هجي يا نہ، پر ان جي ڏکهي جدوجهد ۽ انتهائي طاقت ۽ مستقل مزاجيءَ سان پنهنجي ڳالهہ تي پير ڪوڙي بيهڻ جي عمل انهيءَ سنڌي تصور کي پڪ سان ڪمزور ڪيو آهي تہ مهاجر ڌاريا آهن. ڪيترائي سنڌي، پوءِ ڪٿي سرپاٽن ۾ ئي ڀسهي، اهو مڃن ٿا تہ مهاجر بہ ڀين برادرين وانگر ئي سنڌ جو حصو آهن. ان ڏس ۾ گذريل سال اهم سنڌي دانشورن طرفان جاري ڪيل" سنڌ ۾ امن ۽ پنهنجائپ وارو اعلان نامو"ضرور نظر مان ڪڍڻ گهرجي.

منهنجي لاءِ، جيڪو پنهنجي اسڪولي ڏينهن کان ان بابت سنڌي احساسن سان لهہ وچڙ ۾ رهيو هجي، اها اير ڪيو ايم جي تاريخي حاصلات آهي. اهوسنڌ جي تاريخ ۾ هڪ عظيم الشان موڙ آهي، اها هڪ وڏي شاهي ڪاميابي آهي. سنڌ جي سمورن سڄڻن کي انهيءَ جي پوري جوش خروش سان حمايت ڪرڻ گهرجي: پر اسان کي ان خطري جو پڻ ادراڪ هئڻ گهرجي تہ اير ڪيو اير ڪٿي اهو تاريخي موقعو وڃائي نہ ڇڏي. ڪراچيءَ والا ماضيءَ ۾ ابهرائپ وچان وفاقي راڄڌاني بہ تہ وڃائي

چڪا آهن.

هاڻ مون کي مٿي ڄاڻايل بنيادي سرچاءِ جي صورت ۾ سنڌ جي سمورين برادرين کي پهچندڙ لاڀ ڳڻائڻ ڏيو. ان جي شروعات اشتعال پکيڙيندڙن جي ميسارجڻ کان ڪندس، جنهن ذريعي هن مهل ترقيءَ جي راهه رنڊيل آهي. سرچاءِ واري وايو منڊل ۾، ايم ڪيو ايم جا مناسب مطالبا سچي سنڌ جو گڏيل آواز هوندا.

ان ريت انهن کي وزن ملندو ۽ هڪ مختلف ورتاءُ ماڻيندا. جڏهن مخالف دوست بڻبا ته الطاف حسين جي جلاوطنيءَ وارو مسئلو ۽ بينظير جي ذاتي خطري وارو گمان ڏڦ ٿي ويندا. ڪراچيءَ جي مختلف علائقن ۾ روزانو ٿيندڙ دڪڙن ۽ جهڙتين جا داستان اخبارن مان گم ٿي ويندا. بندوق جي گهوڙي کي دٻائيندي خوشي محسوس ڪندڙ شڪارين بدران قانون لاڳو ڪندڙ ادارا قائلن، "ڀتي خورن "منشيات جو ڪاروبار ڪندڙن ۽ ٻين ڌوهارين خلاف شهرين جا محافظ بڻبا.

ان کان سواءِ جيڪڏهن اڳ ۾ بيان ڪيل ٻين متبادلن کي آڏو رکبو ته مهاجرن کي رسندڙ فائدا هڪ متحد سنڌ ۾ وڌيڪ ٿا نظر اچن. مهاجرن کي سڄي دنيا ۾ شهري جيوت جو اهم حصو ليکجندڙ تعليم، سڌ سماءُ جي وسيلن ۾ هڪ هٽي، دولت ۽ اعليٰ سياسي ۽ سماجي تنظيم ڪاريءَ جو ڀاري پلڙو حاصل هوندو. گڏوگڏ پاڪستان جي رابطي واري ٻوليءَ طور اردو جي تڪرار کان مٿيري حيثيت پڻ کين وڏي مدد مهيا ڪندي.

هڪ متحد سنڌ جاگيرداري ۽ ٻين مختلف قوتن جي روپ ۾ گڏيل دشمن سان جهيڙي ۾ ٻه مهاجرن ۽ اڀرندڙ سنڌي وچولي طبقي ۾ اتحاد جون راهون هموار ڪندي. ٿي سگهي ٿو ته پهريان ڏهه پندرهن سال ڪو گهڻو اثر ظاهر نه ڪن ڇو ته سمورا معروضي عنصر انهيءَ اتحاد جي مستقبل ۾ سنڌ جي سياست تي انتهائي گهرا ۽ ڏورس اثر وجهندي نظر ٿا اچن. هن ليکڪ جي نظر ۾ اهو اتحاد سنڌ جي مستقبل لاءِ ڀاڳيريو ثابت ٿيندو.

اهڙي ڪنهن سرچاءَ مان سنڌين کي سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيندو ته سنڌن صوبي ۾ امن ۽ ڀائيچاري جي واپسي ٿيندي. اهي ٻئي سنڌي تاريخ

حرفتن يا سياسي ڏيتي ليتيءَ عيوض منجهانئن انهن حاصلات تان هٿ کڻڻ جي توقع نہ رکڻ گهرجي، پر هاڻوکي حڪومت جي حڪمت عملي اهڙي اميد تي ٿي ٿي تڳينديءَ ٿي نظر اچي.

هڪ ثابت ٿيل سياسي ويڙهاڪ طور، بينظير کي پنهنجن سمورن حواسن سان محسوس ڪرڻ گهرجي تہ مهاجر پنهنجي اثاثن جي حقيقي قدر کان واقف آهن ۽ ان جو هر صورت ۾ قيمت تي بچاءُ ڪندا. ان ڪري ايم ڪيو ايم کي سياسي ميدان تي ان جي حيثيت ڏيڻ کان پاڇ ممڪن ناهي. پر ايم ڪيو ايم جي مڃتا جو مطلب ان جي غلط ڪارين يا ڪمزورين کي قبولڻ هرگز ناهي. ڪين سندن جائز سياسي مقام ڏيندي، مٿن راند جا ضابطا مڃڻ لاءِ زور ۽ جيڪڏهن ضرورت هجي تہ طاقت جو استعمال ڪيو وڃي.

عوامي قيادت جي هڪ مخصوص بلنديءَ تائين پهچڻ تي، پيروڪارن جون دليون اڳواڻ جي دل سان گڏ ڌڙڪنديون آهن. سياست ۾ سرگرم ماڻهو، انهيءَ ناتي جي ولولي ۾ سگهہ کي پليءَ پٽ ڄاڻن ٿا. اڄ الطاف حسين ۽ مهاجر عوام وچ ۾ جذباتي، يا ذري گهٽ روحاني بندڻ موجود آهي. (ان جو اهو مطلب ڪنهن بہ صورت ۾ ناهي تہ الطاف حسين پوترتا ۽ نرملتا ماڻي ورتي آهي. جوش جو تندون ٿي اهڙن گڻن جو سبب نہ ٻڻبيون آهن)

الطاف حسين خلاف دهشتگردي ۽ غداريءَ جا الزام (ڀوءِ پل اهي صحيح ڇو نہ هجن) اهي بندڻ ٽوڙي نہ سگهندا. ضيا شاهيءَ جا قرطاس ابيض ٽوڙي ڪورٽن جا فيصلا بہ ڀٽيءَ اڳهاڙن پاڪستانين ۾ ڀٽي جي وچ ۾ تعلق ٽوڙي نہ سگهيا. اگرتلا ڪيس مجيب ۽ بنگالين وچ ۾ ناتو ڇني نہ سگهيو. ان جو مطلب اهو ناهي تہ حڪومت الطاف حسين آڏو گوڏا کوڙي. پر ان جو مطلب اهو آهي تہ حڪومت سندس خلاف سڌ سماءُ وارن ذريعن وسيلي پنهنجي هل هنگامي جي محدوديت پروڙي.

بينظير جهڙي ڪنهن عوامي اڳواڻ کي عوامي سياست جو اهو نصاب پڙهڻ ڏانهن متوجه ڪرڻ هوڏ ٿو لڳي پر آءُ پنهنجي پوري ايمانداريءَ سان محسوس ٿو ڪريان تہ هوءِ پنهنجو سياسي شعور وڏيڪ

معمول سان (۽ ايم ڪيو ايم ۽ مهاجرن جي ڪيس ۾) وڏيڪ معروضيت سان استعمال ڪري. جهڙي ريت ڊاڪٽر مبشر حسين تازو لکيو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن سياستدانن لاءِ، انٽيليجنس ايجنسين جي ڳالهه ٻڌڻ يا انتظامي وهنوار پٽاندر هلڻ جي پيٽ ۾، خود پنهنجي وجدان جي پيروڪاري ڪرڻ وڌيڪ ڪارائتو ۽ محفوظ ٿيندو آهي.

هن مضمون جي مرڪزي خيال ڏانهن موٽندي، آءٌ هن وڌيڪ عنصر تي تبصرو ڪرڻ چاهيندس جيڪي ڪجهه ترين جي بقول، سنڌ ۾ ڪنهن نبيري جي راهه ۾ رنڊڪ آهن. انهن مان هڪ قانون جو دٻدٻو ۽ ٻيو ايم ڪيو ايم جي پارٽ سان مبينہ تعلق بابت آهي. شروعات ۾ ئي چئجي ته انهن ٻنهي مامرن جي پيٽ ۾ ڪو ٻيو مامرو اسان جي اڳواٽن ڪي مدبريءَ ڏانهن نٿو ڏڪي.

اهو درست آهي ته حاڪم قانون جو دٻدٻو قائم رکن. ان ڪان سواءِ مهذب وجود ۽ سماجي ضابطو اڻٽيٽي ڳالهه آهن. پر اهو به اوترو ئي درست آهي ته مدبر رياست ۽ معاشري جي اعليٰ ترين مفادن ڪي انڪان به وڌيڪ عزت ۽ احترام ڏين. رياست جي وهنوار جا اهڙا ئي مظهر آهن جو دنيا جي گهٽي پاڳي آئينن ۾ معافي ۽ بخش ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي.

چرچل ڪي گانڌي ڏٺي نه وڻندو هو پر جڏهن ٻيءَ مهاپاري لڙائيءَ جي آخري مرحلي ۾، ڪيس ان حقيقت ڪان واقف ڪيو ويو ته مهاتما گانڌي برطانوي هندستاني حڪومت جي تحويل ۾ مري سگهي ٿو ته هن هڪ مدبر هڻڻ طور هڪدم پروڙيو ته ان سان هندستان ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو طوفان مچي ويندو. اهو نه هندستان ۽ نه وري برطانوي سلطنت جي مفاد ۾ ٿيندو. ان ڪري هن پنهنجي ذاتي احساسن ڪي هڪ پاسي رکندي گانڌيءَ جي آزاديءَ واري تجويز تي رضامندي ڏيکاري پر هن ڪڏهن به هڪ پل لاءِ اهو نه مڃيو ته هندستان خالي ڪريو واري تحريڪ جي شروعات مهل 1942ع ۾ گانڌيءَ جي نظربندي غلط هئي. ان ريت هن قانون جو دٻدٻو به قائم رکيو ته سلطنت جي اعليٰ ترين مفادن آڏو سيس پڻ نمايو.

پارٽي تعلق (جيڪڏهن ڪو آهي) جي ڏس ۾ مدبرائپ ۽ هڪ وسيع الدماغ انداز جي ضرورت آهي. اسان کي سبب ۽ اثر وچ ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. اسان کي ايمانداريءَ سان پروڙڻ گهرجي تہ پارٽي تعلق مهاجر ويڳاڻپ جو سبب آهي يا ان جو اثر. جيڪڏهن اسين ان نتيجي تي پهچون تہ اهو ويڳاڻپ جو اثر آهي تہ پوءِ اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ ويڳاڻپ جو انت انهيءَ تعلق کي پڃي پورا ڪري ڇڏيندو.

مامري جي انهيءَ انداز ۾ انهن ٻنهي عنصرن کي ٻہ سنڌ ۾ سرچاءَ جي راهہ ڪوتي نہ ڪرڻ گهرجي. پر اهي ٻي عمل ۽ بيڪار سڌون آهن. ترشي ۽ اٽوٽٽ سان ڀريل ماحول ۾ درويشن جي سپنن لاءِ ڪا جاءِ نہ هوندي آهي. هت پيش ڪيل تصوراتي حل ٻنهي ترين طرفان احتجاجن، مذمتن ۽ بدنيتيءَ جي الزامن جي بوڇاڙ ۾ لڙهي سگهي ٿو. ڪڙن ۽ مورچن مان اٿندڙ دانهن ڀريل آلاپ، تال ميل جي هيٺن ۽ نازڪ جذبن کي جلد ميساري ڇڏيندو.

ان هوندي بہ آءُ سمجهان ٿو تہ وقت گذرڻ سان ٻنهي ترين طرفان هاٺوڪي طرز جي ست وڃائڻ وارو عمل انهن کي وڌ کان وڌ وائکو ڪندو. اهو ڪجهہ ٿيڻ تي پنهنجي لوڪ ڏاهپ ۽ شائستگيءَ آهر، مهاجر ايم ڪيو ايم تي ۽ سنڌي پيپلز پارٽيءَ ۽ سنڌ جي ٻين عنصرن مٿان ٻنهي برادرين وچ ۾ برلن پٽ جهڙي ذهني رڪاوٽ دور ڪرڻ لاءِ زور ڀريندا. منهنجو سپنو آهي تہ هڪ ڏينهن ايم ڪيو ايم متحدہ سنڌ موومنٽ بڻبي. منهنجو سپنو آهي تہ هڪ ڏينهن ڪو سنڌي لياقت آباد مان ايم ڪيو ايم ۽ ڪو مهاجر لاڙڪاڻي مان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر بڻبو.

منهنجو سپنو آهي تہ جي هڪ ڏينهن سنڌ جو گورنر، وڏو وزير ۽ سمورا وزير مهاجر ٿي پون تہ ڪوبہ ان کي اعتراض جوڳو يا نرالو نہ ليکيندو، ڇاڪاڻ جو اوستائين" اسين" ۽" هو "ولرو اهو ڏڪار لائق ڏنڊو موڙيءَ جو شڪار ٿي چڪو هوندو ۽ اسين سنڌ جا هڪ متحدہ ۽ يڪ آواز شهري هونداسين.

(روزاني" ڊان"7-8-11 ۽12نومبر1995ع)

ججز ڪيس وارو فيصلو ۽ اڳتي جو لائحہ عمل

عبدالله جي ميمڻ

وزيراعظم بينظير ڀٽو ججز ڪيس بابت سپريم ڪورٽ جي مختصر فيصلي تي28 مارچ1996ع تي قومي اسيمبليءَ ۾ هڪ اهم پاليسي بيان ڏنو آهي. سندس ڳالهه جو تت اهو آهي تہ عدليہ پنهنجي آزاديءَ بابت آئين ۾ تعين نٿي ڪري سگهي. اختيارن جي شهہ رڳ واري تصور تحت، اهو پارليامينٽ جو ڪم ۽ اختيار آهي.

ساڳيءَ ريت هن زور ڀريو تہ اعليٰ عدالتن ۾ ججن جي تقرريءَ جو اختيار پاڪستان جي چيف جسٽس، صوبائي گورنرن ۽ هاءِ ڪورٽن جي چيف جسٽسن سان صلاح مشوري ڪان پوءِ ايگزيڪيٽو (صدر مملڪت کي حاصل آهي. هن عوامي راءِ جي مظهر پارليامنٽ جي بالادستي جي پڻ ڳالهه ڪئي.

رياست جي هر اداري جي مخصوص ۽ ڌار ڌار ڪردار جي اپٽار ڪندي، هن پنهنجي جماعت طرفان عدليہ جي آزاديءَ لاءِ ڪيل اڻٿڪ جدوجهد جو پڻ ذڪر ڪيو. هوءَ اها معنيٰ ڪڍندي ٿي نظر اچي تہ آزاد عدليہ کان سواءِ جمهوري وهنوار ممڪن ناهي. هن اهو چوڻ کان بہ نہ ڪيٻايو تہ آئين جي اپٽار ڪرڻ اعليٰ عدالتن جو ڪم آهي.

انهيءَ اصول تي عمل ڪندي، حڪومت فيصلي بابت پنهنجي موقف ۾ اختلاف کي هڪ پاسي رکندي سپريم ڪورٽ جي مختصر حڪمنامي کي لاڳو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ان دوران، حڪومت انهيءَ مختصر حڪم تي عمل درآمد مان پيدا ٿيندڙ مامرن بابت ويچارڻ

لاء آئين جي آرٽيڪل 186تحت سپريم ڪورٽ جي صلاحڪار عملداريءَ کي شريڪ ڪرڻ جو رٿيو آهي.

وزيراعظم جي انهيءَ اهم پاليسي بيان مان مجموعي تاثر ڇا ٿو ملي؟ منهنجي خيال ۾ هوءِ چوڻ ٿي چاهي ته عدليه جي مڪمل آزاديءَ کي پليڪار ٿي چنجي پر اها پارليامنٽ طرفان آئين ۾ لکيل هئڻ گهرجي، اها خود عدليه طرفان لکيل ذيلي آئين جي نتيجي ۾ نه هئڻ گهرجي. جيڪڏهن عدليه جي حقيقي آزاديءَ تي سندس پڪو ويساهه آهي ته اختيارن جي ڏار ڏار هئڻ جا حمائتي سندس موقف سان اختلاف نه ڪري سگهندا، بهرحال سندس وابستگيءَ جي سچائي کي هڪدم چڪاس هيٺ آڻڻ گهرجي. ڪيس مخالف ڌرجي اڳواڻ طرفان هڪ حقيقي آزاد عدليه وارو مقصد حاصل ڪرڻ لاء حڪومت سان سهڪار جي آڇ حاصل آهي.

هاڻ مونکي ڪانئس پڇڻ ڏيو ته ڇا هوءِ ايمانداريءَ سان سمجهي ٿي ته: (الف) سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جا ايڊهاڪ، عارضي ۽ ايڊيشنل جج يا قائم مقام چيف جسٽس (ب) رضامنديءَ کان سواءِ وفاقي شريعت ڪورٽ بدلي يا هڪ هاءِ ڪورٽ کان ٻي هاءِ ڪورٽ بدلي (پ) سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽن جي چيف جسٽسن جي مقرري ڪندي سڀ کان سينئر جج کي اورانگهي، آزاد عدليه واري مقصد ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا؟ جيڪڏهن سندس جواب انڪار ۾ آهي (جيڪو هئڻ به گهرجي) ته آئين ۾ ترميم ڪرڻ جو هيءُ نادر موقعو آهي، جڏهن مخالف ڌر جي سهڪار سان عدالتي آزاديءَ جي راهه تان سمورا ڪنڊا هٽائي سگهجن ٿا. اهو ڪجهه ڪندي، هوءِ پارليامينٽ جي بالادستي ۽ اختيارن جي شهه رڳ واري اصول جي پچڪڻ نه ڪرڻ واري پنهنجي اعتقاد تي پير ڪوڙيندي عدليه جي آزاديءَ لاء پاڳي پائيوار ٿي سگهي ٿي.

اعليٰ عدالتن جي ججن جي مقرريءَ جي اختيارن جي ڏس ۾ سپريم ڪورٽ جو مختصر حڪم نامو ڏور رس نظر ٿو اچي، پر آئيني ترميمن ڏانهن رستو هڪ جهنجهٽ پڻ سامهون ٿو آڻي. اسان جي ملڪ ۾ عدالتي مقررين جي تاريخ کي مدنظر رکندي، پارليامينٽ جي ڪميٽيءَ طرفان ايگزيڪيٽو مقررين جي منظوريءَ واري چونڊ کي سنجيدگيءَ سان اڏو

رکڻ گهرجي (پوءِ پل سمورين ڪورٽن لاءِ هڪ يا سپريم ڪورٽ لاءِ وفاقي سطح تي ۽ هاءِ ڪورٽن لاءِ صوبائي سطح تي هجي)

پارلياماني ڪميٽي يا ڪميٽين ۾ سرڪاري ۽ مخالف ڌر جي هڪ جيتري نمائندگي هئڻ گهرجي. ان جو سربراهه جيڪو سرڪاري يا مخالف ڌر جي ڪوٽا تي آيل ميمبر نه هجي، ڪميٽي پاڻ چونڊي ۽ هو هڪ جيترا ووٽ اچڻ جي صورت ۾ ئي پنهنجو ووٽ استعمال ڪري.

اهو طريقو اها خاطري ڏياريندو ته اعليٰ عدالتن لاءِ مقرر ٿيل ججن کي ايوان جي ٻنهي ڌرين جو اعتماد حاصل آهي. ان ذريعي عدليه اهڙن جانبدار تبصرن کان محفوظ رهي سگهندي جنهن جو اها هاڻوڪن سالن ۾ شڪار رهي آهي. پيشيوراڻي اهليت ۽ ساک جي خاطريءَ واسطي، واسطيدار اختياري ڪنهن فرد جي اعليٰ عدالتن ۾ نامزدگيءَ کان اڳ واسطيدار چيف جسٽس سان صلاح مشورو ضرور ڪري. اهو عمل عدالتي تقررين واري معاملي ۾ رياست جي ٽن شاخن ۾ درست نوعيت جي چڪاس ۽ تناسب متعارف ڪرائيندو.

عدليه تان سموريون پير ڪڙيون هٽائڻ واسطي اعليٰ عدالتن جي مالياتي خودمختياريءَ کي پڻ آئيني پيڪيج جو حصو بڻايو وڃي.

آئيني نظرثانيءَ جو فائدو وٺندي، اسان کي ڪجهه بيا سڌارا پڻ ڪرڻ گهرجن، جيڪي اسان جي معاشري ۾ قانون جي حڪمراني ۽ هڪ مهذب، معتدل ۽ جمهوري وجود جي خاطريءَ لاءِ بنيادي حيثيت وارا آهن. انهن سڌارن جو تعلق پارليامنٽ جي حتمي بالادستي، شهري انتظاميا جي غيرجانبداري، بدعنوانين کي بنجو ڏيڻ، اختيارن جي عدم مرڪزيت، اليڪشن ڪميشن، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ پوليس جي سرشتي جي نئين سر جوڙجڪ، هڪ ڪارائتو اندروني محصولي ڪسٽمس وهنوار، هڪ خودمختيار اسٽيٽ بينڪ، سڌسماءُ جي آزادي، سينيٽ جي سڌي سنئين چونڊ ۽ وفادارين بدلائڻ خلاف چڪاس سان آهي.

پارليامينٽ جي بالادستي ۽ حتمي خودمختياري مکيه ضرورت آهي. ان ۾ هين سان گڏوگڏ ائين ترميم جو خاتمو ۽ بچاءُ واري بجيٽ ۽ پرڏيهي پاليسيءَ تي وڌيڪ بامعني اختيار وارا نڪتا شامل آهن.

مخالفن کي جهيڙي ڪار جماعتي وايو منڊل ۾ ڏاڍاين ۽ تشدد کان محفوظ رکڻ واسطي هڪ غيرجانبدار شهري انتظاميا جو وجود انتهائي اهم آهي، اسان وٽ اهڙو ادارو رهيو آهي پر آزاديءَ کان هڪدم پوءِ ان جي تباهي شروع ٿي وئي. ان عمل ۾ اوڏي مهل تيزي آئي جڏهن ڪامورن لاءِ آئيني تحفظ تان دستبرداري اختيار ڪئي وئي ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڪردار ۽ صفت کي محدود ۽ جڏو ڪيو ويو. رياست جي ملازمن کي آئيني تحفظ ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جي اصلوڪي حيثيت بحال ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ جو اهي ادارا پنهنجو وجود ۽ اختيار سڌو سنئون آئين مان ٿا ماڻين، تہ جيئن شهري انتظاميا جي غير جانبداري ۽ معيار تي ٻڌل پرتين ۽ ترقين جي خاطري ڪري سگهجي. ان کان سواءِ پبلڪ سروس ڪميشن جي سربراهن ۽ ميمبرن جي مقرريءَ کي پارلياماني يا اسيمبلي ڪميٽيءَ طرفان توثيق جو پابند بڻايو وڃي.

بدعنواني اهڙي سطح تي پهچي چڪي آهي جو خود رياستي مشينريءَ جي بقا بابت شڪ پيدا ٿي پيو آهي. جيتوڻيڪ ان مسئلي کي مختلف سطحن تي ايماني جذبي سان منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي، پر ڪي آئيني اپاءُ پڻ جوڳا نتيجا ڏئي سگهن ٿا. پارلياماني ڪميٽيون مالياتي ادارن طرفان جاري ٿيندڙ قرضن ۽ انهن جي وصولين، پرمٽن ۽ فائدن جي جاري ٿيڻ ۽ سمورن اهم شهري ۽ فوجي ٺيڪن جي جاري ٿيڻ جي نظرداري ڪن. متبادل جي طور تي انهيءَ ڪم واسطي اسين آئيني تحفظ واريون ڪميشنون جوڙي سگهون ٿا. ان سان ڪيترائي ٻرَ بند ٿيندا ۽ جوڙ توڙ جا امڪان گهٽ ٿيندا. ان سان گڏوگڏ آئيني شقن ذريعي عدم مرڪزيت ۽ قاعدن قانونن ۾ لچڪ پڻ ڪيترين بندشون ٽوڙي سگهي ٿي.

وچولي طبقي ۽ ترقي پسند عنصرن ۾ زرعي زمين جي مالڪيءَ واري انداز (ان کي غلط طور تي جاگيرداري ڪوٺيو ٿو وڃي) بابت انتهائي سخت احساس موجود آهن. هو ان کي معاشري جي ڪيترن ئي سماجي، معاشي ۽ سياسي ڏڦيڙن جوبنياد ٿا ليکين. ان ڪري زمين جي مالڪيءَ واري سرشتي جي مستقبل بابت اسان کي فيصلو ڪرڻو پوندو.

جيڪڏهن اسين هاڻوڪي سرشتي کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري وٺون ته پوءِ اسان کي اهو اهڙي انداز ۾ ڪرڻ گهرجي جو ان مان ڳوٺاڻي عوام کي حقيقي معاشي، سماجي ۽ ثقافتي آزادي ۽ لاڀ نه حاصل ٿين پر اهو زرعي واڌ ويجهه جي عمل کي ڪو گهٽتو هاڃو نه رسائي. اها واڌ ويجهه قومي معاشي پاڻ ڀرائپ جي سمورين ڪوششن جي مهندار آهي.

آئيني تبديلين ذريعي بامعني مالياتي ۽ مالي خودمختياري سميت صوبن ۽ مڪاني ادارن ڏانهن اختيارن جي منتقلي وقت جي ضرورت پئي رهي آهي. ان جو اظهار1950ع واري ڍاڪي کان اسان جي پنهنجي تجربي ۽ جديد عالمي لاڙن مان ٿئي ٿو. اهم شهري مرڪزن لاءِ خود مختيار ۽ پاڻ ڀرائپ واري اهم مامري تي ترجيحي بنيادن تي ڌيان ڏيڻ جي پڻ ضرورت آهي.

هيل تائين جي اسان جي افسوسناڪ تجربي کي مدنظر رکندي، اليڪشن ڪميشن ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر جي مقررئ واري سرشتي کي پارليامينٽ جي حوالي ڪرڻ اٽڪر تو نظر اچي. گڏوگڏ انهن کي آزاد، شفاف ۽ غيرجانبدار چونڊون ڪرائڻ لاءِ مڪمل طور بااختيار ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي.

هاڻوڪو پوليس سرشتو شهرين جي جان، مال، آزادي ۽ عزت جي تحفظ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿيو آهي. موجود پوليس ڪاتي ۽ لاڳاپيل ادارن کي ختم ڪرڻ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو ناهي. اسان کي مڪمل طور تي نئين فورس جوڙڻ جي ضرورت آهي، جيڪو هڪ پاسي سياسي مداخلت جي سمورن ڏڱن کان محفوظ هجي ته ٻئي پاسي انتظامي مقصدن واسطي گهرو معاملن وارين وزارتن ۽ قانوني مقصدن واسطي عدليه آڏو مڪمل طور تي جوابد هجي. امريڪي طرز تي ضلعي سرڪاري وڪيلن يا فرانسي ۽ اطالوي طرز تي جاچ منجسٽريٽن واري سرشتي تي غور ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي.

اسان کي هڪ آزاد، ايماندار، اهل ۽ غيرجانبدار اندروني محصول جي سرشتي ۽ ڪسٽمس سروس جي اشد ضرورت آهي جنهن کي آئيني تحفظ حاصل هجي. ان واسطي سروس جي سربراهه جي مقرري، پارلياماني توثيق واري سرشتي ذريعي ڪرڻ جي ضرورت هوندي. ساڳي

ريت اسان جي مالياتي ۽ قرضن وارين پاليسين جي اثرائتي انداز ۾ هلائڻ واسطي هڪ حقيقي خودمختيار اسٽيٽ بينڪ جي پڻ گهرج آهي. ان لاءِ به آئيني تحفظ گهربل هوندو.

اظهار جي آزادي ڪنهن جمهوري سرشتي لاءِ رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت جيان آهي. اسان جي ثقافتي روايتن ۽ ماضيءَ جي انتظامي وهنوار جي مدنظر رکندي، اخبارن کي جاري ٽينڊڙ سرڪاري اشتهارن کي وفاقي ۽ صوبائي سطحن تي پارلياماني ۽ اسيمبلي ڪميٽين ذريعي قاعدن هيٺ آڻڻ جي ضرورت آهي. گڏوگڏ پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن ۽ پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن کي پڻ آئيني تحفظ جي ضرورت آهي. انهن ٻنهي ادارن جي ڊائريڪٽرن وارن بورڊن جي ميمبرن ۽ سربراهن جي مقرري پارلياماني توثيق واري سرشتي تحت ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهن ٻنهي ادارن جي بجيٽ ۽ پاليسي مامرن کي منهن ڏيڻ واسطي هڪ پارلياماني ڪميٽي جوڙڻ گهرجي.

سينيٽ جي رڪنيت سازيءَ جي لاڳيتو خراب معيار کي مدنظر رکندي، وقت جي تقاضا آهي ته سڄي صوبي کي هڪ تڪ بڻائي سينيٽرن جي سڌي سنئين چونڊ واري طريقي ڪار تي ويچارجي. اسان کي ضمير جي آزادي يا آزاداڻي طور فيصلو ڪرڻ واري صفت کي نهوڙڻ کان سواءِ آئيني شقن وسيلي وفادارين بدلائڻ کي اثرائتي انداز ۾ جاچڻ جي پڻ ضرورت آهي.

پاڪستان هن مهل با معنيٰ سڌارڪ تحريڪ لاءِ مناسب حيثيت ۾ آهي. ٻني وڏيون جماعتون ذري گهٽ هڪجيتري سگهه رکندڙ آهن ۽ ٽين قوت پنهنجي سگهه کان گهٽو وڌيڪ اثر انداز ٿي سگهي ٿي. ان ۾ پارليامينٽ اندر ننڍين جماعتن جهڙوڪ جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم، پختونخواه ملي عوامي پارٽي، جمهوري وطن پارٽي "پي اين پي، اين پي پي ۽ سپاهه صحابہ وٽ اختيار ۽ موقعو آهي. پارليامنٽ کان ٻاهر، هڪ اهڙي تحريڪ اڀرڻ گهرجي جنهن جومقصد اقتدار ماڻڻ بدران سڌارا آڻڻ هجي. ايمانداري ۽ اورچائپ سان هلندڙ اهڙي ڪا تحريڪ وڏو فرق آڻي سگهي ٿي.

(روزاني" ڊان" 3اپريل1996ع)

اسان اياڻن جي ڀاڳ ۾
ڪا جوت ناهي ڇا؟

عبدالله جي ميمڻ

گذريل ڇهن هفتن دوران اخباري ڪالمن وسيلي قوم تي ڪي ٻه ڳالهيون ڪري چڪا آهن. انهن ڏماڪن اشرافيا ۾ ڪاڪوڙو وجهي نراساٽي پيدا ڪئي آهي. آفيسن، ڪلبن ۽ دعوتن ۾ ڇتا بحث شروع ٿي ويا آهن.
سڀ کان اڳ ۾ پهرين سيپٽمبر تي ڊان اخبار واري پنهنجي ڪالم ۾ اردشير ڪائوسجيءَ پرڏيهه ۾ ٽانيڪو ٿيل هڪ ناميارٽي پاڪستانيءَ سان پنهنجي ڳالهه ٻولهه جو حوالو ڏنو آهي. ان کان پوءِ ڇهن انتهائي معتبر ۽ اهم شهرين (ٻه اڳوڻا پرڏيهي وزير، ٻه ريٽائرڊ ايئر چيف ۽ ٻه ريٽائرڊ ڪامورا) وزيراعظم کي هڪ ڪليل خط لکيو، جيڪو اٺين آڪٽوبر تي اخبارن ۾ شائع ٿيو. آخر ۾ 15- آڪٽوبر تي مخالف ڌر جي اڳواڻ ميان نواز شريف جو موقف ڪجهه اخبارن ۾ بيان طور ۽ ڪن ۾ مضمون طور شائع ٿيو آهي.
انهن ٽنهي ٻمن جي انتهائي خطرناڪ ضرب ملڪ ۾ مامرن جي خراب صورتحال کي واڪو ڪيو آهي. انهي سمورن خطري جي گهنٽي وڄائي آهي ته جيڪڏهن هاڻوڪن لاڙن تي تڪڙي روڪ نه وڌي وئي ته خود پاڪستان جي بقا به جوکم تي هوندي. اسان جي رواتن پٽاندر پرڏيهي ماهرن جي ڳالهه کي وڏي اهميت ڏيندي ۽ خطرناڪ ۽ گنڀير آئيندي کي ٽارڻ لاءِ ڏياٽيءَ طوراستعمال ڪيو ويو آهي.
فهرست ڊگهي پر ڇاتل سڃاتل هئي. ان ۾ سياسي ڏسا وڃائڻ، رياست جي بنيادي قدرن کي ڪمزور ۽ ميرانجهڙو ڪرڻ، سٺي انتظامڪاريءَ واري سرشتي جو ڍهي پوڻ، معيشت جي سنڀالي نه سگهجڻ، دٻاءُ هيٺ هئڻ، بدعنوانيءَ جي هر حد اڪري وڃڻ، رياستي

وانجي جا بنياد ڪوڪلا ڪرڻ، حقيقي پڇائي جو ڪو نظام نہ هئڻ، پارليامينٽ جو جاگيردارائڻ مفادن جو نگهبان بڻجي وڃڻ، جمهوري عمل ۾ بگاڙ اچڻ، سياسي مخالفن کي هاڃو رسائڻ ۽ خوشامدين کي نوازڻ، قانون جي محدود عمل درآمد سبب قانوني سرشتي جي حيثيت متاثر ٿيڻ ۽ عدليہ جي وقار ۽ ساک کي ڇيهو رسڻ، سول انتظاميا جي خطرناڪ حد تائين ڊيوالپٽي جو شڪار ٿيڻ ۽ ان جي انهيءَ حد تائين سياست زده ٿي وڃڻ جو نظم و ضبط برقرار رکڻ ۽ معاشي ترقيءَ جي نظرداري ڪرڻ واري ان جي صلاحيت تي سوال اٿڻ شروع ٿي وڃڻ، عوام کي تحفظ نہ ملڻ، وري سماجي خدمتن جي اٿهوند، نظرياتي ويڇا خطرناڪ حد تائين وڌي وڃڻ ۽ ڪراچي بغاوت جو مرڪز بڻجڻ شامل آهن، جن قوم جي اٽت جا بخيا اڌيڙي ڇڏيا آهن. ميان صاحب ڪجھ پيا مامرا بہ سامهون آندا آهن پر جيئن تہ اهي جانبدار هلت يا اسلام بابت وڏين دعوائن تي ٻڌل آهن، تنهنڪري غيرجانبداري ۽ انصاف جي تقاضا موجب انهن کي ڇڏيون ٿا.

اردشير ڪائوسجيءَ جو دوست اسان لاءِ هڪ نسخو تجويز ٿو ڪري جنهن سان درد جو ڪو درمان ٿئي، پر هو سمجهي ٿو تہ اهو ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ آهي ۽ اسين ان ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهنداسين. ان ڪري، اسين ساڳي لاهيءَ تي ترڪندا رهنداسين ۽ ايندڙ صديءَ (ايڪويهين) جي شروعات ڌاري پاڪستاني رياست جو وجود ئي نہ هوندو.

ڇهہ معتبر شخصيتون سفارش ٿيون ڪن تہ (1) ڪراچيءَ واري مسئلي جو ڪو حل ڪڍجي. (2) اهليت جي آڌار تي ڀرتي ۽ ترقي ٿيڻ گهرجي ۽ سول انتظاميا کي سياسي مقصدن واسطي استعمال نہ ڪيو وڃي. (3) بهتر انتظامڪاري، سول انتظاميا جي اهليت ۽ معروضيت ۽ عدليہ جي آزاديءَ کي متاثر ڪندڙ مسئلن جي جاچ لاءِ هڪ صدارتي ڪميشن جوڙي وڃي.

ٻئي طرف ميان صاحب (1) پارليامينٽ جي بالادستي (2) عدليہ جي آزادي (3) سول انتظاميا جي غيرجانبداري (4) بچاءُ واري شعبي ۾ ترقين وغيره جي مامرن ۾ مداخلت نہ ڪرڻ (5) هڪ آزاد اليڪشن

ڪميشن جي قيام (6) ڪنهن سياسي دٻاءُ کان سواءِ سمورن رياستي عهدن تي اهليت جي آڌار تي مقررين واسطي هڪ ڪل جماعتي پارلياماني ڪميٽيءَ جي تجويز ۽ سفارش تو پيش ڪري.

انهن سفارشن جي ٻنهي قسمن مان هڪ گڏيل تاثر اهو ٿو پيدا ٿئي ته نظام ۾ پنهنجو پاڻ کي ٺيڪ ڪرڻ جي صلاحيت/اهليت موجود آهي. ان ڪري ئي هڪڙا صدارتي ڪميشن ته ٻيا پارلياماني ڪميٽي جوڙڻ جي ڳالهه ڪن ٿا. پر بحث طلب نڪتو اهو آهي ته ڇا اهو قياس حقيقت تي ٻڌل ۽ جوڳو به آهي؟ ڇا رياست جي ڍانچي ۾ پنهنجو پاڻ ٺيڪ ڪندڙ نظار اڄان تائين ڪم ڪري رهيو آهي؟ منهنجي ذهن ۾ ته ان جو جواب ناڪار ۾ ٿو اچي. اڳتي ان بابت وضاحت ڪندس.

حڪومتي سرشتي ۾ چڪاس ۽ توازن کي گڏيل آسودگي وڌائڻ ۽ ضابطي وار سماجي جيوت جي خاطريءَ لاءِ شامل ڪيو ويندو آهي. عمومي تاثر اهو آهي ته نظام هلائڻ واسطي. اختيار ۽ سگهه رکندڙ انهيءَ عنصر کي حقيقي طور تي ۽ انتهائي ايمانداريءَ سان قبول ٿا ڪن. هو چڪاس ۽ توازن وارري سرشتي کي ڪنهن رڪاوٽ بدران مددگار ٿا ليکين. پر جڏهن مقصد ذاتي ترويج، ذاتي مفادن پريا ۽ پنهنجو پاڻ کي ترقي ڏيارڻ وارا بڻجي وڃن ته پوءِ چڪاس ۽ توازن وارا اهي عنصر رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن ۽ انهن کي ڪنهن پوئوليءَ کان سواءِ ئي ٽڏي ڇڏڻ گهرجي.

1958ع ۾ اسان جي اختيار ڌڻين، ملڪ جي بنيادي قانون يعني آئين کي پنهنجي رستي جي رڪاوٽ ڀانيو ۽ انکري اهو معطل ڪرڻ جي راهه ورتائون. ڪين ان کان روڪڻ لاءِ معاشري ۾ ڪا قوت موجود نه هئي. (ها، صحتمند ۽ بالغ معاشرن ۾ خود نظام جي تحفظ لاءِ رياستي ادارن ۽ قانونن کان مٿانهين ۽ مٿيري هڪ گڏيل خواهش (Common Will) ٿيندي آهي، پر بدقسمتيءَ سان1958ع ۾ اسان وٽ هڪ صحتمند ۽ بالغ معاشرو نه هو)

اطلاعن موجب، تن ڏينهن ۾ امريڪي سفير کان ڪنهن هڪ سفارتي دعوت تي پڇيو ته جيڪڏهن جنرل ميڪ آرٿر امريڪي حڪومت جو تختو

اونڌو ڪري وجهي ته چا ٿيندو. سفارتڪار هئڻ ناتي، هن ورندي نه ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر سوال ڪندڙ ڳنڍ ڏئي ويٺو ته نيٺ سفير وراڻيو: سائين، جنرل ميڪ آرٿر ڪي پنهنجي اقتدار قائم ڪرڻ واسطي امريڪا جي هر ڪتنب سان ويڙهه ڪرڻي پوندي.

جنرل اسڪندر مرزا ۽ جنرل ايوب خان کي پتو هو ته ڪين اهڙيءَ ڪنهن مصيبت سان منهن ڏيڻو ڪونه پوندو، تنهنڪري آئين جا بخيا اڌيڙڻ جو تجربو ڪرڻ جي راهه ورتائون. ان ڪان پوءِ، چڪاس ۽ توازن وارو عمل آمرن جي مرضيءَ آهر عمل ڪندو ۽ ڪين تحفظ مهيا ڪندو رهيو. جيستائين اها مرضي موجود هئي اهو نظام تمام گهٽين ڏکيائين ڪان سواءِ هلندو رهيو، پر جهڙي ريت اسين ڄاڻون ٿا ته وقت گذرڻ سان اها رضاڪاراڻي جهل پهرين ڪمزور ٿي ۽ پوءِ ميسارجي وئي. آخر ۾، معاملو سڀني لاءِ بي روڪ ۽ بي ٽوڪ بڻجي ويو.

ڇا اسين ايمانداريءَ سان چئي سگهون ٿا ته ضياء شاهيءَ جو حقيقي مقصد گڏيل خوشحاليءَ جي واڌ ويجهه ۽ هڪ نظم وضبط پريو معاشرو برقرار رکڻ هو؟ (ڇا اهو پنهنجي ذاتي تحفظ واسطي نه هو؟) ساڳي ريت نوازشريف حڪومت يا بينظير جي ٻه پيرا اقتدار ماڻڻ کي ڪنهن اوچي مقصد سان تعبير ڪرڻ عمومي عقل کي ڇيهو رسائڻ نه ٿيندو؟ اسين ڄاڻون ٿا ته اسان جي سياسي اڳواڻن جا منصوبا ۽ مقصد نقص ڀريا ۽ خود غرضيءَ وارا آهن. انهيءَ حقيقت کي مدنظر رکندي، هاڻوڪي سرشتي مان پنهنجي سر درستگيءَ جي توقع رکڻ ڪنهن درمان ڪان وڌيڪ پنهنجو پاڻ کي دولاب ڏيڻ ٿو لڳي.

گذريل ڪجهه عرصي ڪان، اسين هڪ وهنوار ۾ اٽڪيل آهيون جنهن ۾ 95 سيڪڙو آباديءَ کي لوڙڻو ٿو پوي ته جيئن باقي پنج سيڪڙو آبادي ٺڪي سگهي. ڪجهه ڏهاڪا اڳ، جڏهن سويلين حڪومت ڪجهه ڪرڻ ڪان قاصر هئي ته ماڻهن فوجين جي اچڻ ۽ حالتن ۽ وهنوار کي سنئين ڏگ سان لڳائڻ واسطي انتظار ٿي ڪيو. جڏهن فوجي راڄ ڏٻ ڪرڻ شروع ڪئي ته ماڻهن ملڪ کي ڏکن ڏولاون مان ڪڍڻ واسطي هڪ جمهوري ضابطي جي بحاليءَ لاءِ سڏون ڪرڻ شروع ڪيون. هاڻ ماڻهن

انهن سمورن تماشن جو مشاهدو ڪندي پوڳي ورتو آهي. هو ڄاڻن ٿا ته اها ساڳي اشرافيا آهي، جيڪا ڪڏهن وردي ۽ ۽ ته ڪڏهن خانگي لباس ۾ سامهون ٿي اچي.

جهڙيءَ ريت بايولاجيءَ جا قانون انساني جسم جي ڪم ڪار تي راڄ ٿا ڪن، تهڙي ريت سماجيات جا قانون ڪنهن معاشري جي وهنوار کي ڏگ ڏيندا آهن. ٻنهي سائنسن جو بنيادي اصول ڪنهن زيادتي سبب ڪو ڏڦير پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ توازن بحال ڪرڻ آهي. جڏهن سياري ۾ احتياط نه ڪبو ته جسم ۾ پاٽيان جي ڪوٽ ٿي پوندي آهي يا جيڪڏهن مناسب خوراڪ نه واپرائبي يا ننڊ نه ڪبي ته انسان توانائي ٿي ويندو آهي. اهڙن سمورن مامرن ۾ انسان کي پنهنجي جسماني صحت جي بحاليءَ واسطي توازن پيدا ڪندڙ قدم کڻڻا پوندا آهن. پر جيڪڏهن انساني جسم عدم توازن کي درست ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي چڪو هجي ته پوءِ انت اٽر آهي. ساڳي ريت زيادتيءَ جي شڪار ڪنهن معاشري جي صحت جي بحاليءَ واسطي ڪجهه درست قدم اٽر ٿي پوندا آهن. پر جڏهن ڪنهن سماجي سرشتي جو پنهنجو پاڻ کي ٺيڪ ڪرڻ وارو خودڪار نظام ڪم ڪرڻ ڇڏي چڪو هجي ته پوءِ پراڻي ضابطي/نظام کي نئين نظام واسطي تبديل ٿيڻو پوندو آهي.

اسين هڪ اهڙيءَ ئي تبديليءَ جي چانئٺ تي بيٺل آهيون. سماجياتي اپياس ڄاڻائين ٿا ته هن وقت اسان جي ملڪ ۾ موجود سماجي نابرابريءَ جهڙيون حالتون، معروضي صورتحال تي انحصار ڪندي، انقلاب يا اپيشاهيءَ جو روپ اختيار ڪنديون. انهن مان ڪو هڪ رخ اختيار ڪرڻ جو انتهائي اهم ترين عنصر ڪنهن انقلابي جماعت ۽ ان جي سماجي ڍانچي ۽ پارٽي ڪارڪنن جو وجود هوندو آهي. اڄوڪي پاڪستان ۾ اهڙي هڪ ئي ڌر يعني جماعت اسلامي نظر ٿي اچي. ان وٽ ئي معاشري جي مختلف پرتن ۽ شعبن ۾ وسيع نيٽورڪ ۽ تربيت يافتا ڪارڪنن جو وڏو تعداد آهي، جيڪي پنهنجي جماعت جي نظرئي سان حقيقي طور تي پاڻ ارپيل آهن.

پر ٻه اهڙا عنصر ٻه آهن جيڪي جماعت اسلاميءَ جي انداز ۽

خواهشن کي ڏڪي سگهن ٿا. هڪ ايران ۽ سوڊان ۾ انقلابن جي ابتر ڪارڪردگي آهي. اسلامي انقلابن جا اڳواڻ اخلاقي ۽ روحاني تجديد کي معاشي اهليت سان سلهاڙي نہ سگهيا آهن. هو پنهنجا عالمي مفاد ۽ ايجنڊائون رکندڙ اولهہ جي معاشي سرشتي جي دٻائن جي بہ مناسب طور تي مزاحمت ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ رهيا آهن. نتيجي طور اهي هئي انقلاب عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪو وڏو ڦيرو نہ آڻي سگهيا آهن. ان ڪري هن وقت پاڪستان ۾ عوامي سطح تي ڪنهن اسلامي انقلاب لاءِ ڪو گهڻو جوش خروش موجود ناهي.

هيو عنصر جماعت اسلاميءَ وٽ جديد لاڙن کي قبولڻ جي گنجائش نہ هئڻ آهي. ان جي شوريٰ کي تہ قاضي حسين احمد جي اسلامي جمهوري محاذ جو هل هنگامو بہ پنهنجي مزاج کان مختلف ۽ قبولڻ جوڳو نہ لڳو. انهيءَ ناپسنديدگيءَ کي مدنظر رکندي، هر انقلاب سان گڏ ايندڙ رت جي دريا مان جماعت اسلاميءَ ولرن جي ترڻ بابت شڪ ٿي ٿا پيدا ٿين. پر ڪين خارج امڪان قرار ڏيڻ ۾ تڪڙ بہ نہ ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن اسان جي ڀاڳن ۾ آپيشاهي ئي لکيل آهي تہ پوءِ لي ڪوان يو يا حبيب بئورغيبا جهڙي ڪنهن جي آس لڳائجي تہ جيئن اسين پنهنجي ثقافتي ورثو وڃائڻ کان سواءِ جديد ترقي ماڻي سگهون يا گهٽ ۾ گهٽ سوهارتو هجي تہ جيئن ڪا گهٽي نہ، تہ بہ معمولي خوشحالي ماڻي سگهون. اڇو تہ ڏٽيءَ در ٻاڏايون تہ اسان کي ڪو رضا شاهہ پهلوي يا صدام حسين نصيب نہ ٿئي.

(روزاني" ڊان "جي ٿورن سان)

بهتر آئيندي جي آس

عبدالله جي ميمڻ

منهنجو چاٽايل موضوع تي لکڻ جو ڪو ارادو نه هو، چاڪاڻ جو مون پاڻيو ٿي ته ڪاٺوسجيءَ جو مضمون اسان جي عوام جي همت ۽ اورچائپ ڪان ڪوهين ڏور، انيڪ ڏنل ۽ نراس فردن مان هڪ جي ابهرائپ واري اظهار سان پريل هو، جن جو پاڪستان جي عوام ۽ رياست ۾ انتهائي معمولي اعتماد آهي. بهرحال جڏهن19سيپٽمبر تي" ڊان "۾ پاڪستان سان بنا ڪنهن شڪ شبهي جي وابستا، ۽ ڌرتيءَ ۾ پاڙون ڪپايل مهر ايچ علويءَ جهڙي شخص ڪي پير ڌوڌاڙيندي ڏٺم ته پنهنجو خيال تبديل ڪيم. هاڻ آءٌ اهو پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته اسان جي ملڪ ناهڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندڙ هن اخبار جي پڙهندڙن آڏو پنهنجون گذارشون رکان.

آءٌ سمجهان ٿو ته ڪو ورلي ئي هن ڏيهان ڏيهه مشهور پاڪستاني ڏاهي سان اختلاف ڪندو ته چڱيرڙي وقت ڪان پاڪستان ڊيجاريندڙ حد تائين معاشي، سماجي، ادارتي، انتظامي ۽ سياسي گهوٽالن مان لنگهي رهيو آهي. سماجي ۽ مادي ڊانچا ڊگهي نظر اندازيءَ جو شڪار رهيا آهن، جنهن شهرين ڪي ويڳاڻو بٹائي ڇڏيو آهي. مالي مسئلا ذهن ڌوڌاڙي رهيا آهن. بجيٽ ۾ خسارو معمول جي ڳالهه بٹيل آهي. سرڪاري قرض جيئن پوءِ تيئن وڌي رهيا آهن. ادائيگين ۽ واپار ۾ تناسب پروسي جوڳا ناهن سموري معيشت ڪي گهرا گهاءَ لڳل آهن، ان هوندي بہ زخمن تي لوڻ ٻُرڪيندي حڪمران اشرافيا پنهنجن ڪي نوازڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي هڪبني پويان آئين ڪان مٽيرن جهٽڪن نظام جي قانوني حيثيت

ڪي ضربي وڌو آهي. اسيمبليون اسٽاڪ ايڪسچينج ٻڌجي ويون آهن. عدالتن جي ساک ختم ٿي چڪي آهي. اعليٰ سرڪاري نوڪريون/عهدا جڏا ٻڌجي بدعنوانين جي ڏيٺين ۾ ڦاٿل آهن. قانون جي حڪمرانيءَ جي روايت سڪرات ۾ آهي. احتساب/پڇاڻو ميسارجي ويو آهي. اڄ پاڪستان ۾ ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻه مٿا وارو اصول پنهنجي جوڀن تي آهي.

اسان مان گهڻا ساڻس ان تي ٻه سهمت ٿيندا ته عوام جو سياست ۽ ٻين شعبن جي هاڻوڪي قيادت ۾ اعتماد نه رهيو آهي. چوڌس مايوسي ۽ زيان جو احساس ڇانيل آهي. ان هوندي ٻه آءُ اهو سمجهڻ ۾ پروڙڻ کان قاصر آهيان ته اهو گهوٽالو پاڪستان جو وجود لوڙهي ڇڏيندو. تاريخي طور تي معاشي بدانتظامي ۽ اڻنگي طور راڄ پاڳ هلائڻ رياستن جي ٽوڙ ڦوڙ بدران بنيادي سماجي، معاشي ۽ سياسي تبديلين جو موجب بڻبا آهن.

سماجي ماهرن ۽ سياسي ڏاهن پروڙيو آهي ته ڪنهن ٻه معاشري ۾ معاشي سببن ڪري پيدا ٿيندڙ انتظاميءِ ڏڦير وڏي پيماني تي عوامي بيچيني، انقلاب يا آپيشاهيءَ تي دنگ ڪندو آهي. رياستن جي تباهي قومي، نسلي، قبائلي، فرقيوار ۽ نظرياتي ٽڪرائن ۽ ٽڪرارن وگهي ٿيندي آهي.

خود صوماليا ۽ روانڊا جا ڏڦيرني اجا انهن رياستن کي تباهه نه ڪري سگهيا آهن. اسان جي پاڙي ۾ انتهائي مضبوط پر ناحق، آپيشاهاڻي ۽ اشرافيائي پهلوي راڄ، عوامي طاقتن واري انقلاب اڏو دير ٿي ويو، پر ايران جي رياست کي ڪو واءُ نه لڳو. 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن جي رد ثقافتن ۾ پاڙون رکندڙ انتهائي لبرل ضدي پٽو، پنهي رياستن جي ڍانچن کي هاڃو رسائڻ کان سواءِ، امريڪا ۾ ريگن ازم ۽ برطانيا ۾ ٿيچر ازم آڻڻ جو سبب بڻيو. 1950ع واري ڏهاڪي جو طويل سياسي عدم استحڪام، الجزائر واري گهوٽالي سان گڏجي، چوٿين ريپبلڪ جي زوال ۽ ڊيگال جي سربراهيءَ ۾ پنجين ريپبلڪ جي عروج جو ڪارڻ بڻيو. بهرصورت، فرانس جا بنياد جيئن جو تيئن برقرار رهيا. سوويت يونين جو مثال ته ڏٺي سگهجي ٿو پر اها سلطنت هئي، نه ڪي رياست. تاريخ مان ملندڙ سبق اهو آهي ته حڪومتون زوال جو شڪار

ٿينديون آهن، ملڪ ٽٽندا يا متحد ٿيندا آهن، نظام لُڙهي ويندا آهن، خودمختياريون تبديل ٿينديون آهن، پر رياستون عام طور تي ڏُڪ نه ٿينديون آهن.

اهڙي وقت جڏهن ولي خان، اجمل خٽڪ، خيربخش مري ۽ عطاالله مينگل جهڙا سدائين تلخ ۽ ترش رهندڙ به پاڪستان جي يڪجهتي ۽ سالميت کي آخرڪار قبولي رهيا آهن. ان مان مرياداوارن محب وطن کي ماتر پوميءَ ۾ ڪجهه ايمان ڏيکارڻ گهرجي. اسان جي زوال پذير اشرافيا سان گڏوگڏ لکين اهل، ايماندار، منصف، پاڻ لرپيل ۽ بي غرض پاڪستاني پڻ وجود تا رکن جيڪي روزانو پنهنجي پنهنجي شعبن ۾ ملڪ جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندا تا رهن. هو انشاالله نئين قيادت آڻيندا جيڪا ملڪ ۽ قوم کي هڪ بهتر مستقبل لاءِ گهربل ضروري تبديليون آڻيندي.

ڪائوسجي صاحب جي ليک ڪيس اهڙي موضوع ڏانهن ڌڪيو آهي جنهن ۾ هو تدريسي يا پيشيوراڻي طور تي تربيت پرايل نظر نٿو اچي. جيڪڏهن هو پنهنجو پاڻ کي پنهنجي مهارت تائين محدود رکي ها ته انيڪ پاڪستانين جون نندبون نه ڦتائي ها. مون کي پڪ آهي ته هو مون سان ان ڳالهه تي سهمت ٿيندو ته جيڪڏهن کو ڊاڪٽر جهاز رانيءَ واري شعبي جي مسئلن ۾ وچڙندو ته حادثو ٿي ڪرائيندو.

آخر ۾ آءُ اردشير ڪائوسجي، ناظم حاجي ۽ مهر علوي جهڙن دردمند پاڪستانين کي اهو تجويز ڪرڻ جي جسارت ٿو ڪريان ته رات جي اونداهيءَ کان چرڪڻ يا ڏڄڻ جي ضرورت ناهي. ڪين اهو ياد رکڻ گهرجي ته هر اونداهي رات جو انت روشن صبح هوندو آهي. جيڪڏهن سيارو ايندو آهي ته پوءِ بهار ڪو گهڻو پري ڪيئن ٿو رهي سگهي؟

جيئن فيض احمد فيض چيو آهي:

ابر کھل جائے گا رات ڈھل جائے گی
غم نہ کر، غم نہ کر،
دن نکل آئے گا، رات بدل جائے گی،
غم نہ کر، غم نہ کر

(روزاني" ڊان" 30 سيپٽمبر1995ع)

ڪامورا شاهيءَ جي بچاءُ ۾

عبدالله جي ميمڻ

دنيا جي گهڻي ڀاڱي ملڪن وانگر، پاڪستان ۾ به ماڻهن وٽ وانڊڪائي جي هڪ وندر ڪامورا شاهيءَ تي تنقيد ڪرڻ ۽ ان جي ڇنڊ ڇاڻ آهي. تازو، اسان جي ڪامورن کي صدر ۽ وزيراعظم پنهنجي وٽان تنقيد جون ڳريون خوراڪون مليون آهن. جولاءِ ۾ سول سروس اڪيڊميءَ ۾ تقرير ڪندي صدر فاروق لغاريءَ چيو ته عوامي نظرن ۾ سرڪاري عملدار مغرور، نااهل، رسائي ۾ نه ايندڙ ۽ بي ايمان آهن. سيپٽمبر ۾ پاڪستان ائڊمنسٽريٽو اسٽاف ڪاليج ۾ سينئر ڪامورن واسطي هڪ انتظامي ڪورس جو افتتاح ڪندي وزيراعظم بينظير ڀٽو اشارو ڏنو ته ڪامورا اڪثر بي مروت، اڻ مددگار، سست، رنڊڪ وجهندڙ، ڏچو پيدا ڪندڙ ۽ سازشي ٿين ٿا.

ان ۾ ڪو ورلي شڪ ڪري سگهجي ٿو ته انهن پنهنجي معتبرن طرفان بيان ڪيل احساس ملڪ ۾ وڏي پئماني تي پکڙيل آهن. انهن تصورن جي وڏي پئماني تي قبوليت جي باوجود، انهن تاثرن جي حقيقي هئڻ يا نه هئڻ جو تجزيو هڪ دلچسپ ڳالهه ٿيندي. اهو ڪجهه ڪندي، اسين پهرين ته عالمي طور تي ڪاموري ادلري جي واڌ ويجهه واري تاريخ تي نظر ڊوڙائينداسين ۽ پوءِ خود اسان جي مختصر تاريخ ۾ ڪامورا شاهيءَ جي ادا ڪيل ڪردار کي جاچينداسين.

اچو ته هڪ وصف کان شروعات ڪريون. ڪاموراشاهي "رسمي تنظيم "جو هڪ قسم ئي آهي. رسمي تنظيم مان مراد هڪ اهڙو سماجي يونٽ آهي، جيڪو هڪ مخصوص مقصد واسطي قائم ڪيو ويو هجي.

(دوستاڻي گروپن يا پاڙي/محلي جي بنياد تي قائم ٿيندڙ سماجي يونٽن جي ابتڙ، جيڪي پاڻ مرادو يا بنا ڪنهن رٿابنديءَ جي جڙندا آهن). ان ڪري، مخصوص بناوت ۽ مقصد ان کي ٻين سماجي گروهن جي انداز کان ڌار ڪرڻ جا ٻه اهم عنصر آهن. ڪو واپاري ادارو، جديد سياسي جماعت ۽ ڪا ٽريڊ يونين، رسمي تنظيمن جا روائتي مثال آهن."اهي سمورا ادارا ڪجھ مخصوص مقصد حاصل ڪرڻ کي مدنظر رکندي، انتهائي گنڀيرتا سان سوچي سمجهي قائم ڪيا ويندا آهن.

تاريخي طور تي، اهڙين رسمي تنظيمن جي ضرورت سڀ کان پهرين رياستي انتظاميا جي مدار ۾ پيدا ٿي. جڏهن بادشاهن جا راڄ وسيع نہ هوندا هئا تہ روزمره جا معاملا سندن گهريلو عملو هلائيندو هو. رياست جي سرگرمين ۽ شاهي دربار جي انتظاميا ۾ ڪو فرق نہ هوندو هو. شاهي آمدني ۽ خرچ پکي کي رياستي ماليات کان ڌار نہ ڪيو ويندو هو. سرڪاري عملدار عام طور شاهي گودامن تي ٽڳندا هئا. آهستي آهستي شاهي راڄ وسيع ٿيا تہ رياستي ڪمن ۽ مامرن ۾ اضافو ۽ گنڀيرتا آندائون. ان طرح ڪٽنبي ۽ رياستي انتظاميا وچ ۾ فرق جي راھ هموار ٿي.

بادشاهن کي اڪثر پنهنجي توسيع ڏنل سلطنتن ۾ پنهنجي دربارن سميت ڊگها دورا ڪرڻا ٿي پيا. ٻين شين سان گڏوگڏ خزاني کي بہ منتقل ڪرڻو ٿي پيو، جيڪو عمل جيئن پوءِ تيئن غيرعملي يا ڏکيو پئي ٿيندو ويو. انگريءِ ٻارهين صديءَ دوران برطانيا ۾ خزاني کي شاهي دربار کان ڌار ڪيو ويو ۽ ان جو مستقل هيڊڪوارٽر ويسٽمنسٽر ۾ قائم ڪيو ويو. ان کان پوءِ ديواني معاملن جي شعبي کي ڌار ڪيو ويو، جيڪو اصل ۾ بادشاھ جي لکپڙھ واسطي ذميوار هو. اهو عمل ايندڙ عرصي دوران برطانيا ۾ جاري رهيو پر فرانس ۽ پرشيا ۾ ڪيترن ئي سببن ڪري ان ۾ وڌيڪ تيزي رهي.

انفرادي ڪاتن جي شاهي دربار کان عليحدگيءَ ڪارڪردگيءَ، محنت ۽ مهارتن جي راھ هموار ڪئي، جيڪي ڪامورا شاهيءَ جا بنيادي عنصر آهن. انهيءَ عليحدگيءَ انتظاميا جي روائتي انداز کي پڻ تبديل ڪيو

جنهن ۾ ماتحت بالادست ناتا جاگيردارانه يا وراثتي تعلق جي بنياد تي ذاتي بنيادن وارا هوندا هئا. ان جي بدران، نئين سرشتي تحت، بالادست کي پنهنجي ماتحتن تي حاصل اختيار انتظامي قاعدن جي درست استعمال ذريعي ٿي مليا. ٻين شين سان گڏوگڏ، انهن انتظامي ضابطن ڀرتيءَ جي طريقي/انداز کي پڻ واضح ٿي ڪيو. ماضيءَ جي ابتڙ، هاڻ ڀرتي ڪٽنبي حيثيت يا سياسي وفاداريءَ جي بنياد تي نٿي ٿي. ان جو انحصار رسمي اهليت تي هو، جنهن تحت اها خاطري ٿي ڪئي وئي ته واسطيدار فرد کي ڪيس سونپجندڙ ذميواريءَ لاءِ گهربل قابليت/اهليت حاصل آهي يا نه. ڀرتيءَ جي انهيءَ طريقي ۾ مخصوص ڪم ڪرڻ جي چاڻ هئڻ واري انهيءَ صورتحال ڪامورن جي وفاداريءَ کي آهستي آهستي غير شخصي بڻائي ڇڏيو.

انهن شروعاتي بنيادن کان وٺي، ڪامورا شاهي رياستي انتظاميا جي هڪ اهڙي سرشتي ۾ وڌي وڌي ٿي آهي جنهن ۾ ڪنهن حاڪم جي زور آوريءَ اڳيان قانوني حوالن سان اهڙا بند ٻڌا ويا آهن جيڪي سنڌس ۾ ڪاموڪي ڍانچي وچ ۾ ناتن کي وسيع بنيادن تي ضابطي وار تا بڻائين. جديد رياستي انتظاميا جو انتهائي واضح عنصر عقلي ۾ معتدل ضابطن تي ٻڌل ڪنٽرول جي هڪ سرشتي جي موجودگي آهي. انهن ضابطن جو اصل مقصد رياستي انتظاميا کي سائنسي انداز ۾ هلائڻ آهي ته جيئن وڌ کان وڌ اهليت ماڻي سگهجي. ميڪس ويبر چوي ٿو: "ڪاموڪي انتظاميا جو بنيادي طور تي مطلب ڄاڻ جي بنياد تي ڪنٽرول جي مشق آهي. اهو ان جو مظهر آهي جيڪو ان کي مخصوص طور تي منطقي/معتدل ٿو بڻائي".

ڪاموڪي سرشتي کي هلائيندڙ اهم اصولن مان هڪ عملدارن جي ملازمت واري مدت جي خاطري آهي. ڪاموري کي نوڪريءَ جي مدت جي خاطري هئڻ ڪري هو قانون يا پيشيور معيارن خلاف حڪم مڃڻ کان نابري واري سگهي ٿو. ساڳئي وقت جيڪڏهن سياسي اڳواڻ/حاڪم جا حڪم قانون جي دائري ۾ آهن يا عمومي طور تي قبول ٿيل پاليسي يا پيشيور معيارن پٽاندر آهن ته پوءِ ڪاموري وٽ مڃڻ کان انڪار ڪرڻ

کي مڃڻ کان سواءِ ٻي ڪا واٽ نٿي رهي، پوءِ ڀل اهي حڪم سندس ذاتي نقطي نظر يا اعتقاد سان ٽڪراءُ ۾ ئي ڇو نہ ايندا هجن. ٻين لفظن ۾، جيستائين قانون يا پاليسي ناهڻ جو تعلق آهي، ڪاموري کي هڪ لوڙل طور ئي ڪم ڪرڻ گهرجي. سندس ذاتي ترجيح کي راهہ ۾ نہ اچڻ گهرجي ۽ هو سياسي حاڪم/ اڳواڻ جي منشا لاڳو ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي لاڳ ڏريو هجي.

پيشيوراڻي خودمختياري ۽ سياسي غيرجانبداري، وچ ۾ اهو نازڪ توازن حقيقي زندگيءَ ۾ رکي بہ سگهجي ٿو يا نہ، انهيءَ بابت عالمن ۽ ڪامورا شاهيءَ ۾ عملي حصو وٺندڙن ۾ جڳهن ڪان بحث هلندڙ آهي. هڪ نقط نظر اهو آهي تہ جديد گنڀير انتظامي مسئلن جي حل واسطي ماهراڻي ڄاڻ گهربل ٿئي ٿي. جيئن تہ سياستدان انتظامي معاملن جا ماهر نہ هوندا آهن تنهنڪري هو پاليسي جوڙڻ ۾ بہ ڪامورن تي اثرائتي ڪنٽرول جا اهل نہ هوندا آهن. ٻيو نقط نظر اهو آهي تہ سياستڪار ڪامورن ۾ موجود اندروني ڀتوڙ/هڻ هٽان کي سڌائين استعمال ڪري سگهي ٿو. ڪنهن رنڊڪ وجهندڙ ڪاموري تي سڌائين سندس ويري ساٿين جي مدد سان ونجهہ وجهي سگهجن ٿا، سندس اهي ساٿي سائنس ترقي يا بهتر مقرريءَ لاءِ ڇتا پيٽيءَ ۾ آيل ٿي سگهن ٿا. ان ريت ڪو تيز سياستڪار پنهنجي ماهر ماتحتن وچ ۾ تڪرار/وير کي استعمال ڪندي پاليسي جوڙڻ/لاڳو ڪرڻ تي بامعني ڪنٽرول ڪري/استعمال ڪري سگهي ٿو

ڪنهن بہ هڪ نقط نظر جو حمائتي ٻڌجڻ واري معاملي کي هڪ پاسي رکندي، اهو مڃڻو پوندو تہ انتظاميا جي انهيءَ سرشتي ۾ ڪيترائي ورڻي ۾ آيل لاڙا آهن، جيڪي پيشوراڻي خودمختياريءَ ۽ سياسي غيرجانبداريءَ وچ ۾ مثالي توازن کي ڏونڌاڙي سگهن ٿا. انهيءَ توازن جي ڏونڌاڙ ڪامورا شاهيءَ جي پنهنجي سياسي حاڪم/بالادست آڏو مڪمل طور تي گوڏا کوڙڻ (جيڪو هن مهل پاڪستان ۾ نظر ٿو اچي) يا وري ڪامورا شاهيءَ جي مڪمل بالادستي (اها غلام محمد، اسڪندر مرزا، ايوب ۽ ضيا حڪومتن ۾ نظر ايندڙ صورتحال هئي) مان

ڪو هڪ ڏگ اختيار ڪري سگهي ٿي. توازن برقرار رکجي ٿو يا نه يا اهو سياستڪار يا ڪاموري جي پاسي جهڪي ٿو، تنهن جو دارومدار هر مخصوص صورتحال ۾ ڪامورا شاهيءَ جي چوگرد قوتن جي مخصوص بيهڪ تي آهي.

ڪامورا شاهيءَ جي تاريخي پسمنظر ۽ نظرئي بابت انهيءَ مختصر ليپاس ڪان پوءِ، اچو ته پاڪستان ۾ ان جي ڪردار جو جائزو وٺون. هت ان بابت راءِ عام ڪامورا شاهيءَ جي رياستي معاملن تي اثر رسوخ، نااهليت ۽ وڏن ڪامورڪن ادارن جي بدعنوانين ۽ احتساب جي اڻهوند تي آڌاريل آهي. قائداعظم ۽ لياقت علي خان جي وفات ڪان پوءِ ڪامورا سرڪاري معاملن تي بالادست بڻجي ويا، ۽ اها بالادستي اوڀر پاڪستان جي عليحدگيءَ تائين جاري رهي.

بالادستيءَ واري انهيءَ ڊگهي عرصي دوران، نه رڳو ملڪ کي درپيش اهم مسئلا حل نه ٿيا پر مامرن کي گنڀير بڻجڻ جي پڻ اجازت ڏني وئي. ساڳئي وقت، عام ماڻهو ريلوي جي مالياتي ڏيوالپڻي ۽ عملي زوال، واپڊا جي بجلي فراهم ڪندڙ سرشتي ۾ هر هر رخني ۽ چوريءَ، ٽپال ۽ فون سرشتن جي تاخيري ۽ خراب ڪارڪردگي ۽ بينڪن ۽ مالياتي ادارن جي فراڊي وهنوارن جا شاهد ۽ شڪار بڻيا. هنن پوليس ٿاڻن، عدالتن، جيلن، اسڪولن، اسپتالن، مڪاني ادارن، آبپاشي ۽ زراعت جي ادارن جي زوال جو مشاهدو ڪيو، جيتوڻيڪ معاشري ۾ رهڻ وارن جي روزمره واري زندگيءَ ۾ انتهائي اهميت رکندڙ انهن سمورن ادارن جي زوال جو سلسلو جيئن پوءِ تيئن تيز ٿيندو ويو، پر انهيءَ زوال جي ذميوار ڪامورن جو ڪو بامعنيٰ احتساب نه ٿيو. ڪجهه مامرن ۾ ته خطاوار اڳتي وڌندو، ترقي ڪندو، مٿانهن عهدن تائين وڃي پهتو. بهرحال سياسي بالادستي، بدعنواني نااهليت ۽ احتساب جي اڻهوند وارن مامرن کي جيڪڏهن گهڙي نظر سان ڏسبو ته ظاهر ٿيندو ته اهي انهن ڌرين ۽ عنصرن وٽان ٿيا جن تي ڪامورن جو ڪنٽرول بنهه گهٽ يا بلڪل نه هو.

پاڪستان جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ (جنهن کي چوندون ٿيڻ تائين ان جي پارليامنٽ واري حيثيت سان پڻ ڪم ڪرڻو هو) کي هڪ

مناسب عرصي اندر نئين رياست واسطي هڪ آئين تيار ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو هو. انهيءَ مقصد جي پوراڻي جي ڏس ۾ سياستدانن طرفان ناڪامي رهي. حڪمران جماعت مسلم ليگ کي عوام ۾ ڪمزور پاڙون هئڻ ڪري، چونڊن ۾ تاخير ڪندي، اقتدار تي پنهنجي جواز جا قانوني ۽ اخلاقي جواز وڃائڻا پيا. ان دوران ملڪ کي جن ٽن وڏين للڪارن سان منهن مقابل پڻ ٿيڻو پيو، سي هيون اسلامي راڄنيتيءَ جي گهر جيتري ني سگهاري سيڪيولر راڄنيتيءَ واريءَ گهر کي منهن ڏيڻ، هڪ قومي رياست جي ڍانچي اندر هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ ايندڙ علائقائي دعوائن کي جانچڻو ڪرڻ ۽ مختلف علائقن ۾ ادارتي، سياسي ۽ معاشي ترقيءَ جي اڻ برابر سطحن سان لاڳاپيل مسئلن کي نبيرڻ! ان صورتحال ۾ ڪامورا شاهيءَ کي خال پرڻو ٿي پيو. جيستائين ان جي بالادستيءَ واري انداز جو تعلق آهي ته اهو ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان کي ڪامورا شاهيءَ وارو سرشتو برطانوي راڄ کان ورثي ۾ مليو هو، جنهن کي غلام بڻايل ماڻهن تي بيٺڪي راڄ جي مفادن جي تحفظ لاءِ جوڙيو ۽ سنواريو ويو هو. ورثي ۾ مليل روايتن کي رات وچ ۾ ڦٽو ڪرڻ ممڪن نه هو. جيڪي ڌريون/فرد اسان جي ڪامورا شاهيءَ جي خال پرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ کي ننداَ لائق ٿا سمجهن تن کي پوري ايمانداريءَ سان اهو به ياد رکڻ گهرجي ته اهائي ڪامورا شاهي هئي جنهن انتهائي سخت ڏکيائين ۽ اڻهوند وارين حالتن ۾ هڪ وفاقي حڪومت قائم ڪرڻ جو معجزو به ڪري ڏيکاريو هو. هنن انساني تاريخ جي هڪ انتهائي وڏي لڏپلاڻ سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن کي به حل ڪرڻ جو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو هو.

متروڪ ملڪيتن جي الاٽمينٽ سان بدعنوانيءَ جا ٻج ڇٽجي ويا. بنيادي ۽ ضروري اسمن ۽ خدمتن جي وڏي پيماني تي کوٽ سبب پيدا ٿيل رياستي ضابطي جي گهوٽالي انهيءَ بيماريءَ کي اڃا وڌيڪ خطرناڪ بڻايو. گنر مائردال پنهنجي ڪتاب "Asian Drama"۾ بدعنوانيءَ بابت ڄاڻائي ٿو ته کوٽ تي ضابطو آڻڻ واري ماهري انتظاميا جي هيٺين سطح تائين اختيار منتقل ڪيا، جني اختيارين ۽ آمدني پيدا ڪندڙن وچ ۾ وڏي شاهي فاصلي ۽ فرق رشوت ۽ بدعنوانيءَ جي سيلاب ڏانهن

هرڪايو. بهرحال، اها چٽي پٽي حقيقت آهي ته پنهنجي چوڏاري بدعنوانيءَ جي وشال سمنڊ هئڻ جي باوجود، سينٽر سطح جا ڪامورا پنهنجي ملازمت واري مدت تي لڳل ڪاٽ تائين گهڻي ڀاڱي صاف شفاف ۽ ايمانداري رهيا. بعد ۾ سامهون ايندڙ صورتحال دوران پرتيءَ واري انداز ۾ پيوند ڪاري، ڪمزور بڻايل پبلڪ سروس ڪميشن ۽ اهليت ۽ تجربي جي آڌار تي اوليت واري اصول بدران ترقين واسطي ڪي بيا سبب/جواز آڏو رکڻ واري عمل پڻ ڦيٽاڙو پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

نااهليت جو هين سان گڏوگڏ هڪ سبب رياستي مشينريءَ جي تيز ۽ وڏي پئماني تي توسيع هئي. ان پرتيءَ واري مرحلي تي معيار گهٽائڻ، پرتيءَ ڪان پوءِ تربيت جي عرصي کي گهٽائيندي معيار تي ناهه ڪرڻ جي راهه هموار ڪئي. اسان جي تعليمي ادارن جي ابتريءَ پڻ ان ڏس ۾ وسان نه گهٽايو. جيتوڻيڪ پاڪستان کي هين علمن ۾ جديد قدمن مان ته لاڀ پرائيندي ڏسجي ٿو، پر جيستائين انتظامڪاريءَ واري علم جو تعلق آهي اسين اوڻويهن صديءَ ۾ ئي ڦاٿل نظر تا اچون. اسان کي پنهنجي رياستي انتظاميا ۽ عوامي ادارن جي صلاحيت کي بهتر بنائڻ واسطي انهيءَ ڏهڻ مان نڪرڻو پوندو. انهيءَ ابتر صورتحال جي هوندي به اسان جي ڪيترن ئي ڪامورن پنهنجي صلاحيتن ۽ اهليت سبب عالمي ڪامورا شاهين وٽان مڃتا ۽ نالو پڻ ڪمايو آهي.

ڪامورن ۾ احتساب جي اٿهوند گهڻي ڀاڱي ٽن عنصرن ڪري ٿي آهي: پهريون، اسان جو معاشرو قانون جي حڪمرانيءَ ڪان ڪوهين ڏور ٿي ويو آهي: ٻيو، اسان جي سماجي، سياسي ۽ ثقافتي جيوت تي عصبيت ۽ پنهنجن کي ورسائڻ جي سگهاري اثر سبب جزا ۽ سزا جو نظام ختم ٿي ويو آهي: ۽ ٽيون ته ڪامورن ۾ احتساب وارو عمل برقرار رکندڙ ادارا (رشوت ٽوڙ کاتو ۽ ڪورٽون) ئي سنگين مسئلن جو شڪار آهن.

صورتحال جي هاڻوڪي ڪيفيت جو جائزو واضح ڪندو ته ڪاموري ۽ سياستڪار وچ ۾ توازن سياستڪار جي حق ۾ تمام گهڻي حد تائين جهڪيل آهي، پر ان مان عام شهرين کي ڪو گهڻو لاڀ نه پيو رسي. ان

عدم توازن کي هڪدم درست ڪرڻ جي ضرورت آهي. اها ڳالهه نوڪري ۽ جي عرصي جي ضمانت بحال ڪرڻ، پبلڪ سروس ڪميشنن جي ساک جي بحالي، پرتين کي ذاتي تعلقاتن ۽ سياسي وفادارين کان آزاد ڪندي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

جيستائين بدعنواني ۽ نااهليت ۽ گڏوگڏ احتساب جو تعلق آهي ته انهن کي سڌارڪ جدوجهد جي هڪ وسيع تر ايجنڊا جو حصو بڻائڻو پوندو، جنهن جي اسان جي ملڪ کي اڄ انتهائي شديد ضرورت آهي.

(روزاني" ڊان"20-آڪٽوبر،1996ع)

تاثرات

منهنجو گهوٽ موٽي نہ ايندو

بلو اي ميمڻ

اڄ بہ ڇانهن جو فقط هڪ ڪوپ ٺهي ايندو، منهنجي برسان هڪ ڪرسي خالي ٿي رهندي، ڏورڏور ٿهڪ ٻيهر ڪڏهن بہ نہ ايندا ڇاڪاڻ جو عبدالله هاڻ اسان ۾ ناهي رهيو.

هاڻ آءُ ڪڏهن بہ سڄڻس صحت ۽ رات جو دير سان گهر اچڻ ڪري پريشان نہ ٿيندس ڇو تہ مون کي ڀلي ڀت ڄاڻ آهي تہ عبدالله موٽي ڪونہ ايندو، ڪڏهن بہ نہ! ڪجهہ احساس رڳو محسوس ڪري سگهجن ٿا، اهي بيان ڪرڻ ناممڪن آهن. عبدالله هڪ سٺو انسان، هڪ سٺو پيءُ، هڪ سٺو پٽ، هڪ سٺو ڀاءُ هڪ سٺو مائٽ ۽ هڪ سٺو دوست هو. ڪيترائي سکيا ۽ ڏکيا ڏينهن گڏ گذاريا، خوشيون ۽ غميون آيون پر جڏهن پنهنجي 35سالن واري ساٿ کي سارڀان ٿي تہ هن اسان کي اهنجن جي ڀيٽ ۾ خوشي، جا انيڪ پل ڏنا. سندس پٺيءَ جو سور سدائين پيڙا پريو ٿي رهيو پر هو ان کي مرڪي، سان ڀوڳيندو رهيو ۽ ڪڏهن بہ اسان جي پٽ يا موٽي ان کي انرانداز ٿيڻ نہ ڏنائين. هن اسان سان پنهنجي خوشي، جا سمورا پل تہ ونڊڻ ٿي چاهيا پر پنهنجا اهنج ۽ پيڙائون ورلي ٿي ونڊيائين.

هن پنهنجي گرمجوشي، سلوسنڀال لهڻ ۽ ضرورتمند ماڻهن جي مدد ڪرڻ واري جذبي سان دوستن ۽ گهڻگهرن جو هڪ وسيع حلقو ٺاهيو. ان ڳالهہ اسان کي سدائين اچرج ۾ ٿي وڌو تہ هن ٻين ماڻهن جي مسئلن کي پنهنجو ڪيئن ٿي بڻايو، ڇاڪاڻ جو انهن تي ايترو زور ڀريندو هو جو ڪڏهن ڪڏهن اسان کي پنهنجي نظرانداز ٿيڻ جو احساس پيٽي ٿيندو هو پر سندس مرڪ سندس خوشگوار ٽهڪ ۽ منهنجي ۽ اسان جي پٽ لاءِ سندس پيار ڀريا ٻول اسان ۾ هن لاءِ وڌ کان وڌ پيار پيدا ڪندا رهيا. هو

چوندو هو،"اءُ اهڙو ٿي آهيان "هو مائهن، خاص طور تي دوستن جي واهر ڪرڻ ۾ سرهائي محسوس ڪندو هو. ان ريت هن پنهنجي هر هڪ دوست کي احساس ٿي ڏياريو ته هو ڪيس سڀ کان وڌيڪ ويجهو ۽ پيارو آهي.

سندس رعبدار ڳرو آواز هاڻ ڪڏهن به ٻڌڻ ۾ نه ايندو، رات جي ماني؛ تي سندس اوسيڙو به نه هوندو، چاڪاڻ جو عبدالله هاڻ موٽي نه ايندو. پنهنجي زندگي، جي سڀ کان وڌيڪ املهه وٿ هميشه لاءِ وڃائي ويٺي آهيان.

شل ڌڻي پنهنجي ٻاجهه سان اسان جي پياري کي سندس بهشتي نڪاڻي ۾ پنهنجي نوازشن ۽ نعمتن سان نوازي.

منهنجو بابا

همايون اي ميمڻ



ايماندار، پاڻ ارپيندڙ ۽ معتبر، اهي ڪجهه صفتون آهن جن ذريعي ماڻهو مرحوم عبدالله جي ميمڻ جو ذڪر ڪندا آهن. آءُ ڪيس پنهنجي پائيندڙ ۽ سار لهندڙ والد طور ئي ياد ڪريان.

اسان جي دوستن ۽ ڪٽنب جي باقي فردن وانگر، آءُ بہ پنهنجي والد جي بي وقتائتي موت تي سراپجي ويل ۽ صدمي جو شڪار آهيان.

سندس دکدائڪ موت مان سبق پرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ دوران، آءُ هنن ڳالهين بابت خاطري ڪري ٿو سگهان: هن پنهنجي حياتيءَ مان ڀرپور مزو ماڻيو ۽ منجهس انيڪ انوکيون خوبيون هيون، جن ڪيس اهڙي اعليٰ مقام تائين رسايو.

هڪ ڏکني ٻالڪپڻي مان گذرڻ ڪري، هن ڪيترين ئي اهڙين لياقتن ماڻيون، جن ڪيس انسانن جو ادراڪ ۽ اهو ويساهہ بخشيو تہ جيڪڏهن راهہ ۾ رڪاوٽون ۽ ڏکيائيون نہ آيون تہ زندگي بيرنگ ٿي

ويندي. زندگيءَ جي شروعاتي دور کان ئي ڇپلهه جي سور جي شڪايت هئڻ جي باوجود، هن ڪلڻهن به پر نه ڏيکاري ۽ حاصل ڪرڻ لائق ڪنهن به وٿ کي حاصل ڪرڻ کان پوئتي نه رهيو.

سندس زندگيءَ جو اصل جوهر بلاشڪ سندس ڪردار هو، جنهن ڪري ئي مختلف پسمنظرن سان تعلق رکندڙ سندس دوست ۽ گهڻگهرا هتا جاڻان ٿو ته هرڪنهن کي هڪ ڏينهن موڪلائڻو آهي، پر منهنجيءَ جسار پر، خاص طور تي بابا جهڙي پائيندڙ پنهنجي ڪنهن ويجهي کي وڃائڻ انتهائي وڏو صدمو آهي، سو به هڪ اهڙي شخص جو، جيڪو آخري ڏينهن ۾ تمام گهڻو بيمار هوندي به زندگيءَ سان ايترو پرپور ۽ انتهائي پرجوش هجي.

شيڪسپئر هڪ پيري چيو هو ته دنيا هڪ اسٽيج آهي، جنهن تي مرد ۽ عورتون پنهنجو ڪردار ڪا ادا ڪن. آءٌ اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته هن انتهائي خوبصورتيءَ سان پنهنجو ڪردار نڀاهيو.

بابا، آءٌ سدائين توهان سان پيار ڪندو رهندس ۽ پنهنجي هر ممڪن ڪوشش ڪندس ته توهين ڪڏهن به هجو، مون تي فخر محسوس ڪريو.

شل توهان جي روح کي بهشت ۾ جايون ملن!

منهنجو ماما ننڍو

شاهده رشيد چنا

سڀني وٽ هڪ ايماندار، پاڻ لرپيل ۽ خدا ترس آفيسر طور سڃاتو ويندڙ عبدالله جي ميمڻ منهنجو ماما ننڍو، منهنجي ماءُ جو سڀ کان ننڍو ڀاءُ هو. منهنجو پيارو ترين مامو، اسان لاءِ هڪ ڀائيندڙ ۽ ايماندار دوست هو جيڪو اسان جي خوشين، سرهائين، ڏکن ۽ مسئلن ونڊڻ لاءِ سدائين موجود هوندو هو.

منهنجو ماما ننڍو مڪمل طور تي هڪ مختلف انسان هو. گهرائي رکندڙ هڪ اهڙو شخص جيڪو محسوس ڪندڙ، مدبر ۽ مڪمل انسان هو. هن ڪمپيوٽر دور ۾ جڏهن ماڻهو وقت کي مائيڪرو سيڪنڊن ۾ ماپيندا هجن ۽ گهڙي پل کي ڪڍڻ به وڏو عرصو ليکيندا هجن. ماما ننڍو انهن سڀني لاءِ وقت ڪڍندو هو، جن سان سندس دل جا رشتا هئا، ۽ جن جي زندگين کي ڇهيائين، سي انيڪ هئا.

اسان ڇهن ڀينرن ۽ هڪ ڀاءُ لاءِ اسان جو پيارو مامو زندگيءَ جي لطف سان ڀرپورهو. اسين سندس ڪتب، سندس ٻارن وانگر سندس آکهر جو حصو ليکيا ٿي وياسين. هو ڪينجهر ڍنڍ ۽ هاڪس بي تي سئر تفريح لاءِ اسان کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. هو اسان کي ٺٽ، عمر ڪوٽ، نوابشاهه ۽ حيدرآباد ۾ گاڏين ذريعي ڊگها سفر ڪرائيندو رهندو هو.

اهي ڊگها سفر اسان ٻارن لاءِ ڪنهن بيزاريءَ بدران انتهائي پر لطف ۽ خوشگوار هوندا هئا. هڪ ڳالهه سا طئي آهي ته هن ڪڏهن به بزرگ جيان ورتاءُ نه ڪيو. ان ڳالهه اسان کي سندس موجودگيءَ ۾ وڌيڪ آسودو ٿي بڻايو.

ماما ننڊو خوش مزاج هو. ڊگهن سفرن دوران هو پنهنجي پرپور، ناهوڪي ۽ سريلي آواز ۾ ڳائيندو هو. هڪ اڌ شعر جهونگارڻ کان پوء ٿهڪن ۾ اچي پوندو هو، جڏهن ته اسين پنهنجي هٿن سان موٽرڪار جي ڇت وڄائيندا هئاسين.

هاڪس بي تي هو اسان سان ٻارن جيان سمنڊ جي لهرن ۾ ڪيڏندو هو. هو مٽيءَ جا ننڍڙا ڪينهوڙا ناهي اسان ڏانهن اڇلائيندو هو، پاڻيءَ سان اسان کي پسائيندو هو. مانيءَ مهل هو اسان کي پنهنجي چوڌاري ويهاري وارِي وارِي سان هر ڪنهن کي پنهنجي هٿن سان هڪجيترا گرهه کارائيندو هو. اسان ڀينرن کي اهو فڪر هوندو هو ته هو اسان مان ڪنهن کي وڌيڪ ته ڀانئي. جڏهن ڪانئس پڇنديون هيوسين ته ورائيندو هو "توهين سڀئي ايترِيون پياريون آهيو جو توهان ۾ فرق ڪري نٿو سگهان."

ڪينجهر تي پڪنڪ دوران هو اسان کي ٻيڙيءَ تي سئر ڪرائيندو هو. ٻيڙيءَ تي هو سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڳائيندو هو. ڪناري تي، ماما ننڊو پنهنجي موٽرڪار جي ٽيپ ريڪارڊر تي سنگيت وڄائي اسان سان گڏ نچندو ٽپندو هو. آءُ سوچيان ٿي ته ڏسندڙ اوڏي مهل ڇا سمجهن ها، جڏهن ڪين خبر پوي ها ته ٻارن سان گڏ نچندڙ اهو ماڻهو حيدرآباد جو ڪمشنر آهي! سيڪريٽري ٻٽيو، تڏهن به اسان سان خوشيءَ جا اهي پل ونڊڻ بند نه ڪيائين.

ماما ننڊو 1977ع ۾ ٽن سالن لاءِ امريڪا ويو. وڃڻ کان پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ ۽ اسان جي ماما وڏي نبي بخش کي اسان جون تصويرون ڪيس اماڻڻ لاءِ چيائين. ٽن ڏينهن ۾ اسين پنهنجي والد جي نوڪريءَ سبب نوابشاهه رهندا هئاسين. ماما وڏو آيو ۽ اسان کي پاڻ سان گڏ ڪراچيءَ وٺي ويو. هو اسان کي پلي لينڊ وٺي ويو جتي اسان جون تصويرون ڇڪي ماما ننڍي کي موڪليائين. سنڌس امريڪا وڃڻ تي اسين اداڪا ٿي پيا هئاسين.

وقت گذرڻ سان، اسين ڀينرون وڏيون ٿيوسين ۽ ماما ننڊو سدائين اسان جي واهر لاءِ موجود هوندو هو. رشيد ۽ منهنجي وهانءَ واري ڏينهن ماما ننڊو موجود هو. مون کي ياد آهي ته پنهنجي رخصتيءَ مهل آءُ

پنهنجن مائٽن سان ڳرهاٽيون پائي تمام گهڻو روئي رهي هيس. ماما نِنڊو منهنجي پرسان آيو ۽ مون کي ٻاڪر ۾ ڀري زور سان ٿڦڪ ڏئي چوڻ لڳو: "اهي ڪنولرون ئي گهڻو روئنديون آهن جيڪي سهٽيون نه هونديون آهن. تون ته تمام گهڻي سهٽي پئي لڳين پوءِ روئين ڇو پئي؟ "هو لاڳيتو مرڪندو ۽ مون کي آٿت ڏيندو رهيو. بعد ۾ مون کي گاڏيءَ ۾ ويهارڻ لاءِ دروازي تائين گڏجي آيو.

منهنجي شاديءَ کان سنت پوءِ هو نگران حڪومت ۾ وفاقي وزير ٿيو. نگران حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ گلشن اقبال ۾ چوٿين ماڙ تي منهنجي گهر آيو. تن ڏينهن ۾ کيس چيلهه جي تڪليف هئي. ڏاڪڻ چڙهڻ هن لاءِ ڀڪ سان ڏکيو هوندو. هو ٻه ڪلاڪ کن مون وٽ رهيو ۽ هميشه جيان اهڙو ورتاءُ رکيائين ڄڻ اسين هڪ جيڏا دوست هجون.

1999ع ۾ اسين ماما نِنڊي جي گهر پرسان ڪلفٽن منتقل ٿياسين. هو اڪثر منهنجي گهر ايندو هو ۽ فون تي ته هفتي ۾ ٻه ڀيرا هر صورت ۾ ڳالهائيندا هئاسين. هو سدائين منهنجي ٻارن بابت فڪرمند هوندو هو. هو اسان ڏانهن موسم جو ميوو ۽ ڪاڏو ڀيتو پيو موڪليندو هو.

اما دل جي مريض ٿي پئي، جنهن کيس انتهائي پريشان ڪري ڇڏيو. هن کيس ڪيترن ئي ڊاڪٽرن ڏانهن موڪليو ۽ سدائين مدد واسطي موجود هوندو هو. اسان هڪ پل لاءِ به اهو نه سوچيو هو ته ٿڪ ڏيڻ ۽ زندگيءَ کي خدا جي ڏنل نعمت سمجهي ماڻيندڙ ماما نِنڊي جهڙو شخص به دل جي مرض جو شڪار ٿي سگهي ٿو.

سندس بيماريءَ دوران، آءُ اڪثر هن ڏانهن ويندي هيس. اهي انتهائي ڏکوئيندڙ ڏينهن هئا ڇاڪاڻ جو هو تن ڏينهن ۾ اڳي جي ڀيٽ ۾ آهستي ۽ گهٽ ٽهڪ ڏيندو هو. هڪ ڀيري هن ٽيليويزن تي ڪرڪيٽ مئچ ڏسڻ جو ڏيک ڏنو پر سندس خاموشيءَ ڪجهه ٻيو اظهار ٿي ڪيو. جڏهن پڇيومانس ته ڇا پيا سوچيو ته مرڪي، منهنجو هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي، ان کي چمي چوڻ لڳو، " پنهنجو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو خيال رک. آءُ بلڪل ٺيڪ آهيان. يقين ڄاڻ." سندس آواز ڀريل هو.

آءُ گهر موٽي آيس ۽ رات جو اسان جي آخري ملاقات بابت ويچارڻ

لڳيس. من سان سُتيس ۽ خواب ڏٺم ته ماما ننڍو چاڪ ناهي.

صبح جو فون ڪري سندس طبيعت جو پڇيم. هن وراڻيو" خدا ڪان باجهه جي دعا ڪر." شدو راڻي"! زندگيءَ ۾ هر ڪا شني ڏٺي ۽ ماڻي اٿم. خدا زندگيءَ ۾ مون کي تنهنجي پيار ڪان وٺي معاشري ۾ حيثيت ۽ احترام ڪان نولڙيو. منهنجي من ۾ هاڻ ڪا سڌ باقي نه رهي آهي".

انهن لفظن من ۾ هڪ ڊانواڊول احساس ٿي پئدا ڪيو پر اهو ڄاڻي نه سگهيس ته ڇو. اسان جي انهيءَ ڳالهه ٻولهه جي ٻن ڏينهن ڪان پوءِ منهنجي ننڍي ڀاءُ زلفيءَ ڄاڻ ڏني ته ماما ننڍو گذاري ويو.

9 فيبروري 2003 ع تي صبح سوير سندس گهر ڏانهن ڊوڙيس ۽ جيڪو گهر، ماما ننڍي جي ٽهڪن سان گونجندو رهندو هو سو سڏڪن سان ڀريل هو. ڪيس اڪيون پوري سُتل ڏٺم." ماما! ماما"! ڪيس سڏ ڪيم پر ڪا وراڻي نه ڏنائين. اهو اڳي جي ڀيٽ ۾ بلڪل ابتڙ هو. اسين جڏهن به سندس گهر ويندا هئاسين، هوئي سڀ ڪان پهرين شادو راڻي، شادوراڻي چئي مون کي مخاطب ٿيندو هو.

ماما ننڍو اسان وٽ پنهنجون انيڪ يادون ڇڏي ويو آهي. اهي اسين پنهنجي اولادکي منتقل ڪنداسين، جيڪي وري اهي پنهنجي اولاد سان ونڊيندا.

هن پڄاڻان

هي وڇوڙو دل ۾ ڪنهن خنجر وانگر ٿو ڪڪي،
ڇهڪ ٿو هڻي، ڳيا ڳيا ٿو ڇڻ ڪري،
پيڙا ۽ بيوسيءَ جي طوفان ۾ آهيان غرق،
چو آهين ويو پنهنجن کي ماتم ۾ ڇڏي،
خال ڇڻ پرجي نٿو هر ماڳ آ ويران ٿيو،
هي ڀيانڪ خواب هو، ٿي دم دلاسا دل ڏئي،
ننڊ نهوڙي رات، هرپل آ ڳورو،
افق اونداهو، هر شام آ ميرانجهڙي،
منزل آ نہ نڪاڻو، پنڌڪڻ آ باقي بچيو،
پر جيون جوت ڪي جلندي رهڻو آهي،
هر رات جو انت، باک ڦٽيءَ تي آهي،
دنيا جو چرخو هلڻو چلڻو آهي،
ان هوندي بہ، اندر جي اونهاين ۾ ڄاڻون ٿا تہ،
زندگي هاڻ اڳي جيان ناهي.
خدا توتي سڀ ڪان گهڻي ٻاجهہ ڪئي ۽
بهشت مان هيٺ نهاري، مرڪندي سرهاڻن ۾ چيائين،
"مون ڏانهن گهر موٽي آءُ واپسيءَ جي ويل اچي وئي آهي"
سفر جا سانباها ڪر:
پنهنجي دور جا هڪ لوڪ ڪردار، موهہ جا الماس!
تون سدائين چاهہ ۽ پاڻ ارپڻ جي علامت رهندين،
سمورا پل ۽ ساروڻيون محفوظ ڪري ڇڏيون اٿم،
هن ضعيف ۽ مختصر خاڪي ۾،
سانڍيندم ساهہ سان هي ماڻڪ موتي،
مور نہ وسرندا سي، جن جلائي جيون جوتي.

شاديہ

سچو سڏارڪ

ملڪ معراج خالد

ڪجھ فرد پنھنجي شخصيت جي گھري اثر ڪري سدائين سارو ٺين ۾ جيئرا رھندا آھن. عبدالله جي ميمڻ بہ اھڙن فردن مان ھڪ ھو. پاڻ لرپينڊڙ، پاجھارو، ھڪ سچي سڏارڪ وانگر پاڻ ارپڻ سان شين ڪي بھتر بنائڻ لاءِ پتوڙيندڙ، تيز ڏاھپ ۽ ادراڪ ڀريو ھڪ شخص.

اھو ڄاڻي مون ڪي خوشي ٿي آھي تہ ڪيس وڏي تعداد ۾ گڏ ٿيل ماڻھو ياد ڪري رھيا آھن ۽ ھڪ شاندار تقريب ۾ ڪيس خراج پيش ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن.

انھيءَ تقريب جي ڪاميابيءَ لاءِ خواھش رکندي، ڏاڍيءَ در دعا اٿم تہ ھو سندس روح کي درجا بخشي ۽ اسان کي صحيح راھ تي ھلڻ جي توفيق بخشي.

آمين.

هڪ لاپاڻتو ساٿ

سعيد احمد قريشي

آءُ عبدالله جي ميمڻ کان1973ع کان2003ع تائين ٽيهن سالن جي ڊگهي عرصي کان واقف هئس. انهي عرصي مون تي سنڌس شخصيت جي سڀڦلتا کي سامهون آندو. هو باعزم شخص هو ۽ انسانيت ۽ چڱائي جي انتهائي ناياب قابل تحسين مٽيا جو مجموعو ۽ سول سروس ۾"شائستي پر پختي" انداز جي علامت هو.

گهٽڻ ذاتي وسيلن جي پنيرائي نہ هوندي بہ هو هبچ ۽ لالچ کان مٿيرو هو. منجهس نہ مادي اثاثن جي لوڙ هئي نہ ئي اختيارن جي سڌ. زندگيءَ ڏانهن سنڌس واضح رويو نوڪريءَ کان غير متوقع طور تي استعفا ڏيڻ واري عمل مان ئي ظاهر ٿئي ٿو. هن اهو ڪر بہ پيرا ڪيو. بيو پيرو استعفا هڪ تڏي دماغ ولرو سوچيل سمجهيل فيصلو هئس تہ جيئن ڪاموري وهنوار جي متاهين ڏاکي تي گوڏا کوڙڻ بدران پنهنجي ذاتي دلچسپين ۽ لاڙن کي ريج ۽ وقت ڏئي سگهي. ڪاموري سرشتو سنڌس نوڪري جاري رکڻ تي خوش ٿئي ها پر هو پنهنجي مقصد ۾ بلڪل واضع هو ۽ پنهنجي فيصلي تي اٽل رهيو.

1996-97ع دوران عبوري حڪومت ۾ وزارت سنڀالڻ دوران اسلام آباد ۾ سنڌس مختصر قيام دوران مون کي کيس ڏسڻ جو گهٽو موقعو مليو. ان عرصي دوران هن مون کي پاڻ وٽ اچڻ جو ڪڏهن موقعو ئي نہ ڏنو، جيتوڻيڪ 1994ع ۾ پنهنجي ريٽائرمنٽ کان پوءِ مون وٽ چڱو موچارو وقت هوندو هو.

منهنجي چيف سيڪريٽري سنڌ طور ڪم ڪرڻ دوران، عبدالله مون سان گڏجي ڪم ڪيو. هو هڪ حوصلو بخشيندڙ انسان هو. آءُ انهيءَ لاپاڻتي ساٿ جون ساروڻيون سدائين سيني سان سانڍي رکندس. شل کيس جنت جون هوائون نصيب ٿين.

عبدالله جي ميمڻ جي ياد ۾

سليم جيلاني

عبدالله زندگي سان ايترو ڀرپور هو جو انهي حقيقت کي تسليم ڪرڻ تہ هو هت موجود ناهي، انتهائي ڏکيو آهي پر اها هڪ ڪٺور حقيقت آهي. عبدالله جسماني طور تي اوڏانهن اسهيو آهي جيڏانهن هر ساهواري کي وڃڻو آهي، پر هو پنهنجي پويان پنهنجون شاندار ساروڻيون، پنهنجا ويچار ۽ اصول ڇڏي ويو آهي.

عبدالله جو تعلق مون واري ساڳي سروس سان هو. گهٽ ۾ گهٽ انهن پراڻن ڏينهن ۾ اسين سڀئي ڄڻ هڪ ڪٽنب جا ڀاتي هئاسين. منهنجي سنڌ جي چيف سيڪريٽري طور مقرريءَ کان اڳيئي ڪجهہ ڏکين ڏينهن ۾ آءٌ عبدالله کي هڪ اهڙي انتهائي خوشگوار،انتهائي وڻندڙ نوجوان صاحبلوڪ آفيسر طور سڃاڻندو هئس جنهن جو ساٿ هر ڪو چاهيندو هو. هو منهنجي نندي ڀاءُ سجاد جو گهاٽو دوست پڻ هو. هو سنگت سان ٽهڪندڙ شخص هو جنهن زندگيءَ جي سمورن پهلوئن سان پيار ٿي ڪيو. وٽس هر قسم جي ماڻهن جي ساٿ ۾ جرڪڻ جو جادوئي فن هو. پنهنجي چوڏاري پيار، پنهنجائپ ۽ پنهنجي سولائي سان پکڙجي ويندڙ جوت ذريعي هر ڪنهن کي پنهنجو بڻائي ڇڏيندو هو.

هو1987ع ۾ گهرو کاتي جي سيڪريٽري طور مون سان اچي گڏيو. جهڙي ريت اڳ ۾ چئي آيو آهيان تہ اهي انتهائي ڏکيا ڏينهن هئا. اسين هن ڪاسمو پوليٽن شهر جي مٿان ڪنٽرول ۽ اختيار هڪ پراڻي، پختہ سياسي قوت جي ۽ هڪ ٻئين ابرندڙ پرجوش ۽ پوري طرح ليس تحريڪ وچ ۾ اقتدار، اختيار ۽ ڪنٽرول لاءِ ٽڪراءُ جو مشاهدو ڪري رهيا هئاسين. صوبائي انتظاميا انتهائي دٻاءُ هيٺ هئي. اڪثر، امن امان قائم

ڪنڊڙ انتظاميا جا واضح هدف تڏهوڪي فوجي حڪومت جي سياسي مقصدن کان متضاد ٿي بڻيا، جنهن ھر پاسي مونجهارو پکيڙي ڇڏيو هو.

اهڙي دور ۾ هي خوشدل دوست عبدالله پنهنجي ڏاهپ ۽ واضح نقطي نظر جي املهه وٽ سان هڪ بردبار ۽ راست گومنتظم طور منهنجي واهر لاءِ آيو. آءُ اهي ڏينهن ۽ راتيون ڪڏهن به وساري نٿو سگهان جيڪي اسان پنهنجن انيڪ دوستن سان گڏ گذاري ممڪن حد تائين درست طريقي سان صورتحال کي منهن ڏنو. ان سڄي عرصي دوران عبدالله جو ڪردار انتهائي اهم هو، جنهن دوران امن امان جي بحاليءَ لاءِ اسان جون گڏيل ڪاوشون مڃتا لائق ضرور رهيون آهن.

عبدالله جي شخصيت آفيس ۾ ۽ ان کان ٻاهر به انتهائي اوچي هئي. ڏاڍائي جي شڪار ٿيلن لاءِ هو ماڪ جهڙو سپاجهو ۽ اگرائي ۽ ڏاڍائي ڪندڙن آڏو پهاڙ جهڙو سگهارو هو. منجهس سخت محنت جاري رکڻ جي وڏي سگهه هئي، جنهن ۾ سندس ذهانت جي شامل ٿيڻ ڪري سدائين مثبت نتيجا ٿي نڪتا. هو امن امان بابت تفصيلي ۽ ٽڪائيندڙ گڏجاڻين ۾ سدائين پنهنجي ڪل پوڳ ذريعي نئون روح پيو ڦوڪيندو هو. پنهنجي ڳالهه تي مضبوطيءَ سان پير کپائي بيهڻ کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو هو.

عبدالله پنهنجي سمورن واقفن ۽ ڪيس چاهيندڙن جي ساروڻين ۾ سدائين جيئرو رهندو. آءُ به انهن مان هڪ آهيان.

ڏاهپ ۽ ڪردار جا املهہ گڻ

ڪنور ادريس

آءُ عبدالله جي ميمڻ ڪان چڱي ريت واقف هئس ۽ ساڻس ڪڏهن ڪڏهن ٿيندڙ ملاقاتن ۾ سياست، عوامي خدمت ۽ انهن جي لازمي قدرن بابت ساڻس ٿيل گفتگوءَ مان لطف اندوز ٿيندو رهيس پر بدقسمتيءَ سان ڪنهن بہ حيثيت ۾ ساڻس گڏ ڪم نہ ڪري سگهيس.

سندس ڏاهپ ۽ ڪردار جون وصفون پلي پٽ مشهور آهن ۽ اهي معاشري ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ئي نظر ٿيون اچن. هڪ اهڙي وقت تي جڏهن سندس نوڪريءَ جي باقي ٻچيل سالن دوران، ڪنهن بہ حڪومت يا نظام وٽ ڪيس بهترين موقعا آڇڻ ڪان سواءِ ڪو ٻيو چارو نہ هجي ها، ائين سرڪاري نوڪري ڇڏڻ واري فيصلي جو قدر تہ ڪريان. جيتوڻيڪ هو اهوئي چوندو رهيو تہ هن ذاتي سببن ڪري استعفا ڏني آهي پر اهي سبب هن مون سميت ڪنهن تي بہ ڪڏهن بہ ظاهر نہ ڪيا، مون کي سدائين اهو احساس پئي رهيو آهي تہ هو سرڪاري ملازمن تي جيئن پوءِ ٿيڻ وڌندڙ دٻاءُ ۽ خود سندن ڪرندڙ معيار واري ماحول ۾ ڪم ڪرڻ سان پنهنجو پاڻ کي ٺهڪائي نہ پئي سگهيو.

مون کي اها ڳالهہ ڪانئس وڌيڪ واقف سائين ۽ دوستن لاءِ ڇڏڻ گهرجي جيڪي عبدالله جي ذاتي صفتن ۽ عوامي سرڪاري مامرن ۾ سندس حصي بابت وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪري سگهن ٿا.

پوين سالن دوران عبدالله جا پاڳ پلا هئا جو ڪيس پنهنجي ڏکئي وقت ۾ بہ من موهيندڙ ۽ خيال رکندڙ زال بدر ۽ انيڪ دوستن جي نيڪ تمنائن جو ساٿ حاصل رهيو. مون کي پڪ آهي تہ هو سندس مثال جي پيرويءَ واسطي سرڪاري عملدارن جي ايندڙ نسلن لاءِ سندس ساروڻين کي جيئرو رکندا ايندا.

جادوئي ٻول

پرويز احمد ٻٽ

سرڪاري نوڪريءَ دوران انيڪ سائين سان لهه وچڙ ۾ اچبو آهي. ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي برقرار رهندڙ تاثر ڇڏيندا آهن. عبدالله جي ميمڻ ۾ هڪ اهڙو ئي شاندار فرد هو جنهن جي سنگت جو پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ دوران ڀرپور مزو ماڻيم. سندس حاضر جواب گفتن، ڏاهپ ۽ حساسيت ڪري هن ڏانهن متوجهه ٿيس. ڪنهن خطرناڪ صورتحال ۾ به هن حاضر دماغيءَ جو شاندار مظاهرو ٿي ڪيو.

ارسطو جو چوڻ آهي ته ڪن اٽلپ اصولن ڳولهڻ جي صلاحيت عظمت جو اهڃاڻ آهي، مون کي سندس شخصيت ۾ اهڙيون صفتون نظر آيون. ڪراچيءَ ۾ هڪ غير رسمي گڏجاڻي دوران اسان جي ٿيل ڳالهه ٻولهه ياد ٿي اچيم. عبدالله تازوئي امريڪا مان تربيت پرائي واپس وريو هو.

نيم سنجيدگيءَ وچان ڪائنس پڇيم" عبدالله! امريڪا جي هاٺوڪي دوري مان ڇا پرايو اٿئي؟ "سندس تکڙي جواب مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو چيائين،" ٽي لفظ سکيو آهيان." پڇيو مانس ته" ڪهڙا؟." اهو چوڻ سکيو آهيان ته "مونکي خبر ناهي". انهن جي وضاحت ڪرڻ لاءِ چيومانس ته هن اپٽار ڪئي. "اسان جي معاشري ۾ ڪنهن فرد کان ڪنهن به موضوع بابت ڪو به سوال ڪبو ته ڪا مهارت هئڻ يا نه هئڻ جي باوجود ڪو نه ڪو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو. ٻئي پاسي امريڪا ۾ جيڪڏهن ڪنهن وڏي شاهي پروفيسر کان به سندس بدران ٻي ڪا ڳالهه پڇبي ته وراڻيندو، مونکي خبر ناهي پر آءُ توهان کي ڪنهن اهڙي فرد سان متعارف ڪرائي سگهان ٿو جنهن ان موضوع تي ڪم ڪيو آهي.

اسان ۾ اهو مجڻ جي همت ناهي ته اسان کي محدود ڄاڻ آهي ۽ ڪنهن ڳالهه جو ڪو جواب نه اٿئون. ۽ مونکي خبر ناهي چوڻ بدران ڄاڻ ۽ مهارت نه هوندي به وضاحتون ڪرڻ ۽ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون."

عبدالله جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تمام وڏيون تبديليون آيون هيون. هو مذهب سان ايترو ته ريڍجي ويو هو جو رائيونڊ ۾ ٿيندڙ تبليغي جماعت جي اجتماع ۾ غير حاضر نه ٿيندو هو. هو اخلاقيات وارن معاملن ڏانهن اڳائين وڌيڪ حساس بڻجي ويو هو.

عبدالله سنڌ حڪومت جي گهرو کاتي واري سيڪريٽري جي چارج مون کان ورتي هئي. گهرو کاتي جي سيڪريٽريءَ طور ڪجهه عرصو ڪم ڪرڻ کان پوءِ هن سرڪاري نوڪريءَ تان ئي استعفا ڏئي ڇڏي. مون کي ان تي اچرج لڳو ڇاڪاڻ جو سندس ريٽائرمنٽ ۾ اڃان ڪيترائي سال باقي هئا.

ڪجهه عرصي کان پوءِ اسان جي ملاقات ٿي ۽ آءُ پنهنجو پاڻ کي ڪائنس اهڙي ريت سرڪاري نوڪري ڇڏڻ جو ڪارڻ پڇڻ کان روڪي نه سگهيس. هميشه جيان سندس جواب مختصر ۽ حقيقي هو." ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا ٿي رهيو هو ۾ فرق وڌندو پئي ويو. هڪ اهڙي نڪتي تي پهچي ويو هئس جتي آفيس ۾ هر ڏينهن ذهني عذاب بڻجي پيو هو".

عبدالله صحيح ۽ غلط وچ ۾ اڻ ڪٽ ويڙهاند کي نظرانداز نه ٿي ڪري سگهيو ۽ پنهنجي مهذب طريقي سان معاملي جي پڄاڻي جو فيصلو ڪيائين. شل الله مٺس پنهنجي پاجهه ڪري.

تنهنجي ياد ۾

انعام الحق

ثاقبي شهاب جيان اسين،
ڪن پل لاءِ جرڪي جهڪي روشني تا ڪريون،
ڪڏهن آڪاش تا جرڪايون،
ڪنهن آفاقي فانوس جيان.
روشن يا مدھم، سمورن جو انت اڇڻو آهي،
اونداهي خلا ۾ گم ٿي وڃڻو آهي.
اسان کي جيترو رهڻ ۽ پيار ماڻڻ،
راڄ ڪرڻ يا رعيت ٿيڻ جو،
ڇا ڀاڱي طئي ڪري ڇڏيو آهي؟
ڇا زندگي ايتري بي بقا ۽ لاحاصل هئي؟
سڀ ڪجهه ضائع ناهي ٿيو، ايترو نراس نہ ٿي،
سارونٽيون بقا ٿيون رکن، ابد ڏانهن پکيون پليون ٻڌجي،
ڪي سارونٽيون تلخ آهن تہ ڪي وڻندڙ،
ڪي اسان کي ڏڀ ۽ کهل سان ٿيون ڀرين،
ڪي ڏکوئيندڙ هوندي بہ ٿيون روح کي اتساهين
سارونٽيون افسردگيءَ سان تمتار
اسان جي نقصان هوندي بہ، انساني جذبي
جي سوڀ تي سوڀارين، انتهائي عجيب!
جيڪي سنگ مرمر ۽ سنگِ سياھ جي محل بدران
انهن جي عمارت مڪان ٿيون اڏين.
جن اصولن تي اٽل ٿي ڪو ناھ نہ هو ڪيو
جن کي اختيار بدعنوان نہ ڪري سگهيو،
نہ ٿي سنڌن توازن واري احساس
۽ دل جي چڱائي کي غرق تا ڪن
جن اهنڪار بدران حليمي ۽ شان مان سان
هو وهنوار پنهنجو رکيو

اهڙو ئي هو اسان جو وچڙيل عبدالله،
جنهن جو اڄ دوستن کيو سوگ آ،
جي سدائين ان عظيم نقصان تي غمگين رهندا،
سندس ياد اسان جي آخري پل تائين قائم رهندي
وقت جي انتهائي مختصر ترين جُز لاء،
هو هوا جي جهونڪي جيان يا شايد،
تيزيءَ سان ڪناري ڪان موٽندڙ لهر جيان،
آيو ۽ وري موٽي ويو،
افسوس! اسان گل جو مُک
جهٽي نه سگهياسين، جڏهن بهار
پنهنجا پر سميٽيا ۽ تڪڙ ۾ موڪلائي ويو.

حيف در چشم زدال صحبت يار آخر شد
روائے گل سير نہ ديدم بہار آخر شد

باهمت شخص

محمد ڪليم

هن جي زندگي نيڪ هئي جنهن ۾ ته ئي عنصر منجهس ائين مڙهيل هئا جن خود قدرت اعلان ٿي ڪيو ته اهڙو ٿيندو آهي انسان "
(شيڪسپيئر)

آءُ عبدالله جو ابد ڪان واقف هئس، چار ڏهاڪا ابدئي ته آهن. زندگيءِ ۾ ڪاميابي آڻڻ لاءِ ضروري پاڳ، حوصلي حقيقي ۽ تصوراتي وصفن جي ميلاپ هن لاءِ راهه هموار ڪئي ۽ هڪ مرڪنڊڙ صبح جو هن پنهنجو پاڻ ڪي لاهور واري سول سروسز اڪيڊميءَ جي سحر انگيز پيچرن تي هلندي ڏٺو. تن ڏينهن ۾ نوڪريءَ نه پر پيچرا سحر انگيز لڳندا هئا. درحقيقت نوڪريءَ جو ستارو جرڪي رهيو هو ۽ نون ايندڙن جا اڏما وشال هئا جڻ بائرن جي لفظن ۾:

"تنهن باک ڦٽيءَ ۾ زندگيءَ جا هڪ نعمت هئي
پر جوان هجڻ به بهشت برابر هو"

مون اصلي عبدالله رات جي مانيءَ کان پوءِ ڪينال ڪناري ڪيل ڏگهن پسارن دوران پروڙيو.

هو مسلسل ڳالهائيندڙ هو ۽ هرويرو نظر انداز ٿي نه پئي سگهيو. اسلام، سوشلزم، ڪنهن فلاحي رياست جا نقش حاضرين ڪي سندس لاجواب مزاح ۽ بي مثال چوٽين ذريعي محظوظ ڪرڻ دوران بحث هيٺ ايندا هئا. ڪيس فلسفي ۽ ادب، خاص طور تي اڙدو شاعريءَ سان وڏو چاهه هو. منجهس تبديلي ۽ سڌارن واسطي دونهين دکيل هئي ۽ سندس وڻندڙ شعر، جيڪي پڙهڻ کان ڪڏهن به نه ٿڪبو هو، اقبال ۽ خيام جا هئا:

یہ کائنات ابھی نا تمام ہے شاید
کہ آرہی ہے دمادم صدائے کن فیکون (اقبال)

اي محبت، اچ تہ گڏجي ڀاڳ سان گڏجي
سمورين ڀڄاين کي پڪڙي
پرزا پرزا ڪري انهن مان جوڙيون
دل جي خواهشن موجب ڪي چڱايون
(خيام)

سرڪاري نوڪري، ۾ گذاريل پنهنجي سموري عرصي دوران هو ڪم ڪندڙ ۽ سپنا ڏسندڙ رهيو ۽ جڏهن جاتائين تہ سرڪاري نوڪري، وارو جيو انتظام هلائڻ بابت سندس نقط نظر سان ٺهڪي نہ پيو اچي تہ اوڏي مهل اهو لاهي ڦٽو ڪيائين. هن اهڙي وقت ۾ موڪلائي ورتي جڏهن اڃا بهتر موقعا ملڻ جو وارو هو، اهڙو هو سندس ڪردار ۽ اعتقاد.

هو هڪ ٻي وٽ يعني همت جو پڻ مالڪ هو. سندس دوست هنڻ جو لاپ پرائيندي هڪ واقعو ٻڌائڻ ٿو چاهيان جنهن سان سندس انهي، وٽ جو پلي پت پتو لڳي ٿو.1981ع دوران واشنگٽن ۾ عبدالله ۽ مون عشرت سان گڏ رهندي ورجينا واري ساحل تي هفتيوار موڪل گذارڻ جو فيصلو ڪيو. شام جو دير سان پهچڻ تي اسان ڪي انتهائي ڏکيائي سان ساحل آڏو ٽن بسترن وارو هڪ ڪمرو ملي سگهيو. رات جو دير سان عشرت جي هڪ ڏڳهي ۽ ڪاري شخص ڪان اهو پڇڻ تي تہ هو اسان جي ڪمري ۾ ڇا ڪري رهيو آهي آءِ گهري ننڊ مان جاڳي پيس. هن ٻڌايو تہ هو ڪوسٽ گارڊ آهي ۽ ساحل پاسي کليل دروازو چڪاسڻ آيو آهي. ان همراهہ جي ويندي ئي عشرت پنهنجي بستري ڏانهن وريو تہ ڏٺائين تہ ڪريڊٽ ڪارڊن ۽ پسٽن سان پريل سندس هٽون گم هو.

عبدالله هڪ پل بہ وڃائڻ ڪان سواءِ ٻاهر نڪتو ۽ مزي مزي سان ويندڙ ان همراهہ پويان ڊوڙيو. هڪ جانئي ۽ رڙيون ڪندڙ شخص (عبدالله) جي همت ۽ ڪجهہ فاصلي تي موجود ٻن گارڊن جي موجودگي سبب اهو ڦورو هٽون زمين تي اڇلائي ڀڄي نڪتو. اهو معجزو هو جيڪو هڪ اهڙي ماڻهو، جي ڪري ٿيو جيڪو همت ڀريو هو.

عبدالله جي ميمڻ تنهنجي ڪوٽ محسوس ٿا ڪريون. شل رب تو تي ٻاجهہ ڪري.

پاڪستان جو عظيم فرزند

ڊاڪٽر عشرت حسين

عبدالله جي ميمڻ نہ رڳو پاڪستان ۽ سنڌ جو عظيم فرزند هو پر منهنجي لاءِ ذاتي طور تي هڪ ويجهو دوست، سونهون ۽ صلاحڪار پڻ هو. سنڌس زبان پرجڻ جوڳو ناهي. ملڪ ۾ ڪي ٿورڙائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پاڪستان جي سماجي، دانشوراڻي ۽ سرڪاري جيوت ۾ سنڌس خال پري سگهن ٿا.

آءُ ڪيس نومبر 1964ع کان سڃاڻندو هئس جڏهن اسان پنهي ساڳي ريل گاڏيءَ ذريعي لاهور واري سول سروسز اڪيڊميءَ ڏانهن سفر ڪيو هو. عبدالله ڪراچي کان ان گاڏيءَ ۾ هو جڏهن تہ آءُ حيدرآباد کان سوار ٿيو هئس. اسان جي تڏهن پهرين ملاقات ٿي هئي ۽ 39 سالن جي عرصي دوران اسين گهاٽا دوست بڻجي وياسين. اسين اڪيڊمي ۾ 18 مهينا ۽ ان کان پوءِ ٻن سالن تائين تڏهوڪي اوڀر پاڪستان جي ضلعي باريسال ۾ گڏ هئاسين.

اولهہ پاڪستان جي خاتمي کان پوءِ اسان ٻنهي1970ع ۾ نئين سنڌ حڪومت جي جوڙجڪ ۾ هٿ ونڊايو ۽ ذري گهٽ اٺهوند مان سڄي انتظاميا جوڙيسين. نئين حڪومت ۾ کاتا ۽ ادارا ناهڻ، آفيسن جي ماڳن، افرادي قوت جي تعيناتي ۽ رسد جي هر پهلوءَ ۾ عبدالله جو حصو شاندار هو.

1973ع ۾ سنڌ جي چونڊيل سياسي حڪومت تقررين ۽ بدلين جي ڏس ۾ مٿس دٻاءُ وڌو پر هو مضبوطيءَ سان پنهنجي موقف تي قائم رهيو. هن جهڪڻ کان نابري واري ۽ کيس نوڪري مان برطرف ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني وئي پر اها بہ کيس هيٺو نہ ڪري سگهي. هو کيس مناسب ۽ درست لڳندڙ ڪم ڪندو رهيو ۽ ضابطن ۽ قاعدن کان ڪڏهن بہ نہ ٽڙيو.

اهڙو ئي هڪ ٻيو معاملو واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي خوراڪ واري قونصلر طور سندس مقرريءَ دوران پيش آيو. معمول جيان ذاتي مفاد رکندڙ بااثر فردن ڪڻڪ جي امپورٽ لاءِ عبدالله جي قائم ڪيل کليل ۽ شفاف ٽينڊر واري سرشتي کي اورانگھڻ چاهيو. معاملو اوڏي مهل سنگين ٿي ويو جڏهن ڪابينا جي هڪ بااثر وزير وهنوار کي لتاڙڻ چاهيو پر عبدالله موقف اختيار ڪيو ته وزير مقرر ڪيل وهنوار جي پورائي ڪان سواءِ ڪڻڪ منتقل نٿو ڪري سگهي. آخرڪار عبدالله سوڀارو ٿيو ۽ هڪ فوجي حڪومت دوران پنهنجي همت ڀرئي موقف ڪري پاڪستانين ۽ آمريڪين وٽان هڪ جيتري عزت ۽ حوصلي افزائي ماڻيائين.

جڏهن مون کي نوڪري ڇڏڻ واري فيصلي ڪان واقف ڪيائين ته انتهائي نراس ۽ پريشان ٿيس. مون ڪراچيءَ جي فلائيٽ جهلي آيس ۽ اهو فيصلو تبديل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڏينهن ساڻس بحث مباحثو ڪندو رهيس. عبدالله پنهنجو ذهن جوڙي چڪو هو ۽ ان ڪان ٽر جيترو به هٽڻ لاءِ تيار نه هو. اهو سول سروس ۽ پاڪستان جي انتظاميا لاءِ انتهائي وڏو نقصان هو.

اهو اهم فيصلو ڪرڻ ڪان سنت پوءِ مون کي لڳو ته ڇڻ هو پنهنجو جوش ۽ اڏمو وڃائي ويٺو آهي. سندس صحت خراب ٿيڻ لڳي ۽ سندس سرگرميون محدود ٿي ويون.

ڪيس چيف سيڪريٽري، وزارت ۽ ايستائين جو سنڌ جي گورنر وارا عهدا پڻ آڇيا ويا پر انهن مان ڪوبه قبول نه ڪيائين، البته صدر فاروق لغاريءَ جي درخواست تي نومبر 1996ع ۾ عبوري حڪومت جي وزارت ضرور سنڀاليائين. ڏاهپ، تيز فهمي ۽ متوازن انداز، عبدالله جي ميمڻ جا گڻ هئا، جن مان هي صوبو ۽ ملڪ فائدو وٺي پنهنجا مسئلا حل ڪري ٿي سگهيا.

هو سنڌين، مهاجرن، پنجابين، بنگالين ۽ پٺاڻن ۾ هڪ جيترو مقبول هو. پنهنجي سڄي حياتيءَ دوران هن ڪڏهن به ڪنهن مت ڀيد يا ڪوتاهه بينيءَ جو مظاهرو نه ڪيو. هن هر انسان سان انصاف، ڀاڃهه ۽

ڪشاده دلي وارو ورتاءُ ڪيو ۽ اهوئي سبب هو جو هو معاشري جي سمورن طبقن ۾ انتهائي مقبول هو، جتي غريب سندس پوڇا ڪندا هئا ۽ اشرافيا سانئس پيار.

عبدالله هڪ عظيم شخص هو جنهن جي حياتي اسان جي نوجوان نسل لاءِ هڪ ڏياٽي هئڻ گهرجي. ذاتي طور تي منهنجي لاءِ سندس موت جهڙا خطرناڪ صدما گهٽ ئي آيا هوندا. شل رب سائين سندس روح کي سڪون بخشي.

ذهني ايماندار

معين افضال

آءُ عبدالله جي ميمڻ سان نومبر 1964ع جي شروعات ۾ مليو هئس جڏهن اسين ٻئي سول سروس پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ لاهور جي اپر مال تي واقع ان جي اڪيڊمي پهتا هئاسين. تنهن سال سيارو ڪجهه جلدي اچي ويو هو ۽ اڪيڊميءَ ۾ خاص طور تي وهنجڻ لاءِ گرم پاڻيءَ جو انتظام نامناسب هو. ڪراچيءَ سان تعلق هئڻ ڪري عبدالله کي هين جي پيٽ ۾ ٿڌ ڪجهه وڌيڪ پئي محسوس ٿي. ٻئي هفتي دوران هن غسلخاني ۾ پاڻي پونڊڙ هيٽر وارو معاملو ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪاظميءَ سان سليو. اڪيڊميءَ جا ضابطا انتهائي سخت هئا ۽ فقط مهيا ڪيل اليڪٽرڪ هيٽر استعمال ڪرڻ يا وڏن ڪمرن ۾ جتي آتشدان ٻري ٿي سگهيا، باهه ٻارڻ جي اجازت هئي. ان ڪري ڪاظمي راضي نه ٿيو. عبدالله ڪيترن ئي ڏينهن تائين پنهنجي درخواست ورجائيندو رهيو پر ڪيس ساڳي وراڻي ئي ملندي رهي.

منهنجي خيال ۾ اهو واقعو هو جنهن عبدالله کي پهريون ڀيرو پنهنجي سائين جي ڌيان جو مرڪز بڻايو. اسان کي جنهن ڳالهه متاثر ڪيو سا منطق ۽ اخلاق سان ڀرپور سندس ڳالهه رکڻ جو انداز هو. ان واقعي عبدالله جي ذهني ايمانداريءَ کي ظاهر ٿي ڪيو. هو ڪنهن جي ڄاڻڻ کان سواءِ سولائي سان هيٽر استعمال ڪري پئي سگهيو پر جيئن ته ضابطا اهو ڪجهه ڪرڻ کان روڪي رهيا هئا تنهنڪري هن انهن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. هن واضح ڪيو ته گرم پاڻيءَ جي فراهمي سياري جي صبح جو سوير ڇهين وڳي سگهيا جي لاءِ موجودگيءَ

کي بهتر بڻائي سگهي ٿي.

اولهه پاڪستان سان تعلق رکندڙ اسان جي جٿي جي باقي سمورن سيڪڙائن وانگر عبدالله کي به1967ع کان1970ع تائين ٽي سال اوڀر پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻو پيو. عبدالله وٽ مميمن سنگهه ضلعي جو تعلقو تانگيل هو. اهو مولانا ڀاشانيءَ جو آبائي علائقو هو. عبدالله پنهنجي مقرري جي شروعات ۾ ئي مولانا جو سنگتي بڻجي ويو.

اهي ايوب خان جي حڪومت جا آخري ڏينهن هئا ۽ تن ڏينهن ۾ ڍاڪا هاءِ ڪورٽ ۾ اگرتلہ سازش ڪيس هلي رهيو هو. مجيب الرحمان جيل ۾ هو ۽ اخبارن ۽ خانگي ڪچهرين ۾ ڇهن نڪتن تي زور شور سان بحث جاري هو. عبدالله اهڙي ٻونچال ڀري ماحول ۾ سياسي طور تي بيدار تانگيل تعلقي ۾ انتهائي خوش اسلوبيءَ سان انتظام سنڀالي ورتو.

1968ع دوران اسين اڪثر ڍاڪا ۾ گڏبا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن فاروق لغاري، شاهد حامد ۽ شمشير علي خان سميت ٻيا به هوندا هئا. عبدالله هر ڪنهن جي زبان تي موجود اهم سوال تي پنهنجي تجزئي کان اسان کي واقف ڪندو هو ته ڇا اوڀر ۽ اولهه پاڪستان گڏ هلي سگهن ٿا.

عبدالله سدائين هڪ عظيم قومپرست رهيو. هو جينوٽيڪ اسان مان ڪن وانگر، اوڀر پاڪستان جي رهواسين جي ويڳاڻپ يا محروميءَ واري احساس سان همدردي رکندو هو پر ايڪتا قائم رکڻ جو ڪونه ڪو ڏڳ ڳولهي لهندو هو. آءٌ سمجهان ٿو ته انهي تجربي ئي ڪيس سنڌي قومپرستيءَ کي بهتر طور تي سمجهڻ جو اهل بڻايو.

عبدالله سرڪاري نوڪريءَ دوران اهم سرڪاري عهدا ماڻيندو رهيو. حيدرآباد ۾ سنڌس ڪمشنر هجڻ دوران آءٌ ساڻس گڏيو هئس جڏهن ته سنڌ حڪومت ۾ اهم عهدا سنڀالڻ دوران به ساڻس اڪثر ملاقات ٿيندي رهندي هئي. بهرحال سنڌس ذاتي قدوقامت سنڌس ماڻيل عهدن کان سدائين مٿاهين رهي. هن پنهنجي مقرريءَ واري عهدي ۾ پنهنجي مڪمل ۽ ڪلي دماغ واري شخصيت کي شامل ٿي ڪيو ان ڪري ئي پنهنجي ڪيترن ئي همعصرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪارائتو ۽ عزت ماڻيندڙ

سرڪاري عملدار ثابت ٿيو.

سرڪاري نوڪريءَ تان سنڌس وقت کان اڳي ريٽائرمنٽ وٺڻ هڪ قومي زيان هو، ڪيس انتي ڪڏهن بہ پڇتاءُ نہ ٿيو. آءُ اڪثر سوچيندو رهيس تہ هو ڪهڙي قسم جو وفاقي سيڪريٽري بڻجي ها. منهنجي خيال ۾ هو انتهائي اوچي مقام تي پهچي پئي سگهيو.

ڊسمبر 1996ع ۾ بينظير ڀٽو جي ٻي حڪومت جي برطرفيءَ تي عبدالله جي ميمڻ کي واٽر اينڊ پاور جو وفاقي وزير بڻايو ويو. جيئن تہ سنڌس تعلق 1964ع واري جٿي سان هو، تنهن ڪري اڪثر ماڻهن سنڌس مقرريءَ کي ان سان لاڳاپيل سڏيو. ڪنهن حد تائين اها ڳالهہ درست هئي ڇاڪاڻ جو صدر فاروق لغاري ڪانئس ذاتي طور تي واقف هو. بهرحال سنڌس سائين پلي پت چاتو ٿي تہ سنڌس چونڊ مڪمل طور تي معيار ۽ اهليت تي ٻڌل هئي هن انهيءَ اهم ڪر لاءِ پاڻ سان گڏ انتظام ۽ انتظاميا جو غير معمولي تجربو ۽ ٻني ٻاري ۽ آبپاشيءَ سان لاڳاپيل مامرن جي ڄاڻ پڻ آندي. تن ڏينهن ۾ ناٽي جو سيڪريٽري هئڻ ڪري آءُ ڪابينا ۽ انيڪ اهم ڪميٽين ۾ ڪيس ويجهڙائي کان ڏسندو رهيس. عبدالله پنهنجي ڪاتي بابت حاصل ڪيل ڄاڻ ۽ پنهنجي دليل ڏيڻ واري اثرائتي انداز سبب هر ڪنهن کي متاثر ٿي ڪيو.

هو واٽر اينڊ پاور جو شايد پهريون وزير هو جنهن پروڙيو تہ واپڊا ۽ ڪي اي ايس سي کي لاحق مالياتي ڏکيائيون نہ رڳو انهن ادارن جو ٻيڙو ٻوڙينديون پر اهي وفاقي بجيٽ لاءِ پڻ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون. معراج خالد حڪومت جي آخري ڪابينا اجلاس ۾ هن پنهنجي پوري سگهہ سان بجليءَ جي اضافي اگهن لاءِ زور پريو. اها مالياتي لحاظ کان لاڀائتي رٿ هئي، جنهن سان اهي ٻئي ادارا سگهارا ٿين ها. سنڌس صلاح تي ڌيان نہ ڏريو ويو ۽ اڳتي هلي نوازشريف حڪومت ان کان ڪن تار ڪندي رهي تانجو گهوٽالو خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري ويو. اڄ بہ اهو حڪومت جي ڇاتيءَ تي مڱ ڏري رهيو آهي.

مون عبدالله کي آخري ڀيرو سنڌس ڏکدائڪ موت کان ڪو پنج هفتا اڳ 2 جنوري تي ڏٺو هو. اهو ڊاڪٽر عشرت حسين طرفان بينڪ هائوس

تي ڏنل ننڍڙي مانجهاندي جو موقعو هو. صحت خراب هئڻ جي باوجود هو ان دعوت تي آيو ۽ پنهنجي من موهيندڙ وجود سان سڀني سان ملندو رهيو. آءٌ عشرت ۽ ڪليم پوين ائٽيهن سالن وانگر تنهن ڏينهن به دير تائين هڪٻئي سان ڪچهري ۽ بحث ڪندا رهياسين. عبدالله جي ظرافت واري حس ۽ موجود عورتن کي تنگ ڪرڻ ۾ سندس مهارت انهيءَ آخري گڏجاڻيءَ کي يادگار بڻائي ڇڏيو. مون کي ياد آهي ته وسيم اڪرم به ان مانجهاندي ۾ موجود هو ۽ عبدالله جو چوڻ هو ته ڪيس وسيم ايئنڊز ورلڊ ڪپ لاءِ مڪمل طور تي تيار نظر پيو اچي.

سندس گهر واريءَ مون کي ٻڌايو ته هو دل جي خطرناڪ دوري سبب انتهائي اوچتو گذاري ويو. سندس موت سندس سائين ڪان هڪ انتهائي ايماندار دوست ڦري ورتو آهي ۽ ملڪ پنهنجو هڪ بهترين فرزند وڃائي وڌيڪ غريب تي ويو آهي.



ادراڪ ۾ عاليشان

سعيد احمد صديقي

دنيا ۾ اهڙا ٻه ماڻهو ٿين ٿا جيڪي پورا پنا ۽ بنان ناهه نوهه جي هوندا آهن پر سندن گڻ کين ناماچاري سان ٽمٽار ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙو ئي اسان جو وڇڙيل ساٿي عبدالله جي ميمڻ ٻه هو. سندس ياد سدائين اسان جي دلين ۾ قائم رهندي.

خوش مزاج ۽ گرمجوش عبدالله سچين خوبين جو مالڪ هو. راستبازي سان پرپور. هن پنهنجي ديس جي انتهائي اورچائپ ۽ انتهائي ڏاهپ سان خدمت ڪئي. معاشري ۾ موجود برائين خلاف سندس صحيح فيصلن ۽ مضبوط موقف کيس انيڪ مڃتائون ڏياريون.

سندس من موهيندڙ شخصيت ساڻس تعلق ۾ ايندڙ سمورن ماڻهن کي موهي ڇڏيو هو. هو هڪ ٻاجهارو پاڙيسري، هڪ ڀروسي جوڳو دوست ۽ سٺي مزاج وارو ساٿي هو. اڪثر صحت جي خرابيءَ هٿان ڏکجي پوڻ جي باوجود ٻين لاءِ ڪجهه بهتر ڪرڻ لاءِ سدائين پتوڙيندو رهيو. پنهنجي واقفن ۾ کيس انتهائي احترام حاصل هو.

هو آدرشي تصور، ادراڪ ڀريي صبر ۽ سهپ سان ٽمٽار شخص هو. هو هڪ اهل منتظم، هڪ تيز ترار پاليسي ساز ۽ هڪ ايماندار ۽ باصلاحيت سرڪاري عملدار هو جيڪو ماڻهن جي چڱاين جو سدائين متعرف ٿي رهيو. 1996-97ع دوران عبوري حڪومت ۾ وزير طور پنهنجي مختصر مدت دوران هن پنهنجي اڻ مين صلاحيتن جو شاندار مظاهرو ڪيو.

هو ڪردار جو پلوڙ جج هو ۽ باضمير آفيسرن جي مڪمل پٺڀرائي ڪندي کين همٿائيندو ۽ اتساهيندو رهندو هو. سڄي ملڪ جا ماڻهو عام طور تي ۽ سنڌ واسي خاص طور تي هڪ اهڙي روشن خيال هم وطن جي

لاڏاڻي تي ماتامي آهن. سندس وقت کان اڳي موت، اسان سيني لاءِ دردمند دل جي ڪري ٿيو. پنهنجي عمل وسيلي عبدالله ثابت ڪيو تہ انسان رڳو هڏين مُٺ ٿي نہ پر ادراڪ ۾ عاليشان ۽ لياقتن ۾ لامحدود ٿي سگهي ٿو. هو چمڪدار شخصيت رکندڙ شخص هو جنهن جو ڀاڳ ۽ مشهوري هميشہ هڪ جوت ۽ پڙاڏو هوندا.

ڪڏهن به نه وسرندڙ سبق

آفتاب احمد ميمڻ

مون کي پنهنجي ٻاراڻي ۾ کان ئي عبدالله جي ميمڻ کان واقف هئڻ جو فخر حاصل آهي. هو ۽ منهنجو والد، عبدالله جي ميمڻ جي ڪراچي ۾ ڪورٽ ۾ ڪم ڪرڻ واري وقت کان پاڻ ۾ دوست هئا. هو 1964ع ۾ سول سروس اڪيڊمي ۾ ويو. انتهائي وڏي عهدي وارو سرڪاري عملدار بڻجڻ به کيس تبديل نه ڪيو. هو اڳي جيان ئي ئوڙت پريو ۽ پنهنجي پراڻن دوستن سان سڀاڳي ۾ ريت پيار، خلوص ۽ قرب ونڊيندو رهيو.

مون کي ٺٽي جي مڪلي جمخاني ۾ سندس اچڻ چٽي ۾ طرح ياد آهي جتي آءٌ ٽيبل ٽينس کيڏندو هئس. هو ڪڏهن ڪڏهن اسان جي ٺٽي واري گهر ايندو هو، جتي منهنجو والد مرحوم محمد موسيٰ ميمڻ 1965-67ع دوران مختيارڪار هو. مون پنهنجي والد وٽان ڪئين پيرا ٻڌو ته عبدالله جي ميمڻ، شفيق دريشاڻي، چوڌري اجمل، صديق گهانگهرو ۽ بابا ڪينجهر ڍنڍ تي گڏجي سير لاءِ ويا هئا.

هڪ ڏينهن بابا کي اهو به چوندي ٻڌم ته عبدالله جي ميمڻ جو سينئر ۽ مشهور سي ايس پي شاعر مصطفيٰ زيدي پڻ هڪ موهيندڙ سونهن سان گڏ هڪ شام ساڻن گڏ هو. اهو چوڻ جي ضرورت ناهي ته اها سُندري شهناز هئي، جنهن کي مصطفيٰ زيدي ۾ 4 جولاءِ 1970ع تي "شهناز اول" ۾ پنهنجي پيتا سان لافاني بڻائي ڇڏيو هو:

جو بھی تھا چاک گریباں کا تماشہ تھا
تو نہ ہوتی تو یہ تدبیر رفو کرتا کون

30آگسٽ 1970ع تي لکيل " شهناز دوئم"۾ پنهنجي پيڙا ۽ جماليات جو سفر جاري رکندي هن پنهنجو انتهائي مشهور نظم لکيو:

فنکار خود نہ تھی، میرے فن کی شریک تھی
وہ روح کے سفر میں بدن کی شریک تھی

انهيءَ گڏجڻ، چڱو وقت گذارڻ، انهن همراهن جي ڳالهه چورڻ ۽ مزو ماڻڻ جو ذڪر انڪري ٿو ڪريان تہ منهنجي توريل تڪيل راءِ موجب اهي همراهہ نہ تہ صوفي سنت هئا ۽ نہ ئي ڪي صرف حُسن ۽ عشق جي سفر جا پانڌيئڙا. هو پنهنجي سرڪاري ذميوارين ڪي ايمانداريءَ سان پورو ڪرڻ جو ادراڪ رکندي هڪ اهڙي وسيع تر سرشتي ۽ تصور جا آدرشي هئا جيڪو عام ماڻهوءَ جي مسئلن ۾ گهٽتائي آڻي. ڪين اهو ڄاڻي پڪ سان حيرت ۽ مايوسي ٿي هوندي تہ هو جنهن نظام جو حصو هئا، سو ناڪافي ۽ اڻپورو هو.

عبدالله جي ميمڻ انهن سمورن کان مٿيرو هو. مصطفيٰ زيديءَ جي لفظن ۾:

ناقابل بیان اندھیرے کے باوجود
میری دعائے صبح وطن کی شریک تھی

سندن تصور نہ مزي لاءِ ئي زندگي گهارڻ هو، نہ وري عمر خيام جي ان ڳالهہ جي زير اثر هو تہ

نڪر جو اهو جام جهلي، پنهنجي چپن ڪي
جيون جي ڳجهي ڪوهہ مان سُرڪ ڪان روڪيان
۽ هر ڪنهن لب ڪي، هن سرهاڻن ۾ چيو" پيءُ!"
جيسين آ جيون جوت، وري نہ اي ملٽو آهي".

عبدالله ميمڻ فاني ماڻهن ۾ ڏاهپ ۽ ڄاڻ پکيڙڻ واسطي اولمپس جبل تان باهہ چورائيندڙ انهيءَ پروميٿس جو هم قبيل هو، جنهن ڪي ڏتڙيلن جا ڏک ۽ پيڙائون محسوس ڪرڻ تي ننديو ۽ نپوڙيو ويو. ناانصافي، غير منصفاڻي ورڇ، پاڻ جهڙن انسانن جي تڪليفن سندس دل ۽ روح ڪي رنجايو تہ سهي پر انهن ڳالهين ڪيس ڏاڍاين سان وڙهاند ۾

هر گلرنڊلڙ ڏينهن سان وڌ کان وڌ سگهارو پئي بڻايو. اولمپس جبل تان ديوتائن جا راز چورائيندڙ ماڻهن جا احساس پنهنجي جي لفظن ۾ ئي بيان ڪري سگهجن ٿا:

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري
لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ذري
وڃن وڻ ٻري، اوڀڙ اهڙي ڪينڪي.

هڪ ڀيري جڏهن اسين ٻئي ڄڻا گڏ هئاسين ته رات ڏرڻ تي عبدالله جي ميمڻ تي گهڙي پل لاءِ اباڻڪائي ڇانئجي وئي. هو ٻيهر پنهنجي معمول واري گرمجوشيءَ ڏانهن موٽي آيو ۽ موضوع بدلائي شاعري ۽ ادب بابت ڳالهائڻ لڳو. مون کان پڇيائين "Les Miserables" پڙهيو اٿئي؟"

"ها. "مون وراڻيو

"ان جو مهاڳ ياد اٿئي؟ "پڇيائين

"ها، اهو ڪو سئو کن ڀيرا پڙهيو هوندم. مون ٻڌايومانس ته اهو ٻر زبان پڙهي سگهان ٿو. ان مهل ٻـ معمولي فرق سان ان کي پڙهڻ جي پوري ڪوشش ڪيم. پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي مون کي نرڙ تي چمي ڏنائين." اهو ڪڏهن ٻه نه وسارجان ۽ وڪٽر هيوگو جي ڳالهه تي عمل ڪرڻ واسطي هر ممڪن ڪوشش ڪجان".

منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. چيومانس:" آءٌ انتهائي ڪمزور آهيان. خدا کان دعا ڪجو ته هو مون کي ان ڏس ۾ ڪجهه ڪرڻ جي توفيق ڏئي". اسان ٻنهي جي آدمن جي اظهار لاءِ ادب جي انهيءَ شاهپاري جي مهاڳ مان حوالو ڏيڻ ئي مناسب ٿيندو:

"جيستائين قانون ۽ رواج جي ڪري هڪ سماجي نندا رهي ٿي، جيڪا سيتا جي نالي تي مصنوعي طور تي ڌرتيءَ تي جهنم ٿي پيدا ڪري ۽ جيڪا ڀاڳ کي، انساني قضا سان ئي منجهائي، جڻ اهو ڪو الاهي امر آهي. جيستائين انساني سماج ۾ غربت هٿان انسان جي تذليل، فاقي ڪشيءَ هٿان عورتن جي بربادي ۽ جسماني ۽ روحاني پيڙائن هٿان

پالڪيٽي جي انت ورا تي مسئلا حل ٿيا ٿين، جيستائين ڪجهه علائقن ۾ سماجي گهٽ ۽ پوست برقرار آهي، ٻين لفظن ۾، اهڙا ٻه وسيع نقط نظر موجب، جيستائين ترقيءَ تي الهوند ۽ مصيبتون باقي آهن، اهڙا ڪتاب غير ضروري ٿيا ٿي سگهن".

اهڙا ٿي عبدالله جي ميمڻ جا آدرش ۽ تصور هئا جيڪي هن سڄي حياتي پاڻ سان گڏ سانديا. هڪ سرڪاري عملدار طور سندس ڪئريئر ۽ هڪ عام شهريءَ طور سندس رويا ان حقيقت جا عڪاس آهن ته هو سمورن قسمن جي ڏاڍ ڏمر خلاف پنهنجي ويڙهاند ۾ پير ڪپائي بيٺو هو.

هو سول سروسز جي بهترين روايتن جو مهندار هو. سول سروسز جي بهترين روايتن جو ذڪر مون کي واپس سول سروسز اڪيڊمي لاهور ڏي موٽائي. 1981ع ۾ جنرل ضيا جي ڪابينا ۾ آباديءَ جي پلاني واري وزير عطيا عنايت الله سيڪراٽن کي ليڪچر ڏيڻ واسطي اڪيڊمي آئي. سندس مڙس ۽ 1952-53ع واري جٿي جو هڪ سي ايس پي آفيسر عنايت الله سول سروسز اڪيڊميءَ جو ڊائريڪٽر جنرل رهيو آهي. هڪ مرحلي تي، مرڪنڊي ۽ شرارت وچان پنهنجي مڙس ڏانهن نهاريندي هن چيو ته" اهو اڪثر چيو ويندو آهي ته پاڪستان ۾ سول سرونٽس (سرڪاري خادم)، نه ته سول (سڌريل) آهن نه وري سرونٽس (خادم)" مون پنهنجي پرسان ويٺل هڪ سائيءَ جي ڪن ۾ سرٻات ڪيو" ان کي اڻ سماجي نانگ (Uncivil Serpents) به چوڻ کپندو هو:"اهو ڪو چرچو ڪونه هو

مون وٽ انهيءَ اعليٰ ٽولي لاءِ ڪا گهڻي عزت نه هئي، جنهن ۾ مون شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو. جيستوڻيڪ وقت مون کي غلط ثابت ڪيو ۽ مون تي ظاهر ڪيو ته پنهنجي زندگيءَ ۾ آءُ جن بهترين ماڻهن سان مليو سگهيو آهيان تن مان ڪجهه اعليٰ سرڪاري عملدار ئي هئا، منهنجو سدائين ويساهه رهيو ته نهنائي، اهو گڻ جنهن جو مون سڄي حياتي قدر ڪيو آهي، انهيءَ جنس جي لياقت ناهي. چاڪاڻ جو هنن پنهنجو پاڻ کي بهترين ۽ خصوصي طور تي چونڊيل ٿي ليکيو. آءُ ڪيڏو نه غلط هوس. اها منهنجي ذاتي ڪوتاهه بيني ۽ محدود سوچ هئي جنهن مون کان اهڙي ڪمزور نقط نظر تي ڳنڍ ڏياري.

اڳتي هلي پنهنجي ڪئريئر دوران آءُ ڪيترن ئي اهڙن اعليٰ عملدارن سان مليس جيڪي سٺي انسان طور مڃاتا هئا. پر جڏهن انهن مان ڪردار، ساک، اصولن، ڏاهپ ۽ چاڻ سان گڏوگڏ سندن ورتاءُ جي آڌار تي پيٽ ٽي ڪيم ته عبدالله جي ميمڻ سڀني کي پوئتي ڇڏيو. فخر جي احساس ۽ عزت نفس سان گڏ نوڙت سندس مضبوط ترين خوبي هئي.

هو بااصول شخص هو پر ڪڏهن به پاڻ پڏائڻ وارو رويو نه رکيائين. هو چڱائيءَ جي ساراهيندو هو. هڪ ڀيري هڪ سينئر ساٿيءَ بابت چسو جملو ڳالهايم. مون کي سمجهائيندي چيائين:" ڏس پٽ، اسان سڀني ۾ ڪمزوريون آهن. اهڙيون ڳنڍيون جيڪي اسين کولڻ کان قاصر آهيون، ڪوريئڙي جا اهڙا ڄار، جيڪي ٽوڙڻ ۾ ناڪام ٿا رهون، ڪي اهي ٽوڙي وجهندا آهن ته ڪي نه به ٽوڙي سگهندا آهن. تون هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڳالهه پيو ڪرين جيڪو بظاهر ٿوڙو گهٽ ظرف ٿو رکي. جاني! توکي ٻڌايان ته اسان جي ساٿين مان به چٽا اهڙا به آهن، جن کي ماڻهو شرابي ٿا سڏين، پر آءُ انهن جو قدر ڪندو آهيان. خبر اٿئي ڇو؟ سندن ڏاهپ ۽ سندن ذهانت جي ڪري. ڪنهن کي سندس جوڳو مقام ڏيڻ کان انڪار ڪيئن ٿو ڪري سگهجي. شرابي ٻٽجي، هنن فقط پنهنجو پاڻ کي ئي نقصان رسايو آهي".

مون اجا تائين ان سبق بابت نه لکيو آهي جيڪو ڪڏهن به نه وساري سگهندس. اسان جي تربيت پوري ٿيڻ کان پوءِ مون کي پنجاب اماڻي اسسٽنٽ ڪمشنر/ايس ڊي ايم فورٽ عباس بڻايو ويو. ان کي ڊي ايم جي اسٽيشن نئي ليکيو ويو. اهو ڪجهه ريگستاني، ڪجهه آبپاشيءَ وارو ۽ روينيو جي ٻوليءَ ۾ نئين آبادي هو. ضلعي هيڊ ڪوارٽر بهاولنگر ۾ هو. اهو ننڍڙو شهر 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ئي ميونسپلٽي بڻيو هو. آءُ ٻارن ٻچن وارو هئس ۽ منهنجا به ٻار اسڪول وڃڻ واري ڄمار جا هئا پر فورٽ عباس ۾ ڪي ٿورڙيون ئي مناسب سهولتون موجود هيون. ان کان سواءِ پنهنجي هر ڪلاسين جي خانيوال، صادق آباد، مري، لاهور، ساهيوال ۽ پاڪپتن ۾ مقرريءَ سبب پنهنجي تعيناتيءَ تي ڪجهه بيچين هئس. مون کي ائين ٿي لڳو ته ڄڻ مون کي نظرانداز ڪيو ويو آهي

چاڪاڻ جو آءٌ ڪنهن جو واقف نہ هئس. مون پنهنجي والد سان ان بابت ڳالهايو جنهن عبدالله جي ميمڻ سان ڳالهائڻ ۽ ڪيس پنهنجي ضرورتن ۽ احساسن کان واقف ڪرڻ جو مشورو ڏنو.

هڪ ڏينهن بهاولنگر وجي ڪيس فون ڪيم. هو تن ڏينهن ۾ حيدرآباد جو ڪمشنر هو.

"هيلو!"هڪ پاسان زندگيءَ سان ڀريل آواز آيو،"ڪيئن آهين، بابا؟"

"ٺيڪ سائين"ورائيم

"مون کي خبر پئي آهي تہ تون اي سي فورٽ عباس ٿيو آهين. مون کي پڪ آهي تہ پنهنجي وسان نہ گهٽائيندو هوندين. بابا، هڪڙي صلاح ڏيان، جن علائقن ۾ ڪالونائزيشن اسڪيمون آهن تن ۾ وڌ کان وڌ ويندو ڪر. آبادين جا پنهنجا مسئلا هوندا آهن. ماڻهو ڪليڪٽر تائين رسائي چاهيندا آهن." هن بزرگيءَ واري انداز ۾ چيو.

"او خدا! هاڻ ڪيس ڪيئن ٻڌايان تہ آءٌ پنهنجو پاڻ کي مسعود ڀگوان (آءِ سي ايس آفيسر مسعود کدر پوش، جنهن کي پنجاب جي مظفر ڳڙهہ ضلعي ۾ پيار وچان مسعود ڀگوان سڏيو ويندو هو، چاڪاڻ جو هو ماڻهن جي رسائيءَ ۾ هو ۽ ڪين هر ممڪن لاڀ رسائيندو هو) يا قاسم رضوي (هڪ ٻيو جهونو اعليٰ عملدار جنهن جا ڪليڪٽر طور فيصلا ۽ ريونيو بابت ٺڏي تي حڪم شاندار هئا) نٿو بنائڻ چاهيان." پنهنجو پاڻ کي چيم.

ان کان پوءِ حوصلو ڪري کيس چيم:" چاچا! بابا سان ڳالهايو هئم، هن چيو آهي تہ اوهان سان ڳالهايان".

"مهرباني پٽ! ڪا خاص ڳالهہ"

"ها، فورٽ عباس ۾ خوش ناهيان" هلڪي آواز ۾ پڙڪيس.

"خوش! ان مان ڇا مطلب اٿئي؟" سندس لهجي ۾ اوچتو تيزي اچي وئي هئي.

واڻڪيپ وچان چيومانس" هيءَ هڪ ويران ۽ سنسان جاءِ آهي. ڪنهن بهتر پوسٽنگ لاءِ منهنجي ڪا مدد ڪري سگهو ٿا؟"

۽ مون کي پنهنجو سبق ملي ويو.

هو منهنجي بهتر پوسٽنگ واري ڳالهه تي سخت ڪاوڙجي پيو هو
ڇاڪاڻ جو سمجهيائين ٿي ته ڪنهن ڊي ايم جي آفيسر طرفان مقررين
کي سٺي ۽ خراب ۾ ورهائڻ مناسب ناهي. ڪم کي ڊيوٽي ڪري وٺجي،
ان ڪان نه گهٽ نه وڌيڪ! هن واضح ڪري ٻڌايو ته هو منهنجي انداز مان
خوش نه هو. مٿس اهو واضح ڪرڻ ۾ وقت لڳو ته سٺي پوسٽنگ مان
منهنجو مطلب پنهنجي ٻارن جي پڙهائي جي حوالي سان هو. هو ٿڏو ٿيو
۽ مون کي هفتي کن ۾ مقرريءَ لاءِ ٻه ٽي ماڳ ڄاڻائڻ لاءِ فون ڪرڻ جو
چيائين. جيستائين فورٽ عباس ۾ هئس، ڪيس وري فون نه ڪير،
منهنجي خودداري مون کي اهو ڪرڻ ڪان جهلي رهي هئي.

ڪجهه سالن ڪان پوءِ ساڻس ملاقات ٿي ته پڇيائين ته" تو رابطو ڇو
نه ڪيو، جڏهن ته مون ٻين ڪيترن لاءِ به اهڙيون سفارشون ڪيون آهن"
بهرحال ڪيس مون مان اهڙي ڳالهه جي توقع نه هئي ڇاڪاڻ جو
سمجهائين ٿي ته آءُ هر حال ۾ سينو سهائڻ وارو ماڻهو آهيان. چيومانس
ته اهوئي مون ڪان وسري ويو هو ۽ مون کي اهو ياد ڪرائڻ تي اوهان جو
سچ پچ ٿورائتو آهيان ته مون کي پنهنجي ٻن پيرن تي اڪيلي سر بيهي
مقابلو ڪرڻو آهي.

اهو سبق هن مون کي منهنجي نوڪريءَ جي شروعاتي سالن ۾ ئي
سيکاريو ۽ اها ڳالهه سدائين سيني سان سانڍي رکي اٿم: پنهنجي پيرن
تي بيهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ، شڪست جو فڪر نه ڪرڻ. ڪيترن ئي بهتر
ماڻهن کي ساڀيان نه ملي آهي. ڪير ٿو ڄاڻي.....



سي نہ وسرن مور

آغا آفتاب احمد خان

اسين جيئن ئي وارياسي ساحل تي ويناسين ۽ سج عربي سمنڊ ۾ وليءَ جي اڻکٽ سلسلي پويان لهڻ لڳو تہ اوچتو هزارين تارا آڪاش تي جرڪڻ لڳا. اهڙو منظر ماڻڻ لاءِ اهو پنهنجي اکين سان ڏسڻو پوندو. "پاڪ ڦٽيءَ مهل، "عبدالله چيو"، سج هڪ عظيم الشان ڪتاب جو ورق آهستگي سان ورائي ٿو ۽ اوير کان شروع ڪندي سانجهيءَ مهل ڪائنات جي وشال ترين، انتهائي نويڪلي ۽ گوڙگهمسان کان پاڪ ڪلاس روم ۾ بئي ورق ڏانهن وڌي ٿو."

عبدالله جي ميمڻ زندگيءَ جي سفر بابت فلسفين جيان بيان ڪري رهيو هو. هن صحيح ٿي چيو. مون ڪيس ٻڌو، ڪيس سمجهيم پر گهرائيءَ جو مڪمل انت نہ لهي سگهيس. ڪجھ مهينن کان پوءِ ٿي هو گذاري ويو. سندس زندگيءَ جو بنياد سندس زوردار ٽهڪ هاڻ ڪڏهن بہ نہ گونجندا، منهنجي افسردگي مٽائي نہ سگهندا، هاڻ مون ڪي پنهنجو پاڻ ڏانهن موٽڻ لاءِ يادن جي بيساکين جوئي سهارو وٺڻو پوندو.

عبدالله هڪ سادو سودو شخص هو، جيڪو اسان مان ڪيترن ڪي پنهنجي شخصيت جي چوڌاري دائري بابت اچرج ۾ پيو وجهندو هو. جيتوڻيڪ سندس تعلق سي ايس پي واري اشرافيائي طبقي سان هو پر هو ان سان تعلق نہ رکندڙن جي وڌيڪ ويجهو هو. ان ئي ڪيس اميرن يا غريبن مردن يا عورتن، ڇوڪرن يا ڇوڪرين وٽان سچو پُچو پيار ٿي ڏياريو، اهي اهڙيون خوبيون آهن جيڪي الله پنهنجي ڪجھ مخصوص ٻانهن ۾ ڇائي ڇم کان وجهندو آهي.

عبدالله جو هر فن مولا هئڻ اسان مان گهڻن لاءِ همت افزائي جو ذريعو بڻيل هو پر ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي ان ۾ هن جيان ڪامياب ٿي

سگهن ٿا. هو ڪنهن نوجوان يا ڪنهن جهوني سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيزار ٿيڻ کانسواءِ ويهي ڪچهري ڪري ٿي سگهيو. منهنجو ڪتب هن لاءِ سدائين سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي رهيو. ايمانداري: جي ڳالهه آهي ته منهنجا ٻار منهنجي پيٺ ۾ هن سان وڌيڪ سولائي سان ملاقات ڪندا هئا. اهو رڳو منهنجي ئي ڪتب سان نه هو پر سندس واقف سمورن ڪٽنبن جي اهائي صورتحال هئي.

عبدالله جي سرڪاري نوڪري: تان رٽائر ٿيڻ جي ڪو سٺن سالن کان پوءِ دوستن جو هڪ ٽولو غيررسمي طور تي گڏيو ته ڪچهري: ۾ اڌ رات گذري وئي. اوچتو هڪ دوست ان تي حيرت جو اظهار ڪيو ته عبدالله وقت کان اڳي نوڪري جو ڇڏي ڏني. اوڏي مهل رات جو ڏيڍ ٿيو هو پر هن گهڻ ڏني ته هو ان بابت ڄاڻڻ چاهي ٿو. دوست ڪيس صبح ٿيڻ تائين ٽارڻ ۾ ناڪام ٿي ويل ان ڪري منجهانئن ٻه ڄڻا رات جو پوين وڳي جي بيگاهه وقت تي گاڏي: تي چڙهي وڃي عبدالله جي گهر پهتا. دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ تي عبدالله حيران پريشان پر ڇهري تي ساڳي: مرڪ سجائي در تي آيو. جڏهن ڪيس انهي: آمد جو مقصد ڄاڻايو ويو ته ساڳي مرڪ سان معلوم ڪرڻ لڳو ته رٽائرمينٽ جي سٺن سالن کان پوءِ اهو ڄاڻڻ جي ڪهڙي تڪڙ هئي جو ڪيترائي پيرا بحث هيٺ آيل موضوع لاءِ صبح ٿيڻ جو انتظار نه ڪيو ويو. سنگتي: زور ڀريو، عبدالله پنهنجو روائتي ٽهڪ ڏئي وراڻيو" مون وڏيرن جو تابعدار ٿيڻ نٿي چاهيو. اهوئي سبب هو "هن مرڪي سنگت کان موڪلايو.

اهو هڪ ننڍڙو واقعو ٿي سگهي ٿو پر ان منهنجي ذهن ۾ هڪ وڏو سوال اڀاريو. ڪنهن سرڪاري عملدار جي رٽائرمينٽ کان ترت پوءِ هو گمنامي ۾ هليو ويندو آهي، پوءِ اهو ڪهڙو سبب هو جنهن هڪ دوست کي سٺن طويل سالن کان پوءِ جواب حاصل ڪرڻ تي اتساهيو.

عبدالله جي رٽائرمينٽ جو اصل سبب ته شايد ڪڏهن به معلوم نه ٿي ڄاڻان جو ان کي هن پنهنجو پاڻ تائين محفوظ رکندي، ذهن جي ڪنهن ڏورانهين ڪنڊ ۾ لڪائي ڇڏيو هو. ڀٽي صاحب جي قتل کان پوءِ عبدالله ڪجهه نين قوتن کي سرگرم ٿيندي ڏٺو جن سرڪاري نظام ۽

عوام جي ذهنن ۾ مونجهارا پيدا ڪرڻ ۾ وڏو حصو ورتو.

اهي قوتون تيزي سان وڏي تعداد ۾ نوان شهري گروپ پيدا ڪري رهيون هيون. فيڪٽرين جا مالڪ جن وچولي طبقي طور هاڻ واپارين سان ڪلهو گنڊيو هو ۽ فيڪٽرين جا پورهيت، جن جو ان عرصي دوران پنهنجي آجرن هٿان استحصال جاري هو، اڪثر هڪٻئي سان ٽڪراءَ ۾ هئا ۽ انهن گروپن مان ڪنهن وٽ به پنهنجي ضرورتن ۽ گهرجن جي اظهار لاءِ مناسب موقعا نه هئا. پارليامينٽ سدائين اشرافيا جي هٿن ۾ اختيارن جو ذريعو بڻيل ٿي رهي. انهي اشرافيا سان ٺهڪي هلڻ سندس وس ۾ نه هو. سندس استعفا پويان عقلي دليل جي حوالي سان منهنجي اها اپٽار آهي جيڪا درست يا قطعي غلط ٿي سگهي ٿي.

آءُ پنهنجي پوري عقل کي ڊوڙائيندي محسوس ٿو ڪريان ته عبدالله ڪڏهن به ڪامورا شاهي لاءِ نه ڄائو هو. هو ته شاعر، اديب يا ڪو صوفي ٽيٽو هو، جنهن کي فطرت جي سونهن سان چاهه هو. اسين ٻئي چانڊوڪين راتين ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي غالب، مير ۽ فيض جو ڪلام هڪٻئي کي ٻڌائيندا رهندا هئاسين.

مارچ 1994ع جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڏينهن سکر کان 55 ميل پري خانڳڙهه ۾ سردار غلام محمد مهر جي رات جي مانيءَ واري دعوت تان آءُ ۽ عبدالله گڏ پئي موٽياسين. رات جو ڪو اڍائي وڳي ڌاري اسين سنڌو دريا اڪري رهيا هئاسين ۽ چانڊوڪيءَ جي چانڊاڻ عبدالله جي انتهائي گهري صوفياڻي حس سان گڏوگڏ سندس رومانويت کي پڻ جاڳائي ورتو ۽ هن ٻيڙيءَ جي سير جي فرمائش ڪئي. اسان هڪ ٻيڙي پاڙي تي ڪئي دريا سانت هو ۽ ڪائنات جي سونهن محسوس ڪندي اسين انهي ميرانجهڙي ٻيڙيءَ ذريعي دريا تي ترندا رهياسين. عبدالله جو هندستاني ڪلاسيڪي سنگيت جو اعليٰ معيار اڌمو ڪائي ٻاهر نڪتو. هو پنهنجي خوش گفتار سان مون کي مالڪوس، پيرو ۽ ڀيروي بابت ٻڌائيندو رهيو جڏهن پنهنجي حواسن ۾ آيس ته پري کان فجر جي ٻانگ ڪنن تي پئي.

عبدالله جي ساٿ جا اهڙا هزارين قصا منهنجي ساروڻين ۾ سدائين محفوظ رهندا، جن کي ويسر جي يوناني ڏند ڪٿائي ندي ليٿي به ميساري نٿي سگهي.

CamScanner

ٻار انسان جو ابوآهي

رشيد چنا

ٻالڪپڻو انسان کي ظاهر ٿو ڪري

جيئن صبح ڏينهن کي (ملٽن)

ڪراچي جي بولٽن مارڪيٽ ۾ سليمان اسٽريٽ جي اچي قبر واري علائقي ۾ رهندڙ ستن سالن جي نينگر ۽ گهريلو عورتن کي سندن روزمره جي ڪمن ڪارين ۾ ڏوڙي هٿ ونڊائيندڙ بابت ڪنهن ٿي ڄاتو ته 19 سالن کان پوءِ هو هڪ شاندار سي ايس پي آفيسر ۽ اڳتي هلي وفاقي وزير بڻبو. اهي نينگر عبدالله جي ميمڻ هو.

پهرين ڊسمبر 1938ع تي هڪ ٻاءُ ۽ ٽن ڀينرن کان پوءِ ڄمڻ ڪري ڪٽنب جي ٻاتين جو لاڏلو اهو ٻار انتهائي صحتمند هو. فرنيچر جي دڪان جو مالڪ سندس والد جان محمد ميمڻ پنهنجي ڏٺي مٺي پٽ کي ٻولو سڏيندو ۽ کيس بيرسٽر بنائڻ جو خواهشمند هو. ان سپني جي ساپيان نه ٿي سگهي جو عبدالله اجان ٽن سالن جو ئي هو ته سندس والد گذاري ويو. بهرحال پنهنجي والد جي دعائن سان اهو ننڍڙو عبدالله1964ع ۾ سي ايس پي آفيسر بڻيو.

ٽن يا چئن سالن جي ڄمار ۾ کيس ڪرڪيٽ جو جنون هو. ٻٽاٽي کي بال ۽ ڪپڙا ڌوئڻ واري ڏونڪي کي بيٽ بڻائي هو پنهنجي بال جي هر پيري بيٽ سان ٽڪرائڻ تي چونڪو ڏانهيندو هو.

عبدالله ڇهن سالن جو ٿيو ته سندس وڏي ٻاءُ نبي بخش کيس هڪ ويجهي اسڪول ۾ داخل ڪرايو جتي پرائمري جا ٻه درجا پڙهيو ۽ بعد ۾ پنهنجي پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ آلومل ٽيڪم داس پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. اسڪول روانو ٿيڻ کان اڳ ڇڏي پائي شڪ وچان پنهنجي ڀينرن کان پيو پڇندو هو." صاحب لڳان پيو نه! "۽ سندن تصديق ڪرڻ تي هو اسڪول روانو ٿيندو هو.

چوٿين ڪلاس ۾ ڪجهه گهريلو مجبورين ڪري ڪلاس مان غير حاضري تي ذري گهٽ اسڪول مان خارج ٿي ٿيو. پنج رپيا ڏنڊ ڀرڻ کان پوءِ سندس داخلا بحال ڪئي وئي. ان کان پوءِ هو پنهنجي پڙهائي ۾ انتهائي سنجيدگيءَ سان جنبي ويو. هن ٻارن جو ادب پڙهڻ شروع ڪيو ۽ يارهن سالن جي ڄمار ۾ شاعري ڪرڻ لڳو. ان ڏس ۾ بدر جو قلمي نالو پڻ اختيار ڪيائين. جڏهن هڪ شاندار خاتون سان پرڻيو ته اتفاق سان ان جو نالو بدرالنسا هو، جيڪا عام طور تي بدر سڏبي هئي. شاعري ڪرڻ ڇڏي ڏنائين، شايد ان ڪري جو بدرالنسا هاڻ سندس زندگي ۾ هميشه جي شاعري بڻجي وئي هئي.

ڪيس سنگيت ٻڌڻ جو شوق هو، جڏهن ته اداڪاري ۾ پڻ دلچسپي هيس. جيتوڻيڪ هن ڪڏهن به ڪنهن اسٽيج ڊرامي ۾ اداڪاري نه ڪئي هئي پر دليپ ڪمار جا ڊائلاگ سندس ئي انداز ۾ ادا ڪرڻ ۾ مهارت حاصل هئس. سندس دوست ڪيس دليپ ڪمار سڏيندا رهيا آهن.

جان محمد جي مرتئي ڪيس والد کان ملندڙ تحفظ ۽ پيار جي واسيل احساسن کان محروم ڪري ڇڏيو، شايد اهو ئي سبب هو جو"بزرگي "سندس شخصيت جو اهم حصو هئي.

هن ستن سالن کان ئي ٻين انسانن جي مدد جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. پاڙي جي عورتن کي دڪانن تان سامان سڙو پئي آڻي ڏيندو هو، جيڪو عمل ڪڏهن ڪڏهن سندس والده کي ڪاوڙائي به وجهندو هو. جڏهن به سندس والده ڪيس اهڙي سماجي ڪم کان جهليندي هئي ته ان تي وراڻيندو هو ته هو دعائون ڪٺي رهيو آهي.

روزانو صبح جو سوير ننڊ مان اٿي وينجهي سينجهي "تيرڻ ڪري ٽوڪري کڻي دڪان تان سامان سڙو آڻڻ لاءِ ڊوڙندو هو "واپسي تي سامان در جي چائنٽ تي ڇڏي اسڪول ڏانهن ڊڪندو هو. پرائمري اسڪول کان وٺي سول سروس اڪيڊميءَ ۾ داخل ٿيڻ تائين اهو سلسلو جاري رکيائين.

منهنجي ساڻس پهرين ملاقات 17 آڪٽوبر1996ع جي شام جو ان وقت ٿي جڏهن منهنجو سندس ڀاڻيجي شاهده جماڻي سان وهان ٿيو.

منهنجي گھوٽ هئڻ ڪري، هر ڪا ڳالھ رسمي هئي. عليڪ سليڪ ۽ ڪجھ رسمي مرڪون. بس ايترو ئي.

ڪجھ مهينا پوءِ هو معراج خالد حڪومت ۾ نگران وزير بڻيو. هو مون کي اسلام آباد کان فون ڪري معذرت پيو ڪندو هو ته هو انتهائي مصروف آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ منهنجي دعوت نه ڪري سگھيو آهي." خدا کان دعا ڪريو ته هيءَ نگران حڪومت جلدي ختم ٿئي ته جيئن ڪراچيءَ موٽي اچي توهان سيني سان ملي سگھان". هن هڪ ڀيري چيو هو.

عام چونڊن کان پوءِ جڏهن ڪراچيءَ موٽي آيو ته مون کي ۽ منهنجي گھر واريءَ کي مانيءَ جي دعوت تي گھرايائين. روايتن پٽاندڙ هن مون کي ڪپڙن جو هڪ وڳو ۽ ڪجھ روڪ رقم پڻ ڏني. انهيءَ ملاقات کان پوءِ منهنجو ساڻس تعلق جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو.

انبن جي هر مند ۾ اسان جي ڪٽنب کي سڀ کان اڳ انبن جو ڪوڪو موڪليندو هو. هر سال پنهنجي والده جي ورسي ملهائيندو هو پر سدائين مون کي ٿي ان جي تاريخ طئي ڪرڻ لاءِ چوندو هو. تمام گھڻن دوستن ۽ واقفن هوندي به ڪڏهن به منهنجي دعوت کان انڪار نه ڪيائين، بس شرط رڳو اهو هوندو هئس ته آءُ پنهنجي گاڏي ۾ کيس وٺي اچان ۽ واپس پهچايان.

هڪ ڀيرو آءُ ۽ هو ڪنهن هوٽل ڏانهن پئي وياسين جو ميوي سان جهنجهيل وڻ جو مثال ڏيندي چيائين ته جيترو ان ۾ ميوو هوندو اوترو ئي اهو زمين ڏانهن جهڪيل هوندو. مون کي نصيحت ڪرڻ لڳو ته اها ڳالھ ڪڏهن به نه وسارجان.

مون سندس صلاح جي پيروي ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي ۽ پنهنجي سڄي حياتي ان تي عمل ڪرڻ ٿو چاهيان. ڇا عبدالله جي ميمڻ صاحب اسان سمورن جي دلين ۾ جيئرو ناهي؟

سنڌس آخري ڏينهن ڪان هڪ ڏينهن اڳ

ايم ايڇ پنهور

ڪيترن ئي مهينن ڪان ساڻس ملي نہ سگهيو هئس. ڪيس اسپتال داخل ڪيو ويو هو ۽ سنڌس صحتيابيءَ تائين ڪنهن کي بہ ساڻس ملڻ جي اجازت نہ پئي ڏني وئي پر هو وقفي وقفي سان فون تي مون سان هلڪي ڦلڪي ڪچهري ڪندو رهيو. مون کي سنڌس صحت جي ابتريءَ جو پتو هو ۽ سنڌس صحت کي ڪو نقصان رسائڻ کان سواءِ ساڻس ڪچهري ڪرڻ لاءِ آتو ئي رهيس.

7فيبروري2003ع تي صبح جو سادي يارهين ڌاري هن مون کي فون ڪري چيو تہ آءُ چاهيان ٿو تہ توهان جي نائبن عبدالغني يا سهيل مان ڪو هڪ ننڍڙو خط ٽائيپ ڪري ڏي. اهو مون سان ۽ منهنجي زال سان گڏجڻ جو چڱو بهانو پڻ ٿيو. مون غنيءَ کي ٽائپ رائيٽر سوڌو اماڻڻ جي آڇ ڪئي پر هن انڪار ڪندي چيو تہ هو مون سان ملڻ لاءِ بيقرار آهي. مون وٽس پهچڻ جي ڳالهہ ڪئي پر هن هيهر منع ڪئي. جڏهن ڪيس ڊرائيور سوڌو پنهنجي گاڏي اماڻڻ لاءِ چيم تہ چيائين تہ هو چار ديواريءَ ۾ قيد پئي رهيو آهي ۽ تبديلي ٿو چاهي تنهنڪري پاڻ گاڏي ڪاهي ايندو. سنڌس ڳالهہ کي ساراهيم پر منهنجي لاءِ پهرين ترجيع سنڌس صحت جي هئي.

هو پندرهن منٽن ۾ پهچي ويو. سنڌس چهرو هميشہ جيان تازو توانو، جوان ۽ موهيندڙ پئي لڳو ۽ ان تي بيماريءَ جو ڪو اولڙو بہ نظر نئي آيو. هن ٻڌايو تہ ڪيس بہ پيرا باءِ پاس آپريشن لاءِ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو پر هر پيري ڊاڪٽر فاروقيءَ آپريشن کان اڳ بحالي لاءِ واپس گهر اماڻي ڇڏيو.

مون کيس پنهنجي ڪتاب" سومرا راڄ 1011ع کان1351ع جو هڪ تصويري تاريخي اٽلس "جي پريس ڪاپي ڏيکاري. هن تصويرن، نقشن ۽ الاهي بخش سومري جي لکيل مهاڳ کي ڏيان سان ڏٺو ۽ چيائين "سنا ڪتاب ماٺهوء کي مرڻ کان پوء به جيئرو ٿا رکن". جڏهن کيس ڪتاب بابت ابراهيم جويو جي خيالن کان واقف ڪيم ته چيائين "ابراهيم جويي پنهنجو پاڻ کي تعليم لاء ادبي جڏيو آهي ۽ ڪنهن بني سنڌيء پر اهڙي اپنا نه ڏٺي اٿم. هن سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريء طور پنهنجي ذاتي پسند، ناپسند ۽ سماجي ۽ سياسي موقف بدران بورڊ جي مول متن آهر ڪم ڪيو آهي. هو به سئو کان وڌيڪ سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي ۽ عربي ڪتاب ۽ ڏهن سالن تائين اعليٰ معياري مهراڻ رسالي جي اشاعت تي جس لهڻي."

هن مون کي ٻڌايو ته توهان کي خبر آهي ته جڏهن جنرل عباسيء جي بدلي ٿي ته اوهان جي ڪتاب سنڌ جي تاريخ وار لغت جي پهرين ڪاپي مهتاب راشديء کان حاصل ڪري، کيس سوکڙي ڪيم چاڪاڻ جو سمجهيم ٿي ته پنهنجي سنڌي هئڻ جي دعوا ڪندڙ شخص لاء ان کان بهتر ڪو تحفو نٿي ٿي سگهيو. وڌيڪ چوڻ لڳو ته حيدرآباد جي ڪمشنر طور سنڌين جي ڀلائي چاهيم ٿي پر غير سنڌين يا پاڪستان جي قيمت تي نهتنهن هوندي به ملٽري انٽيليجنس جنرل عباسي ۽ خود جنرل ضيا کي به رپورٽ ڏني ته آءُ (عبدالله) جي ايم سيد کان وڌيڪ خطرناڪ آهيان ۽ سيد جي پروگرام کي هٿي ڏئي رهيو آهيان.

جنرل عباسي ۽ پوء سنڌس موجودگيء ۾ جنرل ضيا آڏو وضاحت ڪيم ته آءُ پاڪستان جي ايڪتا ۽ ڪاملتا تي پختو ويساهه ٿو رکان ۽ منهنجا اعتقاد منهنجي لاء سنڌ ۽ سنڌين سميت هر شئي کان مٿيرا آهن. پر هڪ سنڌي ۽ ڪمشنر طور مون کي پنهنجو موقف بيان ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن سنڌ يا سنڌين سان ڪا ناانصافي ٿئي ته اها مون کي بيان ڪرڻ گهرجي. اهو ڪجهه ڪنهن انسان کان ڪو ڊپ ڪرڻ کان سواء بيان ڪيم چاڪاڻ جو سمجهان ٿو ته جيڪڏهن سچ بيان نه ڪيم ته خدا مون کي معاف نه ڪندو. جنرل عباسي اڳيئي منهنجي ڳالهه جي پنڀرائي

ڪري رهيو هو پر منهنجي ڳالهائڻ کان پوءِ جنرل ضيا به مڪمل طور تي سهمت ٿيو ۽ مون کي خاطري ڪرايائين ته هو ملٽري انٽيليجنس جي رپورٽ تي هاڻ اعتبار نٿو ڪري.

منهنجي آفيس ۾ ٿيل اسان جي اڳوٽي ملاقات دوران هن مون کي عالمي تاريخ جو ٽائيمز اٽلس پڙهندي ڏٺو ته چيائين هڪ جلد ۾ ڪيترو نه شاندار تت آهي. مون عالمي تاريخ بابت ول ڊيورانٽ جا ڪيترائي جلد ۽ ٽوائن بي جا 10 جلد پڙهيا آهن. هيءُ پڙهي پورو ڪريو ته پوءِ پڙهڻ لاءِ اوهان کان ڪٺي ويندس. ان ڪتاب سان گڏوگڏ هن لاءِ سمٿ سونين جو "اڳاٽي دنيا جون وقت ڏارائون "جيڪيو ٽاهاڪس جو" اڳاٽي انسان جو اٽلس "۽ ريڊر ڊائجسٽ جو "آدجهاد کان روزمره واري زندگي" پڻ ڪڍي رکيا هئم. اهي چارئي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڪٺي وڃڻ جو چيومانس ته چوڻ لڳو" اهي با تصوير ۽ سولي ريت بيان ڪيل آهن ۽ بيزار ٿيڻ کان سواءِ انهن ۾ مڪمل طور تي فنا ٿي سگهجي ٿو پر اهي طبيعت ٺيڪ ٿيڻ کان پوءِ اوهان وٽان ڪٺي ويندس". هو منهنجي زال کان سندس ۽ منهنجي صحت بابت پڇي ڪيس چوڻ لڳو" سومرن بابت ڪتاب ۾ پنهور صاحب جي اوهان کي لرپنا بلڪل درست آهي، جيتوڻيڪ آءُ اوهان ٻنهي کي سچاڻان پر پنهنجي هٿن سان اهو ڪجھ لکي هن اوهان لاءِ پنهنجي اندر جا اڌما ظاهر ڪيا آهن جيڪو اوهان ٻنهي لاءِ فخر جو مقام آهي ۽ هڪ دوست طور آءُ ان جو ڀاڳي ڀائيوار آهيان".

موڪلائڻ کان اڳ هن غني، سهيل ۽ منهنجي ڊرائيور سان هٿ ملائيندي ڪين دعائون ڏنيون. مون سوچيو ته وري جلدي ئي اسين ٻيهر مختلف معاملن بابت ڳالھ ٻولھ لاءِ تڪڙو تڪڙو ملندا رهنداسين جيئن گذريل ويهن سالن کان ڪندا پئي آياسين پر نائين تاريخ شام جو آغا آفتاب احمد خان مون کي فون ڪري ٻڌايو ته هو صبح کان وٺي مون سان رابطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو پر منهنجي پنهنجي ٻنين تي وڃڻ ڪري ان ۾ ناڪام پئي ٿيو. ان کان پوءِ چوڻ لڳو هڪڙي خراب خبر آهي پڇيومانس ڇا؟ هن ٻڌايو ته عبدالله صاحب گذاري ويو چيومانس اجان به ڏينهن اڳ ته مونسان ملڻ آيو هو. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ چوڻ

لڳو ته اوهان سان ملڻ جو موں کي پڌايو هنائين پر پوئين رات گذاري ويو. اهو واقعي هڪ صدمو هو.

اسان جي ڪچهري ۾ هن ابراهيم جويي کي ساراهيو هو، تنهنڪري هڪدم ڪيس فون ڪيم، جيڪو پڻ سراپجي ويو ۽ رڳو ڏنائين ته اسان کي هڪ گڏجاڻي گهرائي سندس سائين، دوستن ۽ گهٽگهرن کان سندس خيالن، نقط نظر ۽ گڻن تي ڳالهرائڻ گهرجي. ان رڳ تي آفتاب خان سان ڳالهاير جنهن هڪدم عبدالله جي ميمڻ جي شايان شان گڏجاڻي گهرائڻ جي تيارين جو سندرو ٻڌو. بهر صورت اهو ڏک وڏو آهي ته سندس متعلق اسان جون ڳالهيون ٻڌڻ لاء عبدالله پاڻ موجود نہ هوندو.

عبدالله جي ميمڻ جي ياد ۾

عثمان بلوچ

عبدالله جي ميمڻ سدائين ٿهڪن ۽ همت پريا قدم کڻڻ وارو شخص رهيو. هن سنڌ مدرسي ۾ ٽئين اسٽينڊرڊ مان اسڪول ڇڏي ڏنو هو. سندس اسڪولي تعليم ڇڏڻ جو سبب اهو هو ته والد جي وفات کان پوءِ سندس ڪتب پڙهائيءَ جو خرچ پرڻ جي حيثيت ۾ نه هو. عبدالله پنهنجي پڙهائيءَ جو سلسلو جاري رکيو ۽ خانگي طور تي مڊل جو امتحان ڏنائين. پوءِ هن مئٽرڪ جو امتحان ڏنو ۽ ان ريت پنهنجا ٽي قيمتي سال بچايائين جيڪي هونئن سنڌ مدرسي ۾ پڙهائيءَ تي لڳائڻا پونس ها.

عبدالله پنهنجي ڳالهه جو اظهار ڪري سگهندو هو، ڪيس معاملا منظر ڪرڻ جو انتهائي ڏانءُ هو ۽ سدائين ڪابهه صورتحال سنڀالي ويندو هو. هو قائل ڪري سگهندڙ شخص هو. مون کي اهو تجربو ون يونٽ ورڻ ڏينهن ۾ اولهه پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ، ڪراچي بينچ سڏجندڙ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ دوران ٿيو. تڏهن هو ڪراچيءَ جي پسگردائي جهڙوڪ ملير، گڏاپ، حب، هاليجي ڍنڍ، ساموندي ڪنارن تي پڪنڪ جو انتظام ڪندو هو يا وري سنڌ مسلم ڪاليج ۾ شاگرد سنگت جي چونڊن جي مهم منظم ڪندو هو.

هين واسطي ڳڻتي ۽ همدرديءَ وارو سندس احساس لاثاني هو، مون کي هڪ موقعو ٿو ياد اچي جڏهن مختلف مرحلن تي ٻه مختلف دوست اسان سان لهه وچڙ ۾ آيا، انهن مان هڪ جيل کاتي جو ملازم هو ۽ جنهن کان وٽس موجود سرڪاري رقم هيٺ مٿي ٿي وئي هئي. ڪيس هڪ مقرر وقت اندر ڪوٽ پوري ڪرڻ يا ضابطي ولر ڪاروائي پوڳڻ جو چتاءُ ڏنو

ويو هو. بيو معاملو هڪ دوست جي اباڻي رهائشي ملڪيت بابت هو جيڪا انگريزن جي راڄ دوران هڪ هندو وياج خور وٽ گروي رکي وئي هئي ۽ آزاديءَ کان پوءِ ان کي متروڪ ملڪيت قرار ڏنو ويو هو. ڪيس متروڪ املاڪ بورڊ طرفان گهربل رقم جي ادائيگي کان پوءِ ملڪيت موٽائڻ ۾ مدد گهربل هئي.

انهن ٻنهي معاملن ۾ انتهائي گهٽ پگهاردار هئڻ جي باوجود، عبدالله صورتحال کي سنڀالي ورتو ۽ دوستن کي احساس ڏيارئين ته ڏکئي مهل هو اڪيلا ناهن.

زندگيءَ ڏانهن اسان جي سموري رونشي بازي ۽ گهٽ سنجيدگيءَ جي باوجود عبدالله اسان سڀني ۾ سڀ کان وڌيڪ محنتي ۽ پڪي عزم وارو شخص هو. سي ايس ايس جي چڱا پيٽيءَ واري امتحان جي پنهنجي پهرين ڪوشش دوران هو انگريزي ٽئڪس ڪاتي لاءِ پاس ٿيو پر هو نتيجي مان مطمئن نه هو تنهن ڪري ٻيهر امتحان ۾ ويٺو ۽ سي ايس پيءِ طور ڪامياب ٿيو. اها ڪوشش صوبائي چڱا پيٽي واري امتحان ۾ ويهڻ کان ڌار هئي. اوپر پاڪستان ۾ مولانا عبدالحميد خان ڀاشاني ۽ قادر صديقيءَ جي آباڻي جي تانگيل ضلعي ۾ ايس ڊي او طور سندس مقرري ڪيس هڪ اهڙي صورتحال سان مڪاميل ڪيو جنهن کي انتهائي انتظامي، سياسي ۽ قائل ڪري سگهڻ واري صلاحيتن سان ئي منهن ڏيڻ ممڪن هو.

عبدالله جي حقيقي اسلامي تصورن جي ڳولا بابت ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. ناميارو اسلامي عالم پرويز احمد کي هڪ ڀيرو سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئشن اسلامي تصورن جي اپٽار بابت ڳالهائڻ لاءِ نينڊ ڏني هئي. مسٽر جسٽس ايم آر ڪيانيءَ کي خاص مهمان طور گهرايو ويو هو. عبدالله اهو ليڪچر ٻڌڻ لاءِ انتهائي اتاولو هو ۽ انتهائي سختيءَ جي باوجود اسين اتي وڃي پهتاسين.

اسين صوفي بزرگ بابا ذهين شاهه تاجيءَ جي آگره تاج ڪالونيءَ واري گهر تي محفلن ۾ پڻ شريڪ ٿيندا هئاسين. اسين برق جيلاني جو "دو قران" پڙهندا هئاسين. انهن ڳالهين منجهس اسلام جي درست

تصورن کي سمجهڻ ۽ مسلمانن جي عملي روين جي نتين سر جوڙجڪ بابت ولوڙ پيدا ڪئي.

حقيقي اسلام واسطي پنهنجي ڳولا ۾ عبدالله مرحوم ڊاڪٽر اقبال احمد طرفان خلدونيه يونيورسٽي قائم ڪرڻ واري ساراهه جوڳي ڪاوش جو انتهائي قدردان هو. ان ڏس ۾ ابتدائي تيارين دوران پيش ايندڙ ڏکيائين بابت اقبال احمد جون ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ عبدالله، جيڪو ڪامورا شاهيءِ جي طور طريقن کان ڀلي ڀت واقف هو، اقبال احمد کي چيو ته اهڙو نادر ادارو قائم ڪرڻ وارو سندس سپنو ڪڏهن به ساپيان نٿي نه سگهندو ڇاڪاڻ جو ڪامورڪي اشرافيا اهڙين ابتدائي ڪوشش کان چڙيل آهي ۽ اها سندس ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏيندي.

عبدالله جو ان تي پختو ويساهه هو ته اجتهاد جي عمل کي مسلم معاشري جي بادشاهن، شهنشاهن ۽ آمر حاڪمن هٿان نقصان رسيو آهي ۽ دانشورن جي سگهه هٿان ان جي بحاليءِ تائين عملي ۽ غير عملي مسلمان ڊراڙ کان سواءِ ڀٽڪندڙ ڌڻ وانگر بي راهرو رهندا.

عبدالله هڪ حوالي کان صوفي هو ۽ صوفي شاعري مان مزو مائيندو هو. عابده پروين، ڀناٽي خان، اختري بائي فيض آبادي، طلعت محمود ۽ استاد منظور علي خان سندس پسنديده راڳي هئا. هو مون کي نئون آباد لياري ۾ رهندڙ سنڌي شاعر سوز ۽ ڪڏهن ڪڏهن لياقت آباد ۾ قمر جلالويءِ جي شاعري ٻڌرائڻ لاءِ وٺي ويندو هو.

حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر هئڻ دوران علائقي جي ٻن مختلف بااثر جاگيردار سردارن جي پنيرائي وارن ڪوسن ۽ ٻاچن وچ ۾ هڪ قبائلي جهيڙي جي ڏس ۾ سياسي ڏرين سان وچڙي پيو. هڪ جاگيردار سردار جي چرچ تي صوبائي سياسي ڪمان چاهيو ٿي ته رياستي ادارا مخالف ڌر جي همراهن کي ڪنهن جڙتو ڪيس ۾ ڦاسائين. عبدالله ضلعي انتظاميا جو سربراهه هو ۽ اهڙو حڪم مڃڻ کان نابري واريائين. ان تڪرار جي تيز ٿيڻ تي هن استعفا به پيش ڪئي پر ذوالفقار علي ڀٽي سندس استعفا قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اها عبدالله جي ۽ سندس اصولي موقف جي عظمت هئي جنهن جي مڃتا ڪرڻ ڪيي. هن انهي معاملي جي نه ڪڏهن

مشهوري کٽي ۽ نه ئي ان مان سياسي فائدا حاصل ڪيائين.

هڪ پيرو ٻيهر هن حيدرآباد جي ڪمشنر طور ڏاڙيلن سان سندن گجهن ٺڪاڻن تي ٻيلن ۾ وڃي ملڻ چاهيو. هو هڪ رات هنن سان گڏ رهيو ۽ سندن اهنجن جي پنهنجي سرچاڻ حاصل ڪيائين. ڪيس اهو چاٽايو ويو ته سندن ڏاڙيل ٿيڻ جو هڪ وڏو سبب پوليس هٿان سندن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ٿيڻ آهي. عبدالله کي ان ڳالهه ڏکوئي حيران ڪيو ته هو ڪيس پنهنجي مخالف ڌر ليکي رهيا هئا. هن جڏهن ڪانئن ان جو سبب پڇيو ته وراڻيائون ته چاڪاڻ جو تون حڪومت جو اڻ ٽٽ حصو آهين.

آخرڪار عبدالله کين ان تي راضي ڪري ورتو ته هو سندن خلاف داخل ڪيسن مان سندن سچ پچ ڪيل ڏوهن جو اعتراف ڪن ۽ جيڪڏهن حڪومت انهن ڪيسن جي جاچ ۾ ايماندار ٿٻبي ته هو ڪورٽن ۾ وڃڻ ۽ انهن جا فيصلا قبول ڪرڻ لاءِ پڻ تيار ٿي ويندا. ماضيءَ تي نظر وجهندي، مون کي شڪ آهي ته ڪو عبدالله جي رپورٽ ۽ نتيجن تي اعليٰ سطح تي ويچاريو ويو هوندو، چاڪاڻ جو ان ڏس ۾ ڪو خاص نتيجو سامهون نه آيو آهي.

حيدرآباد ۾ ڪمشنر هئڻ دوران عبدالله کي هڪ افسوسناڪ صورتحال جو منهن ڏيڻو پيو. اهي جنرل ضيا جي مارشل لا جا ڏينهن هئا. پهرين اها ته سنڌ حڪومت جي هڪ عملدار کي سويلين سيٽ اپ کان ٻاهر جي هڪ اهلڪار جي خواهش تي سندس رهائشي جاءِ تان نڪريو ويو. عبدالله ان تي اعتراض واريو. هن مون کي ٻڌايو هو ته سويلين ملازم جو بچاءُ ڪرڻ وارو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي سرڪاري رهائش گاهه ويو جتي ٻه رڪعتون نماز پڙهي خدا کان رهنمائي جي دعا ڪيائين. هن مون کي ٻڌايو ته اڳتي هلي خود جنرل ضيا به سندس موقف جي تائيد ڪئي.

ٻي اها ته ايم آر ڊيءَ واري تحريڪ دوران عبدالله کي جنرل ضيا جي دادوءَ واري دوري بابت ٻڌايو ويو. هن مون کي ٻڌايو ته مارشل لا انتظاميا ۽ سنڌ بابت جنرل ضيا جي پاليسين جي حوالي سان پنهنجي

موقف جي باوجود، هن سرڪاري ملازم طور پنهنجي اها ايمانداراڻي راءِ ڏيڻ ضروري سمجهي ته جنرل ضيا موجود گرما گرم سياسي ماحول ۾ دادو جو دورو نه ڪري. انهي ايمانداراڻي ۽ عقل پرئي موقف تي ڌيان نه ڏريو ويو ۽ ريلوي ڦاٽڪ تي چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي قافلي کي هڪ مچريل هجوم جو منهن ڏسڻو پيو. ان واقعي کيس انتهائي پريشان ڪري وڌو هو.

عبدالله پاڪستاني قومپرست هو ۽ کيس مختلف ثقافتن ۽ شاعريءَ سان گهرو چاهه هو. هن غير سنڌين کي سنڌي ثقافت، تاريخ ۽ شاعري سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ ٿي چاهيو. انهي مقصد ماڻڻ لاءِ هن پٽ شاهه ۾ هڪ ثقافتي ويهڪ جو انتظام ڪيو ۽ ان کي يقيني بڻائياين ته غير سنڌي ڪٽنب به ان ۾ شريڪ ٿين ۽ سر ۽ سنگيت مان آسيس ماڻين.

بدقسمتيءَ سان سنڌي شاگردن جي هڪ ٽولي پنهنجي اهميت ۽ موجودگي ڏيکارڻ لاءِ اهڙي هڪ پروگرام ۾ ڦيٽارو وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. هن بعد ۾ مون کي ٻڌايو ته هو سڌو سنئون انهن شاگردن وٽ هلي ويو ۽ کين چيائين ته پٽائي رڳو سنڌن ئي ناهي ۽ مهمانن سان ڪا به زيادتي سنڌي اخلاقيات جي خلاف ٿيندي ۽ اهو کيس به چيلنج هوندو، جنهن جي لاءِ هو تيار آهي. هن مون کي ڄاڻايو ته خدا جو شڪر ٿيو جو نوجوان ڳالهه سمجهي ويا ۽ پنهنجي ورتاءُ تي معذرت ڪيائون.

هن موقعي تي آءٌ ثقافت ۽ مذهب بابت عبدالله جي ويچارن، جن تي اسين اڪثر خيالن جي ڏي وٺ ڪندا رهندا هئاسين، جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. سندس خيال هو ته مذهب اسان جي معاشري ۾ رسمي وهنوار بڻجي ويو آهي جنهن جي حقيقي جذبي ۽ فلسفي کي ڪاٽ هنيو ويو آهي. هن محسوس ٿي ڪيو ته ثقافت کي ذاتي مقصدن واسطي فحش ۽ واپاري اسر بڻايو ويو آهي.

گهرو معاملن جي سيڪريٽري هئڻ دوران، آءٌ سمجهان ٿو، عبدالله ذميوار عملدار طور موقف اختيار ڪيو ته گهرو معاملن جي سيڪريٽريءَ کان وٺي ضلعي انتظاميا جي سطح تائين کين امن امان برقرار رکڻو ٿو پوي ۽ هو حڪومت ڏانهن به جوابده آهن تنهن ڪري کين سنڌن

ذميوارين سان ٺهڪندڙ اختيار پڻ هئڻ گهرجن. هو ان نقطي نظر جو هو ته پوليس انتظاميا جو ثانوي ڪردار هئڻ گهرجي پر اجان تائين ان ڳالهه کي قبولڻ نه پري، پوري ريت سمجهيو به نه ويو آهي.

هو سنڌ ۾ گهرو کاتي جي سيڪريٽريءَ طور پنهنجي مقرري دوران ان وقت انتهائي تنگ اچي ٿيو جڏهن سنڌ جي سياسي حڪومت سنڌ جي شهري مرڪزن ۾ نسلي ڏڦيڙن جي حوالي سان ڪيس انتظامي قدم کڻڻ لاءِ چيو. هن مون کي ٻڌايو ته اها ڄاڻ ساڳي اختياريءَ اوڏي مهل ئي ڊر کي به پهچائي، جڏهن ڪيس حڪومتي ترجمان جي حيثيت سان ان جو موقف سڌ سماءُ جي ذريعن آڏو بيان ڪرڻ لاءِ چيو ويو. سندس خيال هو ته اهو سياسي اداري ۽ پنهنجو فرض نڀائيندڙ عملدارن وچ ۾ اعتماد کي ڇيهو رسائڻ وارو عمل هو. عبدالله ان وقت مون کي انتهائي نراس ۽ بيوس لڳو هو. هو انهن عنصرن کان به پلي پٽ واقف هو جن اختيارين جو اعتماد حاصل ڪري ڪيس اسلام آباد بدلي ڪرائڻ لاءِ هٿ پير ٽي هنيا. هن هڪ پيرو پيهر ٻاجهه لاءِ ٻاڏايو ۽ جڏهن سندس وقت کان اڳي ريٽائرمنٽ واري درخواست منظور ٿي ته ڏٺيءَ جو شڪر مڃيائين.

عبدالله وٽ پنهنجي دوستن جي ڪٽنبن خاص طور تي سندن زالن ڀينرن ۽ مائرن لاءِ انتهائي عزت ۽ احترام هو.

هڪ پيري شام ڏاري اسان جي ڪچهري دوران ڪيس انتهائي گد گد ڏٺم. ڪيس سندس هڪ ماتحت عملدار ٻڌايو هو ته هڪ سولنگي ڇوڪريءَ ڪمپيوٽر جي سکيا ۾ عام معمول کان وڌيڪ مهارت جو مظاهرو ڪيو آهي. سندس چوڻ هو ته سنڌ ۾ عورتن جي تعليم سنڌي معاشري جو رنگ روپ ئي بدلائي ڇڏيندي.

ڪيس اسان جي معاشري جي ڪارو ڪاريءَ جهڙين نام نهاد رسمن کان سخت ڌڪار هئي. هن مون کي ممتاز ڀٽي طرفان ڪراچيءَ جي بيچ لگزري هوٽل ۾ ڪوٺايل هڪ گڏجاڻي دوران اسان جي معاشري جي انهي ناسور کي سخت لفظن ۾ ننڌڻ لاءِ چيو. اها ننڌا ان ڪري به ضروري هئي جو تازوئي پاڪستاني سينيٽ ان کي غيرت جي نالي تي قتل سڏي باجواز ليکيو هو. بهرحال عبدالله مون کي اهو چتاءُ ضرور ڏنو هو ته

منهنجو ان موضوع تي ڳالهائڻ اتي موجود ماڻهن کي نه وڻندو.

جون1972ع ۾ ڪراچيءَ جي سائيٽ علائقي ۾ صنعتي مزدورن مٿان ٽيل فائرنگ ڪان پوءِ واري صورتحال بابت فيصلو ڪرڻ لاءِ هن مون کي اڳوات چتاءُ ڏنو هو. اهو واقعو انتظاميا طرفان اسيمبلي ۾ موجود جاگيرداراڻن عنصرن ۽ عالمي بينڪ جي ڳٺ جوڙ سان پورهيت يونينن کي پنهنجا اهنج مناسب پليٽ فارم تان اظهار ڪرڻ جي وٿي نه ڏيڻ سبب پيش آيو هو. سندس چوڻ هو ته منظم پورهيتن جي ادارن جو مستقبل اونداهو آهي.

عبدالله ڪان واقف سمورا ماڻهو تسليم ڪندا ته اسان جي معاشري جي وهنوار جي ابتڙ عبدالله ڪڏهن به اهڙي ڪنهن معاملي تي ڪو فيصلو ڏيڻ يا خيال ظاهر ڪرڻ بدران، جنهن بابت ڪيس مڪمل ڄاڻ نه هوندي هئي، پنهنجي خوش اخلاقيءَ سان اهو ٺي چوندو هو ته جيئن ته مون کي ان بابت خبر ناهي تنهنڪري ان بابت ڳالهائڻ نٿو چاهيان. جيڪڏهن ڪنهن بحث ۾ کيس اهو احساس ٿيندو هو ته سامهون واري ڌر وٽ ڪو منطق ناهي يا ڪا ڪمزوري آهي ته هو ايترو ٺي چوندو هو ته اهو اوهان جو موقف آهي پر آءُ ڪجهه ٻيو موقف ٿو رکان ۽ ان ڪان پوءِ ڪنهن ٻئي فرد کي ايذائڻ ڪان سواءِ پنهنجي ڳالهه بيان ڪندو هو ۽ آخر ۾ ان کي هڪ شاندار نتيجي تي رسائيندو هو.

پاڪستان کي وڏيڪ عبدالله گهرجن

الاهي بخش سومرو

عبدالله! تنهنجي غيرحاضري نپوڙي ٿي ۽ اهو ڪجهه لکڻ انتهائي پيڙا پريو آهي. آءُ اهڙي ڪنهن شخص سان ملي نه سگهيو آهيان جنهن وٽ تنهنجي لاءِ اکير، پنهنجائپ ۽ احترام نه هجي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڇمڻ جو مطلب اهوئي آهي ته هڪ ڏينهن هيءَ دنيا ڇڏڻي پوندي پر منهنجي ڄمار وارو شخص اهائي توقع ڪري پئي سگهيو ته عبدالله پنهنجي ڪمزور چيلهه هوندي به مون کي قبر ۾ لاهيندو نه ڪي ان جي ابتڙ، جيڪي ڪجهه ٿيو آهي.

خدا تعاليٰ کيس اهڙين انيڪ وصفن ۽ صفتن سان نوازيو هو جو ڪنهن بئي عبدالله سان مڪاميل ٿيڻ ڏکيو ٿيندو. رب سائين مٿس پنهنجي ٻاجهه ڪندي، سرڪاري ملازمت ڪندڙ عبدالله کي وفاقي ڪابينا جي وزير واري عهدي تائين رسايو پر اقتدار ۽ شاهي اعزاز مٿس اثرانداز ٿي نه سگهيا. عبدالله جي صحت چڱي نه پئي رهي پر هن ڪڏهن به شڪائت نه ڪئي. ان پورائي لاءِ خدا کيس ڪيترين ئي قابل رشڪ صفتن سان نوازيو هو.

ريڪارڊ جي پورائي لاءِ آءُ اڃوڪي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ۾ قائم ڏهونڪي سنڌ سيڪريٽريٽ اندر عبدالله سان ٿيل هڪ مڪاميل بيان ڪرڻ ٿو چاهيان. 1973-74ع ۾ آءُ پنهنجي قومي شناختي ڪي واسطيدار عملدار کان تصديق ڪرائڻ واسطي سيڪريٽريٽ ويو هئس. اتفاق هو جو تن ڏينهن ۾ منهنجا ذوالفقار علي ڀٽي سان تعلقات چڱا نه هئا ۽ تازو ئي هڪ قتل ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ مان ضمانت تي آزاد ٿيل هئس. جيتوڻيڪ آءُ سمورن آفيسر کان واقف هئس پر انهن مان هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان منهنجي فارم جي تصديق ڪرڻ کان ڪيٻائي رهيو

هو. اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ منهنجي آخري مقرري ڪي ڊي اي ۾ ڊائريڪٽر جنرل طور هئي ۽ جن آفيسرن فارم تي صحيح ڪرڻ کان ڪيٻايو ٿي تن مان اڪثر مون مان لاپ پرائيندا رهيا هئا.

يقيني ڳالھ هئي جو آءٌ طيش ۾ نظر ٿي آيس. زميني ماڙ تي آفيس رڪنڊڙ عبدالله تن ڏينهن ۾ ايس اينڊ جي اي ڊي جو ڊپٽي سيڪريٽري هو. مون کي ڏٺائين تہ ملڻ هليو آيو. مون کي ناخوش ڏسي ان جو سبب پڇيائين. پنهنجي مان مريادا تحت مون پنهنجي دوستن جي ورتاءُ مان پهتل ڏک ساڻس ونڊڻ نہ چاهيو. ڏاهپ ۽ تيز فهمي سان هو مون کي چانھ پيئارڻ لاءِ پنهنجي آفيس ۾ وٺي ويو جيڪو خود پنهنجي سر وڏي جوکم وارو ڪم هو.

عبدالله منهنجي پريشاني ۽ چڙ جو سبب ڄاڻڻ تي منهنجي شناختي ڪارڊ جي فارم تي هڪدم صحيح ڪئي. جيئن تہ ان ۾ چڱو موچارو وقت ٿي لڳو ان ڪري پنهنجي عملي جي هڪ همراھ کي ان ڊوڙ ڊڪ لاءِ اماڻيائين. اهڙو ماڻهو ڪٿي ٿو ملي سگهي؟ آءٌ دعاڳو آهيان تہ پاڪستان کي عبدالله جهڙا ڀيا آفيسر بہ حاصل ٿين. اسان جي هاٺوڪي ڪامورا شاهي هڪ انتهائي گهوٽالي مان لنگهي رهي آهي ۽ هيءُ سول سروس لاءِ انتهائي ڀيڙا ڀريو دور آهي. ڪوبہ ملڪ اهڙي سول ڪامورا شاهيءَ کان سواءِ نٿو هلي سگهي جيڪا ايماندار، باصلاحيت ۽ اتساھ ڀري نہ هجي.

عبدالله تنهنجيون نوڙت، نرملتا، انصاف ۽ احترام واريون صفتون اسان کي سدائين ياد رهنديون. خدا توتي ٻاجھ ڪري ۽ توکي پنهنجي خاص ٻانهن ۾ جاءِ ڏئي. آمين.

سٺي حڪمراني: هڪ عزم

سيد غوث علي شاهه

ملڪ ۽ صوبي جي انتهائي ارپنا، ايمانداري ۽ وابستگيءَ سان خدمت ڪندڙ شخص جي پيار، خدمتن ۽ انسانيت پري اورچائيءَ کان محرومي پاڪستان ۽ سنڌ لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي. زندگيءَ ڏانهن سندس مثبت رويي بابت ڪوبہ شڪ نٿو ڪري سگهجي. هو ذات، نسل يا مذهب جي ڪنهن مت ڀيد رکڻ کان سواءِ انيڪ ماڻهن جو واهرو هو. هن صوبي، ملڪ ۽ پرڏيهہ ۾ ڪيترائي عهدا ماڻيا پر انهن مان اطمينان حاصل ڪري نہ سگهيو. ڪا شئي سندس اندر ۾ ولوڙ پيدا ڪندي رهي جو هن آخر ڪار سول سروس ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪا آءٌ سمجهان ٿو تہ سندس توقعات تي پوري لهي نہ سگهي هئي.

مون کي ايئن ٿو لڳي تہ هو انهن ڪمن کان گهٽو وڏو ماڻهو هو، ان ڪري ئي ڪيس اندر جو اطمينان حاصل ٿي نہ سگهيو. هن بلاشڪ پنهنجي ريٽائرمنٽ کان پوءِ وڌيڪ مطمئن زندگي گذاري.

آءٌ کيس ڊپٽي ڪمشنر ۽ اڳتي هلي ڪمشنر ۽ پوءِ سنڌ حڪومت جي سيڪريٽريءَ طور سڃاڻندو هئس. مون کي ساڻس وڏو چاهہ هو ڇاڪاڻ جو چاتر ٿي تہ هن سدائين مک تي مرڪ سجائي ڪم ٿي ڪيو ۽ نتيجي آميز ڪارڪردگي ڏيکارڻ جي بهترين ڪوشش ٿي ڪيائين. جڏهن اپريل1985ع ۾ سنڌ جي وڏ وزارت سنڀاليم تہ هو ناڻي کاتي جو سيڪريٽري هو ۽ ان حيثيت ۾ سندس ڪارڪردگي منهنجي لاءِ انتهائي اطمينان جوڳي رهي . هو نہ رڳو برجستو هو پر انتهائي ڀروسي لائق پڻ هو.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ مون کي احساس ٿيو تہ هو گهرو کاتي جي سيڪريٽريءَ طور وڌيڪ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو. گهرو کاتي جي

سيڪريٽري، طور سنڌس مقرري کان اڳ ڪيس گهرائي انهي نئين ذميواري بابت ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪيم. چڱي ريت ياد اٿم ته سنڌس موٽ نه رڳو مثبت پر تعريف جوڳي هئي ۽ هن مون کي خاطري ڪرائي ته هو پنهنجي صلاحيتن جو بهترين استعمال ڪندي صوبي جي بهتري، ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻبو.

انهي عهدي تي سنڌس مقرري ڪيس منهنجي انتهائي ويجهو آندو. مون کي هڪ ڀروسي جوڳو ۽ بااعتماد دوست ملي ويو. ڪيترائي ڀيرا هن رات جو بيگاهه وقت به چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس سان گڏجي عوام ۽ سنڌ جي مفادن ۾ ڪي تڪڙا فيصلا ڪرڻ لاءِ مون سان رابطو ڪيو. مون کي ڪو اهڙو موقعو ياد ناهي جڏهن مختلف مامرن ۽ مسئلن ۽ انهن جي حل بابت سنڌس ڪاٿو حقيقي ۽ قابل قبول نه هجي.

هو سدائين عام ماڻهن جي پهچ ۾ هو ۽ ايمانداريءَ سان مسئلن جو حل ڪڍڻ تي چاهيائين. هو پنهنجي عهدي کان هٽي به ضرورت مند ماڻهن جي واهر ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو. ساڻس گڏ ڪم ڪندي ڪيترن ئي موقعن تي پروڙيم ته هو پنهنجي ڳالهه ڪري ٿو ۽ پنهنجي سوچ آهر حالتن پٽاندڙ درست ۽ مناسب ڳالهه تي پنهنجي سينئرن کي به سهمت ڪري ٿو وٺي. سنڌس ساٿين ۽ خود سينئرن وٽ به زندگيءَ ڏانهن سنڌس سڌي سنواتي انداز واسطي انتهائي احترام هو. هو پنهنجي رهڻي ڪهڻي ۾ سادو هو ۽ دېدېي ۽ نماءُ جي غير ضروري اظهار ۾ يقين نه رکندو هو. مون هڪ باصلاحيت، ايماندار، ڀروسي جوڳو ۽ بااعتماد دوست وڃايو آهي.

مون وٽ عبدالله جون انيڪ سارو ٽيون آهن جيڪي آءُ املهه سمجهان ٿو ۽ انهن جو ريڪارڊ هئڻ گهرجي. جيڪڏهن موقعو مليو ته پنهنجي بيماريءَ، جنهن جو هن مهل لنڊن ۾ علاج ڪرائي رهيو آهيان، مان اٿڻ کان پوءِ انهن تي لکڻ چاهيندس ته جيئن سنڌس دوست، مٽ مائٽ، ساٿي، همعصر ۽ ٻيا ماڻهو انهي عظيم شخص بابت ڄاڻي سگهن جنهن ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي ٻين تي نه مڙهيو ۽ جنهن سدائين عام ماڻهوءَ طور سڃاڻپ کي ترجيح ٿي ڏني. سنڌس وصفون ايندڙ نسلن لاءِ سونهون

ثابت ٿيندي هون.

هن مرحلي تي 1987ع ۾ پيش آيل هڪ واقعو بيان ڪرڻ ٿو چاهيان جڏهن ڪجهه گڏيل دوستن وٽان مون کي پتو پيو ته هن وقت کان اڳي ريٽائرمنٽ وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي. مون کي احساس هو ته سندس روانگي صوبي لاءِ وڏو نقصان هوندي. ڪيس پاڻ وٽ گهرائي اهڙي فيصلي جو ڪارڻ پڇيم ته مرڪي اهو ئي جواب ڏنائين ته سندس اندر جي ڪا شئي ڪيس پنهنجي نوڪري جاري رکڻ کان جهلي رهي آهي.

ڏکي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ مون رٿيو ته جيستائين آءُ وڏو وزير آهيان، هو پنهنجي عهدي تي ڪم ڪندو رهي. آءُ پنهنجي ذميوارين کان آجو ٿيان ته پوءِ ڪيس جيڪو وڻي سو ڪري. منهنجي تجويز پٽاندڙ هن جي ڪم جاري ڪرڻ واري هائوڪار تي مون کي به انتهائي خوشي ٿي. هو پنهنجي انهي وعدي تي قائم رهيو.

مون کي پڪ آهي هن پنهنجي پويان نه رڳو هڪ پيارو پٽ ۽ لوپيل زال پر دوستن، مٽن مائٽن، سائين ۽ گهڻگهرن جو هڪ وڏو تعداد ڇڏيو آهي. منهنجي خواهش هئي ته ڪيس ياد ڪرڻ واري ان ڪاڄ ۾ آءُ پنهنجي سر موجود هجان ها. سندس موت جي خبر مون کي ڏونڌاڙي ڇڏيو ۽ علاج واسطي پنهنجي ديس کان پري هئڻ ڪري سندس پٽ سان فون تي عذرخواهي نه ڪري سگهيس. پر الله تعاليٰ کان دعا ٿو ڪريان ته سندس روح کي ابدي سڪون بخشي.

اڄ گڏ ٿيل سمورن ماڻهن کي درخواست ٿو ڪريان ته هن لاءِ دعا گهري وڃي ڇاڪاڻ جو هاڻ اسين هن لاءِ اهوئي ڪري سگهون ٿا. هن ڪاڄ ۾ شريڪ ٿيندڙن کي منهنجي ٻي درخواست اها آهي ته هو منهنجي لاءِ به دعا ڪن ته پنهنجي هاڻوڪي حالت کان تڪڙو بحال ٿيان ۽ سگهو ئي تندرستي ماڻيان. مهرباني.

سدائين مُرڪي راهه ڪيندڙ

آفتاب احمد شيخ

پنهنجي دوست عبدالله جي ميمڻ لاءِ مرحوم وارو لفظ منهنجي زبان مان نڪري ئي نه ٿو، ڇاڪاڻ جو آءُ اڃان تائين سمجهان ٿو ته هو بس فون ڪرڻ جي فاصلي تي موجود آهي.

هو1939ع ۾ ڳوٺاٽي سنڌ مان ڪراچي ٽانڪو ٽيل هڪ ميمڻ گهراڻي ۾ ڄائو ۽ پنهنجي سموري تعليم ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين.

عبدالله 1964ع ۾ پاڪستان جي سول سروس ۾ شموليت اختيار ڪئي. زير تربيت اسسٽنٽ ڪمشنر طور سندس پهرين مقرري حيدرآباد ضلعي ۾ ٿي.1967ع جي شروعات ۾ تربيت پوري ٿيڻ تي کيس ڊيرااسماعيل خان ڊويزن ۾ مقرر ڪيو ويو. هن اڳوڻي اوير پاڪستان (بنگلاديش) ۾ پڻ اسسٽنٽ ڪمشنر/ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر طور ڪم ڪيو. سندس شادي عثمان علي عيساڻيءَ جي ڀيڻ سان ٿي.

ڪراچيءَ ۾ سندس پهرين مقرري سائيٽ جي مينيجنگ ڊائريڪٽر طور ٿي. هن مرحوم مير رسول بخش ٽالپر جي سيڪريٽريءَ طور ۽ بعد ۾ حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر طور ڪم ڪيو، جتي هڪ سياستدان سان اختلاف پيدا ٿيڻ سبب کيس ناڻي کاتي جي ڊپٽي سيڪريٽريءَ واري عهدي تي بدلي ڪيو ويو. هن امريڪا ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي زرعي قونصلر طور پڻ ڪم ڪيو. سيڪريٽريٽ بدلي ٿيڻ کان اڳ هو حيدرآباد جو ڪمشنر پڻ رهيو. هو سنڌ حڪومت جي سروسز اينڊ جنرل اڊمنسٽريشن، ناڻي، صنعتن ۽ آخر ۾ گهرو کاتي جو سيڪريٽري ٿيو.

آءُ عبدالله جي ميمڻ کي سندس ڪيريئر جي شروعات کان سڃاڻندو هئس. هو نج ڪرداري صفتن جو مالڪ هو، جن جو جديد ۽ ماديت پري قدرن ۾ ملڻ خال خال آهي. هن دور ۾ عبدالله جي ميمڻ جهڙن ماڻهن جو

ملڻ محال آهي. هو دوستاڻي ۽ کل مک انداز وارو انتهائي پيارو شخص هو جنهن جي چهري تي سدائين مرڪ موجود هوندي هئي. هو صبرتحمل سان ڳالهه ٻڌندو ۽ دانائي سان صلاح مشورو ڏيندو هو.

حالتن، ان جي ضربن ۽ ڏکيائين آڏو نہ جهڪندي هو سدائين پنهنجي راهہ ڪڍڻ لاءِ پتوڙيندو رهيو. بدترين مخالف بہ ڪيس حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سندس پڪي ارادي ۽ تڪليفون سهڻ، همت ۽ ذهني ڦڙتي تي داد ڏيندا رهيا.

انصاف ۽ ايمانداراڻي روش سندس اڻٽٽ جز هئا. هڪ پوليس جي سپاهي هٿان گهرو کاتي جي هڪ اعليٰ عملدار سان اڻنگي ورتاءُ کي ڪير ٿو وساري سگهي. جڏهن عبدالله چاتو تہ سپاهيءَ جو ڪنيل قدم انهيءَ ساڳي آفيسر جي جوڙيل قاعدن پٽاندڙ هو تہ ان آفيسر کي ڪراچي کان ٻاهر بدلي ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪيائين.

خدا شل سندس روح کي درجا ڏئي ۽ کيس دائمي رحمتون بخشي.

هر ڪنهن ڪيس پنهنجو ٿي چاتو

جمال ابڙو

ڪي ماڻهو عظيم ڄمندا آهن، ڪن تي عظمت واسو ڪندي آهي ۽ ڪجهه عظمت حاصل ڪندا آهن. عبدالله جي ميمڻ سمورن حوالن کان عظيم هو پر هو ڪڏهن به انهن درجن مان ڪنهن ۾ نه ڪريو. هو عظمت پري شخصيت هو. منجهس عظمت جا چاڻي جمر ڪان ڪي گڻ موجود هئا.

هو ننڍو ڀاءُ هو. ننڍو ڀاءُ عام طور تي وڏيڪ حساس، وڏيڪ خوشگوار ۽ سمورا ڏکيا ڪم ڪندڙ، ثانوي ڪردار ادا ڪندڙ ۽ سدائين تابعدار رهندڙ هوندو آهي. عبدالله جي ميمڻ ۾ چاڻي جمر ڪان اهي صفتون اتر درجي موجود هيون. پنهنجي حياتيءَ جي پڇاڙيءَ تائين هو پنهنجي وڏي ڀاءُ جي اهڙي ريت عزت ۽ سنڀال ڪندو رهيو جيئن پيءُ لاءِ ڪبي آهي. اوتروئي پنهنجي ماءُ ۽ پيرنر ايستائين جو ماسين جو به خوشي خوشي خيال رکندو رهيو. سندس پيٽويي ڪي رڳو فون ڪري ٻڌائڻو پوندو هو ته سندس گهر واري ناچاڪ آهي. ان کان پوءِ اسپتال وڃڻ لاءِ گاڏي جو بندوبست ڪرڻ، ماهر ڊاڪٽرن سان صلاح مشورو ڪرڻ، ايڪسري ڪيرائڻ، طبي معائنو ڪرائڻ ۽ ايستائين جو دوائون وغيره وٺڻ به عبدالله جي ذميواري هوندي هئي.

اهڙي ڪٽنبي ماحول ئي عبدالله کي هڪ ڪامل، مددگار شخص بڻايو، جيڪو مٽن مائٽن ۽ دوستن ته ڇا واجبي واقفن کي به درپيش مسئلن لاءِ پريشان رهندو هو. ساڻس لهه وچڙ ۾ ايندڙ ڪنهن به ضرورتمند جي واهر لاءِ هو وسان نه گهٽائيندو هو. هر ڪنهن ڪيس پنهنجو ٿي چاتو.

عبدالله جي ميمڻ پهرين ڊسمبر 1938ع تي اچي قبر، بولڻ

مارڪيٽ ڪراچي واري علائقي ۾ ڄائو. 2 فيبروري 1969ع تي پرڻيو ۽ 9فيبروري 2003ع تي گذاري ويو.

هو ڪيترين ئي بيمارين وڳهي ڍڳهي عرصي کان ناچاڪ هو. هن انهن بيمارين کي ڪڏهن به پنهنجي راهه ڪوٺي ڪرڻ نه ڏني ۽ ڊاڪٽرن جي سخت تنبيهه جي باوجود پنهنجون سرگرميون جاري رکندو آيو. ڪيس نتيجن جو پتو هو پر انهن جي پرواهه نه ڪندي پيڙا ۾ به مرڪندو رهيو. دوستن سان گڏ وقت گذاريندو ئي رهيو ۽ پنهنجي بيماري محسوس ئي نه ڪرائيندو هو. هو آڌي رات جو ٻين جا مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن جي حل لاءِ تيار ملندو هو.

هو هڪ لاجواب عملدار هو. چيف سيڪريٽري سعيد قريشيءَ جي ماتحتي ۾ ايس اينڊ جي اي ڊي جي ڊپٽي سيڪريٽري طور هو هر متاثر ٿيل شخص کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي پنهنجي سر سندس مسئلن کان واقف ٿيندو هو، تنهن کان پوءِ سندس مدد ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو هو. سندس دل ۽ دماغ ايترو ڪامل هئا جو جڏهن ڪيس بدلي ڪيو ويو ته سعيد قريشيءَ وڏي وزير کي ايترو ئي چيو ته ڪيس هڪ ڀيو عبدالله جي ميمڻ ڏنو وڃي، ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته هو لاثاني هو.

عبدالله جي ميمڻ پنهنجي ماتحتن، ايسٽائين جو ڪلرڪن، نوڪرن ۽ پٽيوالن سان به پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين جهڙو ورتاءُ ڪندو هو ۽ ڪيس شهزادا ۽ سهڻا چئي مخاطب ٿيندو هو.

هو ايترو ته ايماندار ۽ راستباز هو جو جڏهن حيدرآباد جو ڪمشنر ٿيو ته پنهنجي بنگلي جي باغ ۾ پوکيل سبزين مان رڌ پچاءُ ڪرائيندو هو. جڏهن ان ريت سڄو مهينو لنگهي ويو ته پٽيوالن ۽ نوڪرن پنهنجي پگهار مان پئسا ميڙي ڪڪڙ خريد ڪيو. دسترخوان تي ڪڪڙ ڏسي ان بابت نوڪرن کان پڇيائين. نوڪرن ٻڌايو ته ايتري عرصي کان پوءِ ڪڪڙ کائڻ لاءِ هنن پنهنجا پئسا گڏ ڪيا آهن. انهيءَ معصوم طنز تي ٺهڪ ڏئي پنهنجو پاڻ کي سمجهايو ته سندس ايمانداريءَ ڪري ٻيا ڇو لوڙين. ڪجهه به هجي ڪمشنر جا پٽيوالا سبزي کائڻ جا عادي نه هوندا آهن!

عبدالله جي ميمڻ نرالو، اڻ مٽ ۽ لاثاني هو. سعيد احمد قريشي جي چوڻ موجب، ڪو ٻيو عبدالله نٿو ٿي سگهي.

ساروڻيءَ جو تجلو

محمد ابراهيم جويو

آءُ عبدالله کي هڪ خاموش، لڄاري پر ان هوندي بہ هڪ تيز اسڪولي ٻار طور سڃاڻندو هئس، جنهن کي اپريل 1947ع ڌاري سنڌ ڇاڇو مولابخش سنڌ مدرسة اسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ وٺي آيو هو، جتي آءُ پڙهائيندو هئس. مهيني ٻن کان پوءِ مون کي اها نوڪري ڇڏڻي پئي ڇاڪاڻ جو انگريزيءَ ۾ لکيل منهنجي هڪ سياسي ڪتاب مان سنڌ مدرسي جي انتظامي بورڊ جو صدر ۽ تعليم وارو صوبائي وزير پير الاهي بخش خوش نہ هئا.

مولابخش مون کي ڪجهہ سالن کان شاهي بازار ۽ ميٺادر ڪراچيءَ جي سنگم تي واقع ميسرز احمد موسيٰ اينڊ برادرس (جوتن جو دڪان ۽ نيض ٽوپي هائوس تي اچڻ وڃڻ ڪري سڃاڻندو هو، جتي ڪيس معزز شهريءَ واري حيثيت حاصل هئي.

عبدالله جي چاچي جي شديد خواهش هئي تہ سنڌس ڀائيٽي کي شهر ۾ ڀهرين اينگلوورنيڪيولر اسٽينڊرڊ لاءِ بهترين استاد ليڪچنڊڙ ۽ اسان جي هڪ سينئر ساٿي محمد حسين سولنگيءَ جي ڪلاس ۾ داخلا ملي.

تن ڏينهن ۾ ڪلاس اسٽينڊرڊ سڏبا هئا ۽ شاگرد پنهنجو چوٿون ورنيڪيولر اسٽينڊرڊ پاس ڪرڻ تي انگريزيءَ جي پهرين اسٽينڊرڊ ۾ داخل ٿيندا هئا ۽ ان کان پوءِ سال بہ سال اڳتي وڌندي ستين اسٽينڊرڊ ۾ پهچي بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان ڏيندا هئا.

ان ڪري چاچو ۽ توري تڪي هلندڙ مائٽ پنهنجي ٻارن لاءِ سولنگيءَ جي ڪلاس ۾ داخلا لاءِ خاص ترجيع ظاهر ڪندا هئا تہ جيئن سندن ٻارن جو بنياد پڪو ٿئي ۽ اڳتي هليءو سولائيءَ سان امتحان پاس

ڪري سگهن. عبدالله کي ميسور هندستان سان تعلق رکندڙ عيسائي صاحب لوڪ ۽ سنڌ مدرسي جي پرنسپال کي آء جي ٿامس پنهنجي فيصلي تحت منهنجي دوست ۽ ساٿي، خيرپور ناٿن شاهه سان تعلق رکندڙ حاجي خان لغاريء جي ڪلاس پهريون اسٽينڊرڊ سيڪشن بيء ۾ داخلا جي هدائت جاري ڪئي. مولابخش پنهنجي پائيٽي لاء مناسب استاد طور حاجي خان جي صلاحيتن کان واقف نه هو.

ڪلاسن ۾ ساهيء جو وقت هو ۽ استاد ٽيچرس روم ۾ ويهي وقفي جو مزو وٺي رهيا هئا. پنهنجي پائيٽي جي آگر جهلي مولابخش ٽيچرس روم ۾ داخل ٿي مون کان پنهنجي مسئلي جي حل لاء مدد گهري.

سنڌس گرمجوش آترياءُ ڪري، کيس حاجي خان لغاريء سان متعارف ڪرائي سنڌس پروسي جوڳي اهليت ۽ پنهنجي، ڪم ۾ ذاتي دلچسپي هئڻ بابت پڪ ڏياريمانس ته مون کي خوشي ٿي جو آءُ کيس خاطري ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، خاص طور تي اوڏي مهل جڏهن اي سيڪشن ۾ گنجائش ئي نه هئي جو پرنسپل اها درخواست مڃي ها. بي ڳالهه اها ته حاجي خان به دادوء جو ئي هو جتي ننڍڙو عبدالله ڄائو هو. آخر ڪار اسين ان نتيجي تي پهتاسين ته حاجي خان جي ڪلاس ۾ داخلا ئي بهترين حل هو.

ڪو33 سالن کان پوء حيدرآباد جو ڪمشنر مقرر ٿيڻ تي1979ع ۾ عبدالله جي ميمڻ مون سان چانهه جي ڪوپ تي ملي ڪچهري ڪرڻ چاهي. جڏهن غلطيء وچان کيس ياد ڏياريم ته هو پهرئين يا ٻئي ڪلاس ۾ منهنجو شاگرد رهيو آهي ته منهنجي درستگي ڪندي چوڻ لڳو ته "سائين! منهنجا ڀاڳ ڀلا هئا جو پهرئين ۽ ٻئي اسٽينڊرڊن ۾ ٻئي سال لاڳيتو حاجي خان لغاري منهنجو استاد رهيو. مادر علمي سنڌ مدرسي ۾ منهنجي داخلا جي ڏس ۾ اوهان جي ادا ڪيل ڪردار کي آءُ ڪنهن به ريت وساري نٿو سگهان. انهيء ٿوري لاهڻ لاء منهنجي من ۾ اوهان لاء سدائين احترام پئي رهيو آهي. اوهان جو اهو ٿورو الائي ڪيئن لاهي سگهندس!".

باضمير ۽ غالب شخصيت

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

مون کي عبدالله جي ميمڻ جهڙي راستباز ۽ معزز شخص جي بي وقتائتي موت جهڙو صدمو ڪڏهن به نه ٿيو آهي. اسان جي معاشري جي غلط ڪارين ۽ دوکن سان ڪڏهن به ناهه نه ڪندڙ ۽ سڄي ملڪ خاص طور تي سنڌ ۾ هڪ باصلاحيت ۽ احتياط پسند سرڪاري عملدار بابت چا ٿو چئي سگهجي. هن سگهارين ترين سان هر ان وقت ڦيٽ ٿي ڪاڏي جڏهن هنن بي واهرو ۽ غريبن جي حقن جي لتاڙ ٿي ڪئي.

عبدالله جي ميمڻ شاندار لطيف حس رکندڙ ۽ فطرت جو پرستار هو جنهن ڪڏهن به نيم حڪيم طور ورتاءُ نه رکيو. حاضر جواب ۽ پرتپاڪ عبدالله، خوشامد ۽ چاپلوسيءَ کان چڙندڙ شخص هو. حيدرآباد جي ڪمشنر هئڻ دوران هن ماڻهن کي گهٽ ۽ پوسٽ وارن ڏينهن ۾ سک جو ڪو هڪ پل ڏيڻ واسطي حيدرآباد ڊويزن ۾ ڪيترين ئي ثقافتي ۽ تعليمي سرگرمين جي سهائتا ۽ پنپرائي ڪئي. هن سنڌالاجيءَ ۽ ان جي ڏهوڪي سربراهه ڊاڪٽر غلام علي الانا جي سرگرم مدد سان لطيف ايوارڊ، سنڌي ناٽڪ صدي ۽ رني ڪوٽ عالمي سيمينار جهڙا ڪيترائي شاندار پروگرام منعقد ڪيا. هن قلندر لعل شهباز ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ساليانی عرسن کي عوامي ڪاڄن ۾ بدلائي ڇڏيو.

اڄ نئون ڇاڻان نه سنڌ جي سڄاڻ، پرجوش ۽ پاڻ اربيل فرزند عبدالله جي ميمڻ جي سرهاڻ کي کهڙي ريت هميشه برقرار رکي سگهجي ٿو، جنهن جي پنهنجي ماترڀومي ۽ ان جي ماڻهن لاءِ پيار، ڪماليت ۽ نمرتا انهن قدمن ۽ خدمتن مان ئي ظاهر آهن جن لاءِ هن پاڻ ارپي ڇڏيو. ڪنهن خاص ڪم لاءِ، وتس ايندڙ ڪنهن فرد جي سفارش ڪرڻ بابت سنڌس

ايمانداراڻي ۽ غيرجانبدار انداز جو هڪ مثال ٿو ڏيان.

آءُ تعليم کاتي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري هئس. هڪ ڏينهن هو تعليم کاتي ۾ هڪ هيٺانهين گريڊ واري ملازم جي سفارش ڪرڻ لاءِ منهنجي آفيس آيو. سندس آڏرڀاءُ ڪندي آءُ پنهنجي ڪرسي ڇڏي سندس پرسان اچي ويٺس. ڪيس اها ڳالهه نه وڻي ۽ مون کي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيائين. مون اهوئي ڪيو. ان کان پوءِ هن ان همراهه جو مسئلو ٻڌايو ۽ ساڳي ساهه ۾ اهو به چيائين ته سندس درخواست تي ڪنهن قسم جو اثر قبولڻ بدران هر صورت ۾ ميرٽ تي فيصلو ڪيو وڃي.

مون ڪيس چيو ته توهين هلي آيا آهيو تنهنڪري اوهان جي منشا موجب ڪم ٿي ويندو ته يڪدم اٿي بيٺو ۽ چيائين ته آءُ نٿو چاهيان ته سفارش ڪي ليکيو وڃي پر ان کي مڪمل طور تي انصاف ۽ ميرٽ تي ڏٺو وڃي. ڪيس خاطري ڪرايم ته ائين ٿي ٿيندو ته پوءِ ڪجهه ٺڏو ٿيو ۽ منهنجي آفيس ۾ ويهي چانهه پيئڻ تي راضي ٿيو.

آءُ ڏاڏيءَ در سندس درجن جي بلنديءَ لاءِ دعاڳو آهيان.

سنڌ جو هڪ اُتم فرزند

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌ ڪيترين ئي عظيم شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. منجهائن ڪيترائي سنڌي معاشري ۾ ايترا ناميارا آهن جو ڪين ڪنهن تعارف جي ضرورت ناهي. عبدالله جي ميمڻ بہ انهن مان هڪ هو.

خدا کيس انيڪ خوبين سان نوازيو هو، ان ڪري ئي هو سڄي سنڌ جي ماڻهن ۾ مقبول هو. عبدالله جي ميمڻ جو ڪامورن، سياستدانن، پيشيورن، تعليمي ماهرن، فنڪارن، هنرمندن وغيره مطلب تہ زندگيءَ جي سمورن شعبن سان تعلق رکندڙن ۾ احترام ڪيو ٿو وڃي.

هو سڀ کان پهرين حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر ۽ پوءِ حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر طور مشهور ٿيو. هو پنهنجي خوش اخلاقي، پنهنجي ٻاجهاري طبيعت ۽ عام سنڌ واسين سان پيار ڪندڙ هڪ انتهائي همدرد آفيسر طور مشهور هو. هن پنهنجي ساٿين، ماتحتن ۽ دوستن جو احترام ئي ڪيو.

عبدالله جي ميمڻ سنڌ، سنڌين ۽ سنڌ جي معاشري جون انيڪ خدمتون ڪيون. هن پنهنجي ماتريومي سنڌ جي حقيقي پوڄا ئي ڪئي. هن نہ رڳو سنڌ جي عام ماڻهو سان پيار ئي ڪيو پر سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ ثقافت لاءِ بہ سندس خدمتون لاتعداد آهن. هو سدائين چوندو رهندو هو." ٻولي ڪنهن قوم جو هڪ انتهائي اهم عضوو آهي ڇاڪاڻ جو اها ثقافت جي اظهار ۽ وڌڻ ويجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. "هو اهو بہ چوندو هو تہ ٻولي قوم جي جيوت تي اثر ٿي وجهي. ٻولي رابطي، ويچارن ۽ احساسن جو بنيادي ذريعو آهي.

مون کيس اهو چوندي بہ ٻڌو آهي تہ:

"قومي اڏاوت لاءِ ادب انتهائي اهم آهي. ٻولي ۽ ادب ڪنهن قوم جا اساسي بنياد آهن. ادب ڪنهن معاشري جي روزمره واري زندگيءَ ۽ ثقافت جو اظهار آهي".

عبدالله جي ميمڻ سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه ۽ ترويج واسطي سچ پچ سخت محنت ڪندڙن جو قدر دان هو. شايد، اهوئي سبب هو جو هن سنڌالاجيءَ جي ترقي ۾ سدائين دلچسپي ٿي ورتي.

هن بندگيءَ واري دلچسپيءَ سان حيدرآباد جي ڪمشنر هئڻ دوران سنڌالاجي ميوزيم ۽ لائبريري لاءِ ايم ايس ايس، نادر ڪتاب، شيون ۽ اوزار گڏ ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ٿي ڪئي. سنڌالاجيءَ جو ريڪارڊ منهنجي ان ڳالهه جي تصديق ڪندو. هن سنڌ جي ڍڍوڪي گورنر جنرل عباسي ۽ ڪي سنڌالاجي گهمڻ جي دعوت ڏني ۽ سنڌس ذريعي ادارا ڪي ڍڍوڪي صدر جي ڌيان تي آندو ويو. ان رنت هن ڪيترين ئي انٽيليجنس ايجنسين جي خطرناڪ جاچ ڪان سنڌالاجي جي گلوخلاصي ڪرائي. اڄ سنڌالاجيءَ ڪي پاڪستان يا عالمي سطح تي حاصل مقام ۾ عبدالله جي ميمڻ جو وڏو هٿ آهي.

عبدالله جي ميمڻ سنڌ، ان جي ٻولي، سنڌي ادب ۽ ثقافت سان مخلص هو. جيئن آءُ اڳ ۾ چئي آيو آهيان ته ڪيترائي ليکڪ ۽ ڊراما نگار چاڻن ٿا ته 1980ع ۾ سنڌي ناٽڪ جو سئو سالن وارو جشن ملهائڻ دوران هن کهڙي ريت ڏينهن رات هڪ ڪري ڪم ڪيو. ٽن ڏينهن وارو اهو پروگرام سنڌس سرواٽيءَ ۾ زبيده گورنمنٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو ويو. ناٽڪن سان گڏوگڏ سنڌالاجيءَ ان موقعي تي سنڌي پوشاڪ جو هڪ نماءُ پڻ ڪيو هو. اهو نماءُ انوکو هو جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر مسرت مرزا، پروفيسر مرحب قاسمي ۽ ٻين ان جي ڪاميابي لاءِ وڏي محنت ڪئي.

هو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو به پانڌيڙو هو. دراصل ڀٽائيءَ جي ميلي تي سنگيت ڪانفرنس واري مستقل سلسلي ۾ سنگيتڪارن ۽ فنڪارن ڪي شرڪت لاءِ همٿائڻ ۽ اتساهڻ پويان سنڌس پيچ ڊُڪ ئي هئي. فن ۾ سنڌس دلچسپي سبب ڪيترن ئي نون فنڪارن ڪي سنڌ واسين آڏو متعارف ڪرايو ويو. انهن راڳين ۽ سنگيتڪارن ڪي ريڊيو ۽ ٽي وي به پنهنجي فن جي مظاهري جو موقعو ڏنو.

سنڌ واسي اهڙي ايماندار ۽ راستباز شخص کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهن.

احسان منديءَ پري يادگيري

ڊاڪٽر اين اي بلوچ

مرحوم عبدالله جي ميمڻ جو نالو احسان منديءَ سان ياد رکيو ويندو. هن پنهنجي سڄي حياتي هين لاءِ پنهنجو پاڻ کي ارپي ڇڏيو هو. هو حيدرآباد جو پهريون ڪمشنر هو جنهن کي انتهائي تعظيم ڏني وئي.

عبدالله جي ميمڻ وٽ قوم جي خدمت لاءِ حوصلو ۽ تصور هو. "خدمت صحيح تناظر ۾ "ئي سندس مول متو هو. هن عالمن ۽ پڙهيل ڳڙهيلن کي انتهائي تعظيم تي ڏني.

عبدالله جي ميمڻ هو تہ هڪ ڪامورو پر هڪ مختلف قابليت وارو. هو باضمير ۽ همت پريو هو، جنهن ڪامورا شاهيءَ جي روايتن جي ابتڙ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ تي چاهي. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر طوراوڏي مهل انتهائي احترام جوڳو ٻٽيو جڏهن اصولي موقف اختيار ڪندي هڪ معصوم شخص کي سياسي دٻاءُ هيٺ گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. ڪيس حيدرآباد کان بدلي ڪيو ويو ۽ هن اهو عهدو اوچي ڳاٽ سان ڇڏيو.

جيتوڻيڪ سندس ڪتنب ڊگهي عرصي کان ڪراچيءَ ۾ ٽانيڪو هو پر هن جا وڏا اندرين سنڌ سان تعلق رکندڙ هئا. سندس تعلق دادو ضلعي سان هو. ان ضلعي ۾ رني ڪوٽ واري قلعي جي تاريخي حيثيت تي ڌيان ڊريندي هن اتي هڪ سيمينار ۽ فيسٽيول ڪرائڻ جو رٿيو. سنڌ جي گورنر جنرل ايس ايم عباسيءَ خاص مهمان ٿيڻ قبوليو. ضروري انتظام ڪرڻ انتهائي خفي وارو ڪم هو. رستو بهتر ٺيٺو هو، فيسٽيول جي سامان سڙي لاءِ گاڏين جو بندوبست ٿيٺو هو، عالمن کي پهچاڻو هو ۽ سيمينار جي ماڳ کي سينگارڻو هو. ان هوندي بہ سندس انتهائي دلچسپي ۽ انتظامي صلاحيتن سبب سڀ ڪجھ انتهائي شاندار نموني

سان ٿيو.

هن ان بابت مون سان اڳواٽ صلاح مشورو ڪيو هو پر ان جي ويجهو اچڻ مهل آءُ اسلام آباد هئس ۽ طبيعت بحال نٿي سمجهيم. هن چاهيو ٿي ته آءُ ان ۾ شريڪ ٿي، انهيءَ عظيم الشان قلعي جي تاريخ تي ڪليدي مقالو پڙهان. هن لاءِ منهنجي محبتي قدر ڪري مون اسلام آباد کان حيدرآباد ۽ ان کان پوءِ رني ڪوٽ ڏانهن سفر ڪيو ۽ مقالو پڙهيو. اتفاق ٿيو جو منهنجي جوش ۽ سفر جي اٿانگ سبب مون کي مقالو پڙهڻ دوران زندگيءَ جو پهريون هلڪو دل جو دورو پيو. ڦرتيلو عبدالله جي ميمڻ اسان جو شاندار ميزبان هو جنهن سڀني کي اتساهيو ۽ سيمينار سمورن حوالن کان ڪامياب رهيو.

ريٽائرمنٽ کان پوءِ ۽ ڪراچيءَ ۾ رهندي ڪيس سنڌ ۾ سئر ۽ سفر ڪرڻ جي چڪ ٿيندي رهي.1995ع ۾ حيدرآباد جي ٽنڊوڪي ڪمشنر عبدالغفار سومري کيس حيدرآباد اچڻ جي دعوت ڏني جيڪا قبول ڪيائين. عبدالغفار سومري دادو ضلعي ۾ مختلف ماڳن جهڙوڪ نئن گاج، ڪاڇو، واهي پانڌي، ٽنبو جمالي، گاجي شاه ۽ منڇر ڍنڍ تي شاه حسن گهمڻ جو پڻ بندوبست ڪيو. هنن مون کي به ساڻن گڏ هلڻ جي نينڊ ڏني ۽ عبدالله جي ميمڻ کي انهيءَ سئر ۽ سفر مان انتهائي سرهو ٿيندي ڏٺم. اصل ڳالهه اها آهي ته هن ٿي انهيءَ سفر کي پنهنجي خوش گفتاري، مزاح ۽ ڪل مک طبيعت سان وڌيڪ شاندار بڻايو.

منهنجو حال پائي

طفيل احمد

آءُ عبدالله جي ميمڻ سان1976ع دوران واشنگٽن ۾ مليو هئس جڏهن هو پاڪستاني سفارتخاني ۾ خوراڪ ۽ زراعت جو قونصلر بڻجي آيو هو. شروعات کان ئي اسان ٻنهي وچ ۾ هڪ ذاتي ڪيماگري قائم ٿي وئي هئي. جڻ مون کي پنهنجو حال پائي ملي ويو هجي.

وقت گذرڻ سان اسان جا ڪٽنب به هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ آيا ۽ انتهائي گهرا ناتا جوڙي ورتائون. آءُ سنڌس سادگي، انسانيت، اخلاص، شفقت، مهمان نوازي ۽ نوجوانن ۽ وڏي ڄمار وارن لاءِ حقيقي پنهنجائپ تي هڪدم هرڪجي پيو هئس پر سنڌس سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ ڳالهه زندگيءَ طرفان آڇجندڙ سٺي ۽ خراب بابت حقيقت پسنديءَ وارو گهرو ادراڪ جنهن سان پروان چڙهيل حياتيءَ مان اطمينان جو احساس مليو هئس. اسين ڪيس سدائين هڪ اهڙي شخص طور ياد رکنداسين جنهن ڪڏهن به ڪنهن به ڳالهه جي شڪائت نه ڪئي ۽ نه ئي ٻين لاءِ ڪڏهن ڪا منفي ڳالهه ڪيائين.

.اهي ڪرداري صفتون هيون جن اسان جي ڪٽنب کي هن ڏانهن لاڙيو. اسان جي سنگت واشنگٽن ۾ وڌي ۽ سدائين هفتيوار موڪلن تي هڪٻئي سان ملڻ جو وقت ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيندا هئاسين. انهن مان ڪيترين ئي ملاقاتون فلسفي کان وٺي سياست تائين ۽ فن ۽ فنڪارن بابت جاندار ڪچهرين سان ڀريل هونديون هيون. عبدالله انيڪ ۽ انواع دلچسپيون رکندڙ شخص هو. ڪيترين ئي شامون سنگيت ٻڌندي گذاريونسين. ڪيس مهدي حسن ۽ اقبال بانوءَ جا غزل پسند هئا.

واشنگٽن کان پاڪستان ڏانهن سنڌس واپسي اسان انهن سيني لاءِ

انتهائي ڏکي گهڙي هئي جن سندس موجودگيءَ ڪي
پنهنجا پلا پاڳ تي ليکيو. بهرحال، مون هر پيري ڪراچي اچڻ تي
ساڻس ملڻ ڪي جڻ لازمي بڻائي ڇڏيو. آءُ ۽ ساجده ساڻس ۽ پاپيءَ سان
گذاريل گهڙين مان انتهائي اطمينان ۽ خوشي ماڻيندا رهياسين. سندن
ڪراچي موٽي اچڻ جو هڪ مثبت پهلو اهو آهي ته منهنجا ۽ ساجده جا
گهرياتي سندن واقف بڻيا ۽ هو به هنن ڏانهن انهن ساڳين صفتن ڪري
موهجي ويا جن شروعات ۾ اسان کي موهيو هو. اسين سڀئي عبدالله ۽
پاپيءَ کي پنهنجي ڪٽنب جو ڀاتي سمجهندا هئاسين.

مون کي سندس اها سرهائي به ياد آهي جڏهن همايون سندس ۽
پاپيءَ جي زندگي ۾ آيو هو. هو خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو ۽
پاڻ ۽ پيار مان سندس متعلق پيو ڳالهيون ڪندو هو. ونس هن لاءِ
انيڪ سپنا هئا. همايون جي وڏي ٿيڻ سان عبدالله جي فخر مندي پڻ
وڌي ويجهي. اسان کي ان تي خوشي ٿي ته همايون ۾ پنهنجي والدين جا
ڪيترائي مثبت گڻ بکڻ لڳا هئا.

هاڻوڪن سالن ۾ عبدالله جي صحت جي ابتري ۽ سندس هلڻ چلڻ
۾ ڏکيائي تي اسين سڀئي پريشان هئاسين. هو سدائين سرگرم رهيو هو ۽
سندس ڪجهه وٿنڊڙ شيون نه ڪري سگهڻ پريشان ڪن عمل هو پر ان
سڄي عرصي دوران هو پنهنجو مثبت سڀاءُ برقرار رکندو آيو.

اسان جو سڄو ڪٽنب ڏکويل آهي ته هاڻ هو اسان سان گڏ ناهي پر
سندس متعلق اسان جون سارو ٿيون انيڪ آهن ۽ جڏهن به سندس ياد
ايندي آهي ته ساڻس گڏ گذاريل پل ياد ڪري مرڪي پوندا آهيون ۽ فقط
مثبت جذبا ئي دلين ۾ پيدا ٿيندا آهن. ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سٺ
ڪجي.

عبدالله جي ميمڻ: هڪ سرگزشت

سيد روشن ضمير

عبدالله جي ميمڻ بابت منهنجي پهرين ساروڻي1965ع واري جنگ کان ستت پوءِ نومبر1965ع ڌاري سول سروس اڪيڊميءَ ۾ رات جي ماني تي گڏجڻ جي آهي. اڪيڊمي،1965ع واري اسان جي جٿي کان پنهنجي تربيتي شيڊول ۾ تبديلي آندي هئي تنهنڪري ٻئي جٿا ڇهه مهينا کن گڏ رهيا. عبدالله جو تعلق1964ع واري جٿي سان هو.

مانيءَ کان پوءِ اسان پنهنجي خاص مهمان ڍاڪيءَ ۾ پاڪستان جي ڏهوڪي هاءِ ڪمشنر مرحوم ميان ارشاد حسين سان ڪچهري ڪرڻ شروع ڪئي. جنگ ۽ صورتحال کي درست طرح سان منهن ڏيڻ ۾ اسان جي خامين ڪوتاهين تي هڪ دلچسپ ۽ زوردار بحث شروع ٿي ويو. ان رات هڪ نڪتو اهو اڀاريو ويو ته مستقل دشمني کانسواءِ ملڪ لاءِ وجود جو جواز نٿي بڻجي سگهي.

1960ع واري ڍاڪي جي پڇاڙي دوران ايوب ۽ يحيٰ حڪومتن ۾ اسان پنهي گڏنا ڊويزن جي مختلف ضلعن ۾ ڪم ڪيو. عبدالله ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر باريسال هو جڏهن ته آءٌ اسسٽنٽ ڪمشنر جيسور هئس. قسمت جي ڳالهه آهي جو اسان کي مستقبل ۾ به ڪيترن ئي سرڪاري ڪمن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻو هو.

حيدرآباد ۾ سنڌس ڊپٽي ڪمشنر هئڻ دوران هڪ دلچسپ واقعو پيش آيو ۽ ڪيس وقت کان اڳي بدلي ڪيو ويو. سبب، جهڙي ريت هاڻ اسان مان گهڻا ڄاڻن ٿا، قومي اسيمبليءَ جي هڪ ميمبر کي عيد جي رات نظربند ڪرڻ کان نابري وارڻ هو. بعد ۾ اسان کي پنهنجي خابروڻ وٽان پتو لڳو ته تن ڏينهن ۾ اقتدار جي ڏاٽين کي اهو چوندي هڏو ويو ته

جيڪڏهن ڪو سنڌي ڊپٽي ڪمشنر به اسان جو حڪم نہ مڃيندو تہ پوءِ حڪومت ڪيئن هلندي.

عبدالله ڪي سندس حاصلاتون سخت محنت ۽ نوڙت سبب حاصل ٿيون. سندس شخصيت جو اهم اهڃاڻ سندس نوڙت هئي. ڪيس سنگيت ۽ ٻارن سان خاص چاهہ هو. هو هڪ مخصوص ٺهڪ ڏيندو هو جيڪو گهرو، پرشور ۽ سرهائي سان ڀرپور هوندو هو.

ساڻس آخري ملاقات گذريل سال آڪٽوبر ڌاري امتياز قاضيءَ وٽ هڪ گهريلو دعوت تي ٿي ۽ اسان، جيئن سنڌ ۾ چئبو آهي "ناهوڪي ڪچهري "ڪئي. هو پلو ماڇو ۽ سٺو دوست هو. خدا مٿس ٻاجھ ڪري. آمين.

ڏرتيءَ جو پيار: لاڏ ڪوڏ سان سانڍيل آڌمو

آغا شهاب الدين

عبدالله جي ميمڻ ويهين صديءَ جو هڪ تمام وڏو دانشور هو ۽ سندس موت سنڌ، پاڪستان ۽ سندس دوستن کان نه رڳو هڪ مفڪر پر هڪ اهڙو صاحبلوڪ پڻ کسيو آهي جيڪو ساٿس لهه وچڙ ۾ ايندڙ هر ڪنهن جي مدد ڪرڻ ۽ سندس مسئلو حل ڪرڻ لاءِ سدائين تيار رهندو هو.

ويهين صديءَ جي لوڪ ڪردار، عبدالله جي ميمڻ پنهنجي ويهن سالن واري سرگرم نوڪريءَ دوران اهڙي ساک ٺاهي جو هن معاشري ۾ ان جو ٽڪڙو بدل ڳولهڻ محال هوندو. لاچار ۽ بي واهرو سدائين سندس توجهه جو مرڪز رهيا. ڀالڪپڻي کان وٺي اعليٰ سرڪاري عملداريءَ ۽ ايستائين جو سماجي جيوت ۾ پڻ سندس زندگيءَ جي هر دور ڪيس نوجوان نسل لاءِ هڪ روشن مثال ٿي بڻايو.

عبدالله جي ميمڻ هڪ مڪمل ڀاڄهارو ۽ همت ڀريو شخص هو جنهن جو پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ پيار لاڏ ڪوڏ سان سانڍيل آڌمو هو. سندس بنيادي دلچسپي تاريخ، قومي ۽ عالمي معاملن ۽ اهڙي ڄاڻ سان هئي جيڪا سندس ملڪ ۽ ان جي مٽي هاڻن ماڻهن جي بهتريءَ جون راهون هموار ڪري سگهي، درحقيقت هن ڪتابن مان مزو ٿي ماڻيو ۽ غريبن جي بهتري ۽ ڀلائي بابت انتهائي پراميد هو. شيلي جي انهي ڳالهه ۾ سندس پورو ويساهه هو ته سيارو جو اچي ويو آهي ته پوءِ بهار به گهڻو پري نه هوندو.

عبدالله جي ميمڻ ۽ آءٌ پرائمري سطح تي سنڌ مدرسي ۾ گڏ هئاسين پر اسان جو رسمي تعارف سول سروس اڪيڊميءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ

ولرن اسان جي دوستن عشرت حسين، سعيد صديقي، روشن ضمير ۽ شوڪت شيخ سان گڏوگڏ منهنجي سڀ کان وڌيڪ پراڻي دوست مير امداد ذريعي ٿيو. سول سروس اڪيڊمي، کان پوءِ عبدالله کي تربيت هيٺ اسسٽنٽ ڪمشنر طور حيدرآباد اماڻيو ويو. حيدرآباد ريڊڪراس بلڊنگ ۾ اسان دوستيءَ جا پيچ وڌا جيڪي آخر تائين برقرار رکياسين.

عبدالله پنهنجي دوستن جي دلين ۾ " صاحب باس "طور مڃيو ويندو هو. هر ڪو ذهن ۾ ولوڙ پيدا ڪندڙ سندس ويچارن کان متاثر، لاڀائتو ۽ اتساهيل هو. سندس دروازا سدائين منطقي، قانوني ۽ ذاتي صلاح مشوري لاءِ کليل هوندا هئا. شايد اهوئي سبب آهي جو ساڻس لاڳاپيل هر فرد کيس سدائين پنهنجو ذاتي، پروسي جوڳو ۽ چاتو دوست ليکيندو رهيو. منجهس دوستن جي آدرڀاءُ لاءِ ثقافتي روايت واري عادت هئي. پنهنجي خراب صحت جي باوجود کين مناسب وقت ڏيندو ۽ پنهنجي گهر جي دروازي تائين ڇڏڻ ايندو هو. صحت جي ڏس ۾ کيس نندپڻ کان ئي چيلهه ۾ سور هو. اڳتي هلي کيس مٺن پيشابن جي بيماري ٿي ۽ آخر ۾ دل جو مريض پڻ ٿيو. جيتوڻيڪ هو انتهائي ذميوار ۽ واهر ڪندڙ شخص هو پر حيرت انگيز طور تي پنهنجي صحت جي معاملي ۾ انتهائي غير ذميوار ۽ گوڻ ناٽي هو. سندس سمورن دوستن تي کيس ڊاڪٽرن جي مشوري تي عمل ڪرڻ ۽ پنهنجون عادتون تبديل ڪرڻ لاءِ مناسب زور نه پرڻ جو ڏوهه ثابت ٿئي ٿو. پر اهي ڪن به چا جو سندن واسطو ويهين صديءَ جي هڪ لوڪ ڪردار سان ٿي پيو!.

عبدالله هڪ ٽڌو، سياويڪ ۽ تيز شخص، انتهائي پروسي جوڳو ۽ هڪ ذميوار دوست هو. هو دوستن لاءِ ڪيل ڪنهن ڪم کي سدائين وساري ان جو ذڪر به نه ڪندو هو. عبدالله جي ميمڻ جا انيڪ دوست هئا جن سان ڏکهن بحثن مان آسيس پرائيندو هو. کيس مزاح واري ڏات مليل هئي ۽ هر ڪچهري، گڏجاڻي يا اجتماع ۾ ڇانئجي ويندو هو.

عبدالله جي ميمڻ سياست ڏانهن لاڙو رکڻ کان سواءِ انسانيت وارن قدرن جي علامت هو. هن پنهنجي نوڪريءَ دوران ڪڏهن به رعائتن يا مراعتن لاءِ نه واجهايو پر سدائين پنهنجون ذميواريون نڀائيندو رهيو. هڪ

غير معمولي صفتن وارو انتهائي بهادر ۽ بيباڪ شخص هو. هو هڪ سچو مسلمان هو، جنهن پنهنجو ڪم ڪندي يا ماڻهن سان منهن ڏيندي رب جي رضا تي ويساهه تي رکيو. مناسب ۽ سرشتي وار تعليم حاصل نہ ڪري سگهڻ جي باوجود هن پنهنجو پاڻ کي هڪ غير معمولي عملدار ثابت ڪيو چاڪاڻ جو سندس ايمانداري، باضميري، ڪردار ۽ اخلاق ۾ ويساهه هو. اهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن.

هن بدلي يا برطرفيءَ ۽ ايستائين جو زندگيءَ تان هٿ ڌوئڻ جي ڊپ سبب اصولن تي سودو نٿي ڪيو. ان ڪري ئي منجهس (الف) سنڌ جي هڪ مضبوط ترين وڏي وزير ممتاز ڀٽي سان حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر طور (ب) وفاقي وزير گوڪل ۽ جنرل ضيا سان واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي خوراڪ واري قونصلر طور (پ) حيدرآباد جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل قاضي سعيد الدين سان حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر طور (د) سنڌ جي گورنر ۽ مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل رحيم الدين سان صوبائي حڪومت جي سيڪريٽري طور ۽ (ر) ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ الطاف حسين سان گهرو کاتي جي سيڪريٽري طور منهن ڏيڻ جي همت هئي. مون کي اڃان تائين اهڙو ڪو سرڪاري عملدار نظر نہ آيو آهي جنهن ۾ عوامي مفادن لاءِ پنهنجي اصولي ۽ منطقي نقط نظر لاءِ رب تي ايمان سان اهڙي همت، صلاحيت ۽ اعتماد هجي.

سندس تعلق ڪراچيءَ جي سڀ کان پراڻي ۽ تاريخي علائقي لياري جي اچي قبر واري پاڙي ۾ رهندڙ هڪ غريب گهراڻي سان هو پر هن ماديت پرست معاشري ۾ عزت ۽ احترام گهرڻ بدران نہ رڳو عزت ۽ احترام پرايو پر ڪيس هيٺين ترين طبقي کان وٺي مالياتي، تعليمي ۽ چونڊيل اشرافيا جي مٿاهين ترين طبقي جي سمورن اخلاقي قدرن کان پڻ واقفيت هئي. هو هڪ آزاد فطرت شخص ۽ عوامي ترقيءَ جو سچو پچو ڪارڪن هو.

ان ڪري هن معاشري جي نظر انداز ڪيل غريبن جي سيوا واري خيال کان سول سروس ۾ شموليت اختيار ڪئي. بدقسمتيءَ سان سماجي ۽ سياسي حالتن سبب، هو پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪرڻ ۾ ناڪام

رهيو ۽ جلد کان جلد سول سروس کان مختلف ڪلهن راهه جو پالڊيلو
ٿين جو فيصلو ڪيائين.

بهرحال حقيقت اها آهي ته سنڌس ريٽائرمينٽ کان پوءِ به ڪيس صوبائي گورنر، وڏي وزير، وفاقي ۽ صوبائي وزارتن ۽ ٻين ڪيترن ئي اهم ۽ وڏن عهدن لاءِ مناسب ليکيو ٿي ويو. سول سروس فائونڊيشن 2003ع واري پنهنجي ڪيلنڊر ۾ سول سروس جي چئن ٿنڀن سعيد احمد قريشي، پرويز احمد ٻٽ، ڪنور ادريس ۽ عبدالله جي ميمڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

سنڌس ويجهي ترين ڪٽنبي دوست طور مون کي اهو ٻڌائڻ ڏيو ته هو پنهنجي انهي، "چڙهت"مان خوش نه هو ڇاڪاڻ جو هن سمجهيو ٿي ته ايماندار ۽ محنتي عملدار/ڪامورو هئڻ جي باوجود نيچ نوڪري ذريعي پنهنجي آزاداڻي مرضي آهر عوام جي سيوا نٿي ڪري سگهجي. پنهنجي عروج جي بلنديءَ مهل سنڌس نوڪري ڇڏڻ جو هڪ اهم ڪارڻ به اهو ادراڪ هو.

شروعات ۾ هو سوشلزم ۽ ڪميونزم بابت ڪتابن کان متاثر هو پر اڳتي هلي هو هڪ سچو پچو تبليغي مسلمان بڻيو جنهن وٽ انسان اول هو ۽ بعد ۾ مسلمان. منجهس مادي خواهشون نه هيون ۽ هڪ قناعت ڪندڙ انسان هو.

عبدالله جي ميمڻ کي پنهنجي بي وقتي موت جو پتو هو، ان ڪري ئي چوندو رهندو هو ته " منهنجو پاسپورٽ جاري ٿي چڪو آهي، ويزا لڳي چڪو آهي، ٽڪيٽ خريد ٿي وئي آهي، اڏام جو تعين ٿي چڪو آهي، بورڊنگ ڪارڊ جاري ٿي چڪو آهي، بس رڳو اڏام جي اعلان جو انتظار آهي". اڄ احساس جرم ٿو ٿئي ته انهن لفظن کي سنجيدگيءَ سان نه ورتوسين ۽ دانشور لوڪ ڪردار جيڪو ذاتي، خانگي ۽ پيشوراڻي حوالن کان غير معمولي هو، ايترو جلدي هليو ويو. مون ذاتي طور تي هڪ ساٿي، ڀاءُ ۽ دوست وڃايو آهي جيڪو سدائين ڪٽنبي دوست، سونهون ۽ صلاحڪار رهيو. هن ملڪ جا اسين سمورا شهري عوام جي بي غرض خدمت ڪرڻ تي عبدالله جي ميمڻ جا قرضي آهيون.

ڪيس ويجهي کان سڃاڻڻ ڪري، مون کي اهو اعتراف ڪرڻ گهرجي

تہ اسان پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جو تاج ۽ سرواڻ وڃايو آهي. انسان جي فاني هئڻ ڪري موت اٽل آهي ۽ حياتي جو انت دعائن ۽ مال ملڪيت سان ٽاري نٿو سگهجي.

آءُ پنهنجي اجوڪي نوجوان نسل کي صلاح ڏيندس تہ هو سندس حاصلاتن کي سڃاڻن، سهيڙين ۽ تجزيو ڪن ۽ سندس ڪامياب طرز زندگي جي پيروي ڪن. آءُ سمجهان ٿو تہ ڪيس خراج تحسين پيش ڪرڻ جو اهو ئي مناسب طريقو آهي.

With best wishes
Jan. 1997

سچڻ سڀاڄهڙو گهڻو

عبدالغفار سومرو

"سرڪاري عملدار انڪري واضع دماغ سان ني ڪم ڪري ۽ اهو ڄاڻي ته ڪيس اصولن تي بيهڻ ۽ شفاف معاشري جي مقصدن واسطي معاوضو ڏنو ٿو وڃي ۽ هو انصاف برقرار رکڻ لاء ڪوشش ڪري ۽ خاطري ڪري ته ڪمزور پنهنجو پاڻ کي سگهارو سمجهن، ڪنهن ٻه عورت سان ڏاڍائي نه ٿئي يا ڪيس رڳو ان ڪري هيسايو وڃي ته هوءَ جسماني طور تي ڪمزور آهي ۽ ڪنهن غريب جو شاهوڪار هٿان استحصال نه ٿئي".

(علاما آء آء قاضيءَ جو 1953ع ۾ سرڪاري عملدار بابت ليڪچر)

ڪامورا شاهيءَ تي خاص طور تي1950ع ۽ 1960ع وارن ڏهاڪن کان ان جي وڏائيءَ واري رويي ۽ آپيشاهاڻي انداز سبب عام طور تي تنقيد ٿيندي پئي رهي آهي. پاڪستان جي سول سروس خلاف اهو الزام عام ماڻهن جي مسئلن کي سمجهڻ لاء ضروري احساس جي کوٽ رهيو آهي.

سي ايس پي آفيسر پنهنجو پاڻ کي مراعت يافتا، تحفظ ماڻيل ۽ انتهائي مضبوط ليکي ٿو. هو اهو هڪ ته آئيني تحفظ ڪري سمجهي ٿو پيو ته منجهس هڪ اهڙي اشرافياڻي نوڪريءَ سان تعلق هئڻ جي فخر جو احساس هوندو آهي جنهن جا سينئر رڪن سدائين حڪومت ۾ اقتدار ۽ اختيارن جا مٿاهان عهدا سنڀاليندا آهن ٿيون ته1950ع واري ڏهاڪي دوران ڪامورا شاهيءَ جي سياست زده ٺيٺ جو آخرڪار نتيجو آپيشاهاڻي راڄ جي صورت ۾ نڪتو جيڪو1958ع واري پهرين مارشل لا واسطي چٽيل پهريون ٻج هو. قدرت الله شهاب جو لکيل ڪتاب "شهاب نامه" ان دور جي ڪامورا شاهيءَ جي ڏوهن جي سچي پچي چارج شيٽ آهي سول سروسز جو سماجي پسمنظر ۽ 66-1950ع واري ان دور جو هڪ تجزيو

ڏيکاري ٿو تہ ڪامورا شاهي پاڪستان ۾ هڪ اداري طور عوام کان بنهہ ڪٽيل هئي (هماناز 1990ع)

ملڪ هڪ انتهائي نازڪ دور مان لنگهي رهيو هو. عوام جي خواهش پٺاندڙ هلڻ بدران پاڪستان کي هڪ فرد جي ذاتي مرضيءَ موجب هلايو ٿي ويو ۽ اها حقيقت ئي سڄي معاشري جو ٻيڙو ٻوڙڻ لاءِ ڪافي هئي.

ڪامورا شاهي ان سرشتي جوهڪ اڻ ٽٽ حصو هئي ۽ پاڪستان جي پهرئين آمر حڪمران وٽان همٿايل ۽ پروان چڙهيل هئي. ان وايو منڊل ۾ ڪامورا شاهيءَ جو ڏنگ ۽ لهجو وڏي پٺماڻي تي پنهنجي ذات ۾ غلطان ۽ پنهنجي سر فيصلا ڪرڻ وارو بڻجي ويو ۽ ڪيترن ئي معاملن ۾ اهو عوامي مفادن کي هاڃو رسائيندڙ پڻ هو.

بهرحال، جيئن سدائين ٿيندو پئي آيو آهي، ڪي انوکا مثال پڻ موجود هئا.1964ع واري سي ايس پي جٿي سان تعلق رکندڙ عبدالله جي ميمڻ سمورن حوالن کان نرالو ۽ معتبر سرڪاري عملدار هو. سندس تعلق ڪراچيءَ جي هڪ عام رواجي گهراڻي سان هو ۽1938ع ۾ ڪراچيءَ جي پراڻي علائقي کڏي ۾ پنهنجي ماڻٽن جي ننڍڙي گهر ۾ قدم رکيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪراچيءَ ۾ سنڌ چيف ڪورٽ ۾ مترجم طور ڪئي. اوير پاڪستان جي هاڃي پاڪستاني معاشري کي پنهنجو پاڻ اندر سميٽجي ويل، نراس ۽ پور پور ڪري ڇڏيو. نتيجي طور، اقتدار سنڀاليندڙ سياسي قيادت انساني برابريءَ جي اعليٰ آدرشن تي ٻڌل سڌارن ذريعي معاشري کي تبديل ڪرڻ جي هڪ ريڊيڪل ايجنڊا پيش ڪئي. ساڳي وقت1973ع وارن انتظامي سڌارن جي صورت ۾ آئيني تحفظ واپس وٺي ڪامورا شاهيءَ کي ڪرنگهي بنان بڻايو ويو. انهيءَ غير معمولي قدم پويان منطق اها ڏني وئي تہ ان سان اها عوامي مرضيءَ پٺاندڙ ڪم ڪندي. ملڪ ۾ عوامي تائيد واري پهرين حڪومت سمجهيو تہ جيئن تہ ان کي ڪيترين ئي اهم تبديلين آڻيون آهن تنهنڪري ڪامورا شاهيءَ کي ان جي گناهن جي سزا ڏيڻ گهرجي. حڪومت جي انهيءَ اهم اداراتي سڌارن جو انتهائي اگرو اثر پيو جو اها خود مختياري ۽ غيرجانبداريءَ وارو پنهنجو احساس وڃائي ويٺي

مستقبل ۾ اها سياستدانن جي هٿن ۾ هڪ ڪٺ پتلي بڻجي وئي.

1973ع ۾ عبدالله جي ميمڻ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر هو. ان عهدي تي اچان ئي مهينا ئي مس ٿيا هئس جو حڪمران جماعت جي هڪ انتهائي سگهاري رڪن پنهنجو حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ لاءِ پنهنجي هڪ پراڻي ويريءَ کي گرفتار ڪرائڻ چاهيو. گرفتار ٿيندڙ همراهه بدين جو هڪ غريب پرگڙي هو. عبدالله جي ميمڻ تي صوبائي حڪومت ڪيس قيد ڪرڻ لاءِ دٻاءُ پڻ وڌو پر هن جهڪڻ کان انڪار ڪيو.

ان نازڪ موقعي تي هن پنهنجي ضمير جي مشوري تي عمل ڪيو ۽ پنهنجي استعفا لکي واسطيدار اختيارين کي رواني ڪيائين. اهو انتهائي خطرناڪ ڏچو بهرحال اوڏي مهل ٽري ويو جڏهن اها ڳالهه وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي ڌيان تي آندي وئي جيڪو انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ پنهنجي اڳيئي طئي ٿيل دوري تي آيل هو. تنهن هوندي به ٽن مهينن جي مختصر مقرريءَ کان پوءِ ڪيس حيدرآباد کان بدلي ڪيو ويو.

پنهنجي مقرريءَ جي عرصي جي باوجود هن ماڻهن جي حقن ۽ آزادين جي نگهبان طور عمل ڪندي ضلعي مئجسٽريٽ جو درست انداز ۾ ڪردار نڀايو. هن چڱاين ڏانهن پنهنجي لاڙي ۽ ڪمزورن خلاف سگهارن جي دٻاءُ آڏو نرم نه پوڻ واري پنهنجي حوصلي جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. درحقيقت ضرورت پوڻ تي ڪمزورين واسطي ويڙهاند ڪرڻ سندس فطرت هئي. شايد سندس عمل ڪنهن ضلعي مئجسٽريٽ طرفان ڪنهن فرد جي آزاديءَ تي سودو نه ڪرڻ ۽ پختي حوصلي سان موقف اختيار ڪرڻ جو آخري مثال هو.

سندس صلاحيتن جو بهتر اظهار پرڏيهه مان موٽڻ جي ڪجهه عرصي کان پوءِ 1979ع ۾ حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر طور مقرر ٿيڻ تي ٿيو، اهو عهدو چئن سالن تائين سنڀاليائين. انهيءَ حقيقت جي باوجود نه اهو هڪ ڏکيو دور هو جڏهن مارشل لا جا ضابطا ملڪ جا متاهان قانون هئا پر هڪ منتظم طور هن قانون جي حڪمرانيءَ واري بنيادي اصولن تي ڪو ٺاهه نه ڪيو. هن پنهنجو پاڻ کي شهري حقن جو نگهبان ۽ امانتدار ٿي سمجهيو. هن موجب شهري حقن جي لتاڙ نتي ٿي سگهي ۽ انهن کي

مارشل لا اختياري وارن جي جاري ٿيندڙ مختلف ٽرنگ پري ۽ ارھ زوراڻي وارن حڪمن ذريعي ڪچلي نٿو سگھجي. حقن جي انهيءَ تحفظ ڪيس اختيارين سان ٽڪراءُ واري حالت ۾ آڻي ڇڏيو. ھڪ مناسب جاچ کان پوءِ اعليٰ اختيارين سندس اهليت ۽ درست ڳالھ کي مناسب اهميت ڏيندي سندس قد ڪاٺ جو اعتراف ڪيو ۽ ان ريت شهري حقن جي بالادستي تسليم ڪئي وئي.

ھڪ نوجوان آفيسر طور سائس گڏ ڪم ڪرڻ وارن سالن دوران منهنجي انتهائي مناسب تربيت ٿي ۽ اھو ھڪ لاپائتو تجربو ھو. ميڪس ويبر جي لفظن ۾ "ھو ھڪ ڪامل اڳواڻ ھو،" جنهن پنهنجي سائين ۽ گڏ ڪم ڪندڙن ۾ اتساھ ۽ اعتماد پيدا ٿي ڪيو. مون " سائين"ءَ گڏ ڪم ڪندڙ "ولرا لفظ چاڻي ٻجهي استعمال ڪيا آھن چاڪاڻ جو ھو پنهنجي ماتحتن کي سدائين پاڻ جهڙو ۽ ساڳي مقصد واسطي ڪم ڪندڙ جوڙيوال ليکيندو ھو. ساڳي وقت ھو ڪم ۾ رعائت نہ ڪندڙ ۽ سخت نظم وضبط رکندڙ بہ ھو.

ھو ڪنهن بہ طئي ٿيل ڪم لاءِ بنيادي ماپا جوڙيندو ھو ۽ پوءِ چاهيندو ھو تہ اھو ڪم مقرر ٿيل وقت ۾ بهترين معيار سان مڪمل ٿئي. ڪڏھن ڪڏھن ھو وڌيڪ بار ڪٽندڙ لڳندو ھو چاڪاڻ جو ھو ان ڪم جي انهن پهلوئن ۾ بہ شامل رهندو ھو جيڪي سولائي سان هيٺين عملدارن جي حوالي ٿي پئي سگھيا. پر اھو عمل بہ سندس ماتحتن لاءِ محبتا جو ساڳيو ئي اظهار آٿيندو ھو. ھو معاملو نبيريندڙ ۽ خوش گفتار ھو ۽ پنهنجو نقط نظر انتهائي اعتماد سان پيش ڪري سگھندو ھو. فطري طور تي ھو قطعيت پسند ھو جيڪو شين کي مڪمل طور تي ٿيندو ڏسڻ چاهيندو ھو.

سنڌ ۾1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ صوبائي ۽ وفاقي سطح جي پنهي حڪومتن کان مقامي آباديءَ جي ويڇاٽپ جو اظهار ٿي هئي. ايم آر ڊي تحريڪ جي چانوري ۾ ٿي سول نافرماني ڌاڙيل راڄ ۾ تبديل ٿي وئي جنهن سمورا بند ٽوڙي صورتحال کي انتهائي ڳنڀير بڻائي ڇڏيو. سنڌ ۾ ڪو رستو محفوظ نہ ھو ۽ سنڌو دريا جا ڪچا انهن ڌاڙيلن جا محفوظ ماڳ بڻجي ويا.

هڪ روشن خيال ۽ آدرشي منتظم طور عبدالله جي ميمڻ هڪ دبنگ قدم کنيو ۽ انهن ڌاڙيلن سان ملڻ واسطي پيلن ۾ ويو. هن انهيءَ ڪوجهي ڪرت پويان سببن جو ذاتي طور تي تجزيو ڪرڻ ٿي چاهيو. اهو سندس بلند مرتبي جو هڪ اظهار هو ته هن ان مسئلي کي سمجهڻ لاءِ دانشوراڻو ڍنگ اختيار ڪيو. هن ڌاڙيلن واري معاملي کي انسانن لاءِ هڪ رواجي سرگرمي نه پر چرياڻپ وارو عمل تي ليکيو پر ان هوندي به ان لاءِ يقيني طور تي هڪ مناسب تجزيو گهربل هو.

ڊويزنل ڪمشنر طور پنهنجي ڪامياب دور کان پوءِ هن ناڻي کاتي ۽ صنعتن جي سيڪريٽريءَ طور ۽ آخر ۾ سنڌ جي گهرو کاتي واري سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيو. سمورن حوالن کان کيس هڪ غير معمولي ۽ ڪامياب آفيسر ليکيو ويو. پر هن پنهنجي وقت کان اڳي ريٽائرمنٽ وٺڻ جو فيصلو ان وقت ڪيو جڏهن هر عملدار پنهنجي ڪيريئر جي اعليٰ ترين درجي تائين پهچڻ چاهيندو آهي.

هو سرڪاري/عوامي خدمت جي اخلاقي قدرن ۾ ويساهه رکندڙ هو جن جو پنهنجي سموري نوڪريءَ دوران اعليٰ ترين مظاهرو ڪيائين. هڪ پيري ان مامري تي سنجيدگيءَ سان بحث ڪندي مون زور ڀريو ته سرڪاري نوڪريءَ مان سندس غيرموجودگي ماڻهن لاءِ وڏو نقصان هوندو. هن مون تي واضع ڪيو ته پنهنجي ضمير سان سرڪاري نوڪري ڪرڻ جيئن پوءِ تيئن ڏکي پئي ٿئي ۽ هن ٺاهه پري انهيءَ صورتحال مان نڪرڻ ٿي چاهيو. اهو غير معمولي فيصلو ظاهر ٿو ڪري ته هو عظيم الشان يقين ۽ وعدي جي پڪي هڻڻ جو مالڪ هو، هڪ اهڙو شخص جنهن ڪڏهن به حالتن کي پنهنجي اصولن تي حاوي ٿيڻ نه ڏنو. درحقيقت هو نتيجن کان بي پرواهه ٿي، سدائين پنهنجي اصولن تي قائم رهيو.

هڪ انسان طور هو ڪيترين ئي نادر ۽ املهه صفتن جو مالڪ هو. هو انتهائي خوش اخلاق ۽ سٺين عادتن وارو شخص هو. سدائين مرڪندو رهندو هو ۽ پاڪرن ۾ پري سامهون واري کي پليڪار ۽ گرمجوشيءَ جو احساس ڏياريندو هو. اهڙين نادر خوبين کيس انتهائي دوستاڻو ٿي بڻايو ۽ سندس هر واقف کيس پنهنجي ويجهو سمجهندو هو.

هو انتهائي سماجڪ سياءَ وارو هو ۽ ٻين جو انتهائي خيال رکندو هو. هن هڪ اعتماد ڀريو ۽ سولو انداز جوڙي ورتو هو ۽ سدائين پنهنجي مخاطب فرد کي سندس نالي سان گڏ ڪنهن به لقب يا مثل سان سڏيندو

هو. انهن سمورين ڳالهين ڪيس موهينڊرُ ۽ قربائتو ٿي بڻايو.

هي مضمون ڪنهن زماني ۾ سول سروس اڪيڊمي لاهور جي مرڪزي صلاحڪار پروفيسر رالف برائبنٽيءَ جي حوالي سان ختم ڪرڻ مناسب ٿيندو. هن اسرندڙ ملڪن لاءِ هڪ مناسب ڪامورا شاهيءَ بابت چئن بنيادي ڳالهين جي ضرورت تي زور ڏنو:

(1) خدا ترسي يا درد منديءَ جو هڪ سگهارو احساس

(2) دانش جو اعليٰ مثال

(3) آزادائي يقين جي همت، ۽

(4) نظم وضبط جي هڪ ڳنڀير ادراڪ تي ٻڌل اهليت

انهن چئن بنيادي ڳالهين مان هو چوي ٿو تہ پهرين انتهائي اهم آهي، باقي ٽئي پهرينءَ کان سواءِ شيطانيت ڏانهن ٿي ڌڪينديون. هو اهو چوندي پنهنجي ڳالهہ پوري ٿو ڪري تہ حتمي تجربو ثابت ٿو ڪري انتهائي قابل پر خدا ترسيءَ کان وانجهيل ڪامورا شاهي نااهل پر خداترس ڪامورا شاهيءَ کان وڌيڪ ابتر آهي.

عبدالله جي ميمڻ کان واقف مون سان ان ڳالهہ تي سهمت ٿيندا تہ منجهس مٿي بيان ڪيل سمورين صفتون اتم موجود هيون. سڀ کان وڌيڪ اهو تہ هو انتهائي خدا ترس ۽ دردمند دل جو مالڪ هو.

اسان جيون جي راهن کي سنوارڻ لاءِ،
هر قدم تي پيار کي پنهنجايو آهي
۽ جڏهن بهار اسان کان منهن موڙيو
پنهنجي دلين ۾ راحتن جا باغيچا پوکيائين
جڏهن ساقيءَ جام پري هٽايو
پنهنجن چپن کي زندگيءَ جي زهر سان ترڪيوسين
تنهنجي گهٽين ۾ رلڻ ڪانپوءِ
اوماتر پومي!
جڏهن اسان ترجي وياسين
ويراڳين جيان پرديس ۾ بي مقصد ٿي ڀٽڪياسين
افسوس! اهوئي سوڀارو ٿي اڀريو
جنهن رت جو دريا پار ڪيو هو
ڏسو اڄ داغ جي دل جو درد
انسانيت جو درد بڻجي چڪو آهي

عبدالله جي ميمڻ:
هڪ خاموش فلسفي

ايم بي عباسي

عبدالله جي ميمڻ پنهنجي آدرشن تي بيهڻ وارو شخص هو ۽ ماڻهن کان مليل محبتا کان گهڻو اعليٰ انسان هو. سندس اندر ۾ هڪ اهڙو انسان هو، جيڪو مڪمل بيدار ۽ باشعور هو، جنهن ڪيس عارضي لاڀن آڏو گوڏا کوڙڻ نٿي ڏنو. سندس اختيار ڪيل ڏکي راهه ۾ پوشيده هڪ ملائم حڪائت موجود آهي. هڪ انتهائي معصوم ۽ خواهشمند دل رکندي هن هڪ بهتر سرشتي لاءِ پنهنجا احساس ڪڏهن به نه لڪايا. آءُ ايترن گهڻن ماڻهن جي ورهاڱيءَ تي حيرت انگيز آهيان جيڪي سندس وفات کان پوءِ اکين ۾ ڳوڙها ڪٽي اتي آيا هئا. هنن مون کي عبدالله جي موت جو اطلاع ڏيڻ لاءِ پرديس ۾ رابطو ڪيو. سندس لاڏاڻي تي ماڻهن سندس لاءِ جيترو پيار ڏيکاريو ويو انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته هو ڪيڏو وڏو ماڻهو هو.

هو ڪامورا شاهيءَ لاءِ مثالي ڪردارن مان هڪ هو. هو ڪامورا شاهيءِ اندر هڪ مهارت واري طبقي سپيريئر سروسز سان لاڳاپيل هو. ڪارل مارڪس چواڻي" هيءُ اهو طبقو آهي جيڪو رياست جو بنياد پنهنجي هٿ وس رکي ٿو. سندن چاڙ جو اصول اختيار ۽ ذهنيت اختيارن جو نماءُ ڪرڻ آهي". پر انهيءَ ڪامورا شاهيءَ ۾ ڊاڪٽر طارق صديق ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو آهن، جن جا نالا هن وقت ذهن تي نٿا اچن.

عبدالله جي ميمڻ، بهر صورت اهڙو شخص هو جنهن جي آءُ سندس تيز فهميءَ سبب انتهائي عزت ٿو ڪريان. هن جهڙا ماڻهو پنهنجي سادگي ۽ سڌي سنئين انداز سبب سڃاتا وڃن ٿا. نظام خلاف سندن احتجاج سندن عملي انداز مان ٻڪي ٿو. هو پنهنجي مختلف انداز ۾

ممتاز آهن ۽ هر هنڌ انساني جوهري نمائندگي ٿا ڪن ۽ عام ماڻهو جي مان مريادا جا علمبردار ٿا ٿين. هو ورتاءُ ۾ نماڻا، ڳالهائڻ ۾ سپاجها، مسئلن ڏانهن همدرد ۽ مقصد جا حمائتي ٿين ٿا. هو ڪابہ طبقاتي تفريق نٿا رکن، هنن لاء برابري ئي مذهب آهي، جنهن ڪي ايمان طور اختيار ٿا ڪن. هڪ لاجواب شخص ڊاڪٽر اختر حميد خان آء سي ايس ۾ شموليت اختيار ڪرڻ کان ترت پوء ان ڪي ڇڏي پنهنجي سڄي حياتي غريبن وچ ۾ رهيو. هن غريبن سان گڏ رهندي، سندن مدد ڪندي، ابدي نجات ڏانهن سندن سرواٽي ڪندي غريبن جو مذهب اختيار ڪيو. هن آڏو آء سي ايس هندستاني رياستن جي هڪ تبديل ٿيل شڪل ھئي جتي رياست جو مقصد ڪنهن خاص طبقي جو خانگي مقصد ٿي بڻيو.

عبدالله جي ميمڻ انتهائي سٺين عهدن ڪي اصولن واسطي ٺڏيندڙ ڪيترن ئي ماڻهن کان مختلف نہ هو. هن ڪڏهن بہ گوڳنات نٿي ڪئي، هو سدائين هڪجهڙو هو. منجهس ٻٽي شخصيت نہ هئي. جنهن طبقي سان سندس تعلق بڻيو هو سو سندس ۽ سندس ڪٽنب ڪي وڏو پاڳوان بڻائي پئي سگهيو. پر هن مادي ڪشش کان پرپرو رهڻ ڪي ترجيع ڏني. هن ڪڏهن بہ فريبي ڳڻن تي يقين نہ رکيو جيڪو اسان مان گهڻا رکن ٿا. حياتيءَ ۾ ڪيترن ئي نظرين جي ڇاڻ هوندي بہ هو پنهنجي مقصدن ۾ چٽو هو ۽ ڪنهن بہ ريت دغا بازيءَ سان اوچاين تي وهچڻ جي ڪوشش نہ ڪيائين. هن پنهنجي متن مائٽن ۽ ياٽرن ۾ ڪڏهن بہ سڌون پيدا نہ ڪيون. ان هوندي بہ هو سندن اوترو ئي ويجهو هو جيترا هو سندس ويجهو هئا. هو تونگري ۽ دٻدٻي کان سدائين ڏور رهيو. هن پنهنجو پاڻ ڪي ڪڏهن بہ اقتدار جي منبع ڏانهن نہ ڏڪيو.

سندس زندگيءَ ۾ اهم موڙ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي موت کان پوء آيو، جنهن ڪي فوجي جنرل ضياء ڦاسي ڏني. سندس اندر جي آواز کيس حڪومتي ڪم جاري نہ رکڻ لاء چيو. هن پنهنجي ضمير خلاف ۽ هڪ ٺاهہ تحت گهارڻ جي ڪوشش ڪئي پر نہ ڪري سگهيو. اپٽن محسوس ٿو ٿئي تہ هن پنهنجي سر انهيءَ علحيدگيءَ جو فيصلو ڪري ورتو هو. هن ريٽائرمنٽ وٺڻ جي راهہ اختيار ڪئي. نوڪري ڇڏڻ

۾ ڪيس اٺ سال لڳي ويا. هو دراصل ريٽائرمنٽ کان پوءِ حاصل ٿيندڙ پنهنجا حق محفوظ ڪرڻ لاءِ ضروري شرط تحت نوڪريءَ جو 25 سالن وارو مدو ٺيڪ جو انتظار ڪري رهيو هو. هن ريٽائرمنٽ جو اصل سبب ڪڏهن به ظاهر نه ڪيو ۽ اهو پنهنجو پاڻ تائين محدود رکيائين. هن چاتو ٿي ته ان کي وڏو سياسي رنگ اچي سگهي ٿو. هن محسوس ڪيو ته هڪ منظم سماجي سرشتي ۾ هڪ فرد طور رهڻ جو مطلب ذاتي سڃاڻپ واري حيثيت کي ختم ڪرڻ ٿي ناهي بلڪ سماجي کيتر مان دستبردار ٿيندي خود-آگاهه فرد پنهنجي عملي قدمن ذريعي دنيا تي پنهنجا نشان ڇڏڻ چاهيندو آهي. جيتوڻيڪ عمل دنيا جي راهه بدلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر اختيار ڪيل راهه هڪ بي غرض ضابطي ذريعي ماڻجي ٿي جيڪا سدائين جوکم پري هوندي آهي. هن چاتو ٿي ته حقيقي انفراديت ابتدا ۾ سادگيءَ ذريعي اپنارجي ٿي. ڪو ماڻهو ڪجهه معاملا هٿن ۾ هٿڻ جو احساس ڪندي پنهنجي عملن ذريعي بي غرض ٿي سگهي ٿو پر ٻيا ان مان مايوس ٿي سگهن ٿا ان ڪري بهتر آهي ته ان کي پنهنجو پاڻ تائين محدود رکي ۽ پنهنجا احساس ٻين سان نه ونڊي، جنهن سان ٻيا سندس زندگيءَ جي مقصدن بابت ڪنهن غلطفهميءَ جو شڪار ٿي سگهن ٿا.

نوڪري ڇڏڻ وارو سندس فيصلو هن لاءِ مڪمل طور تي اخلاقي هو. هن اهو محسوس ڪيو ته هو جنهن سرشتي جو رڪن هو ان ڪيس سندس نوڪريءَ دوران ٿيندڙ سمورين ناانصافين جو ذميوار پڻ ٿي ڪيو. حڪومت فردن تي ٻڌل هوندي آهي ۽ سمورا فرد سٺن ۽ خراب عملن لاءِ ذميوار هوندا آهن. ڪنهن فرد جي شخصيت اصولن ۾ طاقت جو تعين ڪندي آهي. بهرحال ڪنهن فرد جي قانون سان ذاتي سنوت سان ضروري ناهي ته هن جي اندر ۾ ٿيندڙ هلچل يا بهتر چونڊ لاءِ اڻ ٽڻ هن کي ذاتي طور ذميوار ڪري هن لاءِ ڪم بابت ڪو تڪرار نه پري جي ڳالهه آهي، صبر ۽ شانتيءَ سان ڪم ڪرڻ ۾ به ڪو جهيڙو نه هو. اهو فيصلو ڪندڙ ني هوندو آهي جيڪو زميني حقيقت پٽاندڙ فرض جا مول متاثي ڪندو آهي. ٻيا ان کي فراڊ ليکي سگهن ٿا جنهن ۾ ڪو قدم ٻين واسطي

انتهائي نامناسب نظر ايندو هجي پر واسطيدار فرد لاءِ اهو پنهنجي طور تي طئي ڪيل باجواز قدم ٿي سگهي ٿو. باضمير سان ڪم ڪندي اهي مامرا ونس گهٽتي ۽ فڪر پيدا ڪندڙ هئا.

ڪامورا شاهيءَ جو سڄو عنصر رياستي اختيار آهي جنهن ۾ سموريون انفرادي ڪاوشون گهٽيڃن ٿيون. ان حوالي سان فرد جي حيثيت ٿني ٿي ۽ اهو حقيقي قوت فقط پنهنجي سادگي ۽ اصولن ڪري ٿئي ٿو. ڪو شخص پنهنجي ٿيل تربيت مطابق ڪنهن حد تائين ئي ايماندار ۽ عمدو ٿي سگهي ٿو. فرد جي پيشڪش ۽ قابليت سمورن حوالن ڪان قطعي غير اهم آهي. فقط هڪ سڌاريل سنواريل شخص ئي بهتر يا ابتر ٿي سگهي ٿو. عبدالله جي ميمڻ به سڌاريل سنواريل وجود سان تعلق رکندڙ هو. هو دانشوراڻي بدعنواني ۽ مالي بدعنوانيءَ ڪي ساڳي ساهميءَ ۾ توريندو هو. هو ڪڏهن به پيشيور عهدن لاءِ نه ويو ۽ سدائين انتظامي عهدن تي ئي رهيو. سندس ماڻيل اهم عهدن ۾ ڊپٽي ڪمشنري، ڪمشنري ۽ گهرو کاتي جو سيڪريٽري ٿيڻ شامل هئا.

ريٽائر ٿيڻ ڪان ترت پوءِ هن پنهنجو پاڻ کي پرسڪون محسوس ڪرڻ شروع ڪيو. اهو ٿو لڳي ته نوڪري هن لاءِ بار هئي. هن آڏو قانون جو راڄ هئڻ ڪپندو هو پر هتي جو قانون حڪمران هئا. پارليامنٽ ذريعي ٺاهيل قانونن جي پاسداري ڪرڻ گهرجي. پر پارليامنٽ ڪان ٻاهر ولرا قانون، قانون نه هئا ۽ انهن سان مهاڏو اٽڪائڻ جي ضرورت هئي. هو اختياريءَ سان به پيرا خطرناڪ حد تائين سامهون ٿيو، هڪ ڀيرو حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر هئڻ دوران هڪ سياستدان هٿان ۽ ٻيو ڀيرو گهرو کاتي جو سيڪريٽري هئڻ دوران فوجي حڪومت هٿان.

جناح ۽ پٽي جهڙيون شخصيتون سندس سياسي آدرش هيون. هن پٽي جو سندس سماجي ۽ سياسي تصور ڪري احترام ٿي ڪيو. جن سياستدانن سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ ڪيس مزو آيو سي مير رسول بخش ٽالپر ۽ سيد غوث علي شاهه هئا. پنهنجي آخري ڏينهن ۾ هو غوث علي شاهه جو شائق بڻيو. هو اڪثر منهنجي گهر تي ملندا هئا. هر ڀيري سندس سادگيءَ کي هڪ گڻ طور ٿي پروڙيم. هو تڪراري موضوعن سان

منهن ڏيندي حقيقت پسند هوندو هو ۽ ڪنهن جي سندس نقطي نظر خلاف ڳالهائڻ تي به ڪيس ڪاوڙجندي نه ڏٺم.

ريٽائرمنٽ کان پوءِ پنهنجي اڪيلي پٽ همايون سان گڏ رهندي سرهو ٿيندو هو. علامه اقبال سندس پسنديده شاعر هو. اڪيلائي ۾ سدائين اقبال بانو جي آواز ۾ هيءَ شعر ٻڌڻ چاهيندو هو:

- جس کھیت سے دھقان کو میسر نہ ہو روٹی
اس کھیت کے ہر گوشہ گندم کو جلادو

آءُ سندس انتهائي ٿورائتو ۽ قرضي آهيان. جڏهن به نوڪريءَ ۾ ڪو مسئلو ٿيندو هئم ته هو پنهنجي خرچ پکي تي اسلام آباد اچي پهچندو هو. منهنجي لاءِ آخري ڀيرو اسلام آباد منهنجي نظر بند هئڻ دوران آيو. اهو هن لاءِ ڏکيو ڪم هو. پر هن هر واسطيدار اهم ماڻهوءَ سان ملڻ ۾ وسان نه گهٽايو. جناح اسپتال ۾ مون کي اهو سڀ ڪجهه ٻڌائڻ مهل سندس چهري تي نراسائي واضح هئي. مون کي چيل سندس آخري لفظ هئا." مولابخش: هاڻ فقط خدا ۾ ئي اميد ۽ آسرو آهي".

اڄ هو اسان سان ناهي پر سندس يادگيريون اسان کي سندس سياڻپ، سچائي ۽ راستبازيءَ جي ياد ڏياريندي رهنديون. شل ڌڻي سندس روح کي درجا ڏئي.



ذميواريءَ جي احساس سان ڀرپور باصلاحيت جفاڪش

جي-ڊي ميمڻ

ون يونٽ جي خاتمي تي اولهه پاڪستان جي جاءِ تي پهرين جولاءِ 1970ع تي ڪراچيءَ جي شموليت سميت سنڌ جو نئون صوبو وجود ۾ آيو. مون کي لاهور کان بدلي ڪري نئين صوبي ۾ ناڻي کاتي جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

نئين صوبي جي انهيءَ صورتحال مان پيدا ٿيندڙ مسئلن کي منهن ڏيڻ سان گڏوگڏ ڪراچيءَ واري انتظام جي شموليت ۽ ميلاپ کان پوءِ ايندڙ ڏکيائين کي به ڏسڻو هو.

اثاثن ۽ بقاياڻن، طور طريقن، بندوبستن، نين آفيسن، ٽيڪسن ۽ مختلف ترقياتي ڪمن ۽ منصوبن لاءِ فنڊن جهڙن مامرن کي منهن ڏيڻو هو ۽ انهن جي حل لاءِ صوبي اندر ۽ باقي ٽنهي نون صوبن سان گڏوگڏ وفاقي حڪومت سان به لهه وچڙ ۾ اچڻو هو.

نئين صوبي کي درپيش مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ ذميواريون سنڀالڻ لاءِ مناسب آفيسرن جي ضرورت هئي. لاهور ۾ ماليات کاتي ۾ مون سان گڏ ڪم ڪندڙ منظور الحسن (جوائنٽ سيڪريٽري) کان سواءِ زبير قدوائي، سجاد ۽ عبدالله کي ناڻي کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽريءَ طور مقرر ڪيو ويو هو.

سنڌس سياءُ ۽ خواهش کي آڏو رکندي ۽ سنڌس نقط نظر ڄاڻڻ کان پوءِ عبدالله کي ڊپٽي سيڪريٽري ريسورس ونگ مقرر ڪيم. اهو انتهائي ڏکيو شعبو هو جنهن ۾ طريقن، خزانن، اثاثن ۽ بقاياڻن، منصوبن جي رٿابندي ۽ انهن تي عمل درآمد وغيره جو انتظام ڪرڻو ٿي پيو ۽ ان

لاءِ جفاڪشي، صلاحيتن ۽ ذميواري جو احساس ضروري هو.

عبدالله ۾ دل ۽ دماغ جون گڏيل ۽ متوازن خوبيون ۾ پروڙيم ۽ محسوس ڪيم ته وقت گذرڻ سان هو هڪ مالياتي عملدار طور سٺي ساک ماڻيندو جيڪا ان شعبي ۾ سندس واڌ ويجهه جي راهه هموار ڪندي. منهنجي سوچ آهر منجهس ڪنهن فيلڊ آفيسر بدران هڪ سٺو مالياتي سيڪريٽري ٿيڻ جون سموريون خوبيون موجود هيون.

اهل ۽ پروسي جوڳي عبدالله پنهنجو پاڻ کي هڪ باضمير، ايماندار ۽ انتهائي ضابطي پريو مالياتي عملدار ثابت ڪيو. اهو منهنجو اندازو اڳتي هلي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي سنڌ جي چيئرمين طور ڪم ڪرڻ دوران پڻ برقرار رهيو.

قدرت کيس اڳتي هلي نوازيو ۽ هو وفاقي ڪابينا ۾ وزير بڻيو.

عبدالله هاڻ اسان سان گڏ ناهي.

شل ڌڻي کيس درجا بخشي (آمين)

عبدالله جي ميمڻ: جيئڻ مون ڪيس ڇاتو

علي محمد جي شيخ

ورلي ڪا ماءُ عبدالله جي ميمڻ جهڙا پٽ ڇڻيندي آهي جن ۾ هڪ شاندار انسان ۽ هڪ غير معمولي منتظم جي صفتن جو ميلاپ هجي. سول سروس ۾ ڪيس هڪ محنتي، ڪم وٺڻ ۾ سخت، سٺو منصوبي ساز ۽ نتيجا ماڻيندڙ علمدار ليکيو ٿي ويو. ريٽائرمنٽ کان پوءِ خانگي شهريءَ طور به اهو سلسلو برقرار رکيائين. هو وفاقي وزير به ٿيو پر پنهنجي پراڻن دوستن (غريب يا شاهوڪار) ۽ ڪيس سدائين عزيز پنهنجي ماضيءَ جي ساروڻين کي ڪڏهن به نه وساريائين.

عبدالله جي ميمڻ انهن ٿورڙن ماڻهن مان هو جن کي پنهنجي ڳالهه تي بيهڻ وارو سڏي سگهجي ٿو. هو اهو ڪجهه پنهنجي خراب صحت هوندي به هو، جنهن سندس حياتيءَ جي ڪيترين ئي رٿابندين ۾ رخنو وڌو. هو ڪجهه سالن کان پنهنجي انت کان واقف ٿي چڪو هو. اسان جي هر ملاقات دوران هو سندس وت کان وڌيڪ ڪجهه ڏيڻ تي ڌڪيءَ در ٿورانتو رهندو هو. هو چوندو هو " هاڻ اسين واڌيءَ ۾ پيا جيئون، اسان جا پاسپورٽ تيار آهن، ڪيڏي مهل به سڏ ٿي سگهي ٿو ۽ پنهنجو سفر شروع ڪري ڏينداسين".

عبدالله ۽ مون سنڌ حڪومت جي مختلف عهدن تي ڪم ڪيو. 1988ع ۾ هو گهرو کاتي جو سيڪريٽري هو ۽ آءُ حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر. جڏهن سنڌ ۾ عبوري حڪومت قائم ٿي ته عهدو سنڀالڻ کان ستت پوءِ نئين گورنر اسان ٻن ڄڻن عبدالله، مون کي ۽ حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر کي بنان ڪنهن سبب يا جواز جي پنهنجن عهدن کان هٽائي ڇڏيو. اسان کي ان ۾ پنهنجي توهين محسوس ٿي.

عبدالله جي ميمڻ حساس هئڻ ڪري ان ڪي وڏيڪ محسوس ڪرڻ لڳو ۽ اها توهين برداشت ڪرڻ ڪان قاصر هو. جڏهن عبدالله ۽ آءُ سيڪريٽري اسٽيبلشمنٽ وٽ گڏجي رپورٽ ڪرڻ وياسين ته مون پنهنجي پهچڻ جي رپورٽ ڏني ۽ عبدالله وقت ڪان اڳي ريٽائرمنٽ جي درخواست ڏني. ان ڪان پوءِ ريٽائرمنٽ واري پنهنجي درخواست جي منظوريءَ تائين هو ٻيهر اسلام آباد نه آيو.

بورڊ آف ريونيو جو ريٽائر ميمبر حاجي محمد هارون ميمڻ ۽ آءُ اڪثر سندس گهر ويندا هئاسين. اسان کي سندس وفات ڪان ٽي چار ڏينهن اڳ ساڻس گڏجڻ جو موقعو مليو. هٽ ڏيڻ ڪان پوءِ هو ڪرسيءَ تي ويهي چت ڏاڍهن نهاري چوڻ لڳو ته هو پنهنجي وٽ ڪان وڏيڪ ملڻ، خاص طور تي هن اجهي ڏيڻ تي رب جو ٿورائتو آهي.

سندس غير معمولي ڪيرئير، انتظامي صلاحيتن، حب الوطني ۽ امريڪا ۾ مقرريءَ دوران پنهنجي ملڪ جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ وارين پاليسين جي حوالي سان ڪيترائي مثال ۽ قصا موجود آهن جيڪي اسان سڀني لاءِ سونهان ۽ روشن مثال ٿي سگهن ٿا. پنهنجي ڳالهه هن شعر سان پوري ڪندس

هزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پہ روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دیدہ ور پیدا

هڪ ترڪو ڇڏي ويندڙ شخص

رسول بخش بلوچ

اسان مان هر ڪنهن کي معاشري ۾ ملندڙ ماڻهن سان مختلف تجربا ٿين ٿا. اهوضروري ناهي ته اسين ڪنهن مخصوص شخص بابت هڪ جهڙو ئي سوچيون. بهرحال ڪي موهيندڙ ۽ نادر شخصيتون پڻ ٿين ٿيون جيڪي مختلف پسمنظرن ۽ ڌار ڌار فطرتن جي مالڪ ماڻهن ۾ هڪجهڙو اتساهه ۽ مثبت موٽ پيدا ڪري سگهن ٿيون. عبدالله جي ميمڻ اهڙين شخصيتن مان هڪ هو.

عبدالله جي ميمڻ، جيئن مون کيس ڄاتو ٿي، نه رڳو هڪ سخت باعزم، همت پريو ۽ بااصول منتظم پر هڪ انتهائي خوش مزاج، شفيق، دوست ۽ پڙهيل ڳڙهيل شخص پڻ هو. هن پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ صحت جي خرابي جي باوجود پنهنجي مزاج واري حس نه وڃائي.

هو هڪ سخت، باصلاحيت، اثرائتي، ذميوار ۽ ايماندار عملدار طور ڄاتو سڃاتو ٿي ويو جنهن پنهنجي اصولن تي ڪڏهن به ناهه نه ڪيو. هو ڪامورا شاهيءَ جي انهي نادر نسل مان هڪ هو جنهن سدائين سول سروس جا اعليٰ معيار بلند پئي رکيا آهن ۽ جنهن ڪنهن عهدي لاءِ ڪڏهن به ڪو ناهه ناهي ڪيو. جڏهن به کيس پنهنجي فرض سان وابستگي يا عهدي وچ ۾ چونڊ لاءِ آزمايو ويو هن سدائين پهرئين کي ترجيع ڏني.

اهو هڪ خوشگوار اتفاق آهي ته آءُ سندس ڇڏيل ڪجهه عهدن تي ڪجهه وقت کان پوءِ مقرر ٿيس. لاهور واري انتظامي تربيتي اڪيڊميءَ مان پنهنجي تربيت مڪمل ٿيڻ تي مون کي سرحد صوبي اماڻيو ويو.

اتفاق هو جو مون کي ڊيرا اسماعيل خان ڊويزن ۾ منهنجي عملي تربيت لاءِ مقرر ڪيو ويو. اوڏي مهل سرهائي ٿي محسوس ڪيم جڏهن سرڪاري عملدارن ۽ عام ماڻهن به اهو ٻڌايم ته عبدالله جي ميمڻ نالي هڪ سنڌي آفيسر اسسٽنٽ ڪمشنر طور هتي رهي چڪو هو جنهن انتهائي سٺو تاثر ڇڏيو هو. هر ڪو سنڌس واکاڻ ڪندي نه ٿڪبو هو ۽ زندگيءَ ڏانهن سندس مثبت رويي ۾ جهلڪندڙ سندس خوبين ۽ حاصلاتن جو ذڪر ڪندو هو.

آگسٽ 1983ع ۾ ڪجهه سياسي پارٽين پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ جمهوريت جي بحالي واسطي تحريڪ شروع ڪئي. سنڌ، خاص طور تي نوابشاهه ضلعو ان تحريڪ جو مرڪز هو جنهن جو قومي ۽ عالمي ذرائع ابلاغ جي ذريعن ۾ وڏو ذڪر ٿيو. جنرل ضياء پاڪستان جي صدر طور گهرو معاملن جي سيڪريٽري روئيداد خان ۽ انٽيليجنس بيورو جي ڊائريڪٽر قاضي محمد اعظم تي ٻڌل هڪ ڪميٽي صورتحال جي جائزي ۽ ڪيس رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ اماڻي.

ڪميٽي دادوءَ جو دورو ڪرڻ کان پوءِ نواب شاهه آئي. جيئن ته عبدالله جي ميمڻ حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر هو ۽ دادو ضلعو به سندس علائقي ۾ هو، تنهنڪري هو به ڪميٽيءَ جي ميمبرن سان گڏ هو. مون نواب شاهه جي ڊپٽي ڪمشنر طور ڪميٽيءَ کي سنڌ ۾ عام طور تي ۽ نواب شاهه ضلعي ۾ خاص طور تي امن امان بابت پنهنجي ڪٿ ۽ مسئلي جي پسمنظر کان آگاهه ڪيو. مون عبدالله جي ميمڻ کي سندس مخصوص انداز ۾ پنهنجي ماتحتن ڏانهن پيار ۽ پنهنجائپ رکندي انتهائي مثبت، پٺڀرائي ڪندڙ ۽ ساراهيندڙ پروڙيو. اعلي عملدارن طرفان خاص طور تي گهوٽالي واري صورتحال ۾ اهڙي پٺڀرائي سدائين همٿائڻ جو ذريعو ٿي بڻجي. ڏهه سال پوءِ آءُ حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر مقرر ٿيس.

جڏهن مون کي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر مقرر ڪيو ويو ته ضلعي جي ريگستاني علائقي ۾ واقع تعلقن جي دوري ڪرڻ لاءِ مون وٽ بااعتماد سرڪاري گاڏي نه هئي. جڏهن تن ڏينهن ۾ ناٽي ڪاٽي جي سيڪريٽري

عبدالله جي ميمڻ سان رابطو ڪيم ته هن منهنجو مسئلو سمجهڻ ۾ ويرم ئي نه لڳائي ۽ منهنجي ڪم ڪار لاءِ گهربل مناسب جيپ خريد ڪرڻ جو هڪدم فيصلو ڪيائين.

جڏهن1987ع ۾ مون کي امريڪا ۾ پاڪستاني سفارتخاني جو خوراڪ ۽ زراعت بابت قونصلر بڻايو ويو ته ڪائنس رهنمائي ورتيم ڇاڪاڻ جو هو به ان عهدي تي رهي چڪو هو. خوراڪ واري شعبي جي ڪم ڪار ۽ سفارخاني ۾ ۽ ان کان ٻاهر جي ماڻهن بابت سندس بريفنگ مون کي پنهنجو ڪم ڪاميابيءَ سان پورو ڪرڻ ۾ انتهائي مددگار ثابت ٿي. واشنگٽن ۾ هو سفارتخاني جي عملي، خاص طور تي خوراڪ واري شعبي ۾ انتهائي مجتا ماڻيل هو. سفارتخاني کان ٻاهر سندس ڪيترائي دوست ۽ گهڻگهرا هئا جن ڪيس اڃان تائين ياد ڪندي، هن متعلق احترام جو اظهار ٿي ڪيو.

خوراڪ ۽ زراعت واري قونصلر هئڻ دوران عبدالله جي ميمڻ کي هڪ اهڙي صورتحال کي منهن ڏسڻو پيو هو جنهن ۾ ڪيس پنهنجي اصولن ۽ عهدي مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي ٿي پئي. هن بلڪل درست فيصلو ڪيو ۽ دٻاءُ هيٺ نه آيو. هو هڪ جهاز راني ڪمپنيءَ کي ٺيڪو ملڻ جي خواهشمندن آڏو پهاڙ جيان بيهي رهيو. سندس باضمير فيصلو انهن کي پسند نه آيو جن جا ذاتي مفاد هئا ۽ حڪومت ۾ پنهنجي سگهارن حمائيتن ذريعي ڪيس پنهنجو مقرر ڪيل مدو پورو ڪرڻ کان اڳ بدلي ڪرايائون.

سرحد هجي يا سنڌ، يا وري واشنگٽن، هن دماغ تي مثبت تاثر، سرڪاري نوڪريءَ جا اعليٰ معيار ۽ سٺن دوستن ۽ گهڻگهرن جو وڏو حلقو پنهنجي پويان ڇڏيو آهي.

عبدالله جي ميمڻ جهڙن وڏن نالن جي لاڏاڻي سان پاڪستان جي سول سروس ۾ هڪ خال پئدا ٿي ويو آهي جيڪو پرجڻ ڏکيو ٿيندو. پنهنجي ڏسا جو ادراڪ ۽ وابستگي وڃايل نوجوان سرڪاري عملدارن کي گهرجي ته عبدالله جي ميمڻ جهڙن سينئر ساٿين جي زندگين مان سبق پرائين.

شل رب پاڪ انهيءَ شاندار شخص، دوستن جي دوست ۽ بااصول شخص کي ابدي سڪون بخشي ۽ اسان کي سرڪاري نوڪريءَ جي سندس اعليٰ معيارن تي هلڻ جي سگهه ڏئي.

هڪ حقيقي واهرو ۽ پرجهلو

محمد ظفر الله خان

عبدالله جي ميمڻ کي شل رب پاڪ دائمي سڪون بخشي ۽ سندس مٽن مائٽن ۽ گهٽگهرن کي اهو هاڃو سهڻ جي همت ڏئي. سندس اوچتو لاڏاڻو اجان تائين هڪ صدمو بڻيل آهي، جيڪو پوڻ ڏکيو ٿيندو.

سندس نالي ۾" جي" بابت عبدالله ايئن چوي ها ته جان ايف ڪينيڊيءَ جي نالي جي طرز تي هو، جنهن کان هو تمام گهڻو متاثر هو، جڏهن ته ٻين واسطي" جي "جان جو مخفف آهي ڇاڪاڻ جو عبدالله سدائين ڪاڇن جي جان رهيو. پنهنجي ملاقاتيءَ لاءِ روائتي سنڌي آدرڀاءُ ۽ جرڪندڙ چهري تي مرڪ رکندڙ عبدالله پنهنجي دوستن ۽ گهٽگهرن لاءِ هڪ اهڙو ورثو آهي جيڪو ڪڏهن به وسري نه سگهندو. اهو مڃڻ انتهائي ڏکيو آهي ته عبدالله جي خوشگوار موجودگي هاڻ نه رهي آهي. چيلهه جي خطرناڪ سور جي باوجود، جيڪو هاڻوڪن سالن ۾ ڪيس مستقل ٿي رهيو، عبدالله سدائين هڪ پر اميد شخص هو جيڪو ڪنهن سنگتي ساٿيءَ لاءِ سيڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو.

عبدالله پاڪستان جي سول سروس جي هيٺين درجي کان پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ کان وٺي ڪيل سخت محنت تي انتهائي فخرمند هو. سندس دادوءَ واري ڊوميسائل کي چيلنج ڪيو ويو پر ان سندس پنهنجو پاڻ تي اعتماد کي ڪڏهن به ڪمزور نه ڪيو. سي ايس پيءَ جي1964ع واري جٿي ۾ واحد حقيقي ڀراڻي سنڌي هوندي به اڳتي وڌڻ ۾ عصبيت کان سدائين پاسو ٿي ڪيائين. هو ٻين سان لهه وچڙ ۾ اچڻ دوران برابري ۽ دوستيءَ جي سطح رکندي انتهائي روشن دماغ ۽ صاف شفاف هو. هو

هڪ حقيقي واهرو ۽ پرجهلو

محمد ظفر الله خان

عبدالله جي ميمڻ کي شل رب پاڪ دائمي سڪون بخشي ۽ سندس مٽن مائٽن ۽ گهڻگهرن کي اهو هاڃو سهڻ جي همت ڏئي. سندس اوچتو لاڏاڻو اڃان تائين هڪ صدمو بڻيل آهي، جيڪو پوڳڻ ڏکيو ٿيندو.

سندس نالي ۾" جي" بابت عبدالله ايئن چوي ها تہ جان ايف ڪينيڊيءَ جي نالي جي طرز تي هو، جنهن کان هو تمام گهڻو متاثر هو، جڏهن تہ ٻين واسطي" جي "جان جو مخفف آهي چاڪاڻ جو عبدالله سدائين ڪاڇن جي جان رهيو. پنهنجي ملاقاتيءَ لاءِ روائتي سنڌي آدرڀاءُ ۽ جرڪندڙ چهري تي مرڪ رکندڙ عبدالله پنهنجي دوستن ۽ گهڻگهرن لاءِ هڪ اهڙو ورثو آهي جيڪو ڪڏهن بہ وسري نہ سگهندو. اهو مڃڻ انتهائي ڏکيو آهي تہ عبدالله جي خوشگوار موجودگي هاڻ نہ رهي آهي. چيلهہ جي خطرناڪ سور جي باوجود، جيڪو هاڻوڪن سالن ۾ ڪيس مستقل ٿي رهيو، عبدالله سدائين هڪ پر اميد شخص هو جيڪو ڪنهن سنگتي ساٿيءَ لاءِ سيڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار هوندو هو.

عبدالله پاڪستان جي سول سروس جي هيٺئين درجي کان پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ کان وٺي ڪيل سخت محنت تي انتهائي فخرمند هو. سندس دادوءَ واري ڊوميسائل کي چيلنج ڪيو ويو پر ان سندس پنهنجو پاڻ تي اعتماد کي ڪڏهن بہ ڪمزور نہ ڪيو. سي ايس پيءَ جي1964ع واري جٿي ۾ واحد حقيقي پراڻي سنڌي هوندي بہ اڳتي وڌڻ ۾ عصبيت کان سدائين پاسو ٿي ڪيائين. هو ٻين سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ دوران برابري ۽ دوستيءَ جي سطح رکندي انتهائي روشن دماغ ۽ صاف شفاف هو. هو

سبز سويري سان ٽڪراءُ ۾ سرخ سويري جي غالب پوڻ جو چرچي طور ذڪر ڪندو هو، جيڪو انساني برابري ۽ ڪجھ ماڻهن جي مفادن بدران سمورن سان درست ۽ باانصاف وهنوار ۾ سندس ويساھ جو اظهار هو.

عبدالله سول سروس جي مرتبي ۽ شان کي ڇڏي پنهنجي دوست رسول بخش سان گڏجي ٺٽي ۾ هڪ باغ جو باغبان بڻيو. عبدالله آخرڪار پنهنجو پاڻ کي ان نئين پيشي ۾غلطان ڪري ڇڏيو. ڪجھ سال اڳ تائين سندس واتان ڪيلي جي پوک ۽ ان کان پوءِ چيڪو پوکڻ بابت جوش خروش سان ڳالهائيندو ٻڌندي حيرت ٿيندي هئي.

مخصوص ذاتي مفاد رکندڙن خلاف سندس سينو سهائي بيهڻ کي، ڪڏهن بہ قانون تي زور نہ ڀريندڙ پاڪستاني اختيارين وٽان بہ مڃتا ملي ۽ سندس خلاف الزامن کي بي بنياد قرار ڏنو ويو.

مون کي واشنگٽن ۾ عبدالله جي ميمڻ وارو عهدو سنڀالڻ جو اعزاز حاصل ٿيو ۽ شڪاگو جي واپار واري بورڊ، ڪٽڪ جي واپارين ۽ پاڪستاني برادريءَ طرفان سندس ذاتي صفتن ۽ سرڪاري وهنوار واسطي فقط ساراھ ئي ٻڌيم. امريڪا ۾ پنهنجي قيام دوران آءُ اهڙين حاصلاتن واسطي پتوڙيندو رهيس. عبدالله هڪ گهريلو شخص، ٻارن سان چاھ رکندڙ ۽ گڏوگڏ يارن جويار بہ هو. واشنگٽن ۾ سندس گهرا دوست تن ڏينهن ۾ فنانس ۽ اڪائونٽ آفيسر ۽ تعليمي قونصلر هئا. هنن چڱو موچارو ڏمچر مچايو ۽ واشنگٽن ۾ پاڪستانين لاءِ هڪ مددگار گروپ قائم ڪيائون.

عبدالله هڪ حقيقي واهرو، پنهنجي دوستن جو پرجهلو ۽ سهانتاڪار هو. سندس ڇڏيل خال پرڻ ڏکيو آهي. شل ڪيس جنت جون هوائون نصيب ٿين. آمين

عزت ماڻيندڙ هڪ شاندار عملدار

خالد سعيد

مون کي پنهنجي ڪيرئير جي شروعاتي سالن ۾ حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر طور عبدالله جي ميمڻ کي سڃاڻڻ ۽ ساڻس گڏجي ڪم ڪرڻ جو شرف حاصل آهي. جيتوڻيڪ اسان جو سرڪاري ناتو ڪو ٻه سال کن ئي هلي سگهيو پر مون کي سندس آخري ڏينهن تائين ساڻس تعلق برقرار رکڻ جو شرف حاصل رهيو.

هو شاندار آفيسرن مان هڪ هو ۽ کيس سڃاڻندڙ هر شحص کان عزت ۽ پاڀوهه حاصل هئي. هو اهڙو شخص هو جيڪو پنهنجي اعتقادن بابت ڳالهائي سگهندو هو ۽ ان جي قيمت چڪائڻ لاءِ به تيار رهندو هو.

هن ساڻس ملندڙ سمورن ماڻهن لاءِ انتهائي انسان پرستي ۽ پنهنجائپ جو مظاهرو ڪيو. هو هڪ انتهائي غير معمولي ٻاجهارو، نرم گو ۽ هڏڏوڪي شخص هو جنهن جي ايمانداري ۽ سڌي سنواٽي انداز کيس ٻين کان مختلف ڪري بڻايو. اسين سندس ڀرپور ٽهڪن ۽ پرجوش ڪچهرين جي سدائين کوٽ محسوس ڪندا رهنداسين.

سندس لاڏاڻي سان، آءُ سمجهان ٿو ته ملڪ هڪ معزز ۽ پيار ڪرڻ جوڳو شخص وڃايو آهي. منهنجي لاءِ اهو هڪ انتهائي ذاتي دوست ۽ سياڻي صلاحڪار جو زيان آهي.

شل ڌڻي سندس روح کي درجا بخشي ۽ سندس ڪٽنب جي ڀاتين ۽ دوستن کي اهو صدمو سهڻ جو حوصلو ڏئي.

عظيم عبدالله

 اي اين جي عباسي

آءُ عبدالله کي ٽيهن سالن کان وڌيڪ عرصي کان سڃاڻندو هئس ۽ هڪ سائيءَ طور سائس پنهنجي ويجهي سنگت ۽ تعلق جون سارو ٽيون من ۾ سانديل اٿم. اسين ڪجهه سال ڪراچيءَ واري امريڪي قونصل خاني پويان سنڌ حڪومت جي ٽائون هائوسز ۾ پاڙيسريءَ طور پڻ رهيا آهيون.

عبدالله سنڌ جي پنڌا ڪيل بهترين منتظمين مان هڪ هو ۽ پنهنجي هر عهدي جي ذميواري شاندار نموني نڀايائين. هن سٺ سالن جي مقرر ٽيل ڄمار کان ڏهه سال اڳ سرڪاري نوڪريءَ مان رضاڪاراڻي طور تي ريٽائرمينٽ ورتي. اهو سندس پنهنجو فيصلو هو، جنهن تي پنهنجي سائين، دوستن ۽ مٽن مائٽن طرفان زور پرڻ جي باوجود قائم رهيو. مون به کيس ان فيصلي تان هٽائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر هن مجڻ کان نابري واري. پنهنجي انهيءَ قدم لاءِ هن اهو سبب ٽي ڄاڻايو ته هو انهيءَ غير معمولي دٻاءُ کي منهن نٿو ڏئي سگهي جيڪو اهم حساس عهدن تي ڪم ڪرڻ دوران مٿس مستقل طور تي رهيو ٿي.

ريٽائرمينٽ کان پوءِ کيس نوي ڏينهن لاءِ واٽر اينڊ پاور جي نگران وفاقي وزير طور ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويو، جيڪو انتهائي مختصر عرصي ۾ انتهائي شاندار طور تي نڀايائين.

عبدالله جي صحت ٺيڪ نه پئي رهي. سندس اهم ترين مسئلو ڪرنگهي جي تڪليف هو جنهن جو ڪيترن ئي سالن کان علاج ڪرائي رهيو هو. بهرحال تازوئي کيس دل جي هلڪي تڪليف پڻ ٿي پئي هئي، جيڪا خطرناڪ نٿي لڳي. اسان سندس ايترو جلدي هليو وڃڻ جي توقع نه ٿي ڪئي. سندس اوچتو موت انتهائي وڏو صدمو هو. بهرحال خدا هر ڪنهن لاءِ اهو قاعدو جوڙيو آهي ۽ هر انسان کي موت جو مزو چکڻو آهي. ڌڻي در دعاڳو آهيان ته کيس بهشت ۾ جايون ڏئي. آمين.

هڪ ڪليل ڪتاب

شيخ عبدالرشيد

عبدالله جي ميمڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ سنڌ ۾ سرڪاري نوڪري ۽ سنڌ جي مقصدن لاءِ پاڻ ارپڻ جي خواهش تي رکي. وابستگي ۽ دلچسپين جون سندس ذاتي صفتون سندس ڪامورڪي ڪيرئير جي مرتبي کان گهٽيون متاهيون هيون. هن ڏکين وقتن ۾ اڪثر بدنيت ۽ ڪيني پرور صاحبن سان گڏ ڪم ڪيو. هن ڪين همت، ڏاهپ ۽ آدرشي تصور سان منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هو سدائين اعليٰ اخلاقي قدرن تي قائم رهيو ۽ پنهنجي ناقدريءَ تي واضح طور تي نراسائي محسوس ڪيائين.

هو موهيندڙ عادتون رکندڙ هڪ انتهائي سٺو دوست هو. شاعري، سنگيت ۽ ثقافتي سرگرمين سان سندس چاهه هو. هو حقيقي طور گرمجوش هو ۽ سندس ذهني سوچ سدائين پر اميد ۽ مثبت رهي. هو رجاعت پسند هو ۽ زندگيءَ ڏانهن پرجوش نگاهن سان تي ڏٺائين. پنهنجي چوڌاري ٿيندڙ معاملن ۾ سندس دلچسپي ڪڏهن به ختم نه ٿي. هن پنهنجي دوستن جو انتهائي خيال رکيو ۽ هنن لاءِ وقت ڪڍندو رهيو. اسان جي معاشري ۾ جتي ماڻهو پنهنجي ڪنهن ڪم پوڻ تائين اوهان سان فون تي به نه ڳالهائيندا آهن، عبدالله جي ميمڻ مددگار، ٻاجهارو ۽ دوستيءَ پريو هو. هو جهڙي ريت دنيا آڏو ظاهر هو، هڪ ڪليل ڪتاب ئي هو، جنهن وٽ ڪا ڳجهي ايجنڊا نه هئي.

هن سنڌ ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو. هن واشنگٽن واري پاڪستاني سفارتخاني ۾ به هڪ انتهائي اهم ذميواريءَ تي ڪم ڪيو.

هو جنرل ضياء جي انتهائي ڏکئي ۽ انتهائي تڪراري دور ۾ حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر پڻ رهيو. هن سنڌ حڪومت جي ناڻي ۽ گهرو کاتن جي سيڪريٽريءَ وارا عهدا پڻ سنڀاليا.

جنرل ضياء جي سياسي دور ۾ غير جماعتي سياستدانن جي غير رواجي سياست ۾ بدقسمتيءَ سان ڪامورو هڪ سولو هدف ۽ قربانيءَ جو ٻڪرو هو. عبدالله جي ميمڻ پنهنجو ڪردار انتهائي اخلاقي همت ۽ ناماچاريءَ سان نڀايو.

سرڪاري نوڪريءَ تان وقت کان اڳي ريٽائرمنٽ وٺڻ وارو سندس فيصلو هڪ ڳجهارت هئي جيڪا سندس اڪثر دوست سلي نہ سگهيا آهن. مون کي پڪ آهي تہ هن پنهنجي دوستن ۽ گهٽگهرن کان ملندڙ صلاحن تي ڳوڙهو غور ڪيو هوندو پر حتمي طور تي پنهنجي ضمير جي آواز تي هليو. هن انتهائي همت ۽ عزت پريو فيصلو ڪيو ۽ ڪاموڪي زندگيءَ مان انتهائي احترام ۽ عزت سان نڪري آيو. پنهنجي ريٽائرمنٽ کان پوءِ هن ڪڏهن بہ پنهنجي فيصلي تي افسوس نہ ڪيو.

سندس سمورن دوستن، ساٿين ۽ واقفن وٽ سندس سادگي ۽ نوڙت لاءِ خراج کان سواءِ ڪجھ بہ ناهي. هو سدائين اهو چاڻڻ چاهيندو هو تہ هو هنن لاءِ ڇا ڪجھ ڪري سگهي ٿو. ان ڪري ئي هن متعلق ڪنهن جي بہ واتان ڪا خراب يا منفي ڳالھ ٻڌڻ ۾ نٿي اچي. اهو سمورو حقيقي گڻن ۽ همدرداڻي فطرت جو ڪارنامو هو. جيڪڏهن مون کي سندس ڪتبو لکڻو پيو تہ فقط ايترو لکندس تہ" هتي اهو شخص آرامي آهي، جنهن سڀني جو خيالدتي رکيو".

سچائي، اڳتي وڌڻ جو بهترين ڏگ

امتياز رسول

آءُ عبدالله جي ميمڻ سان پهريون ڀيرو تڏهن مليو هئس جڏهن هو ايڊيشنل سيڪريٽري سروسز (اهو عهدو هاڻ سيڪريٽري سروسز آهي) هو، وٽس صنعتن ۽ معدني ترقيءَ جي ڊائريڪٽر جو اضافي عهدو پڻ هو. آءُ صنعتن واري ڊائريڪٽوريٽ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر طور انجنيئرنگ وارين صنعتن کي سنڀالي رهيو هئس. اهو1974ع هو.

تن ڏينهن ۾ صنعتون سخت سرڪاري ضابطن هيٺ هلايون وينديون هيون. خام مال جي امپورٽ جي گنجائش جي آڌار تي ڪٽ لڳائي ويندي هئي ۽ خام مال، پرزن، سامان وغيره جي ڪپت جي مناسب سرٽيفڪٽ تي امپورٽ محصول ۾ رعائت ڏني ويندي هئي. هن نه رڳو ان سڄي عرصي دوران منهنجي رهنمائي ڪئي پر مون ۾ اعتماد جو احساس پڻ پيدا ڪيائين. ان جي بهتر اپٽار هڪ مثال وسيلي ٿي سگهي ٿي.

شهر ۾ اسٽيل ري رولنگ جون ڪيتريون ئي ملون هلائيندڙ هڪ پارسي صاحبلوڪ هڪ ڀيري مون سان رابطو ڪري چيو ته باس ڪيس سندس معاملي تي مون سان ڳالهائڻ ۽ مڪمل سچ ٻڌائڻ لاءِ چيو آهي ڇاڪاڻ جو ڪم ڪرائڻ جو اهوئي سولو ترين ۽ انتهائي ڪارائتو ڏگ هو. هن اهو ڪجهه ڪيو ته سهي پر انتهائي هٻڪ ۽ ٻڏتر ڪان پوءِ، ڇاڪاڻ جو سمجهيائين ٿي ته پنهنجا سمورا پتا ظاهر ڪرڻ هن لاءِ ٺيڪ نه ٿيندو. جيئن ته سندس گهر درست هئي تنهنڪري ڪيس سندس منشا آهر چوٽ ملي وئي. هن وقت مون کي انجا سمورا تفصيل ياد ناهن.

عبدالله جي ميمڻ سان منهنجو ڏگهو ۽ قريبي ساٿ1980ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ ٿيو جڏهن هو نائي ڪاٽي جو سيڪريٽري هو ۽ آءٌ صنعتن ۽ معدني ترقيءَ جو ڊائريڪٽر هئس. صنعتن جو ڊائريڪٽر اسپتالن لاءِ سرنجن کان وٺي زرعي شعبي لاءِ بلڊوزر وٺڻ تائين صوبائي حڪومت لاءِ سامان وٺڻ واسطي پڻ ذميوار هو. اها سموري خريداري نائي ڪاٽي جي منظوري ۽ آشيرواد سان ڪئي ٿي وئي. اسين ذري گهٽ روزانو ملندا هئاسين. هو اوستائين سرڪاري نوڪري ڇڏڻ بابت سوچڻ تي پهچي چڪو هو. هو ان بابت مون سان اڪثر ڳالهه ٻولهه ڪندو هو. آءٌ سدائين راءِ ظاهر ڪندو هئس (مشورو هت مناسب لفظ نه ٿيندو) ته ڪيس نوڪري جاري رکڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو سندس تصور ۽ صلاحيتن مان ملڪ ۽ سنڌ کي لاڀ رسندو. بهرصورت هن استعفا ڏئي ڇڏي.

ٽيهن کن سالن جي ساٿ ڪري آءٌ انهن ڀاڳ ڀرين مان هڪ هئس جن کي پسند ٿي ڪيائين. مون کي ڏسندي ئي سندس چهري تي وڏي شاهي مرڪ اچي ويندي هئي. آءٌ هر صورت ۾ سندس کوٽ محسوس ڪندس.

عبدالله جي ميمڻ دل ۽ دماغ ۾ توازن رکندڙ هڪ خوشگوار شخصيت هو. منهنجي خيال ۾ هو هن صوبي جي پيدا ڪيل شاندار سرڪاري عملدارن مان هڪ هو. اهو تسليم ڪندي ڪا هٻڪ نٿو محسوس ڪريان ته عام زندگي ۽ سرڪاري نوڪريءَ ۾ منهنجي حاصل ڪيل حاصلاتن ۾ سندس رهنمائي ۽ خيرانديشيءَ جو وڏو هٿ آهي.

شل الله تعاليٰ مٿس خاص مهرباني ڪري. آمين.

جهڙي ريت مون ڪيس سڃاتو ٿي

امتياز قاضي

عبدالله جي ميمڻ گذاري ويو. سندس ڪڙڪيدار آواز ۾ اندر مان ڦٽندڙ ٽهڪ هاڻ ٻڌڻ ۾ نہ ايندا. اسين سندس خوش گفتاري ۽ پنهنجائپ کان محروم رهنداسين. هن ملڪ جي سول سروس هڪ ڏياتي ۽ سندس پونئيرن هڪ مثالي ڪردار ۽ سونهون وڃايو آهي.

آءُ ساڻس پهريون ڀيرو سندس حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر هئڻ دوران مليو هئس. مون کي تربيت هيٺ اسسٽنٽ ڪمشنر طور پنهنجي باقي تربيت مڪمل ڪرڻ لاءِ سکر کان وٽس بدلي ڪيو ويو هو. ڪجھ عرصي تائين مون سندس اسٽاف آفيسر طور ڪم ڪيو. سندس گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿي انهن جي روئداد لکندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڻس گڏجي دورن تي پڻ ويندو هئس.

مون کيس انتهائي پنهنجائپ ۽ تعظيم سان گڏجاڻيون هلائيندي ڏٺو. مون کي ساڻس گڏجي حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن وڃڻ ياد آهي جتي ڪائونسلر پارٽيءَ جي اڳهن ۾ اضافي تي مچريل هئا. هن انتهائي قوت ۽ خوش گفتاريءَ سان هنن آڏو ڳالهايو ۽ آخرڪار ڪائنس انهيءَ اضافي تي رضامندي حاصل ڪري ورتائين.

هڪ ٻيو گڻ سندس تمام گهٽي احتياط پسندي هئي. هو هر حوالي سان هڪ پيشيور هو. هو هر شئي جي انتهائي باريڪ بينيءَ سان رٿابندي ڪندو هو، پوءِ ڀل اهو ڪو انتظامي قدم هجي، ڪنهن اهم شخصيت جو دورو هجي يا ڪو سماجي ڪاج هجي. هڪ ڇيت بہ نہ ڇڏيندو هو. اسان جي طرفان ڪنهن بہ ناڪاميءَ تي ڏڙڪو داب تہ ڪندو هو پر ڪنهن کي

به نقصان نه رسائيندو هو.

تن ڏينهن ۾ هالا تعلقو لاقانونيت ۽ اغوا جي واقعن سبب بدنام هو. اسان کيس هڪ فيلڊ آفيسر طور اثرانداز ٿيندي ڏٺو. مون کي ياد آهي ته هڪيبري سعيدآباد جو هڪ زميندار اغوا ٿي ويو. هو ضلعي مئجسٽريٽ روشن ضمير سان گڏجي رات جو نيو سعيدآباد ٿاڻي وڃي ڪڙڪيو ۽ ايس ايچ او جي آفيس ۾ ڪئمپ هنيائين. هو اوڏي مهل ئي واپس موٽيو جڏهن اغوا ٿيل جي بازيابيءَ جي ڏس ۾ جوڳي ڪاميابي حاصل ٿي.

هالا تعلقي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مقبرو به آهي ۽ هو ڀٽائي جي عرس جي رٿابنديءَ ۾ انتهائي دلچسپي وٺندو هو. عرس دوران هو ريوينيو کاتي جي ڪنهن هيٺين عملدار سان گڏ ميلي ۾ گهڙي پوندو هو ۽ عام ماڻهوءَ جيان ميلو گهمندو رهندو هو. بعد ۾ موٽي انتظام بهتر بنائڻ متعلق پنهنجا مشاهدا بيان ڪندو هو.

ڪمشنر طور سندس مقرريءَ دوران زرعي ترقياتي بينڪ بقايائن ۾ ابتريءَ سبب سنڌ کي اڳواٽ قرض جاري ڪرڻ کان نابري واري. هن ڪين ضمانت ڏني ته سندس ڊويزن ۾ قرضن جي ادائيگيءَ ۾ جوڳو اضافو ٿيندو ۽ ان ڏس ۾ سموري انتظاميا کي همٿايائين. هو آخرڪار پنهنجو وعدو پاڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ اسان جي ڪوشش لاءِ انعام واسطي بينڪ کان ملندڙ به هزار رپيا حاصل ڪرڻ ياد اٿم.

اسان کيس هڪ اهڙي بهادر شخص طور به ڏٺو جيڪو ڪنهن به ماڻهوءَ آڏو ڪوبه اهڙو مامرو اٿارڻ کان نه ڪيٻائيندو هو، جنهن کي اٿارڻ جو سندس اڪثر همعصرن ۾ حوصلو ئي نه هوندو هو. سندس ڪردار جي مضبوطي، خاص طور تي سندس حيدرآباد ۾ مقرريءَ دوران سامهون آئي جڏهن ڪيترن ئي مامرن تي مارشل لا اختياري وارن سان منهن مقابل ٿيو.

1994ع ۾ آءٌ واشنگٽن واري پاڪستاني سفارتخاني ۾ خوراڪ ۽ زراعت جو قونصلر مقرر ٿيس. عبدالله جي ميمڻ به1970ع واري ڏهاڪي دوران انهيءَ عهدي تي رهي چڪو هو. ڪنهن مون کي هڪ واقعي بابت ٻڌايو، سفارتخاني جي پوئين پاسي هڪ وڏو شاهي وڻ آهي. جڏهن

گاڏيون بيهارڻ لاءِ گنجائش ناهن واسطي اهو وڻ ڪٽڻ جو مشورو ڏنو ويو. ان لاءِ سموريون تياريون پڻ ڪيون ويون.

جڏهن عبدالله جي ميمڻ کي ان بابت پتو پيو ته ڏاڍي ڏکي ٿيو پوءِ صاحبزادي يعقوب علي خان وٽ لنگهي ويو ۽ مٿس اهو فيصلو تبديل ڪرڻ لاءِ زور ڀريائين. ماحول لاءِ وڻن جي اهميت تن ڏينهن ۾ اهم نه ليکي ويندي هئي پر ڪنهن پراڻي ساهواري جيو جي اهميت هن وٽ قطعي طور تي گهٽ نه هئي.

اڳتي هلي جڏهن آءُ حيدرآباد جو ڪمشنر بڻيس ته جڏهن به ڪو اهم فيصلو ڪرڻو پوندو هئم يا ڪنهن ڏکي صورتحال جو مقابلو ڪرڻو پوندو هو ته پنهنجو پاڻ کان اهو ئي پڇندو هئس ته عبدالله جي ميمڻ ڪهڙو ردعمل ڏيکاري ها يا هو ڪهڙو فيصلو ڪري ها؛ انهيءَ وسيع تر احترام ماڻيل شخص جي هلت هڪ سونهون هئي جنهن جي آڌار تي اسان پنهنجا فيصلا ٿي ڪيا.

اسين سندس غير موجودگي محسوس ٿا ڪريون ڇاڪاڻ جو هو سرڪاري عملدارن جي ان تيزيءَ سان ميسارجي ويندڙ پيڙهيءَ مان هڪ هو، جنهن راستبازي ۽ اخلاقي ورتاءُ جا اعليٰ معيار قائم ڪيا.

مون کي عبدالله جي ميمڻ کي هڪ آفيسر طور ڄاڻڻ جو اعزاز ۽ هڪ انسان طور سڃاڻڻ جو فخر حاصل هو.



عوام جو ڪمشنر

ڊاڪٽر محمد سچل ميمڻ

حج تان واپسيءَ تي اسان جي پياري ترين ۽ ايماندار دوست عبدالله جي ميمڻ جي لاڏاڻي واري خبر تي سراپجي ويس. جيتوڻيڪ اهو قبولڻ ڏکيو آهي. تہ هو اسان وٽ ناهي پر ان هوندي بہ اسين سندس چڱيل ساروڻين کي ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهون.

اسان جي پهرين ملاقات سندس حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر ٿيڻ وقت ٿي. آءُ هيلٿ سروسز سنڌ جو ڊائريڪٽر جنرل هئس. حيدرآباد ۾ منهنجي آفيس هئڻ ڪري سندس رهائش گاهہ تي ساڻس ملڻ ويس جتي هن سائيڊروم کي پنهنجي آفيس ۾ تبديل ڪيو هو. آءُ سندس ويچارن کان انتهائي متاثر ٿيس. اسين پروگرامن وغيره ۾، جتي وڏي وزير جهڙا معززين ايندا هئا، اڪثر ملندا رهندا هئاسين. اي جي ميمڻ وارن ڏينهن کان سواءِ ڪڏهن بہ آفيسرن کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪرڻ دوران هڪ ڌار تنبو ۾ پاڻي، چانهہ جو ڪوپ ۽ بسڪوٽ نہ ڏنا ويندا هئا.

عبدالله جي ميمڻ هڪ صاحبلوڪ ۽ سڀاجهو شخص هو. سينئر آفيسر هئڻ جي باوجود، هو سندس آفيس يا گهر تي نياپو ڇڏڻ تي رابطو ضرور ڪندو هو.

حيدرآباد جي ڪمشنر طور هو مختلف مامرن تي ڳالهہ ٻولهہ واسطي ڊويزن جي عملدارن جي گڏجاڻي گهرائيندو رهندو هو. انهن گڏجاڻين ۾ شرڪت لاءِ مون کي سدائين گهرائيندو هو. شايد هن سمجهيو تي تہ منهنجي ڳالهہ جي ڪا اهميت آهي.

هن پنهنجي عهدي تي بلڪل ڌار انداز ۾ ڪم ڪيو. هو مختلف

ڪاٺن جي عملدارن کي پاڻ سان گڏ مختلف تعلقن جي دورن تي وٺي ويندو هو. اتي تي پهچڻ وارو اهو انداز عوام کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ جو مناسب ڏگ هو. هو کين ڪجهندڙ اپائن ۽ مستقبل جي منصوبن بابت سڌو سنئون ٻڌائيندو هو. اهي عبدالله جي ميمڻ جي سرواڻي ۾ عملدارن جا مسئلا حل ڪندڙ دورا هئا.

تڏهن ۽ هاڻ معمول وارو انداز ماڻهن جي مختلف علائقن کان هيڊڪوارٽر اچي آفيسرن سان ڏار ملڻ جو آهي. پوءِ پل ماڻهن کي پتو ئي نه هجي ته کين سندس گهربل عملدار ملندو به يا نه.

ڪراچي بدلي ٿيڻ يا پنهنجي رضاڪاراڻي ريٽائرمنٽ کان پوءِ هو جڏهن به حيدرآباد ايندو هو ته ڪوشش ڪري منهنجي گهر ضرور ايندو هو. ايستائين جو هو پنهنجي ميزبانن کي مون کي به دعوت تي گهرائڻ لاءِ چوندو هو، جنهن مان سمجهان ٿو ته هو مون کي پسند ڪندو هو. آءُ پنهنجي دل جي گهراين سان کيس ياد رکندو رهندس. هو هڪ ايماندار ۽ باصلاحيت عملدار هو، جنهن کي زندگيءَ جي سمورن شعبن سان تعلق رکندڙن پسند ٿي ڪيو.

پنهنجي صلاحيتن، اهليت، ايمانداري ۽ قابليت سبب چاتل سڃاتل عبدالله جي ميمڻ کي سندس بيچ ميٽ سردار فاروق احمد خان لغاريءَ پاڪستان جو صدر هئڻ دوران وفاقي ڪابينا ۾ پڻ شامل ڪيو.

هڪ ادارو لاڏاڻو ڪري اسان کي وڏيڪ غريب بڻائي ويو

امتياز شيخ

رومانوي ڪلري (ڪينجهر) ڍنڍ تي انبن جي دعوت شاندار هئي. حيدرآباد جو ڪمشنر عبدالله جي ميمڻ ان دعوت جو ميزبان هو. آءُ پي ڊبليو ڊيءَ جو اسسٽنٽ ايگزيڪيٽو انجنيئر هئس ۽ اعليٰ سرڪاري عملدارن جي وچ ۾ هٻڪي رهيو هئس. شايد هن اهو پروڙي ورتو ۽ انبن سان ڀريل ٿالهي کڻي اچي منهنجي پرسان ويٺو. اها جون 1980ع جي ڳالهه آهي.

سفاري سوٽ ۾ ملبوس، پنهنجو روائتي چشمو چاڙهي، وارن کي جن ۾ اڇي چانديءَ جون تارون سندس زيب وڌائينديون هيون، ٺيڪ طريقي سان ڦٽي ڏئي، هو مون جهڙن جونيئر آفيسر کان وٺي اعليٰ عملدارن تائين هر مهمان سان مرڪي ملي ۽ ڳالهائي رهيو هو.

سندس مرڪ جادو پري ۽ ماءُ جي هنج ۾ گد گد ٿي کيڏندڙ ڪنهن ٻار جيان معصوم هئي.

آءُ هال جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو هئس جو هڪ ٿالهي کڻي مون ڏانهن آيو ۽ پڇڻ لڳو " امتياز! انبن جا سمورا قسم چکيا اٿئي؟ هر انب جو پنهنجو ڌار سواد آهي، سڀ چکجان".

سالن پڇاڻان، جڏهن مون سول سروس ۾ شموليت اختيار ڪئي ته سدائين سندس تقليد ڪرڻ ۽ هن جهڙو ئي پلو ميزبان ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم. جيتوڻيڪ سال لنگهي ويا آهن پر اڄ به جڏهن ڪا دعوت جهليندو آهيان ته هڪ سٺي ميزبان طور ياد ڪيو وڃڻ جي خواهش هوندي اٿم جيئن تنهن ڏينهن عبدالله جي ميمڻ کان پرايو هئم.

موهيندڙ ڪردار واري شخص طور هو اسان جي پهرين ملاقات دوران پنهنجي چوڌاري هڪ اڳني چڪر رکندڙ لڳو هئم، اهو تاثر ايترو ته

گهرو قائم ٿيو هو جو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

عالماڻو مقام رکندڙ عبدالله جي ميمڻ ڪشش ۽ موهڻ واري ذات جو پيندار هو. پنهنجي مهمانن جو آدرڀاءُ ڪرڻ وارو سنڌس طريقو، سنڌس غيررسمي انداز، هر ڪنهن تي ڌيان ڏيڻ ۽ سنڌس مرڪڻ ۽ کلڻ منهنجي ذهن تي قائم ٿيندڙ سنڌس پهريان تاثر آهن.

ٻاويهه سال هڪ ڊگهو ۽ هڪ نسل کان وڌيڪ جو عرصو آهي. ان سڄي عرصي دوران جڏهن به ضرورت محسوس ڪيم ته هو منهنجي رهنمائي ۽ مدد ڪندو رهيو.

هڪ وقت آيو جو آءُ وڏي وزير جو سيڪريٽري بڻيس. هڪ ڏينهن وڏي وزير ڄام صادق عليءَ پاران عبدالله جي ميمڻ کي فون ڪري ڪيس وزارتي مرتبي سان صلاحڪار جو عهدو آڇيم. هن وراڻيو " آءُ تو سان گڏ آهيان، جڏهن به چوندين هر مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان پر سياست مون کي نٿي ٺهڪي. ڄام صادق ۽ تنهنجو ٿورائتو آهيان جو مون کي ان لائق سمجهيو. انهيءَ عزت افزائي لاءِ مهرباني". ۽ هن فون رکي ڇڏيو.

سنڌس ذهن ۾ اوڏي مهل ڇا هو، ان بابت ته ڪجهه نٿو چئي سگهان پر منهنجي آڏو هو اڳي کان وڌيڪ عظيم بڻجي ويو هو.

جڏهن ڊي ايم جي گروپ تان استعفا ڏئي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ويهين گريڊ ۾ صوبائي ملازمت اختيار ڪيم ته مون کي فون ڪري چيائين "امتياز اهو نه ڪر. منهنجو مشورو اهو اٿئي ته ڊي ايم جي گروپ نه ڇڏ. آفيسر توکي سنڌ ۾ قبول نه ڪندا". هو بلڪل درست هو. اها حقيقت پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻو پوءِ پروڙيم.

هو وفاقي حڪومت ۾ وزير هو جو آءُ ۽ ڪي بي رند ڪائنس مدد ۽ رهنمائي وٺڻ واسطي ساڻس ملڻ وياسين ڇاڪاڻ جو پ پ حڪومت مون کي وفاقي حڪومت وٽ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. هن هڪدم قدم کنيو ۽ منهنجو ڪم ٿي ويو. جڏهن سنڌس ٿورو مڃڻ لاءِ ويس ته هو گهر تي موجود نه هو.

عبدالله جي ميمڻ گذاري ويو. سنڌس موت هڪ اداري جو انت آڻي ڇڏيو آهي. ڪلاسيڪل سنگيت ٻڌندي ۽ ايمانداراڻي رهنمائي جي ضرورت پوڻ تي سنڌس کوٽ محسوس ڪندس. سنڌ حڪومت سنڌس صلاحن کان محروم ٿي وئي آهي، خاص طور تي جڏهن اين ايف سي ايوارڊ تي بحث هلي رهيو آهي.

مهلائتو، شائستو ۽ خوش اخلاق

ارشاد احمد حقاني

اهو انتهائي اطمينان جو امر آهي تہ اوهين مرحوم عبدالله جي ميمڻ جي ياد ۾ هڪ پروگرام منعقد ڪرڻ سان گڏوگڏ ان موقعي تي هڪ سوونيئر پڻ جاري ڪري رهيا آهيو.

منهنجو ساڻس تعارف نومبر 1996ع ۾ اسان ٻنهي جي نگران وفاقي حڪومت ۾ وزير طور شامل ٿيڻ مهل ٿيو ۽ اسان هڪ سئو ڏينهن تائين گڏجي ڪم ڪيو. آءُ ساڻس 24 ڪابينا اجلاسن ۽ انيڪ ٻين غير رسمي اجتماعن ۾ ملندو رهيس.

هو هڪ انتهائي شاندار صاحبلوڪ، بااصول، مهلائتو، شائستو ۽ خوش اخلاق شخص هو.

هو ياد زباني ڳالهائيندو هو ۽ سندس چيل هر لفظ زندگي ۽ دنياوي معاملن جي قدرن بابت سندس ادراڪ جو آئيني دار هو.

ڪابينا ڇڏڻ کان پوءِ آءُ ساڻس هڪ ٻہ ڀيرا مليس ۽ ڪيس انتهائي خوشگوار پروڙيم. سگهڙائپ سندس نس نس ۾ پريل هئي. هو سنڌ ۽ پاڪستان جي عظيم ترين فرزندن مان هڪ هو. بيرحم موت اسان کان هڪ اهڙو شاندار شخص کسي ورتو آهي جيڪو اسان جي ملڪ جو اثاثو هو.

شل ڌڻي سندس روح کي درجا ۽ سندس ڪٽنب کي اهو نقصان سهڻ جي توفيق ڏئي.

مزاح جي شاندار حس

ميان طيب حسن

مون کي عبدالله جي ميمڻ کي کو چاليهن سالن تائين هڪ ساٿي ۽ دوست طور سڃاڻڻ جو اعزاز حاصل آهي. هڪ ساٿيءَ طور آءُ سندس آزاديءَ کي ساراهيان ٿو ۽ هڪ دوست طور منهنجي لاءِ سندس پنهنجائپ جو انتهائي قدر ٿو ڪريان. سندس يادگيريون سدائين مون سان گڏ رهنديون، ڇاڪاڻ جو غيرمعمولي راستبازي ۽ دانشوراڻين صلاحيتن جي حوالي سان سندس جوڙ ملڻ محال ٿيندو.

عبدالله هڪ شاندار سرڪاري عملدار هو. سندس ڏاهپ ۽ راستبازي سندس ماڻيل هر عهدي کي مان بخشيو. هو فيلڊ ۽ سيڪريٽريٽ ٻنهي ۾ هڪجهڙو غير معمولي هو. هو نوجوان ساٿين ۽ پويان ايندڙن لاءِ هڪ روشن مثال هو.

عبدالله وٽ مزاح جي هڪ شاندار حس هئي. سندس جرڪندڙ فطرت نه رڳو وندرائيندڙ هئي پر مچنا ۽ واڪاڻ پڻ ماڻيائين. سموري حياتي، سندس انهي حس نه سندس ساٿ ڇڏيو نه ئي ان ۾ ڪا گهٽتائي آئي.

عبدالله انتهائي خدا ترس هو ۽ گڏ ڪم ڪندڙ ساٿيءَ طور اسان پهرين ملاقات دوران سندس اها خوبي ئي سڀ کان پهرين پروڙي.

هو نه رڳو پنهنجي دوستن پر سمورن انسانن لاءِ خدا ترس هو. ڪيس غريبن ۽ محرومن لاءِ وڏو احساس هو. هن سندن اهنجن ۽ پيڙائن کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجي سر هر ممڪن ڪوشش ڪئي.

آخري ڀيرو اسين سندس گذاري وڃڻ کان ڪجھ هفتا اڳ ملياسين. هو پنهنجي خراب ٿيندڙ صحت کي وڏي همت سان منهن ڏئي رهيو هو. هن منهنجي ڏنل مشوري ۽ منهنجي ظاهر ڪيل ڳڻتيءَ کي چرچي ۾ ٽاري ڇڏيو. سندس خوش طبعي جي باوجود آءُ انتهائي پريشان ۽ ڏکوئيندڙ حالت ۾ موٽيو هئس. بس ايتري ئي سڌ رهي اٿم ته ان ڏينهن ساڻس گڏ ڪجھ وڌيڪ وقت گذاري سگهان ها.

اندر جي اطمينان جي گولا ۾

ايس اين عباسي

هڪ اثرائتو منتظم، هڪ دانشور، هڪ ايماندار شخص، دوستن جو دوست ۽ سڀ کان وڌيڪ هڪ انسان، جنهن پنهنجي اندر ۾ بين لاءِ پيار، پاٻوهه ۽ احترام جا قدر پيدا ڪيا، سو هو عبدالله جي ميمڻ. افسوس جو هو اسان ۾ نه رهيو آهي. ڪو به شخص لافاني ناهي، هر ڪنهن کي هڪ ڏينهن پنهنجي خالق ڏانهن موٽڻو آهي. پرڳڻ ۽ چڱايون انسان جي زندگيءَ کان پوءِ باقي ٿيون رهن. شل الله سندس روح کي ازلي بهشت ۾ جايون ڏئي.

آءٌ عبدالله جي ميمڻ کان 33 سال اڳ1970ع ۾ واقف ٿيس. انهيءَ عرصي دوران هن ڪامورا شاهيءَ ۾ ترقي ماڻي ۽ پنهنجي پاڻ ارپيل خدمتن، ايماندار قيادت ۽ انتهائي محنت وسيلي اعلي ترين مقام تائين پهتو. ان ڪيس مطمئن نه ڪيو ۽ هن پاڪستان جي اعليٰ ترين شعبي کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. هو با اصول شخص هو ۽ اهو ئو لڳي ٿو ته هو ماڻهن جي سيوا ڪندي اندر جي اطمينان ڏيندڙ ڪنهن وٽ جي گولا ۾ هو. پنهنجي پاڻ ارپنا سبب، هو وفاقي وزير جي عهدي تائين وڃي رسيو جيڪو پنهنجي سر سندس ملڪ لاءِ سندس صلاحيتن، ايمانداري ۽ بي غرضيءَ سان ڪيل خدمتن جو اعتراف هو.

هن ساٿس گڏ گذاريندڙن تي هڪ گهرو ۽ مستقل اثر ڇڏيو آهي. آءٌ پنهنجو پاڻ کي انهن خوش نصيبن مان هڪ ٿو ليکيان جن کي گذريل ٽيهن سالن دوران سندس پنهنجائپ ۽ پاٻوهه حاصل رهي. هو اسان سڀني کي ڊگهي عرصي تائين ياد رهندو.

شل رب ڪيس ازلي سڪون بخشي. آمين

عبدالله جي ميمڻ:
راستباز ۽ ڏيرج ڀريو انسان

نواب عبدالغني ٽالپر

آءُ اصول سڏجندڙ وڻ جي ڇانوري ۾ زندگي گذاريندڙ ۽ مرندڙ شخص بابت پنهنجا نماڻا تاثر بيان ڪرڻ ۾ شايد انصاف نہ ڪري سگهان. بدقسمتيءَ سان اسان جي هاڻوڪي دور ۾ اصول فرسوده ٿي ويل ٿا لڳن. ڪن ماڻهن لاءِ اهي ٿي سگهن ٿا پر گهڻن لاءِ ناهن. عبدالله جي ميمڻ پاڻ تہ جيتوڻيڪ اسان سان گڏ نہ رهيو آهي پر سندس اصولن جو خزانو اسان وٽ موجود آهي جنهن کي سيني سان سانڍڻ جي ضرورت آهي.

سندس دور کي مختلف سڏي سگهجي ٿو. جڏهن سي ايس پي حڪمرانيءَ جونالو هو، جتي حڪومتي ايوان اختيارن سان ٽمٽار هئا، پر ان هوندي بہ سول سروس ۾ اهوڪن ڇامڙن جي پيٽ ۾ هو سچا پچا ديو قامت هئا. سندس پيشيوراڻي واڌ ويجهہ جو مٿس اينترو تہ گهرو اثر هو جو نہ رڳو خدمت جو فن سکيائين پر عام ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي پيار، آدرشي تصور ۽ مثبت سوچ ذريعي مقام بہ ماڻيائين.

مون کي ڪجهہ ڪوتاهہ بين ذهنن ۾ واسيل انهيءَ تاثر کي ختم ڪرڻ جي اجازت ڏيو تہ عبدالله جي ميمڻ شاهوڪار ۽ مشهور ماڻهن جي خلاف هو. هو ڪڏهن بہ ڪنهن جي خلاف نہ هو. هو سدائين سڀني لاءِ انصاف ۽ درست ورتاءُ جو علمبردار هو ۽ ان عمل ئي ڪيس سمورن طبقن سان تعلق رکندڙ ماڻهن ۾ تعظيم جوڳو بڻايو هو. قابليت سندس شخصيت جو هڪ اڻ ٽٽ حصو هئي ۽ پنهنجو آدرشي تصور پکيڙڻ لاءِ پيار وٽس سڀ کان وڏو اوزار هو.

هو اعليٰ قدرن ۽ روشن خيال تصورن جو مالڪ هو. سندس ويچار

اسان جي نازڪ سماجي بناوت جي مختلف پرتن کي ڳنڍيندڙ واضح ۽ چٽا هئا. هن سمورن گروهن ۽ طبقن جي ماڻهن کي هڪ پليٽفارم تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پيار جي تبليغ ڪئي ۽ رحمدليءَ تي عمل ڪيائين. هو درست طور تي قوم اڏيندڙ هو. اسان کي هنن ڏکين ڏينهن ۾ ذات ۽ نسل جي مت ڀيد رکڻ کان سواءِ متحد رکندڙ عبدالله جي ميمڻ جهڙن ادارن جي اشد ضرورت آهي. هن هڪ خوشحال پاڪستان جا سپنا ٿي ڏٺا. هن هڪ فخرمند پاڪستانيءَ جا سپنا ٿي ڏٺا.

جيتوڻيڪ اسين ٻئي نه گڏ پڙهياسن نه ئي گڏجي ڪم ڪيوسين پر پوءِ به هو منهنجي لاءِ هڪ ياءُ، هڪ استاد جيان هو ۽ فخر مان اهو چئي ٿو سگهان ته پنهنجي انداز ڪري هو هڪ اتساهيندڙ شخصيت هو. هن وٽ ماڻهن لاءِ پيار هو جن ۾ هاري، زميندار، سنگيتڪار، آثارقديمه جا ماهر، تاريخدان، ليکڪ، مطلب ته معاشري جا سمورا پرت شامل هئا.

شاهوڪاري ۽ غربت هڪ سڪي جا ٻه پاسا هئا ۽ سدائين رهندا، ايستائين جو اڄ جي امريڪا ۾ به ماڻهو "راهدارين تي مانيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي تيار آهيان "جهڙا ڪتبا ڪڻي ويٺل نظر ايندا يا يورپ ۾ بي گهر ماڻهو نظر ايندا، پر ان هوندي به پنهنجي ماڻيل اعليٰ عهدي جي باوجود انهيءَ فرق کي گهٽائڻ لاءِ جنهن شخص پتوڙيو سو عبدالله جي ميمڻ ئي هو.

اسان خوشيءَ جي ڳولا ۾ انيڪ ڏينهن ۽ راتيون گڏ گذاريون. منهنجي آڏو خوشي اسان جي زندگيءَ جو مقصد آهي، جيڪو بدقسمتيءَ سان ٿورڙن ماڻهن واسطي ئي آهي پر عبدالله جي ميمڻ ان کي سڀني جو مقصد بنائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي. بي مروتي ۽ هوڏ جهڙا لفظ ۽ رويا هئا جن کي هن ڌڪاريو ٿي. خوشي، ڪل پوڳ ۽ ٺهڪ سندس زندگيءَ جا ساٿي هئا. هن دوستن سان پيار ٿي ڪيو، سندس ڪو به دشمن نه هو. نيڪ اخلاق سندس ساٿي هئا. سچائي ۽ ايمانداري سندس مقصد هئا. اسين هڪٻئي کي سندس تربيت هيٺ هئڻ وارن ڏينهن کان سڃاڻندا هئاسين ۽ اها دوستي جيئن پوءِ تيئن وڌندي ۽ گهاٽي ٿيندي زندگيءَ جو ساٿ بڻي، جيڪا اڄ ڪانئس پوءِ به برقرار آهي.

آخري ڀيرو سندس گذاري وڃڻ کان هفتو کن اڳ اسان جي ڪنهن دوست آغا آفتاب احمد خان جي گهر مليا هئاسين ۽ آءُ اها رات ڪڏهن به وساري نٿو سگهان جيڪا پڪ سان سندس رات هئي. اسان سمورن موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ زور سان ٽهڪ ڏناسون. اتي موجود ماڻهن سندس بهترين تجلو ڏٺو موڪلائڻ جو ان کان بهتر ٻيو ڪهڙو انداز ٿي سگهي ٿو؟

اڄ جڏهن اسين ڪيس ياد ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، اهو ته سندس خوبيون پنهنجي نئين نسل، سمورن طبقن جي ماڻهن ۾ منتقل ڪريون. اڇو ته گواهي ڏيون ته سندس ياد ڪي بهترين خراج اچوڪي سول سروس ڪي انتهائي افسوس سان ٻڌائڻ آهي ته عبدالله جي ميمڻ جو تعلق به انهيءَ شعبي سان هو جيڪو پنهنجي ماضيءَ جا قدر وڃائي ويٺو آهي اسين فخر سان چئي سگهون ٿا ته" هو زندگيءَ کان به اوچو شخص هو". هو سدائين اسان جي من ۾ واسيل رهندو.



عبدالله جي ميمڻ کان
سواءِ هڪ سال

امتياز شيخ

موت کي حياتيءَ جي ساهي يا فنا طور بيان ڪيو ويندو آهي پر پنهنجي موت کان پوءِ بہ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي مادي حياتيءَ دوران پنهنجي دوستن ۽ ملڪ لاءِ ڪيل خدمتن سبب عام ماڻهن جي دلين ۽ دماغن ۾ پنهنجي لافاني زندگي جيئڻ شروع ڪندا آهن.

عبدالله جي ميمڻ انهن ٿورڙن عظيم ماڻهن مان هڪ هو جيڪي ماڻهن جي دلين ۽ دماغن تي راڄ ڪن ٿا. هن پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ دوران سدائين قانون جي حڪمرانيءَ کي مٿانهون رکيو، ڏتڙيلن جي واهر ڪرڻ لاءِ پتوڙيو ۽ ناانصافيءَ خلاف ويڙهہ ڪندي پنهنجي عهدن جي بہ قرباني ڏني ۽ سدائين پنهنجو مان مٿانهون رکيائين. ان ريت هن پنهنجي پرستارن، پيروڪارن ۽ پوئنيرن لاءِ خودداريءَ جا مثال قائم ڪيا.

عبدالله جي ميمڻ پنهنجي همعصرن لاءِ هڪ سونهون، پنهنجي جونيئرن لاءِ هڪ گرو ۽ سرڪاري نوڪريءَ ۾ ايندڙن لاءِ ڪيترائي مثال قائم ڪندڙ هو.

سرڪاري نوڪريءَ کان سواءِ هو انساهہ جو هڪ ذريعو ۽ تعظيم جي علامت هو. شهر ۾ سندس موجودگي، ريٽائرمينٽ کان پوءِ بہ، سندس دوستن ۽ سنڌ صوبي لاءِ لاپائتي بڻيل هئي.

جڏهن بہ سنڌ حڪومت يا ان جا رڪن (ڪامورا) ڏکين مسئلن ۾ وڃڙندا هئا تہ عبدالله جي ميمڻ ٺي پنهنجي اعليٰ رهنمائي ۽ تجويزن ذريعي کين انهن مان ڪڍيو ٿي. ڪجهہ اهم معاملن ۾، حڪومت ڪيس اهم فائل اماڻي درخواست ٿي ڪئي تہ هو انهن جو اڀياس ڪري حڪومت طرفان ڪو فيصلو ڪري. اهو سندس ڏاهپ ۽ راستبازيءَ جو

هڪ واضح مثال آهي، جنهن ڪيس حڪومت ۽ سندس دوستن جي اعتماد جو محور بڻايو.

چيني قومي مالياتي ڪميشن جي ڳنڍجاڻي عبدالله جي ميمڻ جي شرڪت ڪان سواءِ ٿيندي چاڪلاڻ جو هو هاڻ اسان ۾ موجود ناهي، نه ته هن سدائين سنڌ جي نمائندگي ڪندي سنڌ جو ڪيس انتهائي مضبوطي، سان ۽ مناسب انداز ۾ پيش رکيو.

هن هڪ مڪمل زندگي گذاري ۽ ان کي مڪمل طور تي ماليائين هو هر لحاظ کان هڪ ڪابل شخص هو. پنهنجي نوڪري وقت کان اڳي ڇڏيندي، حڪومت کان ڏار ٿيڻ ۽ ڪجهه خطرناڪ بيمارين جي ور چڙهڻ جي باوجود هن هر قسم جي ڊپ ۽ ڏک کان واندڪائي هڪ خوشگوار زندگي گذاري. منهنجي ڪنن ۾ سندس ٽهڪ گونجڻ لڳا، جڏهن رشيد چنا مون کي اهو اچي ٻڌايو ته عبدالله جي ميمڻ جي پهرين ورسي ملهائڻ لاءِ آفتاب احمد خان هڪ پروگرام مرتب ڪيو آهي. ورسي لفظ ٻڌندي آءُ ڪن پل لاءِ ته خاموشي ٿي ويس. سندس موت منهنجي لاءِ اڃا تائين ناقابل اعتبار ڳالهه آهي.

گذريل سال عيدالاضحيٰ کان ڪجهه عرصو اڳ عبدالله جي ميمڻ اسان کان ڌار ٿيو اسين، سندس سمورا ساٿي، جونئير ۽ مٽ مائٽ سندس ڪاڻدي ٻڌياسين. اوڏي مهل به اهو محض محال هو ته اسان جو گرو اسان کي ڇڏي ويو آهي. سندس وفات کي هڪ سال لنگهي ويو آهي ۽ ان دوران ڪجهه اهم سياسي فيصلا ڪندي سندس غير موجودگي محسوس ڪئي اٿم. مون وانگر ڪيترائي ڪامورا ۽ سياستدان سندس رهنمائيءَ جا طالب هوندا هئا. مون وانگر هو به سندس غيرموجودگي محسوس ڪندا هوندا.

هو سياستدان ته نه هو پر سندس سياسي مشاهدو اهڙو ته بي عيب هو جو آءٌ ڪيس ناميارن سياستدانن کان وڌيڪ اهميت ڏيندو هئس. ملڪ جي سماجي ۽ سياسي ماهرن تي سندس گهري نظر هئي.

ان جو هڪ مثال "اخبار" ۾ سندس شائع ٿيل قسطوار مضمون "سنڌ کي درپيش حقيقتون" آهي. انهيءَ مضمون ۾ هن سنڌ کي درپيش

مسئلن بابت مستند تجزيا لکي انهن جي حل لاءِ تجويزون پيش ڪيون. هن شهري حڪومت لاءِ زور پريندي اختيارن جي هيٺين سطح ڏانهن منتقليءَ تي زور ڀريو. سندس انهيءَ مضمون شايع ٿيڻ کان ست سال پوءِ ڪراچيءَ ۾ هڪ شهري حڪومت برپا ٿي. اهو ظاهر ٿو ڪري ته وٽس مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن جي حل جو ادراڪ ۽ هڪ واضح نقط نظر موجود هو.

جيتوڻيڪ عبدالله جي ميمڻ گذريل هڪ سال کان اسان ۾ موجود ناهي پر معاملن کي سمجهڻ بابت سندس تصور، مضمون ۽ ويچار اسان سان گڏ آهن. شل خدا کيس ابدي سڪون بخشي. آمين.

ٿو ڪي سارينديءَ...

عبدالڪريم ناياڻي

"من ۾ تنهن سنگيت جا سُر
پڄاڻيءَ کان پوءِ دير تائين گونجندا رهيا. "(ملٽن)
"هو اهڙو شخص هو جنهن اهڙين شين تي ڌيان ٿي ڌريو.
هن لاءِ اهو پڪ سان ڏنل وائل ڏيک هوندو.
هن مهاڏو اٽڪايو ته اهڙين معصوم شين کي
ڪو هاڃو نه رسي، پر هو انهن لاءِ ٿورو ڪجهه ئي ڪري سگهيو،
۽ هاڻ ته هو موڪلائي به چڪو.
هو اهڙو شخص هو جنهن وٽ اهڙن معمن لاءِ ديد هئي.
هو هاڻ اهو ڪجهه ٻڌي نٿو، جن تي ڌيان ڌريندو رهيو هو"(هارڊي).

سندس ڪجهه ويجهن دوستن ۽ گهٽگهرن (جن جو وڏو تعداد آهي) جن سائنس پيار تي ڪيو، عبدالله جي ميمڻ بابت اپٽار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بهرحال اها هڪ مشڪل ڳالهه آهي ڇاڪاڻ جو ڪنهن جي اپٽار لاءِ ضروري هوندو آهي ته ڳالهائيندڙ پنهنجي پاڻ کي به ان ۾ سموهي سگهي پر هو پنهنجي جذبي، پنهنجي روح، پنهنجي ضمير، پنهنجي وجود کي هڪ اپٽار تائين محدود ڪرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندو آهي.

سندس پيارن ۽ گهٽگهرن جي اظهار کي پڙهي ۽ ٻڌي آءٌ ايترو ئي چئي سگهان ٿو ته سندس لياقتن سان ڀرپور وجود ڏسي شايد قدرت به چئي ڏي ته هيءُ آهي هڪ شاندار روح، هڪ معزز شخص، راستبازيءَ ڀريو هڪ دبنگ انسان، هڪ سٺو پٽ، هڪ سٺو ڀاءُ، هڪ سٺو مڙس، هڪ سٺو پيءُ، هڪ سٺو پاڙيسري، هڪ سٺو دوست، هڪ باضمير عملدار ۽ سڀ

ڪان وڌيڪ سوچيندڙ ذهن جيڪو پنهنجي وجود ۽ فطرت سان ٺهڪي ايندڙ هڪ پائيندڙ ۽ حساس دل جي مالڪ وٽ ئي ٿي سگهيو ٿي. سندس گونجندڙ ٽهڪ، سندس اکين ۾ جرڪندڙ جوت ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس چيڙائيندڙ روش هن بي بقا دنيا جي اصل وقعت ڪي جوڳي مجتا ڏيندي اندر جي اونهائين مان ٿي ڦٽي. هو هڪ ڏيان ڇڪرائيندڙ جيو هو.

عبدالله جي ميمڻ 65سالن جي ڄمار ۾2003ع ۾ هيءَ دنيا ڇڏي پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ويو. سندس ڪٽنب، دوستن، گهڻگهرن ۽ ساٿين ڪيس مناسب خراج پيش ڪيو ۽ عبدالله جي ميمڻ زندگيءَ ڪان به وڌو ماڻهو نالي هڪ ڪتاب شائع ڪرايو. اهو ڪتاب هڪ عظيم شخص کي مان ڏيڻ جو شاندار مثال ۽ اظهار آهي. هو اجان به وڌيڪ جي لائق آهي. جيتوڻيڪ آءُ ڪيس ٽيهن سالن ڪان پنهنجي وڏي ڀاءُ جي دوست طور سڃاڻندو هئس ۽ منهنجي ساڻس ڏيک ويک تمام ٿورڙي هئي سر ان هوندي به هن انتهائي گهرا اثر ڇڏيا آهن.

هيٺ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل مضمون جي پهرئين حصي ۾ عبدالله جي ميمڻ کي پيش ٿيل خراج جون جهلڪيون آهن ته ٻئي حصي ۾ پاڪستان خاص طور تي سنڌ کي درپيش مسئلن بابت سندس پنهنجاويچار، نقطي نظر ۽ تجزيا پيش ڪيل آهن.

هڪ مسڪين گهراڻي سان تعلق رکندڙ عبدالله جي ميمڻ پاٽ ضلعي دادوءَ ۾ ڄائو ۽ ننڍڻ ۾ ئي ڪراچيءَ منتقل ٿيو، جتي تعليم پرايائين. هو ان وقت ڪراچيءَ ۾ وڏيو ويجهيو جڏهن اهو هڪ ننڍڙو ۽ موافق شهر هو ۽ ايندڙ سالن ۾ ان شهر جي ابتريءَ جو مشاهدو ڪيائين. اسڪول ۽ ڪاليج واري دور ۾ ڪم ڪار ڪندو رهيو ۽1964ع ۾ لاهور واري سول سروس اڪيڊميءَ ۾ شامل ٿيو. اتي هن پهريون ڀيرو پنهنجو سمورو وقت تعليم ۽ ابياس ۾ لڳايو ۽ دنيا کي سمجهڻ لاءِ ادراڪ وسيع ڪرڻ ۾ فرحت حاصل ڪيائين. هو پاڪستان ۾ انتهائي ڪامياب ۽ احترام جوڳن ڪامورن مان هڪ بڻيو. هن انهيءَ شاندار نوڪريءَ تان استعفا ڏني، ڇاڪاڻ جو خود سندس لفظن ۾" ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا ٿي رهيو هو ۾ وچو تمام گهڻو وڌي رهيو هو".

سندس دوستن ۽ ڳهڻڳهڻ ڪيس هن ريت پنهنجائپ مان ياد ڪيو:

ملڪ معراج خالد: ڪي ماڻهو پنهنجي شخصيت جي گهڻن اثرن سبب سدائين يادگيرين ۾ جيئرو ٿا رهن... هڪ سچي پڪي سڌارڪ واري پاڻ اوپنا رکندڙ عبدالله جي ميمڻ تيز ذاهپ ۽ ادراڪ پريو، پاڻ ميسارپندڙ، ديالو ۽ شين کي بهتر بنائڻ جي ولوڙ رکندڙ شخص هو.

سعيد احمد قريشي: هو وابستگي رکندڙ شخص هو ۽ انسان پرستي ۽ راستبازيءَ جي هڪ غير رواجي پر ضروري ميلاپ جي نمائندگي ٿي ڪيائين. هو سول سروس ۾ خليق پر اٽل سڃڻندڙ انداز جي علامت هو.

سليم عباس جيلاني: عبدالله زندگيءَ سان ايترو ته پريور هو جو سندس غير موجودگيءَ واري حقيقت مڃڻ ڏکيو آهي پر اها ڏکوئيندڙ حقيقت آهي. عبدالله جي ميمڻ جسماني طور تي ته اوڏانهن ويو آهي جيڏانهن هر جيو کي وڃڻو آهي پر هو پنهنجي پويان اسان سندس واقفن وٽ انيڪ خوشگوار ساروڻيون، پنهنجا ويچار ۽ پنهنجا اصول ڇڏي ويو آهي. منجهس هر اجتماع ۾ جرڪڻ جي جادوئي لياقت هئي. هر هنڌ پيار، پنهنجائپ ۽ توانائي ٿي پکيڙيائين.

ڪنور ادريس: سندس ذاهپ ۽ ڪردار جون وصفون ڏيهان ڏيهه مشهور آهن ۽ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهن ۾ ئي ملن ٿيون.

پرويز احمد ٻٽ: ارسطو جو چوڻ هو ته بنيادي اصول ڳولهڻ جي صلاحيت عظمت جي نشاني آهي. مون سندس شخصيت ۾ اهڙا گڻ پروڙيا. عبدالله تازوني امريڪا مان تربيت پرائي واپس آيو هو. نيم سنجيدگيءَ مان پڇيومانس" امريڪا جي انهيءَ دوري مان ڇا سکيو اٿئي؟"سندس جواب تي اچرج ۾ پئجي ويس ته"ٽي لفظ سکيو آهيان "اهي ٽي لفظ ڪهڙا آهن"؟ پڇيومانس. وراڻيائين "اهو چوڻ سکيو آهيان ته" مونکي خبر ناهي".

انعام الحق:

وقت جي انتهائي مختصر ترين جز لاءِ،

هو هوا جي جهونڪي جيان آيو،

۽ تيزيءَ سان ڪناري ڪان موٽندڙ
لهر جيان وري ويو.
افسوس! اسان گل جو مک
جهٽي نہ سگهياسين، جڏهن بهار
پنهنجا پر سميٽيا
۽ تڪڙ ۾ موڪلائي ويو.

محمد ڪليم: سرڪاري نوڪريءَ ۾ گذاريل پنهنجي سموري عرصي دوران هو ڪم ۾ جنبيل ۽ سپنا ڏسندڙ رهيو ۽ جڏهن محسوس ڪيائين تہ سرڪاري نوڪريءَ جا لڪير جي فقير وانگر طور طريقا ڪم ڪار هلائڻ بابت سندس عاليشان تصور سان ٺهڪي نٿا اچن تہ ان وقت رخصت ورتائين جڏهن بهترين مقام ماڻڻ جي چائنٽ تي هو. سندس راستبازي ۽ ڪردار جو اهو مظاهرو هو. هو ساک ۽ ڏاهپ وارو شخص، هڪ شاندار عملدار، سادگي، ولوڙ ۽ پنهنجائپ سان ڀرپور هڪ رلڻو ملڻو انسان ۽ زندگيءَ جي بهترين تصورن جي ڳولا ۾ سرگردان هڪ بيچين روح جومالڪ هو.

ڊاڪٽر عشرت حسين: هو سنڌين، مهاجرن، پنجابين، بنگالين ۽ پٺاڻن ۾ هڪجيترو مشهور هو. هن پنهنجي سڄي حياتي مت ڀيد يا تنڌي ذهنيت جو مظاهرو نہ ڪيو. هن هر انسان سان انصاف، ڪشاده دلي ۽ خدا ترسيءَ ڀريو ورتاءُ ڪيو ۽ ان ڪري ئي هو معاشري جي سمورن طبقن ۾ ايترو مڃتا ماڻيل آهي. غريبن ڪيس پوڄيو ٿي ۽ اشرافيا ڪيس ڀانيو ٿي.

معين افضال: عبدالله جي ميمڻ سدائين هڪ قومپرست هو. اسان مان ڪن ماڻهن وانگر هو اوڀر پاڪستان جي رهواسين جي محرومي يا ويڳاڻپ واري احساس سان همدردي رکندڙ تہ هو پر هن سدائين اهڙو ڏڳ ڳولهي لهڻ ٿي چاهيو جنهن وسيلي ايڪتا ڪي برقرار رکي سگهجي. منهنجو خيال آهي تہ ان تجربي ئي ڪيس سنڌي قومپرستيءَ کي ايترو بهتر انداز ۾ سمجهڻ لائق بڻايو. سندس موت سندس ساٿين ڪان هڪ انتهائي ايماندار دوست کسي ورتو آهي ۽ ملڪ پنهنجي بهترين فرزندن

مان هڪ جي زبان تي وڌيڪ غريب ٿي ويو آهي.

سعيد احمد صديقي: هو پاڪدامن ۽ بنان ناهہ لوهہ، خوش مزاج ۽ گرمجوش دل، انتهائي پاڻ ارپڻ ۽ انتهائي ڏاهپ واري راستبازيءَ سان پُر شخص هو. هو موهيندڙ، سهاجهڙو پاڙيسري، بااعتماد دوست، خوش مزاج ساٿي، آدرشي تصور ۽ ادراڪ رکندڙ، صبر ۽ سهپ سان تمنار ۽ ماڻهن جون چڱايون ياد رکندڙ، ڪردار جو پلو پارڪو، حوصلو وڌائيندڙ ۽ اتساهيندڙ باضمير آفيسر هو.

آغا آفتاب احمد خان: عبدالله هڪ سادو انسان هو جنهن اسان مان گهڻن کي سندس شخصيت جي چوڌاري هالي تي اچرج ۾ ٿي وڌو. جيتوڻيڪ سندس تعلق سي ايس پيءَ جي اشرافيائي طبقي سان هو پر هو ان سان تعلق نہ رکندڙن سان وڌيڪ ويجهو هو. ان ئي ڪيس اميرن توڙي غريبن، عورتن توڙي مردن، ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين ڪان سچو پچو پيار ڏياريو. اهي پئدائشي گڻ آهن جيڪي الله سائينءَ پنهنجي مخلوق مان ڪن ٿورڙن کي نوازيندو آهي.

رشيد چنا: ڇا عبدالله جي ميمڻ اسان سمورن ۾ جيئرو ناهي؟

ايم ايڇ پنهور: اهو، بهر صورت، مايوس ڪندڙ آهي تہ سندس متعلق اسان جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ اڄ عبدالله جي ميمڻ پاڻ موجود ناهي.

عثمان بلوچ: عبدالله جي ميمڻ کلندڙ ۽ جرئت ڀريا قدم کڻندڙ انسان هو. هو ڳالهہ چٽي ڏيندڙ هو. منجهس شيون منظر ڪرڻ جي هڪ تيز حس هئي ۽ ڪنهن بہ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سدائين تيار هوندو هو. هين واسطي سندس ڳٽتي ۽ همدرديءَ وارو احساس ڳولهي نہ ملندو. عبدالله هڪ حوالي سان صوفي هو ۽ صوفي شاعريءَ مان لطف ماڻيندو هو.

الاهي بخش سومرو: عبدالله! تنهنجي غيرحاضري کٽڪي ٿي ۽ اهو لکڻ انتهائي پيڙا ڀريو آهي. آءٌ اڃان تائين اهڙي ڪنهن شخص سان نہ ملي سگهيو آهيان جنهن وٽ تو لاءِ موهہ ۽ محبت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ هجي.

سيد غوث علي شاهہ: مون وٽ عبدالله جي ميمڻ جون ڪيتريون

ني ساروٽيون آهن جيڪي آءُ پنهنجو خزانو ٿو ليکيان ۽ چاهيان ٿو تہ اهي ريڪارڊ تي هجن. آءُ اهي لکڻ چاهيندس تہ جيئن سندس دوست، مٽ مائٽ، ساٿي، همعصر ۽ عام ماڻهو انهيءَ عظيم شخص بابت چاٽي سگهن جنهن پنهنجو پاڻ کي هين تي ڪڏهن بہ مسلط نہ ڪيو ۽ هڪ عام ماڻهوءَ طور سڃاڻپ کي ترجيع ڏنائين. سندس صفتون ايندڙ نسلن لاءِ سونهون ثابت ٿينديون. ملڪ ۽ پنهنجي صوبي جي انتهائي ارپنا، ايمانداري ۽ وابستگيءَ سان سيوا ڪندڙ هڪ شخص جي پيار، خدمت ۽ انسان دوست تصورن کان محروم ٿيڻ پاڪستان ۽ سنڌ لاءِ وڏو نقصان آهي. زندگيءَ ڏانهن سندس ورتاءُ بابت ڪو شڪ ناهي. هو ذات، نسل يا مذهب جي ڪنهن مت ڀيد کان سواءِ ڪيترن ئي ماڻهن جو واهرو هو.

آفتاب احمد شيخ: هو جديد ۽ مادي قدرن جي ابتڙ نج ۽ ڪامل ڪرداري گڻن جو مالڪ هو. عبدالله جي ميمڻ جهڙا انسان هن دور ۾ اڻلڀ ٿين ٿا. هو دوستاڻي ۽ خوش مزاج ورتاءُ سان انتهائي پيارو ماڻهو هو. سدائين مرڪندو رهندو هو. هو انتهائي اورچائپ سان ڳالهہ ٻڌندو ۽ مناسب طور تي صلاح ڏيندو هو. حالتن، قوتن ۽ ڏکيائين کان نہ گهبرائيندي هن پنهنجي راهہ ڪڍڻ لاءِ سدائين جدوجهد ڪئي. ڏکيائين کي مستقل مزاجي ۽ سهپ، سورهيائپ ۽ ذهني چستيءَ سان منهن ڏيڻ تي سندس بدترين مخالف بہ سندس ساراهہ کان نٽا رهي سگهن. انصاف ۽ درست وهنوار سندس اڻ ٽٽ جز هئا.

جمال ابڙو: منجهس هڪ قسم جي چائي چم کان عظمت موجود هئي. عبدالله جي ميمڻ پنهنجي ماتحتن، ايسٽائين جو ڪلرڪن، نوڪرن ۽ پٽيوالن سان بہ پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين وانگر ورتاءُ تي رکيو ۽ ڪين شهزادا ۽ سهڻا چئي مخاطب ٿيندو هو. موت ۾ هنن ڪنهن بزرگ طور سندس احترام ڪندي سندس ڳالهہ تي مچي.

محمد ابراهيم جويو: آءُ عبدالله جي ميمڻ کي هڪ خاموش طبع، نماڻي ۽ انتهائي شاندار اسڪولي ٻار طور سڃاڻندو هئس جنهن کي سندس چاچي مولابخش1947ع ڌاري سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ پاڻ سان گڏ آندو هو جتي آءُ ماستر هئس.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي: هو شاندار جمالياتي حس جو مالڪ ۽ فطرت جو هڪ انتهائي شيدائي هو جنهن ڊونگيءَ وانگر ڪڏهن ٻہ ورتاءُ نہ ڪيو. هو چرچائي ۽ پرتپاڪ شخص هو جيڪو چاپلوسي ۽ پاڻ پڏائڻ کان چڙندو هو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا: سنڌ ڪيترن ئي عظيم ماڻهن کي جنم ڏنو آهي. انهن مان ڪيترائي سنڌي معاشري ۾ ايترا ناميارا آهن جو ڪين ڪنهن تعارف جي ضرورت نٿي رهي. عبدالله جي ميمڻ بہ اهڙين شخصيتن مان هڪ هو. سنڌ واسي اهڙي ايماندار ۽ سچيت شخص کي ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: عبدالله جي ميمڻ هڪ مختلف لياقت رکندڙ ڪامورو هو. هو باضمير ۽ باهمت هو ۽ ڪامورا شاهيءَ واري روائت پٽاندڙ راڄ ڪرڻ بدران ماڻهن جي خدمت ڪرڻ تي چاهيائين. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر طور، انتهائي قابل احترام ٻڌجي ويو جڏهن سياسي دٻاءُ آڏو نہ جهڪندي، اصولن تي بيهي هڪ معصوم شخص کي گرفتار ڪرڻ کان نابري واريائين. کيس حيدرآباد کان بدلي ڪيو ويو ۽ اوچي ڳاٽ سان اتان ويو. هو باضمير ۽ باهمت شخص هو.

طفيل احمد:... نوجوانن ۽ وڏي ڄمار ورن سميت هر ڪنهن لاءِ سادگي، نهٺائي، ايمانداري، فياضي، رحمدلي، مهمانوازي ۽ دل جي گهراين سان پنهنجائپ جو اظهار. پر سندس سڀ کان وڏيڪ ڳڻ جهڙو ڳڻ زندگيءَ مان اطمينان جو احساس هئڻ هو، جيڪو منجهس زندگيءَ طرفان آڇيل سٺي ۽ خراب ٻنهي جي حقيقت پسنديءَ واري ادراڪ سان نسريو هو.

سيد روشن ضمير: عبدالله جون حاصلاتون سخت محنت ۽ نهٺائي ذريعي حاصل ٿيون. سندس شخصيت جو اهم پهلو سندس نهٺائي هو. کيس سنگيت ۽ ٻارن سان خاص لڳاءُ هو. سندس مخصوص ٽهڪ هنا جيڪي گهرائپ، گونج ۽ خوشيءَ ڀريا هوندا هئا.

آغا شهاب الدين: هو ڄاڻ ۽ ادب جو طالب هو. هو غريبن جي ڀلائي ۽ بهتريءَ بابت انتهائي پرامید هو ۽ شيلي وانگر ويساهہ هئس تہ

جيڪڏهن سيارو اچي پهچي ٿو ته بهار ڪو گهڻو پري ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟.

عبدالغفار سومرو: ڪانئس واقف ان ڳالهه سان ضرور سهمت ٿيندا ته هن سول سروس اڪيڊميءَ جي چيف صلاحڪار پروفيسر رالف برائبينٽيءَ جي بيان ڪيل صفتن ڪي پنهنجي ذات ۾ سمويو هو ته سرڪاري عملدار انسانيت يا کهل، ڏاهپ جو هڪ اعليٰ مظاهرو، آزادانو راستبازيءَ جي همت ۽ نظم وضبط جي انتهائي احساس تي ٻڌل قابليت جو مظهر هئڻ گهرجي.

ايم بي عباسي: هو پنهنجي نقط نظر تي پير کوڙي بيهڻ وارو شخص هو ۽ ماڻهن کان مليل مجتا کان گهڻو پلو انسان هو. منجهس هڪ اندر جو انسان هو جيڪو مڪمل طور تي بيدار هو ۽ ڪيس عارضي لاڀ آڏو جهڪڻ کان روڪيندو رهيو. هن ڪڏهن به ڪو ڊونگ نه ڪيو، هو سدائين هڪجهڙو رهندڙ انسان هو ۽ منجهس ڪا ٻيائي نه هئي. جنهن شعبي سان سندس تعلق هو، سو سندس ڪٽنب جو پاڳ ڪولي پئي سگهيو پر هن مادي هرک کان پرپرو رهڻ کي ترجيع ڏني. هن بي ثبات گٽڻ ۾ يقين نٿي ڪيو جهڙي ريت اسان مان گهڻا ڪن ٿا. زندگيءَ ۾ انيڪ وهمن ۽ نظرين سان واسطو پيس پر پنهنجي مقصدن ۾ چٽو هو ۽ ڪنهن به ريت مڪاريءَ سان اوچائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪا نه ڪيائين. پنهنجي ڀائرن ۽ مٽن مائٽن ۾ ڪڏهن به حرص ۽ لالچ پئدا نه ڪيائين ان هوندي به هو سندن اينٽروٽي ويجهو هو جيترا هو ڪيس هئا. هو سدائين رعب تاب کان پاسو ڪندو رهيو. هن پنهنجو پاڻ ڪي ڪڏهن به اقتداري ايوانن ڏانهن نه ڏڪيو.

جي ڊي ميمڻ: منجهس دل ۽ دماغ جي گٽن ڪي سرتال ۾ ڏٺم. اهل ۽ اعتقاد جوڳو هوندي، عبدالله پنهنجو پاڻ کي هڪ باضمير، ايماندار ۽ انتهائي ضابطي وارو مالياتي آفيسر ثابت ڪيو.

علي محمد جي شيخ: عبدالله جي ميمڻ هڪ شاندار انسان ۽ هڪ غير معمولي منتظر جي صفتن جو مرقع هو. سول سروس ۾، هو محنتي، ڪم ونندڙ، سٺو منصوبي ساز ۽ نتيجا حاصل ڪندڙ آفيسر

ليکيو ٿي ويو. هو انهن ٿورڙن ماڻهن مان هو جن کي بحث مباحثو ڪندي پنهنجي ڳالهه رکندڙ سڌي سگهجي ٿو.

رسول بخش بلوچ: هو نه رڳو هڪ سخت، مستقل مزاج، همت ڀريو ۽ بااصول منتظم هو پر هڪ انتهائي ڪل مک، ٻاجهارو، دوستاڻو ۽ ادبي ذوق رکندڙ پڻ هو. خراب صحت جي دٻاءَ ۾ به پنهنجي خوش مزاجي ڪڏهن نه وڃايائين. هو هڪ سخت، باصلاحيت، اثرائتي، ذميوار عملدار طور چاتو سڃاتو ويندو هو جنهن پنهنجي اصولن تي ڪڏهن به ٺاهه نه ڪيو.

محمد ظفر الله خان: پنهنجي ملاقاتين لاءِ سندس کل مک چهرو ۽ سنڌيءَ روائتي پليکار سان سندس چهري تي آيل آدرڀاءُ ڪندڙ مرڪ سندس دوستن ۽ گهٽگهرن لاءِ عبدالله جو ڪڏهن به وساري نه سگهجندڙ ورثو آهي. اهو يقين ڪرڻ انتهائي ڏکيو آهي ته سندس زندگيءَ سان ڀرپور موجودگي هاڻ باقي نه رهي آهي.

خالد سعيد: هن ساڻس ملندڙ سمورن ماڻهن لاءِ غيرمعمولي ٻاجهه ۽ موهه جو مظاهرو ٿي ڪيو. هو هڪ غير معمولي ٻاجهارو، نرم گو ۽ رحمدل شخص هو جنهن جي ايمانداري ۽ سڌو سنواٽو هئڻ ڪيس ٻين کان مختلف ٿي بڻايو. سندس دل جي گهراين مان ٿيندڙ ٽهڪن ۽ جوش ڀريل ڳالهين کان اسين سدائين لاءِ محروم ٿي ويا آهيون.

اي اين جي عباسي: آءُ عبدالله کي ٽيهن سالن کان سڃاڻندو هئس ۽ پنهنجي قريبي دوست ۽ هڪ ساٿيءَ طور ساڻس تعلق جي يادگيرين کي من ۾ سانڍيندو ٿو رهان. هو سنڌ جي پيدا ڪيل بهترين منتظمين مان هڪ هو ۽ هر عهدي تي بهترين انداز ۾ ڪم ڪيائين.

شيخ عبدالرشيد: هو موهيندڙ عادتن وارو هڪ انتهائي سٺو دوست هو. شاعري، سنگيت ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ دلچسپي رکندڙ هو. هو حقيقي طور تي گرمجوش دل جو مالڪ هو ۽ سندس سوچ هر حوالي سان پراميد ۽ بهتري پسند هئي. هو معتدل دماغ رکندڙ شخص هو ۽ زندگيءَ کي پنهنجي نظرن سان ڏٺائين. پنهنجي چوڌاري ٿيندڙ سموري اٿل پٿل ۾ دلچسپي ٿي ورتائين. هن پنهنجي دوستن لاءِ وقت ٿي ڪڍيو

۽ سندن خيال تي رکيائين. هو سچ پچ، جيئن دنيا کي نظر ٿي آيو تيئن هو ۽، ڪنهن لڪ لڪاءَ کان سواءِ هڪ کليل ڪتاب هو.

امتياز رسول: هو دل ۽ دماغ کي ٺهڪائي هلندڙ هڪ خوشگوار شخصيت هو.

امتياز قاضي: سندس ڏڏڪيدار آواز ۽ دل جي گهراين مان ڦٽندڙ ٽهڪ هاڻ ٻڌڻ ۾ نہ ايندا. اسين سندس پنهنجائپ ۽ خوشي گفتاريءَ جي کوٽ محسوس ڪندا رهنداسين. هن ملڪ جي سول سروس هڪ رهبر، سندس ساٿين ۽ گهڻگهرن هڪ آدرشي ڪردار ۽ سونهون وڃايو آهي. هو سرڪاري عملدارن جي تيزيءَ سان ميسارجندڙ خلق مان هڪ هو جنهن راستبازيءَ ۽ اخلاقي ورثاءُ جا اعليٰ معيار قائم ڪيا.

ڊاڪٽر محمد سچڻ ميمڻ: جيتوڻيڪ اهو مڃڻ ڏکيو آهي تہ هو اسان کي ڇڏي ويو آهي، تنهن هوندي بہ اسين پاڻ وٽ ڇڏيل سندس ساروڻين کي ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهون. هو انتهائي حليم ۽ خوش اخلاق شخص هو.

امتياز شيخ: سندس مرڪ پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيندڙ هئي. اها ماءُ جي هنج ۾ سرهائيءَ وچان ڪيڏيندڙ ڪنهن ٻار جهڙي معصوم هئي. هو موهيندڙ ڪردار جو مالڪ هو ۽ اسان جي پهرين ملاقات تي سندس شخصيت جي چوڌاري هڪ مقناطيسي دائرو محسوس ڪيم، ان هڪ اهڙو تاثر قائم ڪيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين انتهائي سگهارو بڻيل آهي.

ارشاد احمد حقاني: هو هڪ انتهائي حليم، بااصول، پڇي راس ٿيل، مهذب ۽ شفاف شخص هو. هن برجستو ٿي ڳالهايو ۽ سندس ڳالهايل هر لفظ زندگي ۽ دنياوي معاملن جي قدرن بابت سندس ادراڪ جو مظهر هو.

ميان طيب حسن: گڏجي ڪم ڪندڙ ساٿيءَ طور مون سندس آزاديءَ کي ساراهيو ٿي ۽ هڪ دوست طور پنهنجي لاءِ سندس پنهنجائپ جو قدر ٿي ڪيم. هن متعلق منهنجون يادگيريون سدائين قائم رهنديون، خاص طور تي غير معمولي راستبازي ۽ ذهانت واري صلاحيت سان ڀرپور هڪ غيرمعمولي شخص طور جنهن جو ثاني ملڻ محال آهي.

ايس اين عباسي: هڪ ڪارائتو منتظم، هڪ دانشور، هڪ ايماندار شخص، دوستن جو دوست ۽ سڀ ڪان وڌيڪ هڪ انسان جنهن پنهنجي اندر ۾ پيار، پاڻپي ۽ ٻين لاءِ احترام جا گڻ پندا ڪيا.

هاڻ اچو ته پاڪستان کي درپيش ڪجھ اهم مسئلن بابت سنڌس ويچارن ۽ انهن جي مستقل، پائيدار ۽ انصاف ڀرني حل واسطي سنڌس تجزين ۽ خيالن جو جائزو وٺون. سنڌس ادراڪ، واضع ۽ سادن تجزين، منطقي ۽ عملي حل لاڳو ڪرڻ لاءِ هڪ بي غرض همت جي ضرورت آهي.

هيٺيان پيراگراف عبدالله جي ميمڻ جا پنهنجا لفظ آهن جيڪي مختلف اخبارن ۾ شائع ٿيل سنڌس مضمونن تان کنيا ويا آهن.

عدليہ

اعليٰ عدالتن جي ججن جي مقرريءَ واري اختيار جي ڏس ۾، سپريم ڪورٽ جو مختصر حڪمنامو ڏوررس نظر تو اچي. پر آئيني ترميمن وارو رستو انهيءَ جهنجهٽ مان نڪرڻ جو پڻ هڪ ڏگ تو ٻڌائي. اسان جي ملڪ ۾ عدالتي مقررين جي تاريخ کي مدنظر رکندي، پارليامنٽ جي ميمبرن جي ڪميٽيءَ طرفان اعليٰ نامزدگين جي تصديق واري متبادل تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي ضرورت آهي. (پوءِ ڀل اهڙي ڪميٽي سمورين ڪورٽن لاءِ هجي يا وفاقي سطح تي سپريم ڪورٽ لاءِ ۽ صوبائي سطح تي هاءِ ڪورٽن لاءِ).

عدليہ تان سمورا پنجوڙ هٽائڻ لاءِ اعليٰ عدالتن کي مالياتي خودمختياري پڻ آئيني پيڪيج ۾ شامل هئڻ گهرجي.

جمهوريت

پارليامنٽ جي مڪمل خودمختياري ۽ بالادستي بحال ڪرڻ هڪ اهم ضرورت آهي. ان ۾ ٻين ڳالهين سان گڏوگڏ ائين ترمير جو خاتمو ۽ بچاءُ واري بجيٽ ۽ پرڏيهي پاليسيءَ تي وڌيڪ بامعني ڪنٽرول پڻ شامل آهن. سڄي صوبي کي هڪ تڪ ٻٽائي سينيٽرن جي سڌي سنئين

چونڊ واري متبادل تي ويچارڻ لاءِ بہ هي مناسب وقت آهي. اسان کي ضمير جي آزادي يا فيصلي ڪرڻ جي آزاديءَ کي نهوڙڻ کان سواءِ آئيني شقن ذريعي فلور ڪراسنگ کي اثرانتي طور چڪاسڻ جي پڻ ضرورت آهي. هن وقت تائين اسان جي ڏڪوئيندڙ تجربي کي مدنظر رکندي، اليڪشن ڪميشن ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر کي پارليامنٽ ذريعي مقرر ڪرڻ واري سرشتي ڏانهن وڃڻ انتهائي اٽڙ ٿو لڳي. ان کان سواءِ آزاد، شفاف ۽ غيرجانبدار چونڊ جي خاطريءَ واسطي ڪين مڪمل طور تي بااختيار ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي.

حڪمراني

آئيني تبديلين ذريعي بامعني مالياتي ۽ مالي خودمختياريءَ سميت اختيارن جي صوبن ۽ مڪاني ادارن ڏانهن منتقلي عرصي کان گهربل ٿي لڳي. اهو1950ع واري ڏهاڪي کان اسان جي پنهنجي تجربي ۽ جديد عالمي لاڙن مان پڻ تسليم ٿو ٿئي. اهم شهري مرڪزن لاءِ خودمختيار ۽ پاڻ پري شهري حڪومت واري اهم معاملي کي بہ ترجيحي اهميت ملڻ گهرجي.

سول سروس

هڪ ڦڏائي جماعتي بنيادن واري جمهوري وهنوار ۾ مخالفن کي ڏاڍاين ۽ زيادتين کان بچائڻ واسطي هڪ غيرجانبدار انتظاميا انتهائي ضروري آهي. اسان وٽ اهڙو ادارو هو پر آزاديءَ کان سنت پوءِ ان ۾ ابتري اچڻ شروع ٿي. سرڪاري عملدارن کان آئيني تحفظ هٽائڻ تي ان عمل ۾ تيزي آئي ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڪردار کي محدود ۽ مڏو ڪيو ويو. رياست جي ملازمن لاءِ آئيني تحفظ ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جهڙا ادارا جن پنهنجي وجود ۽ اختيار کي سڌو سنئون آئين مان ٿي حاصل ڪيو، تن جو اصل مقام بحال ڪيو وڃي تہ جيئن شهري انتظاميا جي غيرجانبداري ۽ اهليت جي بنياد تي پرتي ۽ ترقيءَ کي يقيني بڻائي سگهجي، ان سان گڏوگڏ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي ڪميشن جي

سربراهن ۽ ميمبرن جي مقرريءَ جي پارلياماني يا اسيمبلي ڪميٽين وٽان تصديق ڪي پڻ يقيني بڻايو وڃي.

اسان کي آئيني تحفظ ماٽيل هڪ آزاد، ايماندار، باصلاحيت ۽ غيرجانبدار اندروني روينيو ۽ ڪسٽمس سروس جي بہ اشد ضرورت آهي. ان ۾ پارلياماني تصديق واري سرشتي ذريعي ان جي سربراهہ جي مقرري شامل آهي. ساڳيءَ ريت اسان کي مالياتي ۽ قرضن بابت پاليسين کي اثرائتي طور لاڳو ڪرڻ واسطي هڪ حقيقي خودمختيار اسٽيٽ بينڪ جي پڻ ضرورت آهي. ان ۾ آئيني تحفظ جوشرط لاڳو ٿئي ٿو.

بدعنواني

اڄ بدعنواني اهڙي سطح تي پهچي چڪي آهي جو رياستي مشنيريءَ جي وجود بابت شڪ ٿا پئدا ٿين. جيتوڻيڪ اهو مسئلو ڪيترين ئي سطحن تي لاڳيتي پرچار جو گهرجائو آهي پر ڪي آئيني اپاءُ مفيد نتيجا ڏئي سگهن ٿا. پارلياماني ڪميٽيون مالياتي ادارن طرفان قرض ڏيڻ ۽ واپس وٺڻ، مختلف نفعي وارن ٺيڪن ۽ پرمٽن جي جاري ٿيڻ ۽ سمورن سول ۽ فوجي ٺيڪن جي جاري ٿيڻ جي نظرداري ڪن. هيو متبادل اهو ٿي سگهي ٿو تہ اهي ڪم ڪرڻ واسطي اسان وٽ آئيني تحفظ هيٺ آزاد ۽ خودمختيار ڪميشن هئڻ گهرجن. اهو عمل ڪيترين ئي ڳڙڪيون بند ڪندو ۽ جوڙ توڙ جا امڪان گهٽائيندو. ان سان گڏوگڏ آئيني شقن ذريعي ڪن ضابطن ڪان آجپو ۽ عدم مرڪزيت پڻ ڪيترائي پنجوڙ ٽوڙي سگهن ٿا.

پوليس

پوليس جو هاڻوڪو نظام شهرين جي زندگي، آزادي، ملڪيت ۽ عزت جي تحفظ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿيو آهي. موجود پوليس کاتي ۽ ٻين اتحادي ادارن کي ختم ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي. اسان کي مڪمل طور تي نيون فورسز تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي

جيڪي هڪ پاسي ڪمانڊ ڍانچي سان سياسي مداخلت جا سمورا دڳ بند ڪن تہ ٻئي پاسي انتظامي حوالن سان گهرو ڪاتن جي وزيرن ۽ قانوني حوالن سان عدليہ ڏانهن مڪمل طور تي جوابده ڪمانڊر پيدا ڪن. امريڪي طرز تي ضلعي ڪارندن يا فرانسيسي ۽ اطالوي طرز تي جاچ ڪندڙ منجسٽريٽن واري سرشتي جي گهري ۽ ٻي ريا مشاهدي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سڌسماءُ

سڌسماءُ جي آزادي ڪنهن جمهوري سرشتي لاءِ رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت جيان آهي. اسان جي ثقافتي روائتن ۽ ماضيءَ جي انتظامي قدمن کي مدنظر رکندي اخبارن کي سرڪاري اشتهار وفاقي ۽ صوبائي سطح تي پارلياماني ۽ اسيمبلي ڪميٽين ذريعي ضابطا جوڙي جاري ڪرڻ گهرجن. ان سان گڏوگڏ پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن ۽ پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن کي بہ آئيني تحفظ ڏيڻ جي ضرورت آهي. انهن ٻنهي ادارن جي ڊائريڪٽرن وارن بورڊن جا سربراهہ ۽ ميمبر پارلياماني تصديق واري سرشتي ذريعي مقرر ٿيڻ گهرجن. انهن ٻنهي ادارن جي بجيٽ ۽ پاليسي وارن معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ پارلياماني اسٽينڊنگ ڪميٽي پڻ هئڻ گهرجي.

زرعي سڌارا

وچولي طبقي ۽ ترقي پسند عنصرن ۾ زرعي زمين جي مالڪيءَ واري انداز (جنهن کي غلط طور تي جاگيرداري تو سڏيو وڃي) خلاف انتهائي سخت احساس ملي ٿو. اهي ان کي معاشري جي ڪيترين ئي سماجي، معاشي ۽ سياسي خرابين جو بنيادي سبب ليکين ٿا. ان ڪري زمين جي مالڪيءَ واري انداز جي آئيندي بابت ڪو فيصلو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اسين هاڻوڪو سرشتو ختم ڪرڻ چاهيون ٿا تہ پوءِ اهو ان طريقي سان ڪرڻو پوندو جو ان سان ڳوٺاڻي آباديءَ کي حقيقي معاشي ۽ ثقافتي آزادي ۽ لاڀ تہ حاصل ٿئي پر زرعي واڌ ويجهہ جو وهنوار متاثر

نہ ٿئي جيڪو قومي معاشي پاڻ پرائپ جي سمورين ڪوششن جو بڻ بنياد آهي.

ڪالاباغ ڊيم

اهڙن معاملن جا فيصلا ڪرڻ ۾ هڪجهڙي ڳالهہ اها مدنظر رکي ويندي آهي تہ ڪوبہ هڪ ملڪ يا رياستون ڪنهن اهڙي دريا جي پاڻيءَ بابت پنهنجي سر فيصلو نہ ڪندا آهن جيڪو ٻن يا وڌيڪ ملڪن يا رياستن مان لنگهندو هجي. اهي فيصلا برطانوي عمومي قانون تي ٻڌل آهن تہ دريا جي مٿين پاسي وارا پڇڙيءَ وارن جي مرضيءَ کان سواءِ ڪنهن گڏيل دريا جي وهڪري سان هٿ چراند نٿا ڪري سگهن. انهيءَ جي روشنيءَ ۾ ڏسندي اهو چٽي ريت واضع آهي تہ ڪالاباغ ڊيم بابت چئني وفاقي يونٽن ۾ يڪرائپ حاصل ڪرڻ نہ رڳو سياسي ۽ اخلاقي حوالن کان پر قانوني طور تي پڻ ضروري آهي.

سنڌ

انهيءَ تڪراري انداز جا سڀ کان وڌيڪ اياڻو شڪار جاچ لهڻ جو جذبو ۽ معروضيت آهن. سچائي ۽ حقيقتون يتيم ٻڻجي ويا آهن، ٻنهي پاسي اڄ جانبدار رخ ۽ پنهنجو پاڻ کي لاپ رسائيندڙ قصا دادلا ٻڻجي ويا آهن. ڏرين طرفان پنهنجي حمائت ۽ مخالفن جي مخالفتن ۾ پيش ٿيندڙ دليلن کي غور سان ڏسبو تہ جڻ هنن طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ نوان ۽ پراڻا سنڌي اڄ تہ ڇا مستقبل ۾ بہ ڪڏهن گڏ نٿا رهي سگهن. اهو زور ڏئي چاٺاڻ گهرجي تہ اهو نام نهاد نتيجو غلط ۽ حقيقت جي بنهہ ابتڙ آهي. اهو مصلحت پسندي ۽ ڪوتاهہ نظريءَ آڏو جهڪڻ آهي.

عبدالله جي ميمڻ وٽ سپنا ڏسڻ جي همت هئي. سهڻس دوستن ۽ گهٽگهرن کي آءُ ايترو ئي چئي سگهان ٿو تہ ساڻس تعلق ۾ رهڻ هنن لاءِ سڀاڳو هو ۽ اهڙي شاندار انسان واسطي احساسن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ سان ڪين سڪون ملندو. اڄو تہ ڪيس هن نظر ذريعي خراج تحسين پيش

ڪريون. اهڙي شخص کي هيٺين نظم واري انداز ۾ ٿي خراج پيش ڪري سگهجي ٿو:

"ڪنهن وقت روشنيءَ جو محور،
هاڻ منهنجي نيڻن کان اوجهل آهي
جيتوڻيڪ ڪوبه امر باغ جو حسن،
۽ گل جي ڪوملتا موٽائي نٿو سگهي
پر اسين پڇتاءُ بدران ڳوليندا سين
سندس پويان رهجي ويل توانائي ۽ سونهن
ان سچي پچي همدرديءَ منجھ
انسان جي دردن سان ڦٽندڙ ويچارن ۾
ان ويساهه ۾ جيڪو موت کان اڳتي پروڙي ٿو
انهن جڳن ۾ جيڪي ڏاهپ جا امين آهن
ووڊس ورٿ

گڏريل يادگاري گڏجاڻيءَ جون جهلڪيون

رشيد چنا

چوٿين مئي 2003ع تي عبدالله جي ميمڻ جي وفات کان ڪو ٽي مهينا پوءِ" عبدالله ميمڻ جي سنگتين" طرفان هوٽل ريجنٽ پلازا ڪراچيءَ ۾ هڪ يادگاري گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. اها گڏجاڻي هڪ وڏو شاهي اجتماع ثابت ٿي. دعوت ملڻ يا نہ ملڻ جي باوجود سوين ماڻهو ان ۾ شريڪ ٿيا. جن ماڻهن کي ويهڻ لاءِ جاءِ نہ ملي سگهي سي بيٺي ئي ڪلاڪن جا ڪلاڪ عبدالله جي ميمڻ کي پيش ٿيندڙ خراج پريون تقريرون ٻڌندا رهيا.

ان گڏجاڻيءَ جي صدارت سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس سيد سجاد علي شاھ ڪئي، جڏهن تہ ڪارروائي اطلاعات کاتي جي موهيندڙ سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشديءَ هلائي. تقريرون ڪندڙن ۾ آغا شهاب الدين، ايم ايچ پنهور، محمد ابراهيم جويو، ريٽائرڊ ميجر جنرل ازهير محمد خان، رسول بخش پليجو، انعام الحق، سينيٽر نثار احمد ميمڻ، گورنر اسٽيٽ بينڪ عشرت حسين، جسٽس سجاد علي شاھ، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر مظهر الحق صديقي شامل هئا.

انهيءَ گڏجاڻي جي مختصر روئداد هت ڏجي ٿي:

قرآن پاڪ جي تلاوت کان پوءِ سنڌ حڪومت جي اڳوڻي سيڪريٽري ۽ آرگنائزنگ ڪميٽيءَ جي هڪ اهم رڪن آغا شهاب الدين مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو. هن حاضرين کي ڪميٽيءَ طرفان اها گڏجاڻي منعقد ڪرڻ ۽

ڪتاب جي اشاعت جي حوالي سان ڪيل ڪوشش کان واقف ڪيو. عبدالله جي ميمڻ کي انتهائي خراج پيش ڪندي هن چيو ته مرحوم عبدالله ميمڻ هڪ ادلرو هو، هڪ اهڙو ايماندار ۽ راستباز شخص هو جنهن ۾ غير قانوني حڪم مڃڻ کان انڪار ڪرڻ جو حوصلو هو. سندس مختصر ڪتب هو پر سندس دوستن ۽ گهڻگهرن جو هڪ وسيع حلقو موجود هو. هن تجويز ڏني ته سنڌ حڪومت جو ڪو کاتو يا ڪا يونيورسٽي پنهنجي نوڪريءَ دوران عبدالله جي ميمڻ طرفان ڪيل سموري سرڪاري لکپڙهه خاص طور تي فائلن تي لکيل نوٽ، عدالتي فيصلا ۽ سمريون سهيڙي ۽ انهن جو تجزيو ڪري، جيڪو عمل نوجوان منتظمين لاءِ انتهائي لاياڻتو ثابت ٿي سگهي ٿو. هن حاضرين کي به درخواست ڪئي ته هو مرحوم عبدالله جي ميمڻ جي ياد برقرار رکڻ واسطي ڪميٽيءَ کي مشورا ڏين.

ان کان پوءِ مومل آفتاب ڪتاب " عبدالله جي ميمڻ: حياتيءَ کان به عظيم شخص "عبدالله جي ميمڻ جي گهر واريءَ کي پيش ڪيو جنهن ان جو رسمي نماءُ ڪيو.

ان کان پوءِ پريل آولز سان ڳالهائيندي ايم ايچ پنهور وفات کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ عبدالله جي ميمڻ سان ٿيل پنهنجي ملاقات جو حال اوريو. هن هڪ واقعي جو پڻ ذڪر ڪيو، جنهن ثابت ٿي ڪيو ته هو هڪ انتهائي اثرائتو منتظم هو ۽ پنهنجي ماتحتن تي سدائين مڪمل ڪنٽرول رکندو هو. ايم ايچ پنهور عبدالله جي ميمڻ کي انتهائي مذهبي پروڙيو هو.

محمد ابراهيم جويي عبدالله جي ميمڻ سان پنهنجي تعلق بابت ڳالهائيندي سنڌ مدرسي ۾ هڪ ڀار طور سندس داخلا جو ذڪر ڪيو، جتي جويو صاحب استاد هو. اڳتي هلي ڪيس عبدالله جي ميمڻ سان هڪ نوجوان گريجوئيٽ طور ملڻ جو موقعو مليو ۽ ڪيس هڪ وسيع النظر دانشور جو روپ اختيار ڪندي ڏٺائين. پنهنجي سڄي حياتيءَ دوران عبدالله جي ميمڻ هڪ استاد ۽ احسان ڪندڙ طور ابراهيم جويي کي انتهائي مان ڏيندو رهيو. سندس وفات کي هُن انتهائي وڏو نقصان قرار

ڏنو.

ميجر جنرل ريٽائرڊ ازهير محمد خان عبدالله جي ميمڻ کي خراج پيش ڪندي پنهنجي شاديءَ کان فقط ٻه ڏينهن پوءِ اوير پاڪستان ۾ سندس مقرريءَ جي حوالي سان هڪ واقعو ٻڌايو. عبدالله جي ميمڻ دوستن ۽ مٽن مائٽن جي خواهش ۽ مشورن کي هڪ پاسي رکندي امن امان جي حوالي سان انتهائي خطرناڪ علائقي ۾ ڪم ڪرڻ قبوليو، جيڪو پنهنجي ذميواريءَ ڏانهن سندس انتها درجي واري ارپنا جو اظهار آهي.

ان کان پوءِ ڳالهائيندي رسول بخش پليجي چيو ته عبدالله جي ميمڻ سماجي، سياسي، مذهبيءَ، ثقافتي مت ڀيد واري تنگ نظريءَ کان گهڻو مٿاهون هو ۽ آفاقي ڀائپيءَ ۾ يقين رکندڙ هو. هن ساڻس پنهنجي پهرين ملاقات جو ذڪر ڪيو جڏهن1979ع ۾ جنرل ضيا ڪيس جيل ۾ وڌو هو ۽ عبدالله جي ميمڻ حيدرآباد جي ڪمشنر طور جيل جي ماڙيءَ تي ساڻس ملڻ آيو. هن پليجي کي فوجي اختياري وارن طرفان اهو پيغام رسايو ته هو جيڪڏهن سياست ڇڏي ڏئي ته ڪيس آزاد ڪيو ويندو. پليجي انڪار ڪيو پر سندس خيال هو ته هين ڪامورن وانگر عبدالله جي ميمڻ به مٿس اها آڇ قبولڻ لاءِ زور ڀريندو پر ڪيس انتهائي حيرت ٿي جڏهن عبدالله جي ميمڻ ڪا صلاح نه ڏني. هن پنهنجو ڪردار ايمانداريءَ سان پيغام رسائڻ تائين ئي محدود رکيو. ڪجهه سالن کان پوءِ سندن ملاقات ٿي ته عبدالله جي ميمڻ آزاديءَ جي انهيءَ پرواني تي پليجي جي ردعمل کي ساراهيو.

پليجي پنهنجي زندگيءَ ۾ چڱي ريت ٽانيڪن پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جي وڏي تعداد طرفان ان ڳڏجاڻي ۾ شرڪت تي پنهنجي انتهائي اطمينان جو اظهار ڪيو. عبدالله جي ميمڻ کي خراج پيش ڪندي هن چيو ته عبدالله جي ميمڻ هماليه جيڏو بلند هو. هو هڪ بزرگ، پيار، پنهنجائپ ۽ نهٺائي سان ڀرپور هڪ شخص هو. پليجي جي لفظن ۾ هو هڪ اهڙو شخص هو جنهن سان ڳڏجندي، هن ڏانهن نهاريندي اندر جي شانتي محسوس ٿيندي هئي. پنهنجو پاڻ کي خوشنصيب محسوس ڪبو

هو تہ اسين هڪ اهڙي دور ۽ علائقي ۾ موجود آهيون جنهن ۾ عبدالله جي ميمڻ جهڙو شخص پنهنجي سموري ايمانداري، پنهنجي سموري عظمت، پنهنجي سموري نهٺائي ۽ پنهنجي سموري دوستاڻي ورتاءُ سان موجود هو.

اڳوڻي وفاقي سيڪريٽري ۽ عبدالله جي ميمڻ جي هڪ سائي انعام الحق تجويز ڏني تہ مستقبل ۾ عبدالله جي ميمڻ جي ياد کي اثرائتي طور قائم رکڻ لاءِ ڪا يونيورسٽي سندس نالي تي سرڪاري نوڪريءَ جي اخلاقيات تي يادگاري ليڪچرن جو سلسلو قائم ڪري.

پنهنجي فلسفياڻي ۽ شاعراڻي بلاغت ۾ هن انساني زندگيءَ ۾ ساروٽين جي ادا ٿيندڙ ڪردار تي زور ڀريو. نومبر1964ع ۾ عبدالله جي ميمڻ سان پنهنجي پهرين ملاقات وارن ڏينهن کي ياد ڪندي هن چيو تہ آءُ اڄ بہ ڪيس شرارت سان ڀربل نظرن ۽ معني خيز مرڪ سان گنڀير، پُرتعظيم ۽ ڪامل فرد طور ڏسان ٿو.1964ع ۾ سول سروسز اڪيڊمي هنيلي انا رکندڙ فردن سان ڀريل هڪ ماڳ هئي. اسان مان گهڻا سمجهيو ٿي تہ رب اسان کي تخليق ڪندي اسان تي سونو پاڻي چاڙهيو آهي جنهن اسان کي عام ماڻهن کان ڌار ٿي ڪيو. عبدالله جي ميمڻ ان تصور کان بنهہ ڌار هڪ واضع ۽ چٽي سوچ رکندڙ هو. هو نہ رڳو انسان طور برقرار رهيو ۽ پنهنجي شائستگي برقرار رکيائين پر اسان کي بہ اهو ياد ڏياريائين تہ اسين شهري پهرين آهيون ۽ عوامي خدمتگار (Civil Servants) آهيون نہ ڪي آقا.

هو ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو، انتهائي باهمت هو جنهن پنهنجو نقطي نظر بيان ڪرڻ ۽ غريبن ۽ ڏتڙيلن واسطي ڳالهائڻ ۽ نانصافين خلاف وڙهڻ کان ڪڏهن بہ نہ ڪيٻايو. هو انصاف ۽ ايماندارٽي روش سان مڪمل طور تي لاڳاپيل شخص هو. هن نانصافيءَ خلاف هر محاذ تي ويڙهہ تي ڪئي. هو انتهائي خدا ترس اثرائتو ۽ اتساهہ وارو شخص هو. هو طاقتور ترين کان وٺي ڪمزور ترين هر ڪنهن سان نهڪي ٿي آيو. عبدالله جي ميمڻ نقص جي حد تائين ايماندار هو. هڪ بااصول شخص، جنهن ڪڏهن بہ اصولن تي ناهہ نہ ڪيو. هو انتهائي

عقلمند هو. وٽس ويچارن جي چٽائي هئي. منجهس ادراڪي شعور هو ۽ شين کي ڪاملتا ۾ ڏسڻ جو ڏانءُ هئس. هو سول سروس واسطي انتهائي پلو، انتهائي حساس ۽ انتهائي خودمختيار هو. سندس نوڪري ڇڏڻ وارو مامرو سمجهه ۾ اچڻ جوڳو آهي. اهو سول سروس جو انتهائي وڏو نقصان هو پر اهو وسيع تر معاشري لاءِ لاڀائتو هو. هن سيوا ڪرڻ ۽ ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو. ڪيس ڪيترن ئي عهدن جي آڇ ٿي جنهن کي قبولڻ کان نابري واريائين. ان سڄي عرصي دوران سندس ڪٽنب ۽ دوستن ڄاتو ٿي ته هو ڪيترين ئي بيمارين کي همت سان منهن ڏئي رهيو آهي. هن اها پيڙا مات ميٽ ۾ ٿي پوڳي، پنهنجو درد دٻائي هن پنهنجي قوم، پنهنجي صوبي ۽ ان جي ماڻهن جي خدمت وارو سلسلو انتهائي پاڻ ارپنا ۽ دانشمنديءَ سان جاري رکيو. سڄي حياتي هن ساڻس تعلق ۾ ايندڙ سمورن ماڻهن وٽان پنهنجائپ، محبتا ۽ عزت پرائي. اڄ اسين سندس ياد ۾ ساڳي پنهنجائپ، محبتا ۽ احترام سان ملهائي رهيا آهيون. انعام الحق ان موقعي تي لکيل پنهنجو هڪ نظم پڻ پڙهيو، جيڪو هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

عبدالله جي ميمڻ جي سئوٽ سينيٽر نثار احمد ميمڻ شاندار يادگاري گڏجاڻي منعقد ڪرڻ تي پنهنجي طرفان ٿورا مڃيا. عبدالله جي ميمڻ کي خراج پيش ڪندي هن چيو ته هو پاڪستان ۽ سڄي دنيا جو هو. هن زندگيءَ سان پيار ٿي ڪيو ۽ رنگ، نسل، ٻولي، ڄمار، سوچ ڌارا ۽ سماجي تعلق کان مٿيرو ٿي سمورن انسانن جو خيال رکندي ساڻن برابريءَ وارو ورتاءُ ٿي ڪيائين. نثار ميمڻ جي لفظن ۾، سندس شخصيت مان جهڙي ريت اسان سمورن کيس سڄي حياتيءَ دوران ڄاتو، ظاهر ٿئي ٿو ته هن معاشري ۾ مثبت ڪردار ادا ڪندڙ ڪيترين ئي وصفن جي تجليءَ کي پاڻ ۾ سمويو هو جو هو انتهائي قدآور بڻجي ويو. هو اڪثر هين کي چوندو هو. فلاڻا دي گريٽ! ڪيئن آهين. پر اُٰءُ سمجهان ٿو ته هو ان جو ئي اظهار ڪندو رهيو جيڪو اسين اڄ محسوس پيا ڪريون ته هو هين ماڻهن ۾ عظمت ڳولهڻ جي حوالي سان عظيم هو. هو حقيقي طور تي ماڻهن سان لاڳاپيل هو ۽ سدائين ان تي قائم رهيو.

CamScanner

ته توهين پنهنجي حيثيت/ڪيرئير کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سنڌي يا مهاجر يا بنگالي يا پناڻ هئڻ جو ڪتبو استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪندي به زندگيءَ ۾ اعليٰ حيثيتون ماڻي سگهون ٿا. عبدالله جي ميمڻ ان کي پنهنجي سڄي حياتي رد ڪندو رهيو. آءُ سندس زندگيءَ جي 38 سالن جو گواهه آهيان جڏهن ماڻهن ڪيس چيو اسين توکي هي ڏيون ٿا پر توکي هو ڪرڻو پوندو. هن سدائين اهوئي چيو ته آءُ پنهنجي صلاحيتن وسيلي حاصل ڪري وٺندس. وٽس فخر سان اهو چوڻ لاءِ قابليت، سليقو، حاصلاتون ۽ خود اعتمادي ولرا اثاثا هئا ته آءُ سنڌي آفيسر هئڻ جون بيساکيون استعمال ڪرڻ کان سواءِ به سڀ کان مٿين عهدي تائين پهچي سگهان ٿو. اهو آءُ سمجهان ٿو ته عبدالله جي ميمڻ جي زندگيءَ جو هڪ مڃتا لائق مظهر آهي.

پنجين ڏند ڪٿا جيڪا هن ڏوڏي وڏي سا هئي ته پنهنجي ورتاءُ ۾ شفيق ۽ ساڌاراڻ ٿي سگهو ٿا، حاصل اختيارن کي ذهن تي سوار نه ڪندي پنهنجي عهدي جي قوت استعمال نه ڪريو، پوءِ به امن امان جي خطرناڪ صورتحالن کي بهتر بڻائي سگهو ٿا. توهين مولانا پاشانيءَ کي بک هڙتال ختم ڪرڻ لاءِ راضي ڪري سگهو ٿا، ڪاهي ڏر جي شاگرد سان بهتر انداز ۾ ناتا جوڙي سگهو ٿا، مذهبي جماعتن ۽ انهن جي اڳواڻن کي موهي سگهو ٿا، واشنگٽن جي سماجي جيوت جي ڪرتا ڌرتائن ۽ ڪروڙپتين سان ڪلهو ملائي سگهو ٿا. آءُ نٿو سمجهان ته ڪو اسان کي اهڙا گهٽا فرد ملي سگهندا جيڪي اهڙين مختلف ۽ متضاد حالتن واري ماحول ۾ پرسڪون طريقي سان ٺهڪي ايندا. عبدالله جي ميمڻ منير خان يا پاشاني، نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن يا چاترو ليگ سان ڳالهائڻ مهل مڪمل طور تي آسودگي ٿي محسوس ڪئي. هن پنهنجي قوت يا عهدي بدران سهمت بڻائڻ واري پنهنجي خاصيت کي ٿي استعمال ڪيو. آءُ سمجهان ٿو ته اهو فرضي تصور آهي جيئن اسان مان ڪي ڀانئين ٿا ته عهدي جو ڏنڊو ئي معاملن کي ٺاهي سگهي ٿو. درحقيقت توهان جي راستبازي ۽ پاڻ ارپنا جي احساس سان ئي اهو ممڪن آهي. جيئن ته عبدالله جي ميمڻ کي هڪ ايماندار، درست ۽ پاڻ

اصولن تي بيهي سگهو ٿا، پنهنجا اختيار درست ڪم لاءِ استعمال ڪري سگهو ٿا ۽ ڪنهن به دٻاءُ يا غير ضروري اثر هيٺ پنهنجي ڳالهه تان هٽي نٿا سگهو ۽ اوهين انهن ٺي ماڻهن جون دليون ۽ دماغ کٽي سگهو ٿا جيڪي اوهان کي نقصان رسائڻ يا تشدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هجن. عبدالله جي ميمڻ کي انهن ماڻهن ٺي وڏا عهدا آڇيا جيڪي سول سروس ۾ ڪم ڪرڻ دوران سندس رت جا پياسا هئا. قدرت جو زندگيءَ ۾ ٺي اهو پلاند آهي ۽ ان جي ٺي اهميت آهي. جيڪڏهن هو انهن دٻائڻ آڏو گوڏا کوڙي ها ته ڪو سندس ذڪر ٺي نه ڪري ها. هو تاريخ ۾ هڪ وساريل باب بڻجي وڃي ها جيئن ڪيترائي ٻيا سرڪاري عملدار بڻيا آهن جن پنهنجي اصولن ۽ راستبازيءَ تان هٿ ڪنيو ۽ حڪمرانن جي دٻاءُ آڏو گوڏا کوڙيائون. عبدالله جي ميمڻ اهڙو ڪوبه ڪم نه ڪيو ۽ پوءِ به انهن ماڻهن جا دماغ ۽ دليون کٽيائين.

ٽين ڏند ڪٿا جيڪا هن پورا پورا ڪئي سا هئي ته توهين معاشري جي سمورن پرتن غريبن، وچولي طبقي، شاهوڪارن، سيٺين، ڪامورن وغيره سڀني سان تعلق ۾ رهي به عوامي ماڻهو ٿي سگهو ٿا پر اوهان کي اهو فرق رکڻو پوندو ته ڪنهن جي طرفان اوهين مداخلت ڪندا ۽ سفارش ڪندا. عبدالله جي ميمڻ سدائين متيءَ هاڻن لاءِ اڳتي وڌيو انهن ماڻهن لاءِ جن سان سدائين ناانصافي ٿيندي رهي آهي. هن غيرقانوني يا غير مناسب اثر رسوخ لاءِ درخواستن کي سدائين نظر انداز ڪيو. اها اهڙي خاصيت آهي جيڪا ٿورڙن ماڻهن ۾ ٺي ٿئي ٿي. اسان ۾ پاڻ وٽ ايندڙ ڪنهن به شخص لاءِ اهو چاڻڻ ڪان سواءِ ٺي ته سندس ڪم قانوني ۽ ضابطن آهر به آهي، مداخلت ڪرڻ جو لاڙو آهي، اسين فون کڻي سفارشون ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. عبدالله جي ميمڻ کي اهو اعزاز حاصل هو ته هن سدائين ڏتڙيلن ۽ ناانصافيءَ جي شڪار ٿيلن لاءِ انتهائي سگهه سان مداخلت ٿي ڪئي. آءُ ڪيترن ٺي اهڙن موقعن جو گواهه آهيان جڏهن هن انتهائي بااثر ماڻهن طرفان غيرمناسب رعائت ڏيڻ وارين درخواستن ڪان شائستگي ۽ نماڻائي سان معذرت ٿي ڪئي.

جوٿين ڏند ڪٿا، جيڪا منهنجي خيال ۾ انتهائي اهم آهي، سا آهي

جڏهن وفاقي وزير بڻيو ته وزيراعظم کي اچي قبر واري علائقي ۾ صديق حلوائي وٽ حلوو پوري ڪارائڻ لاءِ وٺي ويو. منجهس بناوٽي ڏيکاءُ نه هو؟ جهڙيءَ ريت اسان مان گهڻن ۾ آهي. ماڻهن سان هلت چلت ۾، ۽ پنهنجي ڪردار ۾ هو انتهائي ڪليل ۽ شفاف شخص هو. سڀ ڪان وڌيڪ ته مون ڪيس هڪ سچي پچي ويڙهاڪ طور پروڙيو. لڳي ٿو ته هن پنهنجي ٻالڪپڻي وارن جهيڙن کي پاڪستان واسين لاءِ ويڙهاند، راستبازيءَ لاءِ ويڙهاند، سڀني واسطي انصاف لاءِ ويڙهاند ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. ڪيس اختيارن جي زور تي جهڪائڻ ناممڪن هو. هو پنهنجي ضمير جي چوڻ تي ئي هلندو رهيو. هو ڪو غريب ماڻهو نه هو جهڙي ريت چيو ويندو آهي. درحقيقت هو تمام گهڻو شاهوڪار هو. شاهوڪار ويچار ڌارا ۾، شاهوڪار دوستن ڪري، شاهوڪار ڪردار ۾ اهائي سگهه هئي جنهن جو اسان سڀني عبدالله جي ميمڻ ۾ مشاهدو ڪيو.

اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين ان پروگرام جي منتظمين کي سندن ڪاوشن تي مبارڪباد ڏني. هن چيو ته جيڪڏهن اها گڏجاڻي حيدرآباد يا اڳوڻي اوير پاڪستان جي ڪنهن اهڙي علائقي ۾ ٿئي ها جتي عبدالله جي ميمڻ ڪم ڪيو هو ته، ماڻهو سندس محبتا واسطي انبوهه جي صورت ۾ اچي گڏ ٿين ها. هن لاءِ عبدالله جي ميمڻ رڳو بيچ ميٽ ئي نه پر38 سالن تائين رهندڙ هڪ بااعتماد ساٿي ۽ دوست پڻ هو. سندس موت هن لاءِ هڪ ذاتي نقصان آهي. عبدالله جي ميمڻ کي خراج پيش ڪرڻ جو بهترين رستو اهو آهي ته عبدالله طرفان عوامي تصور ۾ موجود ڪجهه ڏند ڪٿائن کي پڇي پورا ڪرڻ کي وضاحت سان پيش ڪجي. اها ايندڙ نسل واسطي هڪ انتهائي وڏي خدمت ٿيندي. ڊاڪٽر عشرت حسين جي لفظن ۾ پهرين ڏند ڪٿا اها آهي ته ماڻهو وسيع الدماغ ۽ ڪشاده دل ٿي سگهي ٿو، هو انسانيت پرست ۽ عالمگيريت پرست ٿي سگهي ٿو، نسل، مذهب، قوميت، نسلي ۽ ٻوليوار فرق جون ديوارون ڊاهي سگهي ٿو ۽ ماڻهو معاشري جي سمورن پرتن وٽان عزت ماڻي سگهي ٿو.

ٻي ڏند ڪٿا اها آهي ته اوهين راستباز انسان ٿي سگهو ٿا، پنهنجي

اپيل شخص تي ليکيو ويو، ان ڪري هو امن امان جي انتهائي خراب صورتحال کي بہ ٺيڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجو انفرادي موهہ ۽ سهمت بنائڻ واري خوبي استعمال ڪندو هو. آءٌ 38 سالن واري عرصي ۾ اهڙي ڪنهن شخص سان نہ مليو آهيان، نہ ئي ٻڌو اٿم جنهن عبدالله جي ميمڻ لاءِ ڪو منفي تبصرو ڪيو هجي. اهو هو انسان. آءٌ اهو تہ نہ چوندس تہ ڪو هو فرشتو هو پر هو اصل انسان هو. ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجي صاحبن طرفان ملندڙ غيرقانوني حڪم نہ مڃڻ تي هو ساڻن ٽڪراءُ ۾ تي آيو. انهن ساڳين صاحبن اڳتي هلي پروڙيو تہ هو ڪيترو وڏو نقصان ڪري وڃهن ها ۽ عبدالله جي ميمڻ ايڏي ڪشادي دل جو مالڪ هو جو ڪين وساري ۽ معاف ڪري ٿي ڇڏيائين. اها سندس خوبي هئي ۽ آءٌ سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن اسان جو نئون نسل عبدالله جي ميمڻ جي زندگيءَ مان سکي ٿو تہ اهو ڪيس ۾ سندس ساروڻين کي بهترين خراج هوندو.

پاڪستان جي اڳوڻي چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهہ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ سندس ڀالڪپڻي جو ذڪر ڪيوجڏهن هو پاڙيسري هئا ۽ گڏ وڏيا ويجهيا هئا. عبدالله جي ميمڻ سنڌ چيف ڪورٽ ۾ مترجم ٿيو تہ سجاد علي شاه اتي اڳيئي سينئر مترجم طور موجود هو. ڪيس اتي عبدالله جي ميمڻ جي شخصيت پروڙڻ جو موقعو مليو جيڪو انتهائي نوجوان، تاهوڪو، چڱي شبيهہ وارو، هبڪندڙ، لڄارو پر انتهائي ذهين ۽ محنتي هو.

هڪ ننڍڙي پر اهم واقعي جو ذڪر ڪندي هن ڄاڻايو تہ سندس (سجاد علي شاه) بي اي جو امتحان پاس ڪرڻ واري ڏينهن سندس انيڪ دوستن مان عبدالله جي ميمڻ ئي ڪيس گلن جو هار پارايو هو. سجاد علي شاه کي لنڪن ان ۾ بيرسٽري ڪرڻ دوران گهر ياد اچڻ لڳو ۽ هن موٽي اچڻ ٿي چاهيو. عبدالله جي ميمڻ ڪيس اهو نہ ڪرڻ جي تنبيهہ ڪئي، جنهن اڳتي هلي سجاد علي شاهہ کي پنهنجو ڪيرئير ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي.

سجاد علي شاهہ چيو تہ عبدالله جي ميمڻ جهڙو شخص پنهنجي خداداد صلاحيتن ڪري ڪامورا شاهيءَ بدران عدالتي شعبي لاءِ مناسب ٿي لڳو.

هن تجويز ڏني ته ڪو دوست سندس آتم ڪهاڻي لکي جيڪا نوجوان سرڪاري عملدارن کي اسان جي معاشري ۾ سندس ڪاوشن ۽ خصلتن کان واقف ڪرائيندي.

ان کان پوءِ سمورا حاضرين قاضي محمد اسماعيل جي ڪرايل دعا ۾ شريڪ ٿيا جنهن کان پوءِ حاضرين جا ٿورا مڃيندي منجهن ڪتاب"عبدالله جي ميمڻ: زندگيءَ کان وڏو انسان"ورهايو ويو. ڪتاب ورهائڻ دوران، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر مظهر الحق صديقي اسٽيج تي آيو ۽ اعلان ڪيائين ته انعام الحق طرفان پنهنجي تقرير ۾ ڏنل تجويز تي سنڌ يونيورسٽي عبدالله جي ميمڻ جي نالي تي پنهنجي پبلڪ ائڊمنسٽريشن شعبي ۾ هڪ ليڪچر جو انتظام ڪندي.